# ٿر ٿر اندر ٿاڪ

(ٿر جي املھ هيرن جا خاڪا)

ليکڪ

**پارو مل امراڻي سوٿهڙ**

**ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ**


هن ڪتاب جا حق واسطا اداري وٽ محفوظ آهن



ڪتاب جو نالو: ٿر ٿر اندر ٿاڪ

ليکڪ: پارو مل امراڻي سوٿهڙ

ڇاپو پهريون: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ, 2017

ڪمپوزنگ لي آئوٽ: امتياز علي انصاري

ڇپيندڙ: نيو انڊس پرنٽنگ پريس

ڇپرائيندڙ: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

قيمت: 000/_ رپيا

ملڻ جو هنڌ

**ڪلچر ڪتاب گھر**

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل, غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي, سنڌ. 77400

فون: 021_99206073

# ارپنا

منهنجي مربي ۽ محسن
ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي، سوٿهڙ
پيارن چاچن پانو جي امراڻي سوٿهڙ
هيمراج امراڻي سوٿهڙ
ماڻڪ لال امراڻي سوٿهڙ
وينجهراج امراڻي سوٿهڙ
۽
مامي لاڌو مل تيجاڻي سوٿهڙ
جي نالي

ٽر ٽر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئي لاڪ،
عمر ڪريو آڪ، پهريون پن چران.
(لطيف سائين)

# فهرست

پبلشر پاران ........ 7
مهاڳ ........ 9
مِٽيءَ مَلهائيندڙ ڪِردارَ ۽ پارُوءَ جي پيٽا ........ 9
عام ماڻهوءَ جي تاريخ جو ليکڪ ........ 16
ٽر جو پاڳو پان ........ 20

***

جاني لنجو ........ 23
مسڪين جهان خان ........ 27
منگها رام اوجها ........ 29
چندي رام پاٽ ........ 35
ع۔ ق شيخ ........ 52
سچل جنجهي ........ 59
ڊاڪٽر هرچند راءِ ........ 67
سُڳاڙچند سيجُون ........ 84
موهن پڳت ........ 88
سهيل سانگي ........ 96
ولي رام ولڀ ........ 110
ماما جمن دربدر سيد عباس علي شاهہ ........ 123
هيمراج سوٿهڙ ........ 129
محمد سانوڻ ........ 136
سيد حبيب الله شاهہ ........ 142
استاد حسين فقير ........ 150
وڏيرو پارو سمون ........ 154
ممون فقير ........ 165
گهمن سنگهہ ........ 174
مٽيءَ جو فقير مقيم ........ 180





سَنپُو مل هميراڻِي ........ 186
پريم شواڻي ........ 192
فوزيہ سومرو ........ 206
صادق فقير ........ 211
پنڊت پونمچند ........ 225
گوتم راٺي ........ 232
ماما وشن ٿري ........ 250
خضر سمون ........ 264
ڊاڪٽر عزيز ........ 271
اوم شرما ........ 280
سوڍو جوڳي ........ 284
قربان ڪوسو ........ 286
ايچ ايم ذڪي ........ 294

## پبلشر پاران

# مهاڳ

## مِٽيءَ مَلهائيندڙ ڪِردارَ ۽ پارُوءَ جي پيتا

جيون خاڪا يا پروفائيلز سوانحي ادب ۽ خاڪا نويسيءَ واري صنفي سڃاڻپ جي اعتبار کان؛ "امپريشنل" ۽ "رفليڪشنل" نوعيت جو ٽُرت تاثر ڇڏيندڙ لکيت ناما سمجهيا ويندا رهيا آهن. انهن جي قلمبنديءَ ۾ خاڪي لاءِ چونڊيل شخصيت جي سُڀاءُ، ڪم، خدمتن ۽ سماجي يوگدان Social Contribution جو ذاتي طور اثر وٺڻ، لوڪ پسند ڪِردارن جي چار چڱاين کي عام لوڪ سان ونڊڻ ۽ تعارفي وُسعت آڻڻ وارا پهلو نمايان اهميت جا حامل هوندا آهن.

خاڪا نويس جيترو اُن ڪِردار جِي ٽُڙ شخصي عڪاسي ڪرڻ ۽ اُن جي ڪيل ڪمن، سرانجام ڏنل ڪارنامن يا ڪائنس سرزد ٿي ويل ڪنهن غلطيءَ کي مُتوازن، مُتوجهه ڪندڙ ۽ من موهيندڙ نوع ۾ بيان ڪرڻ جي جيترِي ڪامياب ۽ سگهارِي هُنري مهارت رکندڙ هوندو، اوترو ئي پُختو تاثر هو پنهنجي لکيل خاڪي لاءِ پاٺڪ (پڙهندڙ) جي ذهن تي ڇڏيندو ويندو. جڏهن ته خودساخته طور لکيو ويندڙ ذاتي خاڪو "سيلف پورٽريٽ" جي ذمري ۾ اچي ٿو جنهن سان ايمانداراڻي نموني پاڻ نباهي وڃڻ ۽ پنهنجون خوبيون خاميون ۽ ڏوهه ثواب طمطراق سان پاڻ رقم ڪري وڃڻ سڀ ڪنهن جيوَ جو ساهُس هرگز نٿو ٿي سگهي. هونئن هن قسم جي لِکت "آتم ڪٿا" جو ئي ڪو





مختصر حِصو يا ڪو ننڍڙو بابُ ئي پاسندي آهي. "آئيني جي آڏو" سيلف پورٽريٽس جو هڪ اهڙو ئي ڳٽائڻ جهڙو ڪتاب آهي.

سنڌي ادب ۾ خاڪن جي سگهوئي ياد- ڦرهيءَ تي اُڪري ايندڙ ڪجهه ڪِتابنک علي احمد بروهي جو "چار، چاموٽ ۽ چامڙا"، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جو "موچارا منهن- ڪارا منهن"، عبدالواحد آريسر جا "ماڻهوءَ ميگهه ملهار"، "ويراڳي وڃڻا هئا" ۽ "نئين دور جا نوان چار درويش"، عبدالقادر جوڻيجي جو "شڪليون"، سائڻ ماهتاب محبوب جا "جيءُ-جهروڪا" ۽ "چنڊ چهرا"، ريتا شهاڻيءَ جو "آڪاش ڏارا"، اقرار پيرزادي جو "جن سين لنئون لاڳيون!"، ناز سنائيءَ جو "مون سي ڏِنا ماءِ" (سلسلو)، سائڻ ج. ع منگهاڻيءَ جو "مانجو ڪوهستان"، همسفر گاڏهيءَ جو "تاريخ جا سِتارا"، مُنير پُرڪِڙيءَ جو "خاڪا منهنجي من جا" ۽ عبدالخالق جوڻيجي جو "ماڻهوءَ سي مهان" وغيره شامل آهن.

مٿئين تڪڙي فهرستي ڳاڻيٽي ۾ شمار ڪيل خاڪن جا مجموعا مختلف قسمن جو لَمحاتي، ساعتي يا ديرپا تاثر ڇڏين ٿا. ڪي ٽُڙ تحريري چاشنيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، ڪن ۾ خاڪي جي شخصيت لفظن جي ڪالب (سانچي) ۾ اهڙي ته فتوفٽ ٿي اچي ٿي جو سندن روپ سَرُوپ بنهه سامهون نظر اچڻ لڳي ٿو. ڪي پنهنجي حِسِ مزاح جي بيانيہ حرفت سان سرشار آهن. ڪي بنهه عام ۽ ليکي چوکي ۾ نہ ايندڙ بظاهر ڪم- نام پر وڏن اُتساهڪ ڪِردارن جي جيون جاکوڙ جو ڪُلئي حاصل ڪٽي پڙهندڙ مهندان (اڳيان) ٽا رکن. ڪي ڪتاب ليکڪ/ ليکڪا جي قلمي ڪمال ۽ ايمانداراڻہ اظهار سببان ور ور ڪري پڙهڻ جهڙا ۽ هيئنئين سان هنڊائڻ جهڙا آهن تہ

ڪي وري شخصيتن جا محض تعارفي خاڪا آهن. ڪن جا ڪِردار مقامي، ڪن جا پرڳڻي پڌرا، ڪن جا جڳ سُڃاتل، ڪي شُعباتي ته ڪن ۾ وري ذاتي پسند. اثر ۽ اُتساهه جو سرس عمل دخل، ايئن هر پڙهندڙ پنهنجي شعوري ادراڪ ۽ لِکت توڙي ڪِردار جي عِلمي، شخصيتي ۽ علمي سگهه پٽاندر خاڪن جي ڪنهن ڪتاب جي من گهري درجي بندي ڪري ٿو.

هاڻ ڳالهه ڪبي لوڪ ادبُ جي اَورچ، لاڪيٽي ۽ لاڏلي ليکڪ ۽ محقق پارُو مل اَمراڻي سوٿهڙ جي لکيل خاڪن تي مُبني هن ڪتاب جي- پاروءَ پنهنجي هن ڪتاب ۾ جن چاليهارو شخصيتن جي جيون- جُهدِ ۽ ثمراتي ورثي ڪي خاڪي جي پوش ۾ پيش ڪيو آهي اُهي تعارفي لحاظ کان لاشڪ زندگيءَ جي علحيده عليحده ڪيترن Different Walks of Life سان ئي لاڳاپيل رهيا هوندا يا اجا سوڌو انهيءَ مخصوص شعبي سان ڪٺي منسلڪ هوندا پر انهن مڙني پروفائيلز پڪچرز جي هڪ مشترڪ نسبت "ٿر" ۽ اُن جي "مارو لوڪ" سان جيءُ جَڙيِ وابستگي اَوسُ آهي. پارو مِٽيءَ ڪي ملهائتو ڪندڙ اهڙن ڪِردارن جي محبت پري ميتا ۽ لوڪ اتساهڪ وِيا ڪياڻ واسطي، انهن کي "ٿر-شناس" جي هڪ نُڪتي تي گڏائي، دستاويزي شڪل ۾ سهيڙڻ جي وڏي ۽ وِتري وِکُ کنئي آهي، جنهن ساهُس لاءِ هو واقعي جَسُ جو ڀاڳي آهي.

پارو هنن خاڪن کي گذريل ڏهاڪي ڏيڍ کان لکندو رهيو آهي، انهن مان ڪي خاڪا پارُو پهرين ويهڪ ۾ ئي لِکي پورا ڪيا هوندا. ڪن شخصيتن جا جيون- خاڪا هن ڪيئي دفعا ورجائي ورجائي پُڻ لِکيا هوندا، ڪن پروفائيلز کي وقتن بوقتن ملندڙ اضافي ۽





ويتر وِثوقي معلومات جي آڌار تي پارو امراڻي وري وري پئي وڌايو ۽ سُڌاريو سنواريو هوندو. چوڻ جو مقصد هن ڪتابُ جي آڏ کان وٺي ڪ لائيف اسڪيچز جي اُٽت ڪاري، مطالعي، سُڌِ سنوارِ ۽ ڇڙوڇڙ طباعت جا مرحلا باقاعدي منهنجي ڏيان ۽ نوٽيس ۾ رهيا آهن.

آئون اِهو به احساس ڪري چاٽان ته مِٽيءَ جي تهن مان خوبين جي خاڪ چاڻي ڪيندڙ هيءَ پارُوءَ "پاٽ" جيترو پيار، پريم ۽ پريت جُون پوٽيون واچڻ (پڙهڻ) ۾ اُتامرو، آڳاندرو ۽ اُتاولو رهندو آهي اوتري ئي اُتسُڪتا، آتر ويلا، آنڌ مانڌ ۽ لوچ پوچ مون وٽس هن ڪتابُ کي پايه تڪميل تي پهچائڻ جي صورت ۾ پڻ ڏٺي آهي. هن ڪتاب جي خاڪن جو يڪجوئي ۾ ڇپجي پڌرو ٿي پانڪن لاءِ ميسر ٿيڻ سچ پچ پاروءَ جي هڪ اهڙي پراڻي سپني جي ساڀيان آهي جيڪو اَڌوري اَڪِ پورَ جي حادثاتي شڪار ٿيڻ واري بي ترتيبيءَ کان پوءِ حتمي پورائي جي رُوپ ۾ ڍالجڻ کان بنهه قاصر هو.

اهو بَجا ته شامل خاڪن مان ڪي خاڪا راقم الحروف جي ٽُرت من اُڇل سان دل جي چٽي جو نتيجاتي اظهار هوندا. ڪي عام شخصيتون پنهنجي وهنوار، ورتاءُ، مان، مرتبي، سهڪار، سچائي، علم، تجربي، سخاوت، وابستگي، ارپنا، نباهه، مريادا ۽ آدرستڪار ۾ واقعي ايڏيون وڏيون، مهان، نمايان، نراليون، خاطر ۾ آڻڻ جوڳيون ۽ پرين جيئن پچارڻ جوڳيون پاسيون هونديون جن پاروءَ جي خاڪن واري خيالي ڪئنواس تي حقيقي طور چٽجڻ وارو چاههُ ماڻيو هوندو. ڪن اَهم ۽ ساڳي نسبت جي ڪردارن جي نشاندهي پاروءَ جي گهاٽگهرن دوستن ڪئي هوندي، ڪن ڪردارن جي هيڪاندي ڪنٽريبيوشن، همت حوصلي ۽ ڪُمهلي وچوڙي هن سوٿهڙ جي سيني ۾ درد جي

دونهين ڏڪائي هوندي ۽ جُهڙي آيل دل پنهنجي من جو غُبار لفظن جي "ڪِٿارسز" ۾ لاهي هينئون هلڪو ڪيو هوندو.

هن ڪتاب جي خاڪن ۾ ڪِردار (ويسُ ڏاري) وانگي متعارف ڪرايل شخصيتن ڪي "منهنجي سڃاڻپ ٿر" جي واحد آئڊنٽيءَ يا شناخت جي بينر هيٺ، ڪنهن نه ڪنهن حوالي، نسبت ۽ الحاق اهڃاڻ تحت، علمي، ادبي، فني، فڪري، ماحولياتي، سماجي ۽ پيشيوراڻه ارپنائن ۾ وشال ٿر جي "مارو لوڪن" جي ڏُکن دردن جي پرپور معنيٰ ۾ عڪاسي ڪندڙ ۽ تهذيبي ۽ ثقافتي ميراث واري "لوڪ ڏاهپ" تان ٻلهار ويندڙ ۽ مارو ماڻهن جي بهتر جياپي ۽ تعليم تربيت لاءِ پاڻ ارپيندڙ پورهِ واسين ڪي دِل جي اَٿاهه سَچائيءَ سان پيٽا پيش ڪئي وئي آهي.

ڪشادي ٿر جي مانائتي مٽيءَ تي آبيارجندڙ ٿر جي لوڪ ادبُ، لوڪ شاعري، لوڪ موسيقي، لوڪ جي سينن ۾ سانديل تاريخ ۽ ٿر-لوڪ جي شاندار ۽ مثبت تهذيبي ۽ ثقافتي روايتن سان نينهن ناتو ڳنڍيندڙ ۽ محبتون ونڊيندڙ جن جن پوميءَ- پرجهلنَ ڪِردارن ڪي پاروءَ پنهنجي خاڪن واري قلم آزمائيءَ جا سيرا چيڙا سُپرد ڪيا آهنڪ تن ۾ "تاريخ ريگستان" جي ٻن ضخيم جُلدن جي مؤرخ مانواري استاد ۽ مايه ناز محقق، سائين رائچند هريجن (رانوڙ)، "پراڻي پارڪر" جي رومانوي رَچاءُ رکندڙ مُصنف، منگهارام اوجها، مهمان نوازي، سخاوت، سماجي سوجهه ٻوجهه، لوڪ ڏاهپ، سگهڙائپ ۽ ثقافتي روايتن جي پاسداريءَ جي ملوڪ ڪِردارن، جاني لنجي، پاري سَمي، مَمي فقير، چاچي نواز کوسي، فقير مقيم ڪُنيار، هيمراج سوٿهڙ، ڪاڪي ڀڳت سترام سُٿهڙ، لوڪ شاعر ۽ ڪوي چنديرام پاٺَ، محمد





رحيم نهڙي، سماج سُڌارڪ ۽ علمي تحرڪ پسند خلق خدمتڪارن، مسڪين جهان خان کوسي، سُڳاڙ چند سيجي، گهمَن سنگهه ڀيل، چاچراڻي گوتم راڻي، ماما وشن ٿري، لوڪ راڳين ۽ موسيقارن، مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت، اُستاد حسين فقير، صادق فقير، سوڍي جوڳي، فوزيه سومري، مائي ڍائي، تعليم، سماجي سُتر سجاڳي ۽ ماحوليات لاءِ پاڻ ارپيل استاد، سچل جنجهي، سنيُو هيمراڻي، محمد سانوڻ، پريم شِواڻي، خضر سَمي، ايڇ، ايم ذَڪي، صحافتي سرواڻ ۽ ڪارڪُن ڪيردارنَ سهُيل سانگي، قربان کوسي، اوم شرما، لوڪ مسيحائن ڊاڪٽر هرچند راءِ لڪاڻي، عزيز ڪُنڀر، ويدن جي واڻي، سنڌيءَ ۾ سُٺائيندڙ جوتشِ وِديا جي ماهر پنڊت پونم چند، انتهائي احترام لائق ٿر ڄاون اديبن، شاعرن ۽ چترڪارن، سائين ولي رام ولڀ، ع. ق شيخ ۽ مهراڻي جي شرميلي شاعر مانيٽي اوٺي جا نالا شامل آهن.

پاروءَ جي ترتيب ڏنل هن سُهڻي جوڙ ۾، جيءُ ۽ جڳ جيارِي من- وڻت ڪي ڏوران ڊِٺي محسوس ڪري سگهجي ٿو. هونئن به محبتن جي پيٽا ڪي ڪاسي ڪاڻ سان ڪاٽيءَ ڪري ڪو نه توربو آهي، اِهو پُڙ جُهڪاءَ ڪي اطميناني توازن سمجهندو آهي. باقي ڏيڻ وارو پنهنجي وکرَ وِرچڻ لاءِ پلي ڪٽي "ڏٺي" ۽ "پٺي" ٻنهيءَ جا جتن ڪري پر وٺڻ وارو ڏِسي وائسي ڪٽڻ پٽڻ جا اختيار بلاشڪ رکي ٿو.

هيءُ ڪتاب پارو مل امراڻيءَ جي تحريري حُسناڪي جي ڪمال ۽ لفظن جي سحرانگيزيءَ جا ڪيئي اهڙا موقعا آڏو ٿو آڻي جو ڪيئي هنڌن تي هُن جي ڪردارن ڏانهن اُتلَ محبت بي اختيار محسوس به ٿئي ٿي ته اُن جا ٿهڪندڙ جواز به پاڻ سان گڏ کڻي اچي ٿي. هنن خاڪن جي قلمبنديءَ ۾ پاروءَ ٿر کان ساوءِ ٻي ڪنهن به

نسبت ڪي ڪو نہ ڪنگھيو آهي. توڙي جو ڪجھ خاڪن ۾ ربطي بي ترتيبي، عجلت ۽ سِتاءُ سريڪي جھول جو ڪجھ غالب گُمان نشانبر ڪري سگھجي ٿو پوءِ بها يئن چوڻ مُرڳو وڏاءَ نہ چئبو تہ ڪِتابُ ۾ شامل شخصيتي ڪِردارن تي پارو دل جي سچي حضور سان بي ڌڙڪ لِکيو آهي. تحريري نقط نگاهہ م هن اِجتماعيت کي اولين ڪري رکيو آهي. خاڪن جي هنن پنن ۾ پارو نہ فقط جذبن جا واهڙ وهائيا آهن پر پنھنجو روح پڻ اُڪيلي رکيو آهي.

منهنجي ذاتي راءِ موجب، سينڌي خاڪا نويسيءَ جي ڪتابن ۾ هيءُ ڪِتباُ لاريبُ هڪ اَهم ۽ ذڪر جوڳي ڪِتابُ جھڙو مقام ماڻ ۾ بلڪل سوپارو ويندو ۽ پڙهندڙنجي دليُن ۾ پُن مخصوص جاءِ والاريندو.

**دليپ ڪوٺاري**

مِٺي ضلعو ٿرپارڪر، سنڌ





# عام ماڻھوءَ جي تاريخ جو ليکڪ

پارو مل امراڻيءَ جو پروفائيلز تي مشتمل ڪتاب صحراءِ ٿر جي مختلف شعبن جي نمائنده شخصيتن جي زندگي جي جدوجھد ۽ ٿر سان محبت جو احوال آهي. پارو مل پنھنجي قلمي محنت ۽ سمجھداريءَ سان گڏوگڏ لوڪ ڏاهپ جي ڪري چاتل سُڃاتل ليکڪ آهي ۽ اُن اهو مقام لاڳيتي جدوجھد وسيلي حاصل ڪيو آهي.

لکڻ پڙهڻ جي لحاظ کان منهنجي هن سان ملاقات جو حوالو صحافت آهي جڏهن هن حيدرآباد ۾ اچي ڪري قلم آزمائي ڪئي ۽ اُن کان پوءِ هن ٿر جي ماحوليات متعلق هڪ غير سرڪاري اداري ۾ ڪم ڪيو ۽ سياسي خبرن جي دز ۾ لتيل اسان جي جھڙن صحافين جي ذهنن کي ماحوليات جي حساس موضوعن طرف متوجھ ڪرڻ جي لاءِ همت افزائي ڪندو رهيو. گذريل 30 سالن جي عرصي ۾ ٿر جو معاسي ۽ سماجي ڍانچو بہ تبديل ٿيو آهي ۽ سياست بہ نئون رُخ اختيار ڪيو آهي. ان دوران پارو مل پنھنجي تنظيم ۾ صرف ملازمت ئي نہ ڪئي پر ان ڪم کي پنھنجي دل جي ۽ اندر جي ڳالھ سمجھي ڪري پنھنجو مقصد سمجھي ورتو. هن جي هڪ ٻي سڃاڻپ ٿر جي ماحوليات جي هڪ سرگرم ڪارڪن واري پڻ آهي جيڪو انهيءَ موضوع جي نہ رُڳو ڄاڻ رکي ٿو پر انهي تہ کُلي ڪري ڳالهائي پڻ ٿو.

پارو مل جو شمار سولائيءَ سان انهن ماڻهن ۾ ڪري سگھجي

ٿو جن کي پنهنجي ماڻهن ۽ پنهنجي زمين سان بي انتها پيار آهي. ان مارواڙي چوڻي مصداق ”جيڪو جيتري اونهي کوهہ جو پاڻي پيئي ٿو اُهو اوترو ئي گِهرو هوندو آهي.“ پارو جي شخصيت بہ ڪجھ اهڙي قسم جي آهي.

پارو سنڌي ۽ ڍاٽڪي ٻولين/لهجن ۾ شاعري ڪندو آهي. هن ادبي ۽ لساني حوالي سان پڻ مختلف مضمون لکيا آهن. هن جي لاءِ ٿر ۽ ٿر جا ماڻهو ئي سڀ ڪجھ آهن. هيءَ طبيعت ۾ سنجيده هوندي بہ مزاح جي حس واري خوبي رکڻ وارو شخص آهي.

ٿر ۾ جيتريون واريءَ جون ڀٽون آهن اوترائي سمجهدار ۽ هُنر حرفت سان سرشار ماڻهو آهن. جن کي ڏُکين ۽ متجندڙ حالتن ۾ ڪيئن رهجي؟ انهن کي منهن ڏيڻ ۽ اهڙين حالتن ۾ رهڻ بہ ايندو آهي. جيئن ڏُڪار ۾ وسڪاري جي مُند جو اوسيئڙو ڪيو ويندو آهي اهڙي طرح ٿر جا ماڻهو پنهنجي سُٺي وقت جو انتظار ڪندا آهن. انهن جي آس ڪڏهن بہ ناهي ٽٽندي.

آءٌ ٿر کي رپورٽ بہ ڪندو رهندو آهيان ۽ ڀالڪپڻ کان ٿر کي ويجهڙائيءَ کان ڏسندو بہ رهيو آهيان اُن ڪري ٿر سان منهنجو خاص لڳاءُ آهي. آءٌ ٿر ۽ ٿر جي ماڻهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهيان. هڪ ڳالهہ مون کي چڱي طرح سمجهہ ۾ اچي وئي تہ ٿر جي ماڻهن کي جيون گذارڻ ۽ ساهن جي سلسلي کي برقرار رکڻ بخوبي اچي ٿو. انهن کي خوش رهڻ جو هُنر اچي ٿو. انهن وٽ جياپي جا ڏانءُ، گُڻ ۽ اڻ ڳڻيا هُنر آهن. ٿر جي واسيءَ کي جتي بہ داخل ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿئي ٿو اُتي اُهو پنهنجي جاءِ جوڙي وٺي ٿو. هن کي پنهنجي جاءِ تي جمي ٽڪي ويهڻ باقاعدي اچي ٿو ايتري قدر جو هُو ڪِن موقعن تي پنڊپهڻ Fossil بڻجي وڃي ٿو پر ان جاءِ تان هٽي مرڳو ڪو نہ ٿو. شايد اهو ان ڪري جو وارياسي ۾ زنده رهڻ جا وسيلا





۽ موقعا بنھ ٿورڙا آهن. فقط هڪڙو ئي ذريعو آهي جنهن تي هو دارومدار رکي ٿو اهو آهي پنهنجي محنت، پنهنجو هُنر، پنهنجو ڏانءُ ڏس، سنڌي ڪاريگري- سياست هجي يا ادب، صحافت هجي يا اين.جي.او سيڪٽر، عوام جي خدمت جو شعبو هجي يا تعليم، ٿر جي ماڻهن جتي ڪٿي هر کيتر ۾ پنهنجي صلاحيتن کي ميجرايو آهي. اهڙا ڪيئي ماڻهو آهن جن جي زندگي سراپا ڪهاڻي آهي يا زنده مثال آهي. پارو اهڙين ئي ڪردارن مان ڪجھ کي قلم آزمائيءَ لاءِ چونڊيو آهي.

عام طور تي تاريخ بادشاهن، شهنشاهن، شهزادن ۽ شهزادن جي لکي ويندي آهي پر هڪڙي تاريخ عام انسانن جي بہ هوندي آهي ۽ ملڪ جي نامور تاريخ نويس ڊاڪٽر مُبارڪ علي جو چوڻ آهي تہ ”اصل تاريخ عام انسان جي آهي“ پارو مل بہ انهيءَ پنڌ جو پانڌي محسوس ٿئي ٿو.

پارو مل جا اهي ڪردار سماج ۾ چرندڙ ڦرندڙ ڪردار آهن جيڪي ريگستان جي ريت تي هلندي هلندي پنهنجي قدمن جا نشان ڇڏي ويندا آهن. اڪثر ڪري بلڪل ديومالائي ڪردار لڳندا آهن. اسان جو هيءُ دوست جتي بہ ويندو آهي اُتي پنهنجون اکيون ۽ پنهنجا ڪن کليل رکندو آهي جنهن جي ڪري هيءَ بي پناهہ مشاهدو ۽ معلومات ماڻي وٺندو آهي. پروفائيل مان مُراد ڪنهن شخصيت کي ڊسڪرائيپ ڪرڻ يا ان باري ۾ کولي بيان ڪرڻ وارو شخصيتي خاڪو. تہ ان شخصيت کي ڪيئن سڃاتو ۽ ياد ڪيو ويندو آهي؟ ان کي ڏسڻ جي لاءِ اهڙيون اکيون گهرجن جيڪي اونهائي تائين وڃي ڏسي سگهن ۽ جوڳو مطالعو بہ گهرجي. اهو مطالعو خود پنهنجي نيڻن سان، ذاتي طور معلومات ڪٺي ڪري ۽ پوءِ ثانوي معلومات جي لاءِ لاڳاپيل ڪتابن سان رجوع ڪرڻ واري عمل ذريعي حاصل ڪيو ويندو آهي. اهو اڀياس رُڳي خاناپوري ڪونهي پر سمورو تحقيق سان

گڏ تخليقي نوعيت جو سنجيده ڪم آهي جيڪو هن ڪتاب جي صورت ۾ پارو وڏي ايمانداريءَ سان ڪيو آهي.

پارو چاچي نواز ڪوسي سان تہ ملي چُڪي هو ۽ ڪچهريون محفلون بہ مچائي چڪو هو. ان ڪري ان تي ڪڻ لاءِ شايد هن کي ٻئي ڪنهن حوالي جي ضرورت نہ پئي هُجي پر مسڪين جهان خان ڪوسي متعلق مواد پيڙو ڪرڻ آڪ جي ماکي لاهڻ جي برابر هو. ڇو تہ مسڪين جهان خان پارو جي ڇاپ کان گهڻو اڳ هن دنيا مان رخصت ڪري چڪو هو ۽ مجنون بلوچ جي جامع ۽ ڀرپور تحرير جي موجودگيءَ ۾ مسڪين تي نئين سر قلم کڻڻ ڪو سهنجو ڪم ٿورڙوئي هو.

سائين رائچند کان وٺي مائي ڏائي سميت مختلف شخصيتن جي پروفائيلن کي پڙهي ڪري لڳو تہ اِهو وڏي عرق ريزي وارو ڪم آهي. پارو واقعي ڏوڙ ڇاڻي ماڻڪ هٿ ڪيا آهن. هو لاڳاپيل ڪردارن جي اباڻي ڳوٺن ۾ ڪهي ويو آهي. اُتي وڃي ذري پُرزي جي ڄاڻ جمع ڪئي آهي. جيڪي ماڻهو يا شخصيتون زنده جاويد آهن انهن کان پارو رسمي توڙي غير رسمي انٽرويوز يا ڳالهہ ٻولهہ ڪئي آهي ۽ گهڻن جي معاملي ۾ ائين محسوس ٿو ٿئي تہ پارو انهن سان ڪئين ڀيرا مليو آهي. هو انهيءَ اوچتي غير رسمي مکا ميلي دوران بنا ڪجهہ ٻڌائڻ جي ان شخصيت جو مطالعو ڪندو رهيو آهي ۽ ان کان آڏيون پڇائون پڻ ڪندو رهيو آهي.

**رياض سهيل**

سينيئر نمائنده، بي بي سي ڪراچي





# ٿر جو پاڳو پيان

پارو مل امراڻي هڪ شاعر سان گڏ ادب جو ڄاڻو ۽ نقاد پڻ آهي. سندس لکڻين ۾ ٿر جا وڻ ٽڻ ۽ پٿون بہ ساهہ کڻن ٿيون. ادبي کيتر ۾ پارو مل جو نالو خاص ڪري ٿر جي لوڪ ادب جي حوالي سان نمايان آهي. جڏهن بہ ٿر جي لوڪ گيتن ۽ لوڪ ادب جو ذڪر ايندو آهي تہ موجوده دور ۾ پارو مل امراڻيءَ جو نالو پهرئين صف ۾ بيٺل نظر ايندو آهي، تازو پارو مل امراڻيءَ جي لوڪ گيتن جي حوالي سان سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي محمد ابراهيم جويو سائونڊ اسٽوڊيو ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي سان گڏ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. ان مان اسان کي لوڪ گيت جي ابتدا، اوسر ۽ گهاڙيٽي بابت تمام گهڻي ڄاڻ ملي ٿي. اها رڪارڊنگ اٿارٽيءَ جي ويب سائيٽ تي موجود آهي جتان ڏسي لوڪ گيت بابت تفصيلي معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي. پارو مل کي ٿر جي لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن جي حوالي سان جيڪڏهن ڪيس ”ٿرپارڪر جو پاڳو پيان“ چئجي تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو، پارو مل ٿر جي لوڪ ادب جي چڄ انسائيڪلو پيڊيا آهي، سندس لوڪ ادب جي تحقيق کان ڪير بہ انڪاري نٿو ٿي سگهي. سندس لوڪ گيتن بابت ڪتاب ”گيت سانوڻ من پانوڻ جا“ لوڪ ادب جي حوالي هڪ تاريخي ۽ تحقيقي ڊاڪيومينٽ آهي. جڏهن بہ مٺيءَ کان عمرڪوٽ يا ڇاڇري وڃڻ ٿيندو آهي تہ تاريخ ريگستان جي تخليقڪار رائچند راٺوڙ جي جنم ڀوميءَ چيلهار ۾ راتا سر ترائي

جي ڏاڪڻي ڪپ تي ڀارومل جي اوتاري تي پير نہ پريون تہ ميارن جا مجرم ٿيو وڃون. سندس گفتگو ۾ ڪچهري مان سدائين پنهنجائپ جي خوشبوءِ ايندي آهي. ڀارومل جي ڪچهريءَ مان ماڻهو ڪڏهن بہ بور نہ ٿيندو آهي، سندس اندر ۾ چارڻن ۽ ڀانن جي لوڪ قصن ۽ ٿر جي لوڪ گيتن جو ايڏو تہ ذخيرو موجود آهي، جو ڏينهن رات ساڻس گڏ ويهجي پر ڀارو مل جو تحقيقي ذخيرو نہ کٽندو. جڏهن بہ چارڻن جا قصا ٻڌائيندو آهي تہ پوءِ سڄ ڪُٽي يا ٻج ڪُٽي! ڀارومل جڏهن ملندو آهي تہ چارڻن جي لوڪ سٽن سان آجيان ڪندو آهي ۽ جڏهن موڪلائيندو آهي تڏهن بہ ٿر جي لوڪ ادب مان ڪو دوهو ٻڌائي هليو ويندو آهي. ڀارومل کي رڳو ٿر جي لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن تائين محدود ڪجي تہ اها بہ ساڻس ناانصافي ٿيندي، ٿر جي لوڪ ادب ۽ لوڪ گيتن بابت سندس ڪم نمايان ضرور آهي پر ان سان گڏ کيس ڍاٽڪي ۾ لغت نويسيءَ جي بہ چڱي ڄاڻ آهي. سندس ڍاٽڪي لهجي تي لکيل مضمون اسان جي رهنمائي ڪن ٿا.

هڪ ڏينهن آئون ۽ سائين تاج جويو مٺي کان شام ويلي ڀارو مل سان ڪچهري لاءِ چيلهار پهتاسين تہ سندس چاچو ۽ ٿر جو نالي وارو سگهڙ ڀڳت سترامداس بہ کهي اوتاري تي پهتو. وڇين ويلي سڄ لهڻ وقت تپش جو تاءَ ڏئي رهيو هو. آڙنگ جي بہ ڪا خاص موسم نہ هئي! چاچي سترامداس جڏهن سائين تاج جي چوڻ تي پنهنجي منڙي آواز ۾ ڀڳت ڪبير کي جهونگاريو هو تہ ان مهل بادل اوهيرا ڪري چيلهار جي ريٽن تي چاچي سترامداس جي آواز سان گڏ وسڻ لڳا هئا. سچ پچ ڀارو مل هڪ سچو، کرو ۽ بيباڪ ماڻهو آهي. سندس اندر ۾ سدائين محبت جا مينهن وسندا آهن، کلٽو ملٽو ۽ مرڪندڙ چهرو ۽





وري تمام حساس دل، سدائين چارڻ جا قصا ٻڌائيندڙ. جڏهن بہ حيدرآباد اچي ۽ مون کي فون نہ ڪري ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي آفيس ۾ چانهہ جي ڪوپ تي ٿر جي لوڪ ادب ۽ ڪتابن تي تبصرا نہ ٿين تہ ڄڻ ڀارو مل حيدرآباد آيو ئي ڪو نہ. ڀارو مل جي قرب ۽ پنهنجائپ کي ڪڏهن بہ وساري نٿا سگهون. مون کي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي تہ ڀارو مل ٿرپارڪر جي انهن املهہ گمنام هيرن بابت خاڪا سهيڙي ٿرپارڪر جي دفن ٿيل تاريخ کي ٻيهر زندهہ ڪيو آهي، آئون کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو. انهيءَ دعا سان تہ ڀارو مل جو قلم ٿرپارڪر جي ٻولي، لوڪ ادب ۽ تاريخ لاءِ ڪم ڪندو رهي.

**زاهد اوٺو**
26 ڊسمبر 2017ع
مهراڻو ٿرپارڪر، سنڌ

ٿر جو سخي ڪردار

# جاني لنجو

ٿر جي مشهور سخي ۽ مهمان نواز ڪردار جاني لنجي جو اصل ڳوٺ ڏاڪيڏار هو پر پوءِ هن پوجاسرجي ڳوٺ کي وسايو جتي جي سيم سني ۽ گهٽي ڪليل هوندي هئي. پوجاسر جي ڳوٺ جي پرسان جاني لنجي جي ڪوٽرايل ترائي اڄ به موجود آهي.

جاني جي پڙپوٽي رانجهي لنجي مطابق جاني جي پيءُ جو نالو لال محمد هو. جاني راجپوتن مان پرڻيو هو. گهر واريءَ جو نالو پاڻ ٻائي هو. پوجاسر جي پرسان ست راڄي ڳوٺن ۾ جاني کي راجپوتن جو وڏو سهارو هوندو هو. جاني جا ست پٽ ٿيا. جن جو اولاد اڄ به پوجاسر ۾ رهي ٿو.[1]

ٿر جو نامور تاريخ دان سائين رائچند راٺوڙ پنهنجي ڪتاب تاريخ ريگستان ۾ لکيو آهي ته هي مڙس جيتوڻيڪ ڪو وڏو مالدار نه هو ته به مهمانوازي ۾ نالو ڪڍيائين. ڪيس پنهنجو اوتارو هو. وٽس سدائين مزماڻ ايندا هئا. ٽاڻي تي ڪو مزماڻ نه هوندو هو ته مڙس جو سک ڦٽي پوندو هو. اوستائين ماني نه کائيندو جيستائين ڪو مزماڻ اچي.[2]

ٿر ۾ ان وقت غربت تمام گهڻي هوندي هئي. پئسو ڪنهن

[1] رانجهي لنجي جو ڪچهري ۾ اظهار

[2] تاريخ ريگستان، جلد ٻيو ص 303، رائچند راٺوڙ





ورلي ماڻهو وٽ هوندو هو. ڏڪارن ۾ اناج جي کوٽ رهندي هئي. گهرن ۾ عورتون جنڊ تي اٽو پيهنديون هيون. اولڻ به گهٽ هوندو هو. اهڙي دور ۾ مهمان نوازي جوڳ ڪاٽڻ جي برابر هئي. هر ڪنهن جو اوتارو نه هوندو هو. اوتارو هلائڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هوندي هئي. اهري ماحول ۾ جن ماڻهن مهمان نوازي ڪئي، تن جي لاءِ لوڪ ۾ وڏو احترام هوندو هو۽ اڄ به آهي.

ان دور ۾ دوا درمل گهٽ هجڻ جي ڪري ماڻهو بيماري جي حالت ۾ درويش دل انسانن ۽ سخي سورويرن کان ڏاڳا ڦيڻا ۽ حڪيمن کان ٽوٽڪا وٺندا هئا. سائين رائچند لکي ٿو ته: ان وقت ڪنهن کي بخار ايندو هو ته، جاني وٽان سڳو وٺائي ٻڌندو هو ته تپ چڙهي ويندو هو. اڄ تائين ڪنهن کي بخار ايندو آهي ته ان کي ويهاري چوندا آهن ته، "آڌي رات هجي، مٿان برسات پئي پوي، اهري وقت سئو گهوڙي سوار مهمان اچي جاني وٽ لهن. گهر ۾ داڻو به نه هجي، اهڙي حالت ۾ به جانيءَ جي ايمان کي لوڏو نه اچي" ته بخار چڙهي ويندو آهي.[3]

ڪچهرين جا ڪوڏيا سگهڙ سياڻا چون ٿا ته، هڪ دفعي جاني گهر نه هو. ٻهراڙي ڏانهن ويل هو. پويان ڪجهه مهمان اچي ويا. جاني جي اوتاري ۾ رات ترسيا جاني جي پٽ مهمانن جي خدمت چاڪري ڪئي. صبح ويجهڻ وقت مهمانن مان هڪ سگهڙ جاني جي پٽ کي چيو ته، جاني اچي ته هن ڳجهارت سان اسان جا سلام ڏجان:

"ٻني ڪو نه ڪيا ٻوڙا، ٻني ڪو نه ڪيا ٻوڙا"

جاني جي اچڻ ساڻ مهمانن جي خدمت ڪندڙ پٽ جاني کي مهمانن جا سلام ڏيندي سگهڙ مهمان جي ڳجهارت ڏني:

"ٻني ڪو نه ڪيا ٻوڙا، ٻني ڪو نه ڪيا ٻوڙا"

[3] لوڪ ۾ روايت آهي ته ٽيهڙ بخار جي لاءِ جاني جي وارتا مريض کي ٻڌائي ويندي هئي.

جاني ڳجهارت ۾ ٻڌڻ سان چيو ته:

"مهمانن ڪاڏي ماني، لنگهڻ رهيا گهوڙا"

ان جو مطلب ٿيو ته، پٽ مهمانن ته ماني ڪاڏي پر انهن جي وهٽن کي داڻو نه مليو. پوءِ جاني پنهنجن پٽن کي ويهاري اوتاري جي مان مرياده، ريت رسم ۽ مهمانن جي خدمت چاڪري بابت سمجهايو.

جاني جو پڙ پوٽو رانجهو لنجو اها روايت جاني جي اوتاري سان منسوب هجڻ کي رد ڪري ٿو. رانجهي جو چوڻ آهي ته، جاني جي اوتاري تي سدائين مهمانن جو ميڙو متل رهندو هو. راڄ ڀاڳ جا ماڻهو به مهمان جو ٻڌي اچي اوتاري ۾ گڏ ٿيندا هئا. جاني "پلين آئين، جيءَ آئين" چئي آڌرياءُ ڀيو ڪندو هو. مهمان جي وهٽن جي لاءِ گاهه، پاڻي، داڻو ۽ چارو وغيره مهمان جي چوڻ کان سواءِ مهيا ڪري ڇڏيندو هو. جاني جا پٽ مهمانن جي خدمت چاڪري ۾ پنهنجي والد صاحب سان گڏ هوندا هئا. جاني جي غير موجودگي ۾ جاني جو پٽ پنهنجي پيءُ جي ريت روايت کي پارڻ ۾ ڪيئن غفلت ڪري ٿو سگهي. هي ٿر جي ڪنهن ٻي شخص ۽ هُن جي اوتاري سان ڳجهارت منسوب آهي. جاني جي اوتاري سان هرگز نه آهي.4

چيو وڃي ٿو ته، انگريز تروٽ جاني لنجي جي مهمان نوازي ۽ ڏاهپ جي مشهوري ٻڌي هڪ ڀيري پرک وٺڻ آيو. جاني وٽ هن ماني ڪاڏي، ڪجهه دير رهڻ کان پوءِ جاني سان گڏجي تروٽ سفر تي نڪتو. تروٽ ۽ جاني ٻئي خاموش وڃي رهيا هئا. وچ رستي تي ڪرڙ جو وڻ ڏسي تروٽ پڇيو ته جاني هي ڪهڙو وڻ آهي؟ جاني وراڻيو ته، سائين هي اسان جي ٿر ۾ ڪرڙ جو وڻ آهي. هن ۾ ڏونئرا ٿيندا آهن. تروٽ اڳتي ڪجهه نه ڪُڇيو. ڳالهه آئي وئي ٿي وئي. ٻي سال تروٽ وري جاني وٽ آيو. وري جاني کي چيائين ته سفر تي هلنداسين ٻئي

4 رانجهي لنجي جو ڪچهري ۾ اظهار





ساڳي گهاڙو سنيپريا تروٽ جڏهن ان ماڳ تي پهتو جتي هن ڪرڙ بابت جاني کان سوال ڪيو هو. اتي تروٽ جاني کي چيو ته، "جاني پوءِ... جاني وراڻيو... سائين پوءِ ڏونئرا ٿيا، اسان پچائي ڪائي ڇڏياسين." تروٽ جاني جي مهمان نوازي ۽ ذهانت ٻنهي مان ڏاڍو متاثر ٿيو. وقت گذرڻ سان هڪ ٻي جا ڪافي هجائتا ٿي ويا. لوڪ جي روايتن ۾ جاني ۽ تروٽ جي هُجت ڀريل گفتن ۽ پرک جي مثالن جون ڪيترين ئي روايتون مقبول آهن.

نامور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ راڻيپور جي سوڍن جي انگريز سان ويڙهاند واري حوالي سان پنهنجي ڪتاب "جنگ نامه" ۾ لکيو آهي ته: "تروٽ عمر ڪوٽ مان راڻو ۽ ٻيا زميندار ڪنيا، اسلام ڪوٽ جي ٿر مان ٻائري جو ٺڪر اڪيراڄ، جاني لنجو ۽ ٻيا ساڻ ڪري ننگرپارڪر ويو. پوڙيسر وارا اڪا ٺڪر، جي راڻيپور جا سوٽ هئا، سي به تروٽ سان شامل ٿيا. جن هلي راڻيپور وارن جا گهٽ گهيڙ ڏيکاريا." 5

پارڪر جي معرڪي تي مختلف محققن ۽ تاريخ جي شاگردن جو تحقيقي ڪم هلندڙ آهي. انهن جون تحقيقون سامهون اچڻ کان اڳ ۾ جاني لنجي جي انهي پهلو تي وڌيڪ ڳالهائي نٿو سگهجي. اهو سياڻي جي تاريخ دان تي ڪم ڇڏي پاڻ ان ڳالهه ڏانهن ٿا موٽون ته: هن وقت تائين ٿر جي راڄن ۾ جاني لنجي جهڙو ڪو مهمان نواز نه ٿيو آهي جنهن جي مهمان نوازي، سخاوت ۽ لوڪ ڏاهپ جون ڳالهيون لوڪ ڪٿائن جو روپ ڌاري نسل در نسل صدري علم ذريعي هليون هجن.

5 جنگ نامه. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.

ٿر جو سچو سماجي خدمتڪار

# مسڪين جهان خان

سنڌي ادب ۾ اهڙو ڪو ناول نگار نہ آهي، جيڪو هالينڊ جي عظيم مصور ونسينٽ وان گوگ جي زندگي تي ارونگ اسٽون جي لکيل ناول ”اڃ“ جهڙو مسڪين جهان خان تي ناول لکي. مسڪين جهان خان پورهيتن مزدورن، ڪولهين، ڪڙمين کي چوندو تہ، ”غربت ۾ انسان جو شعور ڪڏهن مرندو نہ آهي، پر ضمير وڏيڪ ڦڙت ٻڻبو آهي ۽ هن جي روح کي وسعت عطا ٿيندي آهي. اسان کي غربت جو مقابلو ڪليل دل سان ڪرڻ گهرجي.“

مسڪين ٿر ۾ هڪ ”اسڪول آف ٿاٽ“ جو نالو آهي. مسڪين غريبي ۾ گذاريو هو. خلق جي خدمت کي عبادت سمجهندو هو. اڄ ڏينهن تائين مسڪين جو ڪو جانشين پيدا ٿي نہ سگهيو آهي. مسڪين جي ٿر سان محبت مارئي کان گهٽ نہ هئي. مسڪين ٿر جي ڏڪار بابت انگن اکرن سان ڳالهائيندو هو. هو ٻڌائي سگهندو هو تہ ٿر جي ڪهڙي ڳوٺ ۾ ڪيترا گهر آهن، ڪيترو چوپايو مال آهي. ڪيترا ماڻهو ڏڪار ۾ متاثر ٿيا آهن. ٿر جي سياست، سماجيات ۽ اقتصاديات تي بهتر نموني ڳالهائي ويندو هو. هن، نہ صرف فلاحي ڪمن تي توجهہ ڏني پر هن جي اندر جي آرزو هئي تہ نظام تبديل ٿئي. سياسي ورڪر بہ هو. انسان دوست ۽ نظرياتي سياستدانن سان گڏجي





سياست ڪيائين. هن پاليسيون ٺاهيندڙ ادارن تي پريشر پيدا ڪرڻ جي لاءِ ايڊوڪيسي ڪئي. اخبارن ۾ ايڊيٽوريل لکرايا. مسڪين جهان خان وٽ رضاڪار دوست هوندا هئا.

ڪنهن سان ظلم ٿيندو هو. اتي مسڪين پهچي ويندو هو. هن هيومن رائٽس جي ورڪر جو ڪردار ادا ڪيو. هن ڪڏهن ڊالر ۽ ڊونر، پروجيڪٽ پروپوزل جي ٻولي نہ ٻولي.

پراڻي پارڪر جو ليکڪ

# منگھا رام اوجھا

ملير جي مٽيءَ پاران ڏنل ڏُٿ جي ذات جي صحيح ڪارج عمل ۾ آڻي ڌرتيءَ جو قرض لاهيندڙ ۾ منگھا رام اوجھا جو نالو "صف اول" ۾ شامل آهي.

هن جي قلمي پورهئي جي طفيل پارڪر جو پٽ، موهن جي دڙي ۽ اروڙ جي اتهاس سان گڏ جرڪيو. هن تاريخ ۽ ثقافت جي سنگم کي لفظن جي روپ ۾ آڻي پوري برصغير جي تهذيبي ادب تي "پاري نگر" جي بندرگاهہ، "ڪارونجهر" جي ڪهاڻين ۽ پالوا جي پوپٽ (وڻندڙ) رنگن جا ترورا ڦهلايا.

جڏهن بہ ڪنهن کي ٿرپارڪر متعلق ڪا بہ ڄاڻ وٺڻي پئي آهي تہ اُن "شاهہ جو رسالو"، "تاريخ ريگستان" ۽ "پراڻو پارڪر" نالي وارن ڪتابن ڏانهن ئي رجوع ڪيو آهي. "پراڻي پارڪر" ۾ منگھارام اوجھا پنهنجي تخليقي صلاحيت سان ڪلاسيڪيت ۽ جدت جي ميلاپ جو بهترين نمونو پيش ڪيو آهي. اُهي ڪردار ۽ ڪهاڻيون جيڪي ڏند ڪٿائن جي ڍير ۾ شامل ٿي رهيا هئا، تن کي هن صاحب سوناري وانگر اُجاري ۽ اڇوڪري هڪ نئين ڇاپ ڏني. ناميارين نقاد ۽ اديب تاج جوبي جي بقول: سائين منگھارام تاريخ کي روايتن ۽ لوڪ شاعريءَ جي پسمنظر ۾ لکي نرالو ڪم ڪيو.

سنڌي ادب جو انقلاب جيڪو "بيوس" (ڪشچند) جي





شاعري ۾ قليچ جي نثر سان شروع ٿي چڪو هو. منگھارام اوجھا انهن جو ئي اثر وٺندي، تعصب ۽ مُنافقت پرستي واري تاريخ نويسي کي رد ڪيو. هن گندي ٿانوَ جهڙن تاريخ جي ڪتابن، جن ۾ سوين جيوڙا ٻُر ٻُر ڪندي نظر ايندا هئا، انهن مان ڪو بہ حوالو ڪڍڻ جي بدران صدري علم جي ذريعي سينا بہ سينا ملندڙ روايتن ۽ لوڪ شاعري کي ماخذ بڻائي لکيو.

جديد تاريخ نويسي جون گهرجون توڙي جو اجان پيون آهن پر سچائي ۽ وابستگي جي انتها ۽ پيار سان پُر پورهئي جي ڪري هن جو ڪم سدائين لاءِ ساراهڻ جوڳو آهي.

تصور ڪريو تہ ٿرپارڪر جو ڳوٺ ڇيلهار جتي برهمڻن جو مکيہ ڪم ٽيڻا نهارڻ ۽ مرڻي پرڻي جون رسمون ادا ڪرڻ آهي. انهن مان هڪڙو نوجوان ماستر ٿئي ٿو ننگرپارڪر جهڙي پوئتي پيل علائقي ۾ علم جي شمع ٻاريندي قلم کڻي ٿو ۽ لِکي ٿو وني "پراڻي پارڪر" جهڙو سدا سائو ڪتاب، جنهن جي ٻولي ڏسي شيخ اياز جهڙو شاعر پسترنڪ جي ناول "ڊاڪٽر زواگو" مان سٽ ورجائي ٿو تہ:

"ٻولي سونهن ۽ سمجهہ جو گهر آهي، نديءَ جي وهڪري جيان وڻندڙ لڳي ٿي."

پراڻو پارڪر لکجڻ سان ٿرپارڪر جا اعليٰ انساني قدر گم نامي جي گوشي ۾ گم ٿيڻ کان بچي هميشہ لاءِ لکت ۾ محفوظ ٿيا. واڙي ڦل جيان وڌندڙ ثقافت زمانن جي هٿان ٻي پاڙي ۾ بدلجڻ کان بچي ويئي. چنديرام پاٽ ۽ ڪرشن جي چارڻ جهڙن شاعرن جي شاعري متعارف ٿي. گجراتي رس مالا ۾ شامل سنڌ جا دوها، ماموئي فقيرن جا بيت، ۽ پيرئي جوڳي جي رام ڪهاڻي نمودار ٿي. سڏونت ۽

سارنگا هوٽل پَري ۾ اوڍي جا عشق جي اُپن ڪاون تي هليل ڪردار قلمبند ٿيا. اهڙي طرح منگھارام اوجها مٿيءَ جي محبوب ڪردارن ۾ سر گھوريندڙ سُورمن سينڌل سوڍي ڪان وٺي راڻي ڪَلجي ۾ رُوپلي ڪولهي تائين سيني جي ڪارنامن تي لکيو آهي. تنهن سواءِ چندن گڊ جي چاووي جو تفصيلي ذڪر پڻ شامل آهي. جنهن سان هر پڙهندڙ جي اندر ۾ قومي شعور ۽ ايڪتا جو احساس اُڀري ٿو اچي.

"پارڪر جا پهاڙ" ڪان وٺي آخري باب "آدمشماري" تائين سموري ڪتاب ۾ ڪٿي ڪنهن هڪڙي سٽ ۾ به ڌرتيءَ جي غدار کي ماناٽتو بُت نه بڻايو ويو آهي. هن تاريخ جي ديگ ۾ حرام خورن جي هڏي هڏي کي رڌو آهي.

سنڌ جي هن سيباڻتي ليکڪ جي سوانح عُمري تي اڄ ڏينهن تائين هڪڙو به مضمون نه لکجي سگھيو آهي.

عبدالغفار تبسم جي شعر جيان:

الائي ڪنهن ڪنهن جو اٽيوسين جيون،
پر پنهنجي چولي تي ڪوپَرت نه هو.

نامیارو تاريخدان رائچند هريجن ۽ منگھارام ڳوٺائي هُئا. منگھارام ڇيلهار جي برهمڻن جي شريمالي شاخ ۾ اَمرچند اوجها جي پُٽ لالچند اوجها جي گھر ۾ 28 جنوري 1928ع تي جنم ورتو.

هن کي ننڍپڻ ۾ ئي يتيمي واري زندگي نصيب ٿي. سندس پيءُ لالچند ۽ چاچو پونم چند کيس ماءُ جي گود ۾ ڇڏي پر لوڪ پڌاري ويا. منگھا رام سامي جي آدرش هيٺ "غريبي گلزار" ۾ پلجي وڏو ٿيو. هن پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڇيلهار ۾ ورتي. ڇيلهار جو نامیارو استاد آسنگر هن جو هم ڪِلاسي هو.





پرائمري ڪان پوءِ مٿيءَ مان فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ بعد کيس ماستريءَ جو آرڊر مليو. ان دور ۾ مال کي لال سمجھندڙ ۽ جهنگل ۾ جهڙ پيئندڙ جهانگي ماڻهو به استاد کي اعليٰ پايي جي عزت ڏيندا هئا. استادن جي پرتي اڄ جي ڪوتا ۾ سفارش ڪلچر جيان نه ٿيندي هئي. استاد اهليت وارو هوندو هو.

منگھا رام اوجها هڪ بهترين استاد جو ڪردار ادا ڪيو. ڪجھ عرصو ڇيلهار ۾ رهڻ ڪان پوءِ نوڪري جي سانگي ننگر پارڪر جا وڻ وسايا. ڏونگري نالي ڳوٺ ۾ هن شادي ڪئي ۽ پوءِ اُتي ماڳ مڪان ٺاهي ويهي رهيو. ننگرپارڪر ۾ هن جا ڪيترائي شاگرد آهن.

سائين رائچند هريجن "تاريخ ريگستان" جي ڪچي مواد لاءِ ننگرپارڪر ويندو هو ته منگھارام اوجها وٽ ٿي "رات ڪٽا" ڪندو هو:

رهي اڄجي راتڙي تِنَ آديسين وٽان(شاهه)

سائين آسن گر مطابق منگھارام کي ننڍپڻ ڪان ئي ادبي ڪتابن سان دلچسپي هوندي هئي. ڪلاس ۾ هندي ۽ گجراتي جون ٻاراڻيون ڪهاڻيون بار بار پڙهي ٻڌائيندو هو. ننگر پارڪر وڃڻ سان هن پراڻي پارڪر جو مواد سهيڙڻ شروع ڪيو. چندرام پاٺ هن جو خاص صحبتي هو. چنديرام جي هن شعر کيس ڏاڍو متاثر ڪيو.

ڪارونجھر ري ڪور، مرئين تو ميلئي نهين،
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاگي ڏيپتو.

انهي اتساهه کيس اديب بڻائي ڇڏيو. 1954ع ڌاري، جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ .لوڪ ادب جي رٿا" ڪٺي ننگرپارڪر

پهتو تہ اُتي منگهارام اوجها مليو. ڊاڪٽر بلوچ ننگرپارڪر تعلقي جو مواد ڪٺو ڪرڻ جو ڪم هن جي حوالي ڪيو. ان سلسلي ۾ اوجها صاحب ڊاڪٽر بلوچ کي پارڪر جي پٽن جون ڪيتريون ئي لوڪ ڪهاڻيون، قصا، داستان ۽ لوڪ گيت لکي موڪليا. انهي رٿا جي ڪم ڪار دوران توڙي پوءِ ڊاڪٽر بلوچ سان عرصي تائين خط و ڪتابت جاري رهي. چيو وڃي ٿو تہ منگهارام اوجها کي ”پراڻو پارڪر“ لکڻ ۾ سروپي مگڻهار وڏي مدد ڪئي. پر منگهارام اوجها هُن جو ڪٿي ذڪر نہ ڪيو آهي، جڏهن تہ منگها رام ”پراڻو پارڪر“ لکڻ جي لاءِ اُتساهيندڙ علي محمد سمي جو ذڪر ڪيو آهي.

اوجها کي مخدوم طالب المولىٰ جي شخصيت ڏاڍو متاثر ڪيو. مخدوم سان محبت ۽ عقيدت ان ڳالهہ مان پڌ پڌري آهي تہ هن پنهنجي ادبي شاهڪاري جي ارپنا ”مخدوم سائين“ جي نالي ڪئي آهي.

”مهراڻ“ ۽ ”نئين زندگي“ رسالن ۾ اوجها صاحب جا مختلف مضمون ۽ مقالا شايع ٿيل آهن، جن کي سهيڙي ڇپرائڻ سان سنڌي لوڪ ادب ۾ هڪ ٻئي اهم ڪتاب جو اضافو ٿي پوندو.

منگهارام ننگرپارڪر ۾ رهندي هڪ ٻيو ڪتاب ”شريمالي اتهاس“ نالي سان لکيو جنهن ۾ شريمالي برهمڻن جي تاريخ جو تذڪرو آهي جنهن کي ڇيلهار جي نوجوان شاعر ۽ صحافي ڪشور گهايل ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. شريمالي اتهاس لاءِ ”ٻہ اکر“ لکندي منگهارام ڇپاڙي ۾ تاريخ 27 آڪٽوبر 1971ع درج ڪئي آهي. ”شريمالي آتهاس“ 2000ع ڌاري شايع ٿيو.

5 جولاءِ 2000ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هي ساهہ سيبائتو ليڪ





۽ تاريخ نويس لاڏاڻو ڪري ويو منگهارام اوجها انهن ڪتابن ڪانسواءِ پنهنجي قلمڪاري سان ضرور پاڻ پتوڙيو هوندو. هن جون اُهي لکڻيون سندس پونئرن کان ملي سگهن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهرن کي گهُرجي تہ هو اُهي ليک هٿ ڪري شايع ڪن. لطيف سائين چيو آهي تہ:

سي پوڄارا پُر ٿيا، سمونڊ سيوبو جن.

منگهارام اوجها جي پنهنجي تاريخي ۽ ثقافتي ورثي جي انفراديت ۽ عظمت ۾ ايمان هو. هن جرمني جي عظيم شاعر شيلي جُون اهي سٽون شايد روح ۾ رَچيون هيون تہ:

”پنهنجي مادر وطن کي پوري عقيدت سان چنبڙي پوءِ ان کي هٿان نہ ڇڏ، ڇو تہ انهي ڌرتيءَ ۾ سگهہ جُون جَڙُون آهن.“

ڪارونجهر جو ڪوي

# چندي رام پاٽ

## جنهن جا شعر پٿر تي لڪيرون آهن

جيڪو ماڻهو ان ادراڪ کان وانجهيل آهي تہ پٿائي کهڙي کهڙي آڏاٽي تان پنهنجي ست ست جو تاني (تاجي) پيتو اُٽيو آهي، اهو ”چند ولات“ (گجراتي لپي ۾ ڇپيل پارڪري ڪوي چنديرام پاٽ جي ڪوتا جو مجموعو) کي ”ميگهہ-دوت“ جي تسلسل طور پلا ڪيئن ڏسي سگهي ٿو؟ ”ميگهہ-دوت“ واري ڊگهي نظم ۾ ڪوي ڪاليداس ڪنياتي بادل کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو تہ ”اُتي ڪليل ڳڙڪين مان واجهہ وجهندڙ ۽ وار سنواريندڙ نارين جي سڳنڌ تنهنجي سرير کي ڳورو ڪري وجهندي، محل جا مور نچي نچي تنهنجو سواگت ڪندا، جي تون ٿڪجي پوين تہ رات، ڦولن جي واس ۾ ويڙهيل سراين مٿان گذارجان، سرايون جن جا اڱڻ سندر نارين جي پيرن جي ميندي‎ءَ سان لال ٿي چُڪا آهن.“

نندي ڪنڊ جي شاعري سان اهو وڏو الميو رهيو آهي جو ”ڪيهر جهڙن ڳوين“ جي شاعريءَ جو جائزو ”جورن جهڙن نقادن“ بہ ورتو آهي، جن لفظن جي جڙاءُ مان روح جي رُوداد ڇاڻڻ جي بدران لفظن کي نچوڙي رَت پيتَ ڪيڻ وارو ڪم ڪيو آهي. شيخ اياز چواڻي: ڪنهن بہ عظيم شاعر جي سولي ست تي تنقيد يا تبصري جي





لاءِ نہ فقط هن جي دور جي قومي ۽ بين الاقوامي تعصبات جو تجزيو ۽ انهن ڏانهن هن جي رد عمل جو مطالعو ضروري آهي، نہ فقط شاعر جي داخلي زندگي جي اثر پذيري جو اندازو لڳائڻو آهي، پر هن جي تحت الشعور جي انهي روشني کي بہ جاچڻو آهي، جنهن جا پاڇا هن جي شعور جي پردي تي پوندا رهن ٿا.“[6]

ٿر جي ٽڙيل پکڙيل ۽ اڃا تائين سينن ۾ دبيل لوڪ شاعري کي سهيڙڻ واري سَڌ رکندي، مون شيخ اياز جي مٿئين راءِ کي پنهنجي رهنما اُصول طور اپنايو آهي، ڪائنات جي سيني ۾ ڪويل جي ڪوڪ وانگر پيهي ويندڙ لوڪ شاعري جو سياءُ، فن کان وڌيڪ موسيقيت پسندي وارو آهي. ان ڪري لوڪ گيتن جي پرک ڪلا جي ڪسوٽي بجاءِ لِئہ Rhythm جي لهہ وچڙ سان ڪبي، تڏهن ئي انهن جي حقيقي پيغام کي پسي سگهبو ڇو تہ انهن جو اهم جُز ردم آهي نہ کي فن Rhyme.

ٻنيءَ جي سنڌي لوڪ گيتن تي ڊاڪٽريٽ جي ضخيم ٿيسز لکندڙ ڊاڪٽر جيٺي لالواڻي پنهنجي طويل مقالي ۾ اِهي لفظ پڻ تحرير ڪيا آهن تہ: ”لوڪ گيت لوڪن جي گڏيل ملڪيت آهن، لوڪ گيتن جي پيدائش قديم ۽ قديم لپي جي پيدائش کان بہ گهڻي گهڻي پُراڻي آهي“ [7]

عالمي ادب ۾ لوڪ شاعري جي عظيم ورثي کي قومن جي نفسيات جو آئينو سڏيو آهي. اسان جي قديم لوڪ شاعرن پڻ صدين جي سُر، سوز ۽ سڳنڌ کي سميٽي پنهنجي هڪڙي هڪڙي ست ۾

[6] خط انٽرويو ۽ تقريرون 1، شيخ اياز نثر 2، ص 386
[7] ٻني جا سنڌي لوڪ گيت ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي، ص 110

هزارين لطيف احساسن جي صورت گيري جو نچوڙ پيش ڪيو آهي. هي چارڻ، ڀٽ، ڀاٽ، ڀان ۽ مڱڻهار وغيره جن جي شاعري عام لوڪن جي من ۾ دائمي واسو ڪري ويئي آهي. تن جي شخصي ڪردار تي هڪ تنقيد اها ڪئي ويندي آهي ته اهي پراڻي زماني ۾ راڄ درٻارن سان لاڳاپيل رهيا آهن. جي ائين آهي ته راڄ درٻار جي ويجهو ڪاليداس به رهيو پوءِ شڪنتلا جي ناءُ ۾ ڪيل سُر- ڀيٽا کي زمانن جو اهو آروپ فنا ڪري ڇو نه سگهيو آهي؟ شڪنتلا جي روپ جي ساراهه ڪندي ڪوي ڪاليداس چوي ٿو ته:

”هوءَ هڪ اهڙي ڦول وانگر آهي، جنهن کي نه سنگهيو ويو آهي.

هڪ اهڙي پن وانگر آهي جنهن کي هٿ سان نه ڇهُو/ چُنو ويو آهي.

هوءَ هڪ موتي آهي، جنهن کي ڪنهن هار ۾ نه پوبو ويو آهي

هوءَ ماکي آهي، جنهن کي اڃا تائين ڪنهن نه چکيو آهي

جن ماڻهن اهڙي لافاني شاعري ڪئي هجي، انهن جي فن ۽ فڪر کي درٻاريت جي پيداوار چئي رد ڪرڻ، ڪُند ذهني ۽ ادب دشمني ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه چورائيندو. بقول شيخ اياز: اسان جي سوين لوڪ شاعرن پنهنجي ڪلام وسيلي جنگ جي ميدان ۾ پنهنجي جونجهارن جون دليون گرمائي غيرتمندي ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو اهڙو ثبوت ڏنو آهي. جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. پر وقت جي ستم ظريفي سبٻان اسان جي هن اثرائتي شعر جو ڳپل حصو گمنامي جي ور چڙهندو رهيو آهي. جيڪڏهن اِن ڏس ۾ سنجيدگي ۽ رٿابندي سان ڪم ٿيندو رهي ته صدين جو سلسلو جُڙي سگهي ٿو. سنڌ ڌرتيءَ جي فن ۽ فڪر جي ارتقا به درجي بدرجي ٿِي آهي. ڌرتيءَ جو پيغام جهولي جهولي ورهائبو رهيو آهي. ڏات جي هن ڏاج ۾ گهٽڻ



ٿر ٿر اندر ٿاڪ

جو حصو شامل رهيو آهي. سو جيڪڏهن اسان پنهنجي لوڪ ادب جي ميڙا چونڊي، پختي پرک ۽ پروڙ تي ڏيان ڏريون ته پنهنجو انتهائي اهم ڪلاسيڪل ورثو سانڍڻ ۾ سوڀارا ٿي سگهون ٿا. ننڍي کنڊ جا ڏاتيار قبيلا آڳاٽي وقت ۾ اڄ جي ميڊيا جو ڪم ڪندا هُئا. انهن جي اطلاع رسائي ۽ معلومات جي فراهمي ۾ جذبي ۽ سُر جي ساڻ ڪانسواءِ وسيع نظري، سونهائپ ۽ نصيحتي نُڪتن وارا پهلو پڻ شامل هوندا هئا. اُن ڪري عام توڙي خاص وٽان اهي قديمي قبيلا تمام گهڻو مان پرائيندا هئا. چارڻن/ ڀٽن/ ڀانن/ ڀاٽن جي سچن شاعرن ڪڏهين به پنهنجي شاعراڻي ڪلا کي لفظن جي قلابازي طور ڪتب نه آندو. وير ڪرم جي درٻار هجي يا شهنشاهه اڪبر جو ايوان خاص، انهن تخليقارن ڪٿي به پنهنجي فن کي مداري جي معنيٰ ۾ نه ورتو بلڪه اُن جو بامقصد استعمال ڪيو. اها ننڍي کنڊ جي ڪماليت آهي جو هتي صديون اڳ اداري جو رواج پئجي چڪو هو. هر هڪ قبيلو هڪ ادارو هو. جيڪو پنهنجي ورثي م مليل ڪرت کي نباهڻ ۾ ڪمال درجي لياقت ڏيکاريندو هو. انهن کي پنهنجي ڪمن جي لاءِ اڄوڪن ادارن وانگر بجيٽون منظور ڪو نه ڪرائڻيون پونديون هيون. ڀاٽ قبيلو، جنهن کي عام طور شجرن جو ليکاري قبيلو ڪري سمجهيو ويندو آهي. تنهن جو جديد دور جي علم بشريات واري نقطه نظر سان خصوصي طور ذڪر ڪري سگهجي ٿو. اهي جهونا جوڳي ڊارون جي ارتقا واري نظرئي کان آگاهي جي قطع نظر گهڻو اڳ انساني نسلن متعلق ادب سرجندا هئا. ننڍي کنڊ جي آڳاٽن انسانن متعلق ڪم ڪندڙ ادارن ۾ فردن کي گهرجي ته هُو ڀاٽن، ڀانن ۽ ڀٽن جي چوپڙين (پيڙهيون لکڻ جي ڪتابن)کي محفوظ ڪرڻ جا جتن ڪن. علم

بشريات ۽ تاريخ جي علم جا شاگرد پنهنجي تحقيقي ڪم جي انهن ڪي بهترين ماخذ طور استعمال ڪري سگهن ٿا. پاٽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڪافي تعداد ۾ رهندا هئا يا وري ننڍي ڪنڌ جي ٻين علائقن ڪان انهن جو اچڻ وڃڻ رهندو هو. انهن ڏينهن ۾ ڏاهپ جا آستانا ٻڌجي ويل ٿر جا اوتارا باقاعدگيءَ سان وسندا هئا. ڪچهريون ۽ ميڙا روز جو معمول هو. اهڙن اوتارن ۾ پاٽن جي آمد منڍي تي ٽڪ ثابت ٿيندي هئي. پاٽ ڳوٺن ۾ اچي پيڙهيون لکندا هئا. ڪنهن ڳوٺ ۾ پاٽ آيو ته سڀ اچي اوتاري پيڙا ٿيندا هئا. ٻه چار پيڙهيون لکڻ ڪان پوءِ ڪچهري جو دور شروع ٿيندو هو. جنهن ۾ ڳوها، ڳجهارتون، ڏور بيت ۽ دوهن سميت لوڪ ڪهاڻيون بدي جي بادل جيان ڪڙيون ٿينديون هيون. پاٽ وڏا شاعر، سگهڙ ۽ چتر هوندا هئا. لوڪ ادب جي ذخيري ۾ ڪيترائي چند، سوايا، دوها ۽ هيماريون، پاٽن جون چيل ملن ٿيون. راجستان جي مشهور تاريخ نويس مهتا نيڻسي پاٽن کي عمدا تخليقار سڏيو آهي. هيمارين جو خالق پاٽن کي سڏڻ جي ڳالهه سان گهڻي حد تائين اتفاق ڪري سگهجي ٿو. چاڪاڻ ته پاٽ هڪڙي هڪڙي ڳوٺ ۾ ٻه ٻه مهينن تائين پيا ترسندا هئا. روز جي ڪچهرين ۾ نوان نوان تخليقي ۽ ترڪيبي رنگ پسائي ميڙو مچائيندا هئا. تاريخي حوالن مان ٻين قبيلن جي شاعرن ۽ سگهڙن جي واتان پڻ هيماريون چوڻ جون شاهديون مليون آهن. بهرحال ”راجستاني زبان اور ان ڪا ادب“ جي مصنف باغ علي شوق ڪليل لفظن ۾ چيو آهي ته ”پاٽن جي ذڪر ڪانسواءِ لوڪ ادب جي تاريخ اڌوري ۽ اڻ پوري آهي.“ پاٽن جو نسلي لاڳاپو ڪن تاريخدانن راجپوتن سان ملايو آهي. ’تاريخ قديم هند‘ جي ليکڪ ايم اي پانيڪار، پاٽن کي راج ناگ پاٽ جو اولاد سڏيو





آهي. قنوج جو مشهور بادشاهه ميهرا پوج ناگ پاٽ جو پوٽو هو. پاٽ راجپوتن جيان پنهنجي نالي پويان سنگهه جي لفظ جو استعمال پڻ ڪندا آهن. باغ علي شوق پاٽن کي بهترين شاعر سڏيندي لکيو آهي ته ”انهن جا شعرا سگهارا ۽ اثرائتا هوندا هئا. ان ڪري ڪي چارڻ پاٽن کي ملازم ڪري رکندا هئا ۽ سندس سرجيل شعر پنهنجي نالي ۾ ڪري پڙهندا هئا. [8]

چيو وڃي ٿو ته شاعر ٿيڻ جا شوقين وقت جا ڪي وڏا ماڻهو پاٽن ڪان شعر خريد ڪندا هئا يا پاٽن کي آڇون ڪندا هئا ته اسان تي يا اسان جي وڏن جي ساراهه ۾ شعر چئو ته توهان کي انعام ڏيون. شيخ اياز ڪردار جي انهن ڪچن پاٽن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته:

ڍُلو آهين پاٽ، وڪڻين پيو وائيون،
پلا ڪنهن چمڪاٽ، وڪيا آهن وچ جا.

پاٽ شاعرن ۾ ڪوي چنديرام پاٽ ڪان اڳ مر ڪوي ويتال، ڪوي گنگ پاٽ ۽ ڪوي نل سنگهه پاٽ مقبول ۽ ناليوارا شاعر ٿي گذريا آهن. چنديرام جو جيون خاڪو پيش ڪرڻ ڪان اڳ ۾ آئون چاهيان ٿو ته، ڪوي ويتال، ڪوي گنگ، ڪوي نل سنگهه جو مختصر تعارف ۽ شعر جو نمونو حاضر ڪريان. جيئن اسان چنديرام جي ڪردار ۽ ڪوتا کي بهتر نموني سمجهي سگهون.

**ڪوي ويتال:**

ڪوي ويتال پاٽ، مشهور راجا وڪرم جي دربار سان سلهاڙيل

[8] راجستاني زبان و ادب، باغ علي شوق، ص 17

هو. جڳ مشهور شاعر راجا ڀرتري هري سندس همعصر هو. جنهن جي چوڻ موجب: ”جهنگل جي نظارن ۽ استري جي جوڀن ڪانسواءِ سنسار بيڪار آهي“ ڪوي ويتال تي راجا ڀرتري هري جو وڏو اثر ملي ٿو. سندس هڪ شعر آهي ته:

شيشي سوُني بن رين، گيان بنا هردا سوُنا،
ڏانت بن سوُنا هئتي، لِهر بنا ساگر سوُنا،
پُتر بن سوُني ماتا، گهنا سوُني بن دامڻي
ڪهه ويتال سڻ وڪرم، گهر سوُنا بن ڪامڻي![9]

(مطلب: ڪوي ويتال چوي ٿو ته، جهڙي ريت چندرما رات کان سواءِ سجو آهي، تهڙي ريت علم جي روشني بنا من به ويران ۽ اونداهو آهي. ڏندن ڪانسواءِ هاٿي جي اهميت نه آهي، لهرن کان سمنڊ جو وجود بي معنيٰ آهي. اهڙي طرح اولاد (پٽ) بنا ماءُ جو اڱڻ ويران هجي ٿو ۽ ڪڪر ڪارونڀار واري گهٽا وَري ڪِنوڻ جي ڪجڪي سواءِ سُڃي آهي. ساڳي طرح ويتال چوي ٿو ته: ٻڌ اي وڪرم (راجا)، ڪامڻي (ناري) کان سواءِ گهر سڃو آهي.

### ڪوي گنگ ڀاٽ

ڪوي گنگ ڀاٽ پُوري نندي ڪنڌ ۾ مشهور ۽ مقبول آهي. ويربل (بيربل) جيان گنگ ڀاٽ به اڪبر بادشاهه جي دربار جي نوَ رتن مان هڪ هو. ٿرپارڪر جي خطي جي مختلف ڳوٺن ۾ ٿيندڙ اڪثر لوڪ ڪچهريون، ڪوي گنگ ڀاٽ جي روح پرور شاعري جي رنگ ۾

[9] ڏکيا لفظ. شيشي: چندرما، سوني/ سُڃي/سُڃا.رين: رات، گيان: علم يا ڄاڻ، هردو: من، ڏانت ڏند. هَتئي: هاٿي. پُتر: پٽ. ماتا: ماءُ، دامڻي: وڄ، ڪنوڻ. ڪامڻي: سندر ناري.





رچيل رهنديون آهن. هن’ ڇند‘ ۽ ’سوايي‘ جي صنف تي نهايت ئي خوبصورت شعر چيا آهن. هي ڇند جو مشهور شاعر رهيو آهي. گنگ ڀاٽ جا ڪيترائي ڇند ماڻهن کي گهر جي گهٽي جيان ياد آهن. هن جو هڪ مقبول عام ڇند هيءَ به آهي:

گهنگهور ٽڪور سي مور ڇُپي نهين
ٽُري ڇُپي نهين واڳ اُٺايا.
رڻ يومي ۾ رجپوت ڇپي نهين
ڏاتار ڇپي نهين گهر منگت آيا
تارون کي اوٽ ۾ چندر ڇُپي نهين
سورج ڇپي نهين بادل ڇايا
جوگي بيک انيڪ ڪري
ڪرم ڇپي نهين انگ ڀيوت لڳايا
چنچل ناري کي چال ڇُپي نهين
ڪهه گنگ ڀاٽ سڻ شاهه اڪبر.
ڪيرت ڇپي نهين ڇُپي ڇپايا.[10]

(مطلب: مينهن جي گجگوڙ ٿيڻ جي صورت ۾ مور کان رهيو نه ٿيندو ۽ هو پنهنجي ٻولي ٻولڻ (ٿهوڪڻ) شروع ڪندو. اهڙي طرح واڳ (لغام) ڪڍڻ جي صورت ۾ گهوڙي نه بيهندي. ويڙهه جي ميدان ۾ راجپوت (بهادر) لڪندو نه. ساڳي طرح منگڻهار جي گهر اچڻ جي صورت ۾ ڏاتار اُن کان لڪڻ بجاءِ پنهنجي سخاوت جو مينهن وسائيندو. تارا ڪيترا به گهڻا هجن، تارن جي ميڙ ۾ چنڊ پڌرو هوندو.

[10] گهنگهور ٽڪرو: مينهن جي گجگوڙ ڇُپي: لڪي. ٽُري: گهوڙي رڻ يومي: ويڙهه جي ميدان. منگت: گهرندڙ ڪرم: مقدر. قسمت. مين: مرد.

بادلن جي ڇانئجڻ سان سورج ڇُپيل نہ هوندو. جوڳي کهڙا رستا اختيار ڪري، ڪرم (قسمت) ۾ اعمال انگ ڀڀوت ڪرڻ سان نہ بدلبا. چنچل ناري جون ادائون لڪيون نہ رهنديون. مرد نينهن لڳائڻ کان پوءِ لڪي نٿو سگهي. گنگ ڀاٽ چوي ٿو تہ اي اڪبر بادشاهہ ناموس لڪائڻ سان لڪي نٿي سگهي.)

اهڙي طرح گنگ ڀاٽ جا ڪيترائي ٻيا ٻول عوام جي دلين ۾ ديرو ڄمائي چڪا آهن. چيو وڃي ٿو تہ گنگ ڀاٽ جي شعر چوڻ جو انداز نرالو ۾ دل کي ڇهندڙ هوندو هو. اڪبر بادشاهہ گنگ ڀاٽ جي وڏي عزت ڪندو هو ۾ چوندو هو تہ: "گنگ آئون هڪ دور جو حاڪم آهيان، پر تون صدين جو بادشاهہ آهين. تنهنجي هڪڙي سٽ منهنجي سڄي تاريخ کي اونداهہ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿي.

شيخ اياز هڪ هنڌ لکي ٿو تہ: جڏهن گهٽائون زور سان گجيون تہ اسان کي ڀٽ (چنديرام) اڪبر جي زماني جي گنگ ڪوي جي گيت جي هڪ سٽ ٻڌائي:

گهنگهور ٽڪور سي مور ڇُپي نهين
ٽُري ڇُپي نهين واگ اُٺايا.[11]

--

ڪالهہ ٻڌايا ڀٽ جو گنگ ڪويءَ جاگيت
مون ۾ ڇا ڇا گيت، صدين کان پوءِ اپريا.

نل سنگهہ ڀاٽ: نل سنگهہ ڀاٽن جي سنوهريہ پاڙي سان تعلق رکندڙ هو. هن جو زمانو 1001ع ٻڌايو وڃي ٿو. نل سنگهہ جي شهرت جو مکيہ ڪارڻ 'وجئہ پال راسو' کي سرجڻ آهي، جيڪا هڪ قسم

[11] ڪتي تہ ڀڄبو ٽڪ مسافر آتم ڪٿا جو گڏيل مجموعو شيخ اياز. ص-189





جي رزميہ شاعري آهي. مارواڙي ۾ نل جي شاعري تي تحقيق ٿي رهي آهي. واضع رهي تہ مارواڙي جي راسو کي اسان وٽ سنڌي ۾ راسوڙا چئبو آهي.

چنديرام ڀاٽ: ڪوي چنديرام ڀاٽ ۾ ڪوي بانڪيداس لوڪ ادب جي تاريخ جا ٻہ اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن. جن فطري حُسن ۾ اهڃاڻن سان ڀرپور لازوال شاعري سرجي آهي. چنديرام جي شاعري ۾ ٻولي جو جادوئي ترنم ملي ٿو. اهڙو ترنم جيڪو ڪنهن ڳائڻي يا ساز نواز جي فني احسان جو محتاج ناهي. انهي ۾ بي پناهہ موسيقيت سمايل آهي. هن ڪوي جي هر دوهي ۾ سورٺي جي سٽ نڙي مان، تارونءَ مان يا چپ سان اچاريل الفاظن وانگر ڀاسي ٿي. جنهن جي توازن ۾ هم آهنگي ۾ ذات ۾ ڏانءُ جو حسين سنگم ملي ٿو. جديد سنڌي شاعري جي وڏي نانءُ شيخ اياز چنديرام جي شاعري جو ڪيترائي ڀيرا ذڪر ڪيو اٿائين. هن جو اثر وٺي شيخ اياز پنهنجي ڪوتا ۾ وائي ۾ بيت سرجيا آهن. "ڀرج گرج ڀتياٽي" جي وراٽي واري مشهور وائي اياز چنديرام جي شاعري جو اثر وٺندي لکي آهي. اصل ۾ اياز جو هن سگهاري شاعر جي اثر ۾ لکڻ هُن جي فن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ آهي پر شيخ اياز هن سهڻي شاعر جو نثر توڙي نظم ۾ ڪٿي نالو نٿو ڪٺي، رڳو ڀٽ، ڀاٽ يا چارڻ سڏي ٿو.[12] شيخ اياز لکي ٿو تہ: " ڀاٽ، ٿي ٻجي رات تائين اسان کي لوڪ ڪهاڻيون سورٺا ۾ دوها ٻڌائيندو رهيو. هن راءُ لاکي مهراڻي، ڊولي ماروئل، ٻوبنا جراڻ سوندري پرمار ۾ مانڌل راڻي جون دوهيڙن ۾ ڪهاڻيون ٻڌايون. انهن کانسواءِ هن ڪجهہ بيت ڪارونجهر (جبل) جي باري ۾ ٻڌايا. جيڪي ذهن تي پٿر جي لڪير وانگر ڪوتجي ويا. شعر هٿا يا مصوري هئي!

[12] ڪتي تہ ڀڄبو ٽڪ مسافر آتم ڪهاڻي جي گڏيل مجموعي جي صفحي نمبر 188

ڪارونجهر ني ڪور، مرئين ته ميلئين نهين

ماٿي ٿهوڪي مور ڏونگر لاگي ڏيپتو.

(ڪارونجهر جي ڪور مرندين ته به نه ڇڏيندين، ان جي مٿي تي مور ٿهوڪا ڪري رهيو آهي ته ڏونگر ڏيئي وانگر لڳي رهيو آهي).

ڪور پهاڙ جي انهي مٿينءَ لڪير (چوٽي جي ڪناري) کي چوندا آهن، جا ڏنڌ مان ڏيکاري ڏيندي آهي، مون ساري زندگي ۾ ڪنهن به ٻولي جي شاعريءَ ۾ اهڙو خوبصورت شعر نه پڙهيو آهي!

سنڌ امان! تنهنجي پوٽي ڪيترن موتين سان پريل آهي!

ڪارونجهر ني ڪور، روڙي لاگي رلياماڻي،

ماٿي ٿهوڪي مور ڏونگر لاگي ڏيپتو.

روڙي سهڻيءَ کي، رلياماڻي رمڻيڪ کي، ٿهوڪي ٻولي کي، ڏيپتو ديپ کي چوندا آهن. اها ٻولي شايد سنڌيءَ ۽ گجراتي جي ڳاڌڙ آهي. ڪارونجهر جي پرسان به سانوڻي نديون ڏوپا ۽ پتياڻي وهنديون آهن. ڏوپا ننگر پارڪر جي ڏکڻ طرف ۽ پتياڻي اتر طرف وهندي آهي، انهن ندين تي به بيت ٻڌايائين:

ڏوپا ويڇي ڏار، پتياڻي ڏوجهي پلي،

پاڻيءَ ٽٺون نهه پار، آرڙاٽا ڪري اوتري

ويڇي يعني وهي ٿي، ڏوجهي معنيٰ ٻي، ٽٺون معنيٰ جو ۽ ارڙاٽا گجگوڙ کي چوندا آهن. پارڪري ۾ نه کي نهه چوندا آهن. مون کي موسيقار شاهد پٽو ”راجستاني ادب جي تاريخ“ نالي وارو ڪتاب ڏئي ويو هو، اِهو ڪتاب هيرالال مهيشوري جو لکيل آهي، مون ان ۾ ڳاٽا ۽ ڪوتائون سڀ پڙهيون ۽ فطرت تي ڏنل شاعري به پڙهي انهن ۾ هڪ سٽ به اهڙي موهڻي نه هئي جو ڪارونجهر تي ڏنل لوڪ بيتن





سان ڀيٽي سگهجي ”ڪٿي ته پيجبو ٽڪ مسافر-ص189“ شيخ اياز هڪ ٻي هنڌ پنهنجي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته: ”هڪ ڀيري اسان ڪارونجهر وٽ بيٺا هئاسين، چمر ۾ ڳاڙهه هئي ۽ اُڀ پهاڙ تي گربي اوڙهي بيٺو هو، اسان سان هڪ ٿري ڀاٽ به ساڻ هو. اوچتو ڪارونجهر جي ڪور تي مور ڪنڀ ٽيڙيا ۽ ڪنڌرجي ڪنڌرجي، سنجها سوني آڪاس جي سنگهاسن اڳيان ڪنهن ديوداسيءَ وانگر نچيو مون ڀاٽ کان پڇيو: هي مور پارڪر جو آهي يا گجرات جو؟ ڀاٽ جواب ڏنو ته مور نه پارڪر جو ٿيندو آهي، نه گجرات جو، مور ته سدائين نيري آڪاس جو آهي! مون کي هن جي ذهانت تي حيرت آئي، هن اڳ به مون کي پارڪري سنڌيءَ ۾ انوکا بيت ٻڌايا هئا. سو مون هن کي چيو ته انهي مور جي باري ۾ ڪوئي بيت ٻڌاءِ ۽ هن به چار بيت ٻڌايا جن ۾ هي بيت به هو:

ڪارونجهر ني ڪور، مرئين ته ميلئين نهين

ماٿي ٿهوڪي مور ڏونگر لاگي ڏيپتو.

ادا اهو حيرت انگيز تصور مون ڪنهن به هائڪوءَ ۾ نه ڏٺو آهي، مور ته برابر نيري آڪاس جو آهي، پر ان جو ناچ ڪارونجهر تي چڱو آهي.[13]

چنديرام ڀاٽ ننگرپارڪر جو رهندڙ هو مهرو ڀاٽ جي گهر ۾ جنم ورتو، ڪوي جي جنم سال بابت ڪا حتمي راءِ نٿي ملي، سندس پوٽي بيڪي ڀاٽ مطابق 1980ع ۾ ڪوي جي وفات وقت ڄمار تقريبن 80 سال جي لڳ ڀڳ هئي.[14] ڪوي چنديرام پنهنجي خاندان بابت هڪ شعر ۾ چوي ٿو ته:

---

[13] نثر 2، ڪتاب خط انٽرويو تقريرون، شيخ اياز 304

[14] بيکي ڀاٽ جو ڪڇهري ۾ اظهار

پرم سُت مهرو پتا، مجهہ ڪسڙي جيمات
ڏاڏو هربم ڏيپتا، اٽندو ڏاڏي آت
آ جگت مان نام جمايو

(منهنجو پيءُ مانوارو مهرو ۽ منهنجي جيجل ڪسڙي آهي، (جنهن مون کي پالي وڏو ڪيو) منهنجو ڏاڏو ڏيئي جهڙو روشن هربم ۽ ڏاڏي اٽندو آهي، انهي خاندان جي قلواڙي ۾ ڦٽي ۾) مون دنيا ۾ پنهنجو نالو جمايو).

چنديرام کي چار پٽ نالي رنجيت، خوشحال، چيتن ديو ۽ وينل پائي (بينل پائي) ٿيا. رنجيت جي ڪوشش سان گجراتي لپي ۾ ڪوي چنديرام جي ڪوتا جو مجموعو ”چند ولات“ نالي سان ڇپيو.

خوشحال جو پٽ بيڪو پاٽ بهترين سگهڙ آهي، ننگرپارڪر ۾ رهندڙ بکيو چنديرام جي شاعري آسپاس جي ڳوٺن ۾ سٽائيندو رهي ٿو. 2009ع ۽ 2010ع دوران ننگرپارڪر ۾ رهڻ دوران مون پنهنجي ساٿين ساگر خاصخيلي، ناشاد سمون، شهاب نهڙي، عزيز ٽالپر ۽ ٻين جي سهڪار سان ننگرپارڪر ۾ هڪ پروگرام رکي چاچي نواز کوسي ۽ بيڪو پاٽ کي ايڪتا جي ڏهاڙي تي مڃتا ڏني، پاٽن جي شعر پڙهڻ جو هڪ منفرد انداز آهي. بيڪي پاٽ انهي پروگرام ۾ ڪوي چنديرام جي ڪوتا سٽائي محفل کي منڊي ڇڏيو.

ڪوي چنديرام جي پٽ بينل پاٽ جي وفات تي ناميارو صحافي امر ڳرڙو، رياض سهيل، ڪاتائو جاني، سماجي اڳواڻ ۽ ليک علي اڪبر راهمون، ناشاد سمون ۽ آئون تعزيت ڪان پوءِ رات جو ستسنگ ۾ شريڪ ٿياسين. جتي ڀڳتي رنگ ۾ ڪوي چنديرام جا چند ٻڌاسين. ”پراڻو پارڪر“ ڪتاب جي مصنف منگهارام اوجها سان چنديرام پاٽ جي خاص صحبت هئي ۽ منگها رام پهريون پيرو هن جي شاعري کي سنڌي ادب جي پڙهندڙ تائين ”پراڻو پارڪر“ جي





ذريعي پهچائي. پراڻو پارڪر ۾ ڪارونجهر بابت اڳ جاڻايل بيتن سان گڏ ٻيا بيت ۽ نظم پڻ ڏنل آهن. هڪ شعر ۾ ڪارونجهر جي وڻن، ٻوٽن، پکين، جيو جناورن جو ذڪر ڪيو آهي، بسنت رت ۾ انهن جي موج مستي ۽ فطري حسناڪي جا منظر چٽيا آهن. ساڙدري جي اوچي آستان جو مانائتو ورڻ ڪيو آهي. جيڪو عقيدتمند جي اندر کي ڇهڻ سان گڏ ثقافتي ۽ سياحتي شوقين کي اتساهي ٿو. ڏونگري جو ڳوٺ منگها رام اوجها ۽ پاٽ جي روح رهاڻين جو ساکي آهي. لگڏر مينگهاوڙ نهالچند مکي، ارجڻ ميگهواڙ ڏيوجي مهراج، نواز علي کوسو ٻہ ڪوي جي ڪچهري جا ڪوڏيا هئا. ملجي جو واندبيو ديهہ ۽ ڪاسبو جي ميگهواڙن ۾ وارسوڙ نک جي هيرو صورتو ۽ ڀڳت اوپارام جي قدرداني جو خاص ذڪر ڪندي چند چيو آهي. هن شعر جي ساراهہ جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ هن شعر ۾ وقت جي ڪنهن وڏي سرمائيدار، سردار ۽ جاگيردار جي ثنا خواني ڪرڻ جي بدران ميگهواڙ جاتي جي فردن کي سخي طور سامهون آڻي ٿو.

سمرئي سنسار ۾ سارڌ گڻپت سات
وارسوڙ گڻ انچنتا، وڏو پاراٽي پرڪيات
ڏان دوڀاڪا سٽي گهڻا ري تڙ تڙ جون گيو ٿاءِ
هزاري ڏان ڏي وارسوڙ هيت سي پريون جس جڻ پاءِ
مڻ ڏاري مهکي ٽٽان، ڪوڏيلا ڏان ڪري
هارپ وري هيرو، هورتو پلو جس ٻات پري
هرجي منر هوسيلا ايسر هيمو اجواس
ڪمراج، ڪيرو، رتو، روو، جامون
ڪرم ونتي سنسار ڏيووي شاباس.

(مطلب: ديو مالائي ڪردار م علم ۽ هنر جو ديوتا ڳڻيش (هندو ميٿالاجي مطابق) چترتا ۾ ساراهہ لائق آهي، جنهن جي ذڪر

ڪان پوءِ ڳالهہ ائين ڪجي ٿي تہ وارسوڙ نک جا ميگهواڙ سنن ڳڻن وارا پارڪر جو مان آهن. جن جي سخاوت جا سماچار سٽي ڪيترن جو بدن لڏي ويندو آهي. وارسوڙ هزارن جو دان دل سان ڪن ٿا، مهڪي جو مٽيادار اولاد هيرو، صورتو پلو دل جي ڪوڙ سان سخاوت ڪري جس ڪي پاڪر پرن ٿا. هرجي، منر وڏي حوصلي وارا آهن، ايسرداس، هيمو جو ڪردار اجرو آهي، ڪمراج، ڪيرو، رتو روو، جامون سلڇڻا آهن. جن ڪي لوڪ سني ڪردار تي شاباس ڏي ٿو.

اُجڙو اوپارام، گٽيل ڪاسبي گوم ۾،
نرمڙو ناگيجياڻي، پارس مٽي پتاڙيا.

(مطلب: ڪوي چنديرام چوي ٿو تہ اجري ڪردار جو مالڪ اوپارام ڪاسبي ڳوٺ جو رهواسي آهي، ناگيجاڻي خاندان نرمل انسان پارس مٽي آهي)

ڪوي چنديرام جو هڪ دفعي گهوڙو چوري ٿي ويو. واقعاتي شعر ۾ چوري جي دانهن سمائيندي نظم چيو. جنهن جي هڪ بند ۾ چوي ٿو تہ:

ڪوي ڪو گهوڙلو گماڻو ڪارمو
پياوي پيتوتو روج پوٺي،
بيهر ٻاپون ٽٺي، ڪهٽي ٻانڌيو
تپاسي لي گيو پئيج توٺي.

(مطلب: ڪوي جو سهڻو گهوڙو چوري ٿي ويو، جنهن کي روز پاڻ پيارڻ جي لاءِ کوهہ تي وٺي ويندو هو چور ڪنهن ڪريل خاندان جو هو نہ تہ شاعر جي گهوڙي جي چوري ڪرڻ جي ڪيئن همت ٿئي ها؟ چور گهوڙي کي تاڙ ۾ رکيو، موقعو ملڻ تي چوري ڪري وٺي ويو.) منڙيو





سومرا نالي ٿر جي وسندي جي رهواسي موسيقي جي ڄاڻو ۽ استاد هارون سومري هڪ ڪچهري دوران ٻڌايو تہ هن جڏهن چنديرام کي ڏٺو هو تہ هو جوان هو. هن جي شعر پڙهڻي ڇا هوندي هئي!؟ ڪامريڊ شيوڪ ميگهواڙ ان ڳالهہ جي تصديق ڪندي چيو تہ اسان جي ڳوٺ سرنگهواري ڪوي چنديرام ۽ سندس پٽ رنجيت ايندا هئا. آئون ننڍڙو هوس، پر مون کي چنديرام جي منفرد ڪچهري ياد آهي، ڪارونجهر جي سونهن ۽ عظمت متعلق چنديرام جا ڪيترائي بيت اڄ بہ وڏي واڪي ڳايا ۽ ورجايا وڃن ٿا. ڪن راين مطابق هوٿل پري جي منظوم داستان ۾ ڪجهہ پارڪري لهجي ۾ دوها چنديرام جا چيل آهن. بهرحال اهو معاملو اڃا گهڻو تحقيق طلب آهي، باقي جيستائين ڪارونجهر جو ڪر اونچو آهي، تيستائين چنديرام جي املهہ شاعري جهر جهنگ گونجندي رهندي.

هونئن بہ پهاڙي حسن هجي يا پهاڙي پس منظر واري شاعري، ٻئي انفراديت ۽ قبوليت جو اتم مقام رکن ٿا. چنديرام پنهنجي آدرشن جي چنڊ کي سون ڪتوري جيان وطن ڪارونجهر تي ڏٺو هو. هن جي اکين جي اپڪار وطن جي لاءِ هئي. هن جي دل جي ڌڙڪن ۾ هو هن جي اندر جو آرٽسٽ سڀ کان پهرين ڪارونجهر جي ڪينواس تي ڪوتا سان تصويرون ناهڻ سکيو هو. هن جي ڪوتائي تصويرن نئين ڏينهن نئون اتساهہ آڇي ڌرتي سان پيار جو وچن ورتو آهي. پر وقت جي ستم ظريفي اها آهي تہ پاري نگر جي تهذيب جي پڙاڏي ۽ ڪارونجهر جي پروهت هن وطن دوست شاعر جي ڏهري تي ڪنهن اڇي ڪڏهن ڏيئو نہ ٻاريو آهي. هن جي خاندان ۾ شاعري جي وارثي ڪندڙ مئٽرڪ پاس بيکو پاٺ روزگار جي تلاش ۾ ڀٽڪي رهيو آهي،

اذيت جو اظهار ڪري به ڪنهن سان؟ ادبي ادارن وٽي ثقافت کاتي تائين سڀ اڻ ڄاڻ ۽ لاتعلق ٻڌيل آهن.

آخري سٽن ڏي ايندي شيخ اياز جي اها سدا ملوڪ وائي جيڪا هن چنديرام جي ڪوتا مان اتساهه وٺي لکي هئي، جنهن ۾ هڪ ڪوي جو ٻي ڪوي کي ميِتا ڏيڻ جو منفرد روپ آهي ته، پارڪري پسمنظر ۾ حياتي جي هيج جو سگهارو د سنديش سمايل آهي:

گرج گرج اي گونگي ڌرتي! پرج گرج اي پتياڻي،
پرج گرج اي پتياڻي،
پيبج پني جو برسو آهي، ورهڻ رات وهاڻي،
پرج گرج اي پتياڻي،
هَر هَر هُل هلاچا تنهنجا، وَر وَر وڄ - وراڻي
پرج گرج اي پتياڻي،
ڪارونجهر م پئي پڪاري پل پل پريت پراڻي،
پج گرج اي پتياڻي،
ڏوپا ڏار نه رهڻي آهي، آءُ اُٿل ۾ پاڻي
پرج گرج اي پتياڻي،
پنهنجي اوليءَ ڪو به نه اولو سير انهيءَ جي ساڻي
پرج گرج اي پتياڻي،





صحرا جو هڪ وڏو آرٽسٽ، جنهن جي لوڪ گيت جهڙي زندگي

# ع ـ ق شيخ

جڳ مشهور ناول نويس ۽ شاعر بورس پاسترڪ پنهنجي هڪ ليکڪ ۾ لکيو آهي ته: ”جيتوڻيڪ فنڪار خود به ٻين وانگر فاني آهي، پر جيئري رهڻ جو جيڪو تجربو هو حاصل ڪري ٿو اهو لافاني آهي، پوءِ جي ايندڙ زمانن ۾ ماڻهو اهو تجربو حاصل ڪري سگهن ٿا. چو ته فنڪار جو ڪم ڪين ان ڳالهه جي اجازت ڏي ٿو ته هو سندس جيئرن ۽ ذاتي محسوسات جو ويجهڙائي کان اڀياس ڪن.

پر اسان وٽ ڪو راءِ چٽرجي[15] نه آهي جيڪو مصور پنڀاري وانگر ع ق شيخ تي سوانح حيات جو ڪتاب لکي. ڪنڍي، ڪونيٽ ۽ روهيڙي جي ڌرتي جي رهواسي ع ق شيخ جي ساري زندگي قلم ڪاغذ برش ۽ رنگ هئي، صحرا جي هن سچي مصور ۽ ارڏي قلمڪار کي پتو هو ته هن معاشري ۾ ڪهاڻي ۽ فنڀاري جي اهميت پارو ٿي پت جيتري به نه آهي“ پر هن پوءِ به سچ جي اظهار، سونهن جي پڌرائي جي لاءِ قلم ڪتاب، برش ۽ رنگ کان ڀرپور ڪم ورتو. ع ق شيخ جي ڪم جو دائرو ايترو وسيع هو جيترو ٿر جو ريگستان وسيع آهي. هن جي محنتن جي طفيل سنڌ ۾ مصوري پروان چڙهڻ جي پنڌ پئي. جديد

[15] راءِ چٽرجي: ننڍي کنڊ جو مشهور ليکڪ

سنڌي ڪهاڻي جي منفرد اڻت جي لاءِ هن پنهنجي حصي ۾ ريشمي رنگ پيش ڪيا.

ع. ق شيخ ٿرپارڪر ضلعي جي (پراڻي) تعلقي ڇاڇري (هاڻوڪي تعلقي ڏاهلي) جي ڳوٺ گبڙي ۾ 8 مارچ 1914ع تي وقت جي نامياري استاد ۽ حڪيم قادربخش شيخ جي گهر ۾ جنم ورتو. ٿر جي فطري آرٽ ننڍپڻ ۾ هن کي موهي وڌو. ڏينهون ڏينهن اکن جي نيرن ڦلين ۽ واري جي ڍڙن مان وڌو اتساهه پائي وسڪاري ۾ واريءَ جا گهرڙا جوڙڻ کان وٺي پٽي تي مور چٽڻ تائين اندر جو آرٽس اڳتي قدم اپري رهيو هو پر ڪنهن کي پروڙ ڪا نه پئي ته قادر بخش شيخ جو ننڍڙو پٽ اڄ جو عبدالله سنڌ جي تاريخ جو مهان مصور، سگهارو افسانه نويس سياڻي جو ع ق شيخ ٿيندو. هن جي ابتدائي تربيت سندس والد محترم قادر بخش ڪئي. پوءِ مختلف مرحلن ۽ حالتن سان هٿ جوڙ ڪندي ٽنڊي سومري، ٽنڊي الهيار، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي اسڪول مان انگريزي درجا پاس ڪيا. انهي دوران هن ڊرائنگ جو امتحان به ڏنو جڏهن اڳتي ريگيولر تعليم جاري رکي نه سگهيو ته هن خانگي طور تعليم جو سلسلو برقرار رکيو ايم اي، ايل ايل بي، ڊي ٽي سي، ڊي ايم، لائبريري سائنس ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ڊپلوما جا امتحان ڏنا. شروعاتي ڏينهن ۾ ڪجهه وقت هن زراعت کاتي ۾ نوڪري ڪئي پوءِ جلد هن تعليم کاتي ۾ ڊرائنگ ٽيچر طور ڪم شروع ڪيو پر هن جي اندر جو بي چين آرٽسٽ اڃان اُتاولو هو. مصوري کي سمجهائڻ کان وڌيڪ هن اڃان سمجهڻ تي چاهيو مٽي جي پروهت ڪاپڙين سان روح جو رشتو جوڙڻ جي جستجو ڪري رهيو هو:

اي هوا ان سنک جي آواز تي هلندي ره
ڪٿي ته نئين بسنت جا پانڌيئڙا ترسندا





آنڌ مانڌ جي ماندڻ سان ميرپورخاص ۾ ڊرائنگ ٽيچر جي نوڪري ڪرڻ دوران ننڍي کنڊ جي نامور اداري ”سر جي اسڪول آف آرٽ“ ۾ تربيت حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو ويو. اهو عرصو سال 39ـ 1938ع جو هو. هڪ سال جي تربيت ممبئي مان وٺي واپس موٽي آيو. پرچترڪاري چٽ کي ويرا وير چوري ڇڏيو هو. وري ممبئي جي ”اسڪول آف آرٽ“ جو شاگرد ٿيڻ جو چارئي پهر سوچيندو رهيو. جنون جي حد تائين انهي سوچ ويچار ۾ 1942ع ۾ هتين خالي ميرپورخاص کان ممبئي هليو ويو. اتي وڏي جاکوڙ ڪري ”اسڪول آف آرٽ“ ممبئي ۾ ٻيهر داخلا ورتائين. ممبئي ۾ رهڻ دوران اسڪول وقت کان پوءِ شام جو خانگي ڪم ڪار ڪندو رهيو. محنت مزدوري ڪرڻ جو سياءِ هڪ ٽريو هجڻ جي ڪري ڪيس ورثي ۾ مليو هو. انهي سان پوري ريت نڀاهه ڪري گذر سفر ۽ اسڪول جي في جو بندوبست ڪيائين. اهري طرح ڏک سک جي حالت ۾ ڏيڍ سال پڙهندو رهيو. مقدر جا پنهنجا لکيا آهن. هن جي ايڏي محنت باوجود فني تعليم پوري ڪرڻ جو خواب ساپيان ماڻي نه سگهيو. والد صاحب جي بيماري جي سماچارن هيڻو ڪري ڇڏيو. ع ق شيخ پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي جيئري پنهنجي جانب پيءُ جي سار لهڻ جي لاءِ موٽي آيو. پنهنجي لائق پٽ کي ڏسي ع ق شيخ جو والد ڏاڍو سرهو ٿيو. ڪيس بيماري پٽ جي وڇوڙي جي هئي، قادر بخش شيخ پنهنجي پٽ کان واعدو ورتو ته هاڻي هن کي ڇڏي نه ويندو. پنهنجي والد صاحب سان اهڙن قول قرارن تي ع ق شيخ هتي رهي پيو. ٻيهر ڪوشش ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميرپورخاص ۾ ڊرائنگ ٽيچر واري نوڪري ورتائين. ميرپورخاص ۾ آرٽ جي لاءِ وڏو اتساهه پيدا ڪيائين، پر اتي گهڻو وقت نه رهيو.

ڪجھ عرصي اندر سندس بدلي ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ ٿي، جتي شروع ۾ ڪاليج ۾ رهيو پر پوءِ ڪيس ڊرائنگ ٽيچرس ڪلاس ۽ ميوزم جو انچارج مقرر ڪيو ويو جتي 25 سال پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. ملازمت دوران سنڌ تعليم کاتي طرفان ڪيس 1960ع ۾ ويسٽ آف انگلينڊ اڪيڊمي آف آرٽس برسٽل يونيورسٽي برسٽل ۾ آرٽ جي وڌيڪ سکيا وٺڻ جي لاءِ انگلينڊ موڪليو ويو انهي موقعي سان هِن جي پراڻي تمنا پيهر ڪر کنيو بمبئي ۾ هن برصغير جي آرٽ جي تاريخ تي توجهه ڏنو هو. انگلينڊ ۾ اولهه جو آرٽ پوري ريت سمجهيو. مانيٽ، ليونارڊو ڊاونچي وان گوگ، رينوا، مائيڪل اينجليو بروگيل، ٽرنر، تلوس لوترڪ، ڪارا واگاگيو. ڊيگاس، روسو گوگن، پڪاسو ٿاگال، پال گوگين، گويا، ريمبران سيزان تائين ڪيترن ئي آرٽسٽن جو اڀياس ڪيو.

علمي ۽ عملي زندگي ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، غلام محمد گرامي، مراد علي مرزا، سائين محمد ابراهيم جويو الياس عشقي، گل محمد ڪتري ۽ شيخ اياز جي قافلي جو ڪارڪن هو. ”ڪلجڳ جي ڪاپڙين“ کان هن جيڪو ڪجهه پاتو اهو پنهنجن شاگردن ۾ ساٿين ۾ ورهائي ڇڏيو. علم، ادب ۽ آرٽ جو سدائين ڪنهن سخي سمات وانگر ”لاک پساهه“ ڪندو هو. ظفر ڪاظمي، اڪبر سومرو، فتاح هاليپوٽو جهڙا آرٽس سندس رهاڻ مان رچي ريٽا ٿيا. سنڌي ادبي بورڊ، سنڌيالاڄي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي اڪثر ڪتابن جا ٽائيٽل ع.ق شيخ ٺاهيا.

ع. ق . شيخ بهترين ڪهاڻيڪار هو هن جون ڪيترين ئي ڪهاڻيون مشهور ۽ مقبول ٿيون خاص طور ”حيدرآباد“، ”گلو باشا“،





”نازو“ آهن ”حيدرآباد“ ڪهاڻي ورهاڱي کان پوءِ وارين حالتن بابت لکيل آهي. جيڪا سنڌي ٻولي جي ڪجهه اهم ڪهاڻين منجهان آهي. ع.ق شيخ ريڊيو جي لاءِ گيتن پريون ڪهاڻيون ٻه لکيون، جيڪي ”ڪيهه ڪٿوري“ ڪتاب ۾ شامل آهن.

ع ق شيخ ڪي سنڌ جي روشن خيال اديبن سان محمد ابراهيم جويي ملايو پوءِ هي پنهنجي پوري زندگي ترقي پسند ادب ۽ آرٽ جي نظرئي تي اٽل رهيو ع ق شيخ محمد ابراهيم جويي سان گڏجي سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. سوسائٽي پاران 10 فيبروري 1975ع ۾ شيخ اياز جو هڪ ڪتاب ڇپرايو ويو. جنهن ۾ پبلشر وارو نوٽ ع ق شيخ لکيو هو. شيخ اياز هن جي پسند جي شاعرن منجهان هو شيخ اياز ڪي پڙهندي هُن جي هڪ غزل جي بند تي اچي بيهي ويندو هو ته:

آئون سورج مکي، ڏينهن منهنجو ڏکي
تون ته اپرين نٿو اک ڇا تي کڄي

ع. ق . شيخ جي اميدن جو سج ڪٿي رهيو؟ اهو ڪڏهن اڀريو يا نه؟ هن راز جي ڪهاڻي پنهنجي ريت ۾ لڪل رهي. ع ق شيخ زندگي جا آخري ڏهاڙا ڏاڍا اڪيلائي ۾ گذاريا.

مان ديس ۾ پرديسي، مان ساٿ سان بي ساٿي

اي دوست نه پڇ، منهنجي وقت اڪيلائي هن ساز ۾ او سائين، سو گيت هيا ليڪن

ڪٿ ان جا ٻڌڻ وارا؟ ڇا تي وڄي شهنائي

انهن ڏکن، ڏاکڙن، المين، اڪيلائين ۽ اداسين باوجود گذڙي جي ڇيڪي مٽي تي جنم وٺندڙ هن آرٽسٽ ۽ اديب پنهنجي پوري

زندگي ”لوڪ گيت“ وانگر گذاري. زندگي جي پوئين ڏهاڪي ۾ هن کي ٿر گهڻو ياد ايندو هو ريگستان ۾ ”اڪ مڪڙ“ سان ڪيڏندڙ معصوم ٻار جي تمنا وانگر هن ٻيهر ٿر موٽڻ تي چاهيو پر موٽي نہ سگهيو. 15 آگسٽ 1991ع تي سنڌ جو هي سپاجهو آرٽسٽ ۽ اديب لاڏاڻو ڪري ويو. ٿر ڇڏائي جي انهن سٽن سان رنو:

پاسا پولڙين، ٻانهون سر ٻيئي
اکيون نڪ اريج ري ٿمايم ٿيئي
ڏور ٿيا ڏيهي، پرين پائر وٽ ۾.

ع. ق. شيخ طبيعت جو نهٺو نماڻو هو. هن پنهنجي هٿن سان ڪڏهن ڪنهن کي نہ ڏڪويو. لفظ ڳالهائيندو هو يا ماکي جا ڦڙا، هن جي ٻولي شفقت ۽ مناس سان ڀرپور هوندي هئي. آرٽ ۽ ادب تي هن جون ڪيترين ئي ڳالهيون سندس شاگردن ۽ ساٿين کي اڄ بہ ياد آهن. ع ق شيخ وٽ وڏي لائبريري هئي، وڏو وقت مطالعي ۾ گذاريندو هو. تاريخ جو بہ وڏو چاڻو هو، هن ”تاريخ اسلام“ ۽ ”تاريخ اندلس“ جهڙيون ناياب تحريرون پڙهي ڏنيون. پڙهڻ جي معاملي ۾ فرانز ڪافڪا جو قول ورجائيندو هو تہ: ”جيڪو ڪتاب توهانجي ذهن کي هٿوڙو هڻي سوچڻ تي مجبور نہ ڪري اهو ڪتاب نہ پڙهہ.“

ڪاش ڪوئي ع. ق شيخ جي ڪتابن کي ميڙي گڏ ڪري جي قديم مندر وٽ ع. ق. شيخ لائبريري جوڙائي تہ جيئن ٿر جي سادن ماروئڙن کي عالمي پد جو انسان دوست مواد پڙهڻ جي لاءِ ملي. ڇاڇري ۾ ع. ق. شيخ جي نالي سان آرٽ ڪاليج قائم ڪرائي، تہ جيئن ٿر مان آرٽ جو صلاحيتون نکري نروار ٿين. مٺي ۾ ع ق. شيخ جي تصويرن جي نمائش ڪرائي، تہ جيئن ع. ق . شيخ جي ڪم جو





تسلسل پٽن مان ٻيهر جڙي پوي.

جديد سنڌي شاعري جي وڏي نانءُ شيخ اياز ع ق شيخ جي مهانتا کي محسوس ڪندي پنهنجي ڪوتا جو ڪتاب ”واٽون ڦلن ڇانئيون“ جي ارپنا ع ق شيخ جي نالي ڪندي لکيو آهي تہ:

شال سياڻي جهول ڀري
جي بہ لُري ۾ لوچي ويا،
تن کي ڪوئي ياد ڪري!

ٿر جو عظيم استاد

# سچل جنجهي

جنهن اسڪول جي لاءِ پنهنجي سروي ٻني ڏيئي ڇڏي

سائين سچل جنجهي جهڙن ڪردار تي ڇا لکجي!؟ لطيف سائين "مون سي ڏٺا ماءِ.." وارو بيت انهي ڪيفيت واري رمز ۾ چيو هو. اهڙا ڪردار زبان ۽ بيان، تحرير ۽ تقرير کان اعليٰ هوندا آهن، پر پوءِ بہ اسان جهڙن عام انسانن جي دل انهن جي عظمتن جي احترام ۾ سر جهڪائي ڪوماٽيل لفظن جي پيتا ڏيڻ جي ڪوشس ڪندي رهندي آهي، انهي لفظي پيتا جي لغوي معنيٰ ونڻ جي بدران پنهنجائپ سچائي ۽ خلوص واري جذبي کي ڏسجي نہ تہ اهڙي ڪردارن جي شان ۾ گستاخي ٿي پوندي، ننڍڙن ليڪارين جا سادا سودا لفظ انهن ڪردارن کي واضع نہ ڪري سگهندا آهن. ان ڪري انهي پروفائيل کي پڙهڻ مهل پڻ انهي پس منظر کي سامهون رکيو وڃي.

جديد سنڌي شاعري جي وڏي نانءُ شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: "هن دنيا ۾ انسان ٽن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا اهي جن جو مقصد پنهنجي لاءِ رڳو جيئڻ هوندو آهي، ٻيا اهي جن جو مقصد پنهنجي جيئڻ سان گڏ ٻين جي لاءِ بہ سوچڻ هوندو آهي ۽ ٽيان هن پوري ڪائنات سان وحدت الوجود واري ڪيفيت محسوس ڪندا آهن.





سائين سچل جنجهي ۾ پوئين ٻنهي انسانن واريون خاصيتون هيون، هن جو جنم پاري نگر جي دور ڪان وٺي ٿر جي صوفين ۽ ساڌوئن جي دعائن جو ڦل هو. سچل نالي هجڻ جي ڪري سرمستي جا رنگ هن جي وجود ۾ شامل هئا، هن جي ڳڻن جا شاهد ٿر جا هڙيئي گام ۽ گس گهيڙ آهن، ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر پرڏان هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: اهڙو ڪو بہ ٿري ماڻهو نہ هوندو جيڪو ائين چوي تہ مون کي ٿورو يا گهڻو سائين سچل کان فيض حاصل نہ ٿيو. ؟سائين سچل فيض جو پنڌار هو، لطيف سائين جي لفظن ۾ تہ:

وڏي وٽ هٿام، پاروچا پنيور ۾ (شاهہ)

سائين سچل تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ "جنجهي" جنهن کي ٿري لهجي ۾ "جنجهيان رو ٽڙهو" (جنجهي جو ٽڙا) چئجي ٿو. ڳوٺ "جنجهي" ۾ 1928ع واري سائين سچل جنم ورتو سندس پيءُ جو نالو الهڏنو جنجهي هو. سچل جنجهي هڪڙي وقت آدرشي استاد، آدرشي پيءُ، سماجي ورڪر، طبقاتي نظام خلاف وڙهندڙ صوفي لاڪوفي سڀ ۾ پرين پسڻ وارو، ادب جو خدمتگار ۽ لطيف جو پارکو هو مختصر لفظن ۾ هن جو ڪردار ڪبير جي انهي دوهي تي عمل پيرا هو تہ:

پريتم ايسي پريت ڪرو، جيسي ورڪ ڪرين،
آپ جلاون سر ڏوپ ۾، اوران دا چانو ڪرين!

(پريتم اهڙي پريت ڪر جهڙي وڻ ڪن ٿا، پنهنجو پاڻ ڪاڙهي ۾ جلائي ٻين کي سدائين ڇانءُ ڏين ٿا.)

سچل سائين جي هر پورهئي ۽ پنڌ ۾ امان مينهن ٻائي جو ڪردار اهم رهيو آهي، سچل سائين 1944ع ڌاري مينهن ٻائي سان شادي ڪئي، مينهن ٻائي کي سچل پاڻ گهر ۾ پڙهائي، سچي ٿر مان

ڦهريون ڀيرو سچل پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي فائنل جو امتحان پاس ڪرايو امان مينهن ٻائي کي ماستري وٺي ڏني، پاڻ بہ پرائمري ماستر هو. هن پنهنجي گهر واري سان گڏجي، لاڙڪاڻي واسي سرلاديو ۽ شيام وانگر پنهنجي ڳوٺ ۾ وڏيا آشرم جهڙو اسڪول کوليو جيڪو اڄ بہ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۽ زنانہ پرائمري اسڪول جي صورت ۾ موجود آهي، هن اسڪول ۾ روايتي نصاب سان گڏ .خادم الدينا" جو درس ڏيندا هئا، اجوڪي ٿر جي چوٽنرن ۾ ڦهليل فڪر جي فانوس جي سهائيءَ ۾ انهي آشرم جهڙي اسڪول جو وڏي ۾ وڏي ڪردار آهي. سائين سچل 1960ع ۾ انهي "درسگاهہ" ۾ انگلش ڪلاس جو بنياد رکيو 1962ع ۾ ڏاري مڊل اسڪول جو درجو ڏياريو 1979ع ۾ ڏاري هاءِ اسڪول منظور ڪرايو. ڇاڇري ڪان وٺي ننگرپارڪر تائين سموري علائقي ۾ ڪو بہ اسڪول نہ هوندو هو سائين ٻارڙن کي شفيق پيءُ وانگر سمجهائي وٺي ايندو هو ماڻٽن کي پڙهائي لاءِ اتساهيندو هو ٻارڙن جي رهائش ڪان وٺي ماني تائين بندوبست ڪري ڏيندو هو 30 ڪان 40 ٻار سدائين پاڻ وٽ رهيل هوندا هئا، ڪجهہ ٻار پنهنجن عزيزن وٽ رهائيندو هو. جس آهي انهن ڳوٺاڻن کي بہ جن سائين سچل جي چوڻ تي سدائين ٻارن کي رهايو جهالت خلاف جدوجهد ۾ انهن جا نالا بہ نمودار ٿيڻ گهرجن.

سچل جي گهر واري هڪ پير سان اپاهج هئي پر پوءِ بہ ٻارڙن (شاگردن) جي سار سنڀال ۾ ڪين گهٽايو سچل هڪ پيءُ وانگر ۽ امان مينهن ٻائي ماءُ وانگر پيش ايندي هئي، 200 فوٽن واري کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ سچل پاڻ گوسيو يا ڪيليو ٿيندو هو ۽ پنهنجن ڪلهن تي پاڻي ڪڻي ٻارڙن کي پهچائيندو هو. سچل وٽ رهندڙ شاگردن ۾ هر





ذات جو شامل هوندو هو سچل ۽ سندس گهر واري ذات پات جي زنجيرن کي ٽوڙڻ ۾ مت ڀيد کي پور پور ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا رهيا، مسڪين جهان خان کوسي جيان مسڪين ماڻهن جي لاءِ سائين سچل ۽ امان مينهن ٻائي اوتار هئا. مسڪين جهان خان، سائين سچل ۽ امان مينهن ٻائيءَ جي ڪرت ۽ ڪردار تي ٿر جي ليکڪ محمد خان سميجي هڪ بهترين ناول "رت ريجالا سپرين" لکيو آهي، مئڪسم گورڪي جو ماءُ ناول پڙهندي سائين سچل ۽ مينهن ٻائي جو ڪردار اکين اڳيان تري ايندو آهي.

سچل سائين کي بہ پٽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. ڪيس ڦهريون پٽ 1946ع ۾ ڄائو جنهن جو نالو چام ساقي رکيو ويو. جيڪو ڪميونسٽ تحريڪ جو هيرو ۽ شاگرد سياست جو چنڊ ثابت ٿيو ادي مارئي، امان مينهن ٻائيءَ وانگر استاد جو پيشو چونڊيو ٻيو پٽ سلطان جيڪو روس مان ميڊيڪل جي ڊگري پاس ڪري ٿر زندگي جو مسيحا بڻجي آيو. سائين جو نہ صرف اولاد سڌريو پر راڄ ڀاڳ جا هزارين ماڻهو سائين سچل جي طفيل مڇي (مڻيادار) ٿيا. ٿر سنڌي صحافت ۾ عثمان ڏيپلائي ڪان پوءِ سهيل سانگي جو وڏو نالو پيدا ڪيو آهي، سهيل سانگي رشتي ۾ سچل جو ڀائيٽو ٿئي ٿو. سهيل جي ڪاميابي ۾ سچل سائين جي تربيت جو اهم حصو شامل آهي.

سچل سائين ٿر جي ڀٽن ۾ روشني آڻڻ جي پنڌ ۾ وڏي پيڙا ڀوڳي، ڪيترائي الزام ۽ آڪڙون برداشت ڪيون. هن جڏهن "وديا آشرم" کي هاءِ اسڪول منظور ڪرايو تہ ڳوٺ وارن (معذرت سان سچ چوڻو ٿو پوي) انهي اسڪول جي لاءِ پڊ (پلاٽ) ڏيڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو پر سچل سائين پنهنجي همت نہ هاري پنهنجي سروي ٻني

اسڪول جي لاءِ لکي ڏني، جتي اسڪول جي بلڊنگ ٺهرائڻ سان گڏ هاسٽل به جوڙيائي تيار ڪرائي. پنهنجي آشرم ۾ سائين ننڍڙا ڊراما، ناٽڪ ۽ تقريري مقابلا ڪرائي تعليمي ۽ سماجي شعور آڻڻ لاءِ به جاکوڙيندو رهيو.

ٿر جو ماحول جتي پٽيل ڪلچر جون پاڙون پاتار تائين ڪتل آهن، تن ۾ تمام ٿورا پٽيل ۽ وڏيرا انسانيت جا حامي، مت پيڊ کان آجا ۽ با اخلاق راڄن جا رکوالا آهن. پر اڪثر پرماريت جا پرچارڪ، انسانن ۾ ويڇا وڌائيندڙ، علم ۽ امن جا وڏا ويري آهن جن کان سچل جو هي عوامي خدمت جو ڪم برداشت نہ ٿيندو هو پر هر ماڻهو کي پنهنجي فطرت مليل آهي، سو ڪوشش باوجود انسان پنهنجي متي ۽ من جي فطرت کي تبديل نہ ڪري سگهيو آهي، سچل پنهنجي فطرت ۾ رڌل رهيو. پرماريت جي پوڄاري پٽيلن ۽ وڏيرن جي تنگ ڪيل، پيڙهيل ۽ عام انسان جو پرجهلو ٿي بيهندو هو ڪامريڊ وڪيلن جون خدمتون وٺي مفت ڪيس لڙندو هو ڪن ڪن ماڻهن کي ڪورٽ تائين پهچڻ جو ڪرايو بہ کيسي مان ڏيندو هو. ٿر جي ٻهراڙين ۾ ان وقت ڪو بہ ڊاڪٽر نہ هو سچل مريضن کي ٽپاسڻ ۽ عام بيمارين جي علاج جي ڊاڪٽر ڪيشو لال ڇاڇري واسي کان تربيت وٺي ڳوٺن ۾ پيادل وڃي علاج ڪندو هو.

سچل سائين ڄام ساقي جي تربيت تي وڏي توجھ ڏني، ڄام جي ڇاڇري اچي رهيو. ست سال ڇاڇري ۾ رهي ڄام کي مئٽرڪ ڪرائي پوءِ واپس ڳوٺ ويو. انهي وقت ۾ هن پنهنجي وڌيا آشرم ۽ سماجي خدمت جي الفت ۾ ڪمي نہ آندي. ڳوٺ ڏي مهيني ۾ بہ دفعا ضرور ڦيرو ڏيندو هو ڄام ساقي جي سياست جي ڪري سچل تي بہ





وڏيون سختيون ٿيون. نوڪري واري پيشي ۾ دربدريون مليون پر هي مانجهي مڙس ڪڏهن هيٺو هڻ ٿي نہ ويٺو. ڪڏهن بہ سرڪار کي واپس بدلي واري عرض پري درخواست نہ ڏانائين.

ڄام ساقي 1962ع کان وٺي 1986ع تائين مختلف وقتن تي 25 سال ترم ياترائون ۽ روپوشيون سٺيون، لاهور جي قلعي کان وٺي مڇ جيل تائين هر قيد ۾ پنهنجي جدوجهد سان ثابت قدم رهيو. سچل انهي عرصي ۾ هڪ اڏول ۽ آدرشي پيءُ وارو ڪردار ادا ڪيو. جيلن جي سختي سان جڏهن ڄام کي ڪير جهڪائي نہ سگهيو تہ پوءِ لالچن تي هرڪائڻ شروع ڪيو ويو. پر مارئي جي پڪار جي ٻي جنم امان مينهن ٻائي جي ٽڄ پيتل پٽ پنهنجي ماءُ جي ڪير کي نہ ڪاريو. سچل جي سکيا ۾ مليل روپلي ڪولهي جو ڪردار ڄام کي ياد هو. انهي جو تسلسل قائم رکندي ڄام چيو تہ ڪمشنر جي پوسٽ کان وٺي وزارت تائين عهدن تي هرڪجڻ جي لاءِ ٻيو ڪو ماڻهو ڳوليو مون. "ايءَ نہ مارن ريت جو سيڻ مٽائين سون تي" جو سبق سُتي ۾ ورتو آهي. ڄام کي ترم ياترا دوران ملڪي توڙي پرڏيهي ميڊيا ضمير جو قيدي سڏيو. 1986ع ۾ ڄام جڏهن آزاد ٿي آيو. تڏهن هڪ اهڙو استقبال ٿيو. جنهن جو ملڪي تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي، سچل سائين جون انهي استقبال تي اکيون ٺري پيون. هن کي پنهنجي پٽ جي انهي تحريڪ ۽ جدوجهد تي فخر ٿيندو هو. 1970ع ۾ ڄام ساقي ٿر ۾ ننگرپارڪر ڇاڇرو واري حلقي مان صوبائي سيٽ تي آزاد اميدوار طور بيٺو. هن جي ورڪ ۾ سائين سچل جنجهي سان گڏ مسڪين جهان خان کوسو بہ نڪتو. پنهون مل هميراڻي کان وٺي عالم چند ڪولهي تائين انسانيت ۽ انصاف جي قائل، سماجي ورڪرن ۽ سياستدانن بہ حصو ورتو.

1986ع ۾ جام ساقي جي ترم ياترا دوران مخالفن جام ساقي کي ڦاهي ڏئي ڇڏڻ جي پروپيگنڊا عام ڪئي ويئي، جنهن جو پڙاڏو جڏهن جنجهي جي سيمر ۾ پهتو ته انهي کي ٻڌندي جام جي گهر واري سڪان ٻائي "پڇاڻان پرين ڏجي باهه پنهور کي" واري ڪيفيت ۾ اچي کوهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي. امان سڪان کي ساري مون کي منهنجي امڙ ياد ايندي آهي. امان سڪان هڪ ناول جو موضوع آهي. ٿري عورتون پنهنجي ورن تان ڪيئن قربان ٿينديون آهن.

امان سڪان جي وڇوڙي سان سچل ۽ امان مينهن ٻائي تي تمام گهڻو ڏکيو وقت اچي ويو. سڪان جو وڇوڙو، جام جيل ۾ بند، سلطان به اعليٰ تعليم جي ڊگري لاءِ ماسڪو ۾ رهندڙ هو. جام جا ٻه ٻار سجاد ظهير ۽ بختاور ننڍڙا هئا. جن کي ماءُ جي پيار جي هڪ پل به ڪمي پيدا نه ٿيڻ ڏيڻي هئي. اهو ڪيڏو ڏکيو وقت هو. جيڪو سچل تي گذريو.

سچل پنهنجي حياتي ۾ نه صرف پنهنجي پٽ جي جيل ياترا ڏٺي ۽ پنهنجي ننهن سڪان جو وڇوڙو سٺو پر پنهنجي پوٽي سجاد ظهير جي اغوا جهڙو واقعو به اکين سان پسيو. پر سائين جي حوصلي جي بلندي ته ڇا هئي؟! سجاد کي ڌاڙيلن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ پاڻ ٻيلي ۾ ڪاهي پيو هو.

31 ڊسمبر 1991ع ۾ 63 سالن جي ڄمار ۾ سچل سائين حيدرآباد ۾ وفات ڪري ويو. ٿري ماڻهن جي اندر جي آرزو هئي ته سائين کي ڳوٺ جنجهي ۾ "وديا آشرم" جي اڱڻ ۾ ملير جي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو وڃي پر سائين سچل کي حيدرآباد جي مٽي نصيب ٿي. اسان جي سنڌي سماج ۾ بي حسي جي بارش جو وسڪارو ڏينهون





ڏينهن تيز ٿي رهيو آهي، سچل جي پورهئي ۽ پنڌ جي مڃتا جي لاءِ ڪو ڏينهن ڏهاڙو ملهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي به هڪ پل جي لاءِ ويچار نٿو اچي. سچل سائين لطيف سائين جو وڏو پارکو هو. هو هيڻن جو همراهه ٿي لطيف سائين جي شاعري ذريعي ڪين اتساهه ڏيندو هو. سچل جي سار جي سڳنڌ سماج جي مجموعي رويي ڪان مٽيري ٿي لطيف جي انهن سٽن ۾ اپري ٿي اچي:

مرڻ اڳي جي مئا، مري ٿيا نه مات،
هوندا سي حيات، مرڻ تنين مهڻو

پيتا جي پروفائيل جي آخري سيٽن ڏي ايندي شيخ اياز جون سٽون ڪاغذ تي اتاريان ٿو جن ۾ اهڙن ڪردارن جي لاءِ مڃتا ڀرپور انداز ۾ پيش ڪيل آهي.

هو بادل بادل آيا ها، جن جَل ٿَل ڀال ڀَلايا ها!
اي ڪيت ڪِڙو او شال ٽڙو! هو پنهنجا مينهن وسائي ويا.
هو پيار پتنگا ڪامي ويا، ۽ ڪيڏو دور اڏامي ويا!
پر تنهنجي منهنجي ڏيئي ۾، هو پنهنجي جوت سمائي ويا!

# ڊاڪٽر هرچند راءِ

## جنهن کي ثقافتي خدمتن تي صدارتي ايوارڊ مليو

هو انهن انگ ڏڙنگ انسانن مان هو جن پنهنجي پورهئي جي پگهر ۽ غير معمولي ذهانت سان انساني تاريخ کي نوان موڙ ڏنا آهن. جڏهن ٿر ۾ ثقافتي رنگ روپ ۽ سائنسي سوچ جي سنگم سان انساني سونهن جاڳرتا جي جلوي ۾ جرڪندي، جڏهن ملير جي مٽي تي عام ماڻهو معاشي طور مضبوط ٿي جوڀن رُت ۾ گل جيان ٽڙندو، تڏهن هن شخص کي ضرور ياد ڪيو ويندو.

ٿر ۾ انساني سگهه، حوصلي، بي پناهه قوت ۽ پختي ارادي جي علامت رهندڙ ڊاڪٽر هرچندراءِ هڪ ئي وقت مسيحا، سماجي اڳواڻ، سياستدان ۽ محقق هجڻ سان گڏ ثقافتي رنگن روپن جو رکوالو هو. هن جي گهڻ رخي شخصيت هڪ اداري، هڪ تحريڪ، هڪ جدوجهد جو نالو آهي. هن شخص نہ صرف ڇاڇري کان عمرڪوٽ ۽ عمرڪوٽ کان مٺي ڏانهن پنڌ ڪيو هو. پر سانگهڙ کان ننگرپارڪر تائين پوري خطي جون واهڻ وستيون، ڍنڍون، ڍورا، مڙها ۽ ڏهر پنهنجي پيرن هيٺ لتاڙيا هئا. هن زندگي ۾ ڏک ڏولاوا ڏسي بيمار انسانن جو علاج ڪيو هو. سخت پورهيو ڪري هيٺن کي حوصلو ڏنو هو. رڃن ۾ رابيل پوکي وطن جا ويڙها وسايا هئا. هن مارو ماڻهن جي ويڙهن ۽ جهوپڙن کي قلعن، ڪوٽن ۽ محلن کان مٿانهون پيش ڪيو هو. هن جي





اندر جي تمنا هئي تہ مارو ماڻهو عزت ۽ آبرو سان ثقافتي رنگ روپ ميڙي برن ۾ بازارون قائم ڪن. هن تهذيب ۽ تاريخ جي ٽٽل سلسلن کي جوڙڻ جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ ميوزم جو بنياد رکيو. هن سياست ۾ عام ماڻهو جي داخلا جي لاءِ ڏاڍ جا ڏونگر ڪٽڻ جي لاءِ گهاڙو گهڙيو. هن عام ماڻهو جي زبان تان پهرو لاهڻ جي لاءِ پتوڙيو. قلم جي آزادي جي لاءِ جستجو ڪئي.

هن تعليم جي تير سان ظالم وڏيرن جي وجود کي پروڻ ڪرڻ جي لاءِ مسڪين شاگردن جي پڙهائي ۾ هڙان وڙان مدد ڪئي. هن وٽ راشد مورائي جي نظم ”اچو نئون سماج ڪو، نئون جهان جوڙجي!“ جهڙو نعرو هو. ٿر جي پٽن ۾ هن جو روح ڪڏهن اداس نہ ٿيو. هن جي اکين ۾ سدائين پختن ارادن جون ريکائون نمايان هونديون هيون.

ڊاڪٽر هرچندراءِ جا وڏا گڏڙي ۾ بہ رهيا. ڊاڪٽر صاحب جو ڏاڏو ڏنجي مل پنهنجي دور ۾ راڄ ڀاڳ جو وڏو رکوالو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جو جنم تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ ڪيتا ۾ سندس مامي هرناٿ جي گهر 15 سيپٽمبر 1915ع ڌاري ٿيو. ڊاڪٽر هرچند جو والد صاحب سائين گرڌاري لال پنهنجي دور جو مهان استاد هو. هن پنهنجي پٽ کي پرائمري جي تعليم نيو ڇور مان مڪمل ڪرائڻ کان پوءِ فائينل پاس ڪرائي استاد طور ڏسڻ ٿي چاهيو پر عمرڪوٽ ۾ رهندڙ هالاڻي جي رهاڪو ڊاڪٽر جندارام عيدناڻي سائين گرڌاري لال جي سوچ ۾ ڦيرو آندو. سائين گرڌاري لال کي آماده ڪيو تہ ”هو پنهنجي پٽن کي ڊاڪٽري پڙهائي جيئن هتان جي غريب مريضن جي مدد ٿي سگهي.“ ڊاڪٽر جندارام جي چوڻ تي سائين گرڌاري لال هرچند راءِ کي ”سنسڪرت وڌيا شالا“ ۾ انگريزي پڙهڻ جي لاءِ داخل

ڪرايو. 1934ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ڪرڻ ڪان پوءِ 1940ع ۾ هن بمبئي جي فزيشن اينڊ سرجن ڪاليج مان ايل سي پي ۽ ايس جي ڊگري حاصل ڪري هن خزان جي موسم ۾ ميڊيڪل آفيسر بطور ”اينٽي مليريا“ پنهنجون خدمتون شروع ڪيون. فيبروري 1941ع ڪان عمرڪوٽ ۾ پرائيويٽ مشق لاءِ به وقت مخصوص ڪيو. انهي زماني ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ جي پياءُ ڊاڪٽر ڪيت به ايل سي پي ڪري اسلام ڪوٽ ۾ پرائيويٽ پريڪٽس شروع ڪئي هئي.

ڊاڪٽر هرچند راءِ جو مسيحائي پيشي ۾ ڊاڪٽر جندارام ”آئيڊيل“ هوندو هو. سائين گرڌاري لال جڏهن عمرڪوٽ ۾ هيڊماستر هو. تڏهن ڊاڪٽر جندارام ڪي مريض ڏيکارڻ جي لاءِ ماڻهو سائين گرڌاري وٽ ايندا هئا يا بزرگ جڳو مل ڪي چوندا هئا. ڊاڪٽر مريض ڏسي دوائون لکي ڏيندو هو. مريض جا عزيز ڊاڪٽر ڪي چوندا هئا ته سائين شام جو ٻيهر مريض ڏيکارڻ جي لاءِ وٺڻ اچون. ورندي ۾ چوندو هو ته نه ضرورت ڪونهي، پر پاڻ پنهنجي ليکي شام جو پهچي ويندو هو. مريض نهاريندو هو. مريض جو عزيز في جي آڇ ڪندو هو ته جواب ڏيئي چوندو هو ته توهان مون ڪي وٺڻ ٿورو ئي آيا هئا. آئون هيڊماستر سائين گرڌاري لال وٽ ويس پئي، سوچيم مريض ڪي نهاريندو وڃان.

ڊاڪٽر هرچند راءِ ڊاڪٽر جندارام جيان مريض ڪي تپاسي ڪڏهن در تي بيهي في نه گهري. نه ڪڏهن علاج پوري ٿيڻ ڪان پوءِ بل مريض ڪي ڏنو. بل ڏيڻ ڪي به گهرڻ جو هڪ نمونو سمجهندو هو.

ميرپورخاص جو مشهور مسيحا ڊاڪٽر ڊرائگو ڊاڪٽر هرچند راءِ جو بمبئي ڪاليج ۾ ڪلاسي هو. ويجهي دوست هئڻ ناتي ٻنهي





هڪ ٻي سان نڀايو. ڊاڪٽر ڊرئگي ۽ ڊاڪٽر هرچند راءِ گڏجي ملڪ جي آزادي وقت لڏپلاڻ ڪري ايندڙ قافلن ۾ بيمار ۽ زخمي ماڻهن جو کوکراپار، ميرپورخاص سميت مختلف هنڌن تي ڪئمپون قائم ڪري هجرت علاج ڪيو.

ڊسمبر 1948ع ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ تعلقہ اسپتال عمرڪوٽ ۾ ميڊيڪل آفيسر طور جوائن ڪيو. مختلف وقتن تي سانگهڙ، سامارو سڪرنڊ ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ نوڪري ڪئي. سرڪاري نوڪري دوران ڊاڪٽر صاحب صبح اسپتال ۾ اچي ويهندو هو رات دير تائين مريض پيو ڏسندو هو. ميڊيڪو ليگل ڪيسن جا ڏکيل ڏسي ڏک ڦٽ نوٽ ڪري اسپتال ۾ داخل ڪرائي علاج ڪرائيندو هو. عمرڪوٽ ۾ پوسٽ مارٽم جون رپورٽون ڻاهيندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن ڇاڇري مان تار ايندي هئي ته لاش اڳتي ڪٽڻ جيان نه آهي، هتي اچي پوسٽ مارٽم ڪري ڏيو. پوءِ رات جو اٺ تي چڙهي روانو ٿيندو هو هُتي پهچي پوسٽ مارٽم ڪري اسپتال ۾ آيل مريضن ڪي تپاسي علاج ڏيئي رات جو ٿوري دير ننڊ جو جهوٽو ڪائي صبح سج اڀرڻ کان اڳ ۾ نڪرندو هو. علاج دوران مريض ڪي جيستائين سڪون نه ايندو هو تيستائين هُن وٽ وينو هوندو هو.

ناليواري ليکڪ ارباب نيڪ محمد پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي ته ”شهيد بختاور جو پوسٽ مارٽم ڊاڪٽر هرچند راءِ ڪيو هو.“ رپورٽ ڦيرڻ جي لاءِ هن تي وڏو دباءُ وڌو ويو پر اڳيان گرڌاري لال جو ڄايل ڊاڪٽر هرچند راءِ هو. 16 اپريل 1959ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ ڊيوٽي دوران هن سرڪاري نوڪري تان استعيفيٰ ڏني. ٽنڊي

---

[16] روزاني ڪاوش رين بسيرا جو راڻو 7 مارچ 2013

محمد خان جي ميمڻ سيٺ مرحوم عبدالخالق اتي ئي پرائيويٽ اسپتال قائم ڪرڻ جي لاءِ زور ڀريو. هُن اسپتال جي لاءِ جاءِ ڏيڻ جي به آڇ ڪئي. پر هن ڪو نه مڃيو. ڊاڪٽر چيو ته "مون تي ٿرين جو حق منهنجي عزيزن جو آهي، پوءِ پاڙي وارن، پوءِ ڳوٺ وارن جو پوءِ ٿر وارن جو آهي" هن ٻيهر عمرڪوٽ ۾ سينٽر کوليو. پنهنجي اسپتال جو نالو "ٿر ڪيوٽر ڪلينڪ" رکيو. ساڳي سال ۾ نومبر 1959ع تي ڪنري ۾ به اسپتال قائم ڪئي. ڪجهه وقت اتي ڏيڻ شروع ڪيو. ڪنري واري اسپتال 1962ع تائين رهي.

ڊاڪٽر صاحب جي ڪوشش سان 1966ع ڌاري عمرڪوٽ ۾ ٽي بي سينٽر قائم ٿيو. سينٽر جي قائم ٿيڻ جي ڏينهن کان وٺي پنهنجي اڌ ڏينهن جي ڪمائي ٽي بي سينٽر کي ادا ڪندو رهيو. ٽي بي ايسوسيئيشن، فئميلي پلاننگ ايسوسيئيشن ۽ ڪلچرل ڪاميٽي جو عهديدار رهيو. حلال احمر ضلعي عمرڪوٽ جو ڪيس تاحيات ميمبر بڻايو ويو. روٽري ڪلب جي لاءِ به هن پنهنجون خدمتون آڇيون. مختلف هنڌن تي ڪئمپن ۾ ڊاڪٽر صاحب اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو. ٿر جي سماجي ورڪر نندن لال نندن جي سماجي ڪمن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ ڊاڪٽر صاحب خاص دلچسپي وٺي نندلال نندن چئرٽيبل فائونڊيسن قائم ڪئي. ڏڪار جي وقت ۾ هن اداري جي پليٽ فارم تان مخير ساٿين کي ميڙي غريب ماڻهن جي مدد ڪئي. ڊاڪٽر صاحب گپت دان (لڪيل خيرات) جو به گهڻو قائل هو. ڪيترن ئي خاندانن جي انهي جذبي تحت پرگهور لڌي. ان سهڪار کي ڪڏهن پڌرو ٿيڻ نه ڏنو.

1968ع ۽ 1969ع جي زماني ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو





صاحب عمرڪوٽ آيو. تڏهن ڀٽي صاحب کي قلعي کان جلسي گاهه تائين ڊاڪٽر هرچند راءِ جي گاڏي ۾ آندو ويو هو. ڀٽي صاحب ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ان گاڏي جي ڊرائيور جمال مڪراني کي ڏهه ايڪڙ زمين تحفي طور ڏني هئي. ڊاڪٽر صاحب جو ڪامريڊ روچيرام وڪيل سان تمام گهاٽو سبنڌ هو. 1959ع ۾ بنيادي جمهوريت جي چونڊن ۾ بينو ته ڊاڪٽر صاحب روچيرام کي ووٽ ڏيڻ جي لاءِ مڃي ۾ رهنڊڙ واسطيدارن کي خط لکيا. 1965ع ۾ هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڊاڪٽر صاحب کي جيل ياترا به ملي. روچيرام وڪيل پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو آهي ته "ڊاڪٽر صاحب جيل ۾ هو ته ڀويان سندس ڀني تي سيد صالح محمد شاهه قڏو ڪيو. ڪيس ڪورٽ ۾ هو. راجا غني سرزمين تي مدد ۾ هو ۽ آئون هن سان گڏ سول جج جي ڪورٽ ۾ هوس. 17

1970ع جي چونڊن ۾ راڻي چندر سنگهه جي سامهون ڊاڪٽر هرچند راءِ صوبائي اسيمبلي جي ٽڪ تي چونڊ لڙيو. وڪيل مراد علي ڊاڪٽر هرچند راءِ جي حق ۾ هٽ ڪنيو. ان چونڊ ۾ ڪامريڊ جام ساقي به حصو ورتو هو. وڏو دنگل متو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ورڪن ۾ مامو جمن دربدر به سرگرم هوندو هو. جلسي جي ڪمپئرنگ وغيره مامي جمن جي حوالي هئي. جنهن ڳوٺ ۾ جلسو رکيل هوندو هو. ان ڳوٺ ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ مامي جمن وارا اطلاع ڏيندا هئا. ماڻهو ڊاڪٽر هرچند جو نالو ٻڌي مريض وٺي اچي گڏ ٿيندا هئا. ڊاڪٽر سياسي تقرير مختصر ڪري مريض نهاريندو هو. نيٺ مامي جمن ڊاڪٽر صاحب کي چيو ته. توهان سياسي سرگرمي کي وقت گهٽ ڏيئي رهيا آهيو. ماڻهو توهان کي وري مريضن ۾ قابو ڪري ٿا ڇڏين.

17 انمول انسان جي امر ڪٿا. سهيڙيندڙ مهندر ديو ص 58

ائين پاڻ هارائي ويندا سين. ڊاڪٽر صاحب موٽ ۾ پنهنجي روايتي انداز سان مرڪندي جمن کي ورندي ڏنائين ته. ”جمن آئون به سمجهان پيو. هارائي ويندس پر آئون اها روايت وجهڻ ٿو چاهيان ته وڏي ماڻهو جي سامهون غريب ماڻهو چونڊ لڙي سگهي ٿو. جن غريب جاتين جي لاءِ اوچا لفظ ادا ڪيا پيا وڃن. انهن جي ووٽ جو قدر ٿئي. پنهنجي انهي جستجو سان جاگيردارن ۽ وڏيرن کي انهن عام ماڻهن وٽ ووٽ جي لاءِ منٿون ڪرڻيون پونديون.“

1970ع ۾ هار باوجود هن وٽ وڏو حوصلو هو. چام ساقي سان گڏجي چاچري ۾ عام ماڻهن جا ٿورا مڃڻ جي لاءِ هن ريلي ڪڍي.

1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ پڊيلي جي سوڍي جيتمال سنگهه قومي اسيمبلي جي سيٽ تي فارم ڀرايو ته ڊاڪٽر هرچند راءِ به صوبائي سيٽ تي حصو ورتو. 1985ع ۾ ڏار ووٽ جو سرشتو هجڻ جي ڪري اقليتي ميمبر جي لاءِ پورو صوبو حلقو هوندو هو. آساني سان هيرا ڦيري جا موقعا موجود هئا. ڊاڪٽر صاحب ان موقعي ڪافي ووٽ کنيا پر ”مايا جي ڇايا“ جي بنياد تي ڊاڪٽر صاحب کي هارايو ويو. ڊاڪٽر صاحب جي ويجهن دوستن ڊاڪٽر صاحب تي ”ڏيتي ليتي جي زماني سازي“ ڪرڻ جي لاءِ زور ڀريو پر هن اڏول انسان وٽ ”نه ته نه هو. مکي نهال چند ۽ مير حيات ڊاڪٽر صاحب جي ڪاميابي جي لاءِ پنهنجي طرفان وڏيون ڪوششون ورتيون پر سيٽين ”ڏنو پٽ ڇٽي جو“ جي آڌار وارو وڃائي ورتو. 1993ع ۾ ڊاڪٽر هرچندراءِ جي فرزند مهندر ديو پ پ پ جي ٽڪيٽ تي صوبائي سيٽ تي چونڊن ۾ حصو ورتو. مهندر به سخت مقابلو ڪيو. پهرين ڏينهن شروعاتي چونڊ نتيجن ۾ مهندر ديو کي ڪامياب قرار ڏنو ويو. پر پوءِ هيرا ڦيري جي





”هنرمندي“ ۾ ڪيرايو ويو. مهندر ديو ٽربيونل ۾ ويو. ٻه سال ڪيس هليو. پر ڪيس جو فيصلو اچڻ وارن ڏينهن ۾ اسيمبليون معطل ٿي ويون.

عمرڪوٽ شهر جي ووٽن ۾ ڊاڪٽر هرچندراءِ ”ڪنگ ميڪر“ جي حيثيت رکندو هو. سيٺ ٽيڪم سا ڊاڪٽر هرچند راءِ جو وڏو حمايتي هوندو هو. ڊاڪٽر هر چندراءِ 1966ع، 1979ع ۽ 1983ع ۾ ٽائون ڪاميٽي عمرڪوٽ جو ميمبر ٿيو. 1983ع ۾ ٽائون ڪاميٽي عمرڪوٽ جو چيئرمين چونڊيو ويو. ڊاڪٽر هرچند راءِ جي ٽائون جي چيئرمين شپ دوران ڪيترائي ڪم ٿيا. جن ۾ صوفي شاعر روحل فقير جي نالي سان منسوب روحل بس اسٽينڊ عمرڪوٽ، پبلڪ پارڪ ۽ شهر جي مختلف گهٽين جا رستا شامل آهن.

1973ع ۾ امراڻي جي اوچ ڪوٽي اقتدار ڏٽين جي مخالفت ڪرڻ جي ڪري ڊي سي ٿرپارڪر سيد نور احمد شاهه تي دٻاءُ پيو ته ”پبلڪ سيفٽي يا ٻي ڪنهن نموني جي ڪيس ۾ ڊاڪٽر هرچند ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو وڃي.“ ڊي سي صاحب انڪوائري ڪري لکيو ته. ”هي ماڻهو صاف سٿرا عزت وارا آهن. آئون انهن کي گرفتار نٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن انهن کي گرفتار ڪرڻ ضروري آهي ته مون کي بدلي ڪرائي ٻي ڊي سي کان اهو ڪم ورتو وڃي.“ ائين ڊاڪٽر ۽ سندس ساٿين کي ٻڌڻ وارو اهو معاملو ٽري ويو.

1974ع ۾ سنڌ حڪومت پاران ”سنڌ صدين کان“ جي عنوان سان پروگرام رٿيو ويو. ڊي سي ٿرپارڪر ۽ لوڪل بورڊ ٿرپارڪر جي صدر هڪ مرڪزي ڪاميٽي جوڙڻ سان گڏ تعلقن جون سب ڪاميٽيون ناهيون. عمرڪوٽ جي ڪاميٽي ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ کي

ميمبر طور ڪنيو ويو. سب ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ خاموش ويٺو رهيو. آخر ۾ ڪنهن ميمبر چيو ته ڊاڪٽر صاحب توهان ڳالهايو نه ٿا، پنهنجي راءِ ڏيو. ڊاڪٽر ته پهه ورائيائين ته ”ڳالهين جي لاءِ توهان موجود آهيو مون کي ڇڏيو ته آئون ڪم ڪري ڏيکاريان.“ پوءِ ثقافتي شين کي ميڙڻ جي ڪم سان لڳي ويو. مختلف قسمن جا زيور، هنا پاڪڙا، ارٽ، سڪا، پرت جا نمونا، رليون، ويس وڳا، برتن وغيره ڪٺا ڪيائين. جڏهن ميرپورخاص ۾ پروگرام ٿيو ته ڊاڪٽر صاحب اتي ثقافتي شين جو شاندار اسٽال لڳايو. ڊاڪٽر صاحب جو اسٽال تمام گهڻو توجهه جو مرڪز رهيو. سائين غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ان وقت جي ثقافتي وزير پيار علي الانا تمام گهڻو ساراهيو.

ساڳي سال ۾ اهڙو ثقافتي ڏهاڙو صوبائي سطح تي ڪراچي ۾ ملهايو ويو. ضلع ٿرپارڪر مان ڊاڪٽر هرچندراءِ کي ثقافتي اسٽال لڳائڻ جي لاءِ چيو ويو. انهي اسٽال ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ ميرپورخاص واري اسٽال کان وڌيڪ سامان رکيو. هنرمندن جون تيار ڪيل شيون ۽ انهن کي گهربل سامان ۽ ثقافتي شيءِ جڙڻ جو سارو عمل بيان ڪري رکيو. ان وقت جي وفاقي وزير مولانا ڪوثر نيازي به نمائش جو دورو ڪري ڊاڪٽر صاحب کي جس ڏنو هو.

ڊاڪٽر هرچند راءِ ذاتي طور تي ڪوششون وٺي مختلف وقتن تي ثقافتي ميڙ به ڪوٺايا. ٿر جي تاريخ تهذيب، ٻولي ۽ ثقافت جو انسائيڪلو پيڊيا هو. 1986ع ۾ ان وقت جي وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جي خاص دلچسپي تي هن ميرپورخاص جي پوليس لائين جي گرائونڊ تي هڪ ماڊل ٿري گهر ٺهرايو. جنهن ۾ ٿر جي روزمره جي زندگي ۾ ڪم ايندڙ شيون رکيون ويون. وزيراعظم محمد خان





جوڻيجي دنيا جي مختلف ملڪن جي سفيرن کي ماڊل ٿري گهر جو دورو ڪرايو. ڊاڪٽر هرچند راءِ سنڌالاجي جهڙي اداري جي خريدي ڪاميٽي جو ميمبر رهيو. ٿر مان ثقافتي شيون خريد ڪرڻ ۾ هن وڏو سهڪار ڪيو. اهڙي طرح سنڌ ميوزم ۽ شمش العلماءَ عمر بن دائود پوٽا لائبريري جي سار سنڀال ڪاميٽي جو به ڊاڪٽر صاحب کي ميمبر بڻايو ويو. جتي به هن پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪيو.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي، اردو، انگريزي، هندي ۽ سنسڪرت ٻولين جو ڄاڻو هو. ڍاٽڪي هن جي روح جو حصو هئي. هن ڍاٽڪي ٻولي ۽ ثقافتي شين نالن جي ڊڪشنري به تيار ڪئي پر اها اڻ ڇپي رهجي ويئي. هن پنهنجي آتم ڪهاڻي به لکي. ڊاڪٽر صاحب جا خط به تاريخ جو اهم حصو آهن. مختلف ڪتابن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪندي اڀياس به لکيا. پر اهي سڀ شيون اڻ ڇپيون آهن.

ڊاڪٽر هرچند راءِ کي زندگي ۾ سندس خدمتن جي مڃتا ۾ صدارتي ايوارڊ سميت مختلف ايوارڊ مليا. جن ۾ ايگريڪلچر اينڊ انڊسٽيريل ايگزيبيشن (1985ع) ٿرپارڪر ميلو ايوارڊ (1985ع) قائداعظم خدمت خلق ايوارڊ (1994ع) نشان لطيف ايوارڊ، ٻانهن ٻيلي ايوارڊ (1998ع) انٽرنيشنل والينٽري ڊي ايوارڊ (7-2006-8) سامي ايوارڊ (1994ع) پي ايس اي گولڊ ميڊل، ايجوڪيشن اينڊ ڪلچرل افيئر ايوارڊ (1998ع) روٽري ڪلب سگنيفڪشن اچيومينٽ ايوارڊ شامل آهن. صداري ايوارڊ 2007ع ۾ مليو.

گوڏيار ۾ جوڌو جي مڪڙ ۾ ڊاڪٽر هرچند جي ماسي پرڻايل هئي، ماسي جي وفات تي ڊاڪٽر صاحب جو والد صاحب سائين گرڌاري ۽ امڙ تعزيت جي لاءِ جوڌو جي مڪڙ جي گهر ويا.

سائين گرڌاري جو اجان ڪو اولاد نہ هو. اتي واپسيءَ ۾ سائين گرڌاري لال وندر جي لاءِ جوڙو جي ڪان پٽ گهريو. جوڙي جي پنهنجو وڏو پٽ ڪيشو لال سائين گرڌاري لال جي حوالي ڪيو. گرڌاري لال ڪيشو لال کي پڙهايو. نوڪري وٺي ڏني، شادي ڪرائي. ڊاڪٽر هرچند راءِ ۽ سندس ڀائرن ڪيشو لال کي سدائين پنهنجو وڏو ڀاءُ سمجهيو. سائين ڪيشو لال منڙيو ٿي ۽ پرپاسي جي ٿپن ۾ تعليم عام ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

1920ع جي زماني ۾ عمرڪوٽ ۾ هڪ پيٽ جي بيماري منهن ڪڍيو جنهن کي مقامي ٻولي ۾ ٻرهل سڏيو ويندو هو. ان بيماري سبب عمرڪوٽ مان ماڻهن جي وڏي پيماني تي لڏپلاڻ ٿي. سائين گرڌاري لال بہ عمرڪوٽ مان لڏي نيوچور ۾ رهائش اختيار ڪئي. ڪجهہ سالن کان پوءِ وري واپس عمرڪوٽ آيا. نيوچور وارو گهر گهڻي وقت تائين سلامت رهيو. ان گهر جي پر سان اسڪول هوندي هئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر هرچند راءِ پڙهيو هو. ان اسڪول کي جڏهن وڌيڪ پلاٽ جي ضرورت محسوس ٿي تہ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي پراڻي گهر جو پلاٽ اسڪول کي ڊونيٽ ڪيو.

سائين گرڌاري لال نہ صرف مثالي استاد هو پر با اصول بيٽ آفيسر پڻ ٿيو. اسڪول جي وزٽ توڙي امتحانن ۾ ڪڏهن استاد ۽ ٻوناٽي تي وزن نہ وڌو. پنهنجي کاڌي پيتي جو سامان گهوڙي تي گڏ هوندو هو. گهوڙي کي بہ ڪک ڪانا توڙي داڻو پاڻي پنهنجن پئسن جو خريد ڪري ڏيندو هو.

ڊاڪٽر صاحب جڏهن سرڪاري نوڪري شروع ڪئي، تڏهن سندس والد صاحب گرڌاري لال گرهستي جيون ڇڏي سنياس





ڌارڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ڊاڪٽر صاحب جي ڀيڻ لڪشمي ٻائي جي ڄڄ آيل هجي، ٻائي لڪشمي جي پارٽيت جي ٻي ڏينهن رهاڻ م سائين گرڌاري اٿي بيهي چيو تہ، آئون اوهان سڀني کي پرٽام ڪري پنهنجي زندگي بابت هڪ اهم اعلان ڪرڻ چاهيان ٿو. هاڻي منهنجا گرهست (گهر داري) جا فرض پورا ٿي چڪا آهن. هرچند راءِ روزگار لڳي ويو آهي. پنهنجن ڀائرن کي اڳتي پڙهائڻ توڙي ڀيڻن کي ساهرن مان ڪونڻ ۽ موڪلڻ جي سگهہ رکي ٿو. گهر جي سرپرستي اڄ ڏينهن کان پوءِ ڊاڪٽر هرچندراءِ جي حوالي آهي. آئون سنياس ڌارڻ ڪريان ٿو. ڊاڪٽر هرچند راءِ پنهنجي والد صاحب جو اهڙو اعلان ٻڌي پهرين تہ ڏاڍو پريشان ٿي ويو. پر پوءِ دل جهلي اٿي بيهي هٿ جوڙي والد صاحب جون ڏنل ذميواريون قبول ڪيائين. سائين گرڌاري لال سنياس جي زندگي ۾ پرلوڪ پڌارڻ جو اطلاع ڏيندي سوڍي آئيڏان سنگهہ چيو تہ، ”ڊاڪٽر صاحب منهنجو روحاني پتا پرلوڪ پڌاري ويو. “اهو چوڻ سان سوڍي جون اکيون بدي جي بادل جيان برسي پيون.

ڊاڪٽر هرچند راءِ جي سيني ۾ دلير دل ڌڙڪندي هئي. هن جي ٻانهن ۾ رڻ کيتر جي سپاهين جهڙو ٻل هو. 98 سالن جي عمر بہ هن کي هيٺو نہ ڪري سگهي. هن آخري گهڙي تائين پاڻ کي ڪڏهن نٻل، ويچارو ۽ ويڳاڻو محسوس نہ ڪيو. هن کي ڏسي سائين راشد مورائي جون سٽون ياد ايندڙيون هيون.

ڪي ڪي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي ذهني طور لڳن ٿا پوڙها
ڪي جهور جهان ۾ آهن، جن جا جذبا جوان لڳن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب کي مارئي جي ڪردار سان پنهنجائپ ۽ اڪير هئي تہ عمر جي انصاف جو قدر هو. عمر بادشاهہ هجڻ باوجود

مارئي تي ڏاڍ نہ ڪيائين. مارئي جو ست سلامت رهيو. هن علي احمد بروهي کي گهرائي عمرڪوٽ ۾ هڪ پروگرام ڪرايو جنهن جو موضوع هو ”مارئي پٽي ملڪن ۾ ڳائجي، عمر چو نہ!“

ڊاڪٽر صاحب علي احمد بروهي وانگر سچ چئي ڏيندو هو. ڊاڪٽر صاحب جا سچ گو جا گفتا ڳوٺن ۾ مشهور آهن. هڪ دفعي سياسي اختلافن تان ڊاڪٽر صاحب کي موتمار ڌمڪيون مليون تہ ڊاڪٽر صاحب مرڪي ڌمڪي ڏيندڙ کي چيائين تہ اڳ ۾ آئون ڪمري ۾ سمهندو آهيان، هاڻي ٻاهر گهٽي جي ٿلهي تي سمهندس ڊاڪٽر صاحب جو هڪ دوست 70 جي ڏهاڪي ۾ لک جي قريب پئسا اڌارا وٺي ويو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اڌارا پئسا وٺي ويندڙ دوست جي دل ڦري، پئسا ڦٻائڻ جي لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڏانهن وڃڻ ڇڏي ڏنائين. ڪجهہ وقت گذرڻ کانپوءِ هن پنهنجي دوست کي ملڻ جي لاءِ نياپو ڪيو نہ چاهيندي بہ دوست کي نياپي تي اچڻو پئجي ويو. پئسا بہ گڏ آندائين. ڊاڪٽر صاحب پئسا وٺڻ جي بدران دوست کي چيائين تہ تو انهن پئسن جي ڪري مون سان ملڻ جو تعلق ختم ڪري ڇڏيو. آئون انهن پئسن کي ڇا ڪريان! ؟ اهي پئسا جن جي ڪري دوست جو من ڦري وڃي پوءِ پئسن جي دستي روپيو روپيو ٿي وڃي پر هن اڏول انسان انهن پئسن کي هٿ نہ لاتو.

سپ پرين پسڻ واري ڊاڪٽر هر چنداراءِ جو عقيدو هندو ڌرم جي ويدانتي پنٿ سان هو. هو پنهنجي ڌرمي عقيدي موجب صبح جو اٿي ويدن جا منتر پڙهندو هو پوءِ يگيہ ۾ هون ڪندو هو. هڪ ڀيري عمرڪوٽ جي صحافي ۽ نوجوان شاعر اي بي آريسر ۽ مون ڊاڪٽر صاحب سان دنيا جي مختلف ڌرمن تي ڀرپور ڪچهري ڪئي. هُو





ڌرمي فلاسافر جيان هر سوال جو جواب ڏيئي رهيو هو. مون کي ائين لڳو تہ آريائي دور جو روشني نئين روپ ۾ صحرا جي پٽ تي اچي پهتو آهي. آڳاٽن رشين جيان سنڌ هن جي روح ۾ سمايل هئي. سنڌ هن جي رڳن ۾ رت جو روپ هئي. هن ڪڏهن سنڌو ماتا کان منهن نہ موڙيو.

ماتا تو کان منهنڙو موڙي، ڪيئن رهندس آنءَ
سنڌڙي، مان تہ سچاپان ئي تنهنجيءَ نسبت ساڻ !

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي والد صاحب جيان عمر جي آخري حصي ۾ سنياس وٺڻ تي چاهيو پر شهر جي چاهيندڙن ائين ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. پر پوءِ بہ هن پنهنجي گهر کي رين بسيرا، جي جاءِ وانگر ڏٺو.

ماٽي چن چن ڪي محل بڻايا، مورک ڪهي گهر ميرا
ناهي گهر ميرا، ناهي گهر تيرا، ديا جهنگل ۾ هي ديرا

پيرسائين پاڳاري شاهہ مردان شاهہ راشدي صاحب سان ڊاڪٽر هرچند راءِ جي دلي عقيدت هئي. 1989ع ۾ ڊاڪٽر هر چند راءِ کي جڏهن ڌاڙيلن اغوا ڪيو تڏهن پيرسائين پاڳاري صاحب ڊاڪٽر جي بازيابي لاءِ خاص طور دلچسپي ورتي هئي. ڊاڪٽر صاحب جي بازيابي لاءِ ان وقت جي ٿرپارڪر جي ڊي سي نثار احمد صديقي صاحب انتظامي سطح تي ورتل ڪوششون ساراهہ لائق آهن. عوامي دٻاءُ پڻ وڏو اٿيو هو.

تعلقي عمر ڪوٽ جي هر سياسي سماجي خاندان سان ڊاڪٽر هرچند راءِ جو پنهنجائپ جو تعلق رهيو. سپ ڊاڪٽر هر چندراءِ جو مان رکندا هئا. عمرڪوٽ شهر جا ماٺهو ڪيس ”باء“ سڏيندا هئا..راڻي چندر سنگهہ سان سياسي لاڳاپن جي لاهن چاڙهن باوجود

سماجي طور تي ڊاڪٽر صاحب جو گهاٽو تعلق جڙيل رهيو. پنهي خاندانن پاڻ ۾ ”ڌرميلي“ جو دستور پوري ريت نڀايو. راڻي چندر سنگهه جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ راڻي همير سنگهه سدائين ڊاڪٽر صاحب جي مان مرياده رکي ڪنور ڪرٽي سنگهه ڊاڪٽر صاحب جي وڇوڙي تي آخري سفر ۾ ”پيرين اڀراڻو“ شامل ٿي پيڙهين جي تعلق کي اجاري اڇو ڪيو.

ڪاروڙي ۽ ڪيجراڙي جي ساڏاتن ۽ ناري جي نواب پلي پائرن ۽ سندس اولاد جي ڊاڪٽر صاحب سان پريم ڀاونا مثالي رهي. نواب يوسف ٽالپر وقت به وقتن ڊاڪٽر صاحب سان رهاڻيون رچائيندو رهيو. مٺي جي ملاڻي خاندان ۽ پروفيسر شيام داس جوشي سان ڊاڪٽر هر چند راءِ جيءَ جو رشتو جوڙي رکيو هو. جڏهن به ڊاڪٽر صاحب جو مٺي اچڻ ٿيندو هو ته شيام داس سان ضرور ملندو هو. ڊاڪٽر صاحب جنهن به ڪردار ۾ اعليٰ انساني ڪردار ڏسندو يا ٻڌندو هو هن کي اتساهيندو هو. مٺي جي منفرد ڪردار حاجي محمد دل جو پروفائيل اخبار ۾ پڙهڻ سان ڊاڪٽر صاحب مٺي ملڻ آيو هو.

ڪراچي جي اڳوڻو سٽي ناظام مولانا نعمت الله صاحب ڪراچي کان جڏهن عمرڪوٽ ايندو هو ته تڏهن ڊاڪٽر صاحب سان ضرور ملندو هو. سپر اسٽار بيسٽ مين سعيد انور عمرڪوٽ آيو ته فروٽ ۽ مٺائي جو تحفوط ڪٺي ڊاڪٽر صاحب هُن سان ملڻ ويو.

ڊاڪٽر صاحب جي مولانا عبدالرحمان جمالي صاحب سان وڏي نيازي مندي هوندي هئي. جمالي صاحب ۽ ڊاڪٽر صاحب جون پاڻ ۾ ڪچهريون ٻڌڻ جهڙيون هونديون هيون. ڊاڪٽر صاحب جي پر لوڪ پڌارڻ کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب جي پهرين ورسي جي صدارت



ترتر اندر ٿاڪ

مولانا جمالي صاحب ڪئي. ان موقعي تي مولانا صاحب آفاقي دعا گهري هئي.

ڊاڪٽر هرچند راءِ جي لاءِ مشهور آهي ته هُو مزاج ۾ سخت هوندو هو. مريضن کي ڌنل دڙڪن ۽ لطيفن جو وڏو داستان آهي. پر وجهڙائپ ۾ رهندڙ ساٿين جو چوڻ آهي ته هُو من جو ملائم پڻ هو. سماجي روين جي ڪڙاڻ کي هن ڏاڍو برداشت ڪيو. درد مند دل جي قرار جي واسطي بي قرار رهندو هو. هن خزان نصيب زندگي جي لاءِ بهار ڳوليو هو. هن پنهنجي هستي مات ڪري ٻين کي مسرور بڻايو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ ڪيترن ئي شاگردن کي پڙهائي ۾ معاشي مدد ڪرڻ سان گڏ حوصلو ڏنو. ڪيترن ئي نوجوانن کي روزگار وٺي ڏنو. ڪيترن ئي نوجوانن جي تربيت ڪئي.

سنڌ جي نامور اديب سائين وليرام ولڀ ڊاڪٽر هر چند راءِ کي ”ڀيشتم پتامهه“ سڏيو آهي. وليرام ولڀ کي جڏهن صدارتي ايوارڊ مليو ته ڊاڪٽر صاحب نه صرف هلي وڃي کيس مبارڪباد ڏني پر وليرام جي مان ۾ عمرڪوٽ ۾ هڪ پروگرام پڻ رکيو.

ڊاڪٽر صاحب سوڍهڙ قبيلي ۾ جادم ونس جي راجا تنو ڀاٽي جي اولاد مڪر عرف مڪڙ/ماڪڙ جي نک سان تعلق رکندڙ هو. پر هن ”جانگڙ براهمڻ“ جي متي کي به گهڻو پڙهيو هو. ننڍي کنڊ جي هن هنرمند جاتيءَ جي ڀلائي ۽ بهتري جي لاءِ ڊاڪٽر هر چند راءِ هر طرح واهر ۽ وسيلو ٿي بيٺو. هن ڪميونٽي ۾ سياسي سگهه پيدا ڪرڻ جي لاءِ وڏا جتن ڪيا.

ڊاڪٽر صاحب منهنجو مربي ۽ محسن هو. مون کي ڳل ڳراٽڙي پائي پنهنجن ٻاجهارن هٿن سان آسيس ڏيندو هو. چيلهار مان ڪو مريض ويندو هو يا ڪوئي عزيز ڊاڪٽر منهنجو ضرور پڇندو هو. ڊاڪٽر صاحب مختلف وقتن تي مون ڏانهن خط به لکندو هو. سچ اهو

آهي ته ڊاڪٽر صاحب جهڙو نيڪ شخص هين نيڪين جي تلاش ڪندو هو.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي هڪ لوڪ ادب واري ڪتاب,گيت سانوڻ من ڀانوڻ جا” جو تفصيلي تنقيدي اڀياس لکيو.

عمر جي آخري ڏينهن ۾ ڊاڪٽر صاحب مون تي اهو ڪم رکيو هو ته ٿر ۾ ڳائجندڙ همرچي جا قسم گڏ ڪري موڪل، ڊاڪٽر صاحب کي 98 سال جي عمر ۾ به همرچي جي تانگهه هئي.

مون ڊاڪٽر صاحب جي لاءِ همرچي جا مختلف رنگ ميڙيا پر روايت سستي سبب موڪلي نه سگهيس. ۽ ڊاڪٽر صاحب 4 مارچ 2013ع تي هن فاني دنيا مان موڪلائي ويو. آخري سفر ۾ ٿر ۽ عمرڪوٽ جا هزارين ماڻهو شريڪ ٿيا پر آئون رولاڪ شخص شامل نه ٿي سگهيس.

چو طرف سُڃ خزان ٿي، نيڻن نهار تائين.
افسوس هُو نه آيو راشد مزار تائين

منهنجي اکين ۾ اڄ به ڊاڪٽر هر چند راءِ جو متحرڪ روپ آهي. تصور ۾ اڄ به هُڙڪ هرچند راءِ آهي. جيڪو هُڙڪ هلڻ جو سڏ ڏيئي رهيو آهي.

هڙڪ هلو، ڏيما هلو
پنڌ پري هو،
ڪير ڪري هو،
واٽ اواٽي،
ڏيل ڏري هو،
پو به پرينءِ جو پنڌ پلو هو،
هڙڪ هلو، ڏيما هلو (شيخ اياز)



ٿر ٿر اندر ٿاڪ

# سُڳاڙچند سيجُون

## جون لوڪ وارتائون

هر ماءُ چاهيندي آهي ته منهنجو اولاد ناليوارو ٿئي، سکيو ستابو هجي، سَخي، سماج سُڌارڪ، ڀڳت يا سُورمو ٿئي، جنهن تي دل فخر ڪري، پر چوندا آهن ته سُهائين راتين ۾ ڪو ڪو چمندو آهي، جنهن جي ڪردار ۾ انسانيت جا اعليٰ قدر اُڀرندا آهن.

ڪارونجهر جي پهاڙي سلسلي ۾ گهيريل پارڪر جي پٽ تي جتي سُورويرڪولهي جنم ورتو اتي مسڪين جهان خان کوسو جهڙو سماج سُڌارڪ پيدا ٿيو رُوپلي ۽ مسڪين جي نالن کي جڳ ڄاڻي، سُڃاڻي پر جن جا نالا شُهرتن جي آڀي(آڪاس) کي ڇُهي نه سگهيا اُنهن جو به پورهيو ڪڏهن رائيگان نه ويٺو آهي، اڄ يا سُڀاڻي ضرور تاريخ کين ميڃتا ڏيندي. پارڪر جي مٽي ۽ ماڻهن جي لاءِ هنئين ٺُوٺي جهڙي حيثيت رکندڙن ۾ رُوپلي ڪولهي ۽ مسڪين جهان خان کوسي سان گڏ اُميدارام، عالم چند ڪولهي، ڪيتارام، هري سنگهه سوڍي، گهمن سنگهه ڀيل، ڪاپڙي خان، ڪوري لڪشانند کان وٺي سُڳالچند(سُڳاڙ چند) تائين ڪيترائي نالا شامل آهن. سُڳاڙ چند سماي انقلاب جو رُوح روان هيو، سندس پيءُ سَترام داس ننڊي ڪنڊ جي آزادي ۾ ”ننڊو ڪنڊ خالي ڪريو“ تحريڪ جو عوام ڪارڪن هيو.

سُڳاڙچند پارڪر جي ڳوٺ آڏيگام ۾ 11-4-1914ع تي

جنم ورتو. ظاهري زماني وارو سندس تعلق ميگھواڙ قبيلي سان هو جنهن کي هُنري صلاحيتون رکڻ باوجود آزاديءَ سان جيئڻ جو پُورو حق حاصل نہ هو.

سُڳاڙچند پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ورتو. انگريزي تعليم ننگر پارڪر مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ هن کي بمبئي يونيورسٽي وڃڻو پيو. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ کان ٽُرت ئي پوءِ روينيو محڪمي ۾ ڪلرڪ جي نوڪري ملي وئي. پر ٿوري عرصي ۾ پنهنجي قابليت ۽ لياقت جي ڪري اسسٽنٽ مُختيارڪار جي عهدي تي پهتو.

سُڳاڙچند جي دل ۾ پوئتي پيل پورهيت مسڪين طبقي جي لاءِ سدائين احساس رهندو هو. پاڻ اُنهيءَ طبقي مان جو اُڀري آيو هو انهي ڪري سروس دوران راتين جون راتيون ڳوٺن ۾ وڃي تعليم ۽ صفائي سترائيءَ جي لاءِ سماجي جاڳرتا جون ڪچهريُون مچائيندو هو. ذات پات ۽ مت ڀيد جي بنڌڻن کي ٽوڙڻ جي شروعات ٿي چُڪي هئي پر طبقاتي تاجي پيٽي جا حمايت ۽ مُحافظ اجا گھڻو مضبوط هيا. شيڊيُول ڪاسٽ جي دائري ۾ ايندڙ ذاتين جا ٻار اُوچ درجي جي ٻارن سان گڏجي آسانيءَ سان تعليم حاصل نہ ڪري سگھندا هئا. سُڳاڙ چند انهن سمورن روين مان پاڻ گُذري آيو هو انهيءَ ڪري هن کي ڪوششون وٺي پنهنجن ساٿين عالم چند ڪولهي، گھمن سنگھہ ۽ پُنهون مل هميراڻي سان صلاح مشورا ڪري هريجن اسڪول کولرايا. جن ۾ آديواسي لوڪ آسانيءَ سان تعليم پرائڻ لڳا.

پُنهون مل هميراڻي سرڳو اسي سَنيُو مل هميراڻي جو چاچو هيو مون سُڳاڙچند جو ذڪر اڪثر سَنيُو مل هميراني کان ٻڌو هو پر





جڏهن پارڪر اچڻ ٿيو تڏهن چاچي نواز ڪوسي، ڊاڪٽر شنڪر ڪاسٻي واسي ۽ جوهر لال(صابُو سڻ واسي) سُڳاڙچند جي جاڪوڙ جا سوين سَماچار ڏنا.

ننگر پارڪر جي اَڇوتن وٽ انهي وقت ۾ پيئڻ جي پاڻي ماڻڻ لاءِ پنهنجو کُوهہ نہ هيو. ننگرپارڪر ۾ پھريون ڀيرو سُڳاڙ چند ڪوششون وٺي هريجنن جي لاءِ الڳ کوهہ ٺهرايو جنهن کي آشرم جو کُوهہ سڏيو ويندو هو يار محمد ڪوسي جي گھر ڀرسان اهو کوهہ اج بہ موجود آهي.

سُڳاڙچند جي مسلسل جدوجهد پارڪر جي آديواسي لوڪن جي زندگين ۾ ڦيرو آندو. خاص طور ميگھواڙ جاتيءَ جي ماڻهن ۾ ٻڏي پيدا ٿي، سُڳاڙچند پنهنجي برادريءَ جي سڏ تي آڏي جو بہ اُٿي ويندو هو. ننڍي وڏي مسئلي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش وٺندو هو. جيستائين حل نہ نڪرندو هو تيستائين ڪيس ڇين نہ ايندو هو. هڪ دفعي ڪاسٻي ۾ ڪجھہ ماڻهن شرپسندي ڪندي، پيئڻ جي پاڻي پرڻ لاءِ کُوهہ ڏانهن ويندڙ عام رستي کي بند ڪري ڇڏيو جڏهن اُها ڳالهہ سُڳاڙچند تائين پهتي، هن سوين ماڻهو وٺي اچي نہ فقط رستو کولرايو پر هميسہ لاءِ 24 فُٽ جي گھٽي منظور ڪرائي ڏني.

سُڳاڙچند جي ڪوششن سان ميگھواڙ جاتيءَ سان گڏ ٻين اصولڪين جاتين ۾ بہ پنچائتي نظام جُڙيو اُوچ برادرين جي پنچائتن سان گڏ هيٺئين طبقي جون پنچائتون هلڻ لڳيون. پنچائتي هال ٺهرايا ويا.

1952_53ع واري چُونڊ ۾ هن ننگرپارڪر جي سيٽ تي راڻي چندر سنگھہ سامهون فارم ڀرايو انهي وقت راڻي جو وڏو اوج هيو.

راڻي جي سامهون بيهڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه هئي، پر هي پورهيت سُڳاڙچند“اِي نه مارُن ريت...!، چئي اٽل رهيو اُنهيءَ چونڊ ۾ ڪٽي نه سگهيو پر هن مسڪينن جي ووٽ کي اهميت ڏياري ۽ اُن جو قدر ڪرايو استعيفيٰ ڏِني، سُڳاڙچند هر وقت متي هاڻن مارُن کي سَگهارو ڪرڻ جا جتن ڪيا هن“اَڇُوتن جو آواز” جي نالي سان هڪڙو ڪتاب پڻ لکيو مون وڏي ڪوشش ڪئي ته آئون اُهو ڪتاب ڏسي سگهان، پر ڪِٿان هٿ اچي نه سگهيو.

19جولاءِ 1987ع تي 73 ورهين جي ڄمار ۾ پارڪر جي مٽيءَ جو هي سپُوت مينگهواڙ پرلوڪ پڌاري ويو.

پارڪر جي ميگهواڙ جاتيءَ ۾ هن وقت جيڪو سُڌارو آهي، انهيءَ جو بُنياد سُڳاڙچند رکيو هو پارڪر جا ميگهواڙ اڄ به ڪيس دل سان ياد ڪندا رهن ٿا. هر ماڻهو کي مري وڃڻو آهي، پر ڪِردار جا نقش دلين تي چِٽجي ويندا آهن. نسل در نسل اُها ڇاپ منتقل ٿيندي رهندي آهي. پارڪر جي ميگهواڙ گِيتارين “سُڳاڙو“ گيت پڻ جوڙيو. جيڪو اڄ به ٻار کي لاڏڪوڏ ڪندي ڳائينديون آهن.

مُنهنجو پُٽ سُڳاڙو ٿيندو، آئون لاڏِڪوڏ ڪريان ٿي!





# موهن ڀڳت

جنهن جي ٻولي واس، پوري سنڌ کي واسيو!

جيئن پورو ننڍو کنڊ ڪلاسيڪي شاعري ۾ ساڳي مزاج ۽ سوچ جو فڪر رکي ٿو تيئن ڳائڪي ۾ پڻ ساڳي تسلسل جون ڪڙيون آهن. ساڳيا چشما آهن، جن صدين کي سيراب ڪيو آهي. تصوف جو رنگ تارن ۾ چڙهي يا ويدانيت جي واٽي آلاپ جو روپ وٺي، هر راڳ، هر آلاپ ۾ پيار ۽ پريت جو پڙلاءُ آهي. هر سچي شاعر ۽ سچي راڳي ساري ڌرتي جي سڳنڌ چوسي سٽن ۾ سرجي آهي، راڳ ۽ آلاپ ۾ اوتي آهي.

وقت جي وهڪرن، قلعن ۽ ڪنگرن وارن کي متائي ڇڏيو پر راڳي ۽ شاعر، مصور ۽ موسيقار، سنت ۽ صوفي وڏي ڏاڪ ۽ هاڪ سان زنده آهي، هنن جي ذات ۽ ذات، عبادت ۽ رياضت محبتن لاءِ رهي آهي. عشق جي اصولن تي هلندي خود محبتن جا مجسما ٿي ويا آهن، شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته: محبت کي موت ماري نه سگهندو آهي“ موهن ڀڳت سچو راڳي ۽ سچي عشق جي اصولن جو آئينه دار هو. موهن ڀڳت جي ذات ۽ فن تاريخ جي ورقن جي امر ڇاپ آهي“تاريخ ڪنهن ناچڻي جي وجود جو نالو ناهي، جيڪا ڪنهن اک جي اشاري جي محتاج هجي، تاريخ هڪ آئينو آهي، جيڪو حقيقت کي بيان ڪندو آهي، انهي چهري کي ڏسڻ کان اهو ڪيٻائيندو آهي،

جنهن جي منهن تي ڪوڙهه هوندي آهي“ موهن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ٽر راڳ جو مانارو آهي جنهن جو ماکي کان مٺو رس لار ٿي جڏهن وهڻ لڳو اهي، تڏهن ڪيترن ئي ماڪوڙين جا وجود ختم ٿي ويا اهن. مني جي پٽ، جنهن تان ڪلهه مراد فقير ۽ صادق فقير جي آواز ۾ ڌرتي جو راڳ پوئنر وانگر پري آڪاس تائين آڏاڻو هو. اج اتي ڪريم فقير رجب فقير ۽ شنڪر ڀڳت جي ٻولن ۾ ساڳي تسلسل جي تار ڳنڍيل اهي، جنهن کي وقت جو ڪو بہ وهڪرو ٽوڙي نٿو سگهي.

آڌي رات اداس، آهي چنڊ چو منيءَ تي،
ٽيٺو نہ آهي تر مان، ڪڏهن نينهن نراس،
موهن ٻولي، واس، واسي ساري سنڌ کي
(تاج جويو)

راڳ لاءِ اسان وٽ ڏيهي ڏند ڪٿا Mythology آهي تہ ”راڳ جي ابتدا ديوتائن جي دنيا سان ٿي ۽ ان جي مهانتا هي آهي تہ راڳ دنيا ۾ انساني روح جي رهنمائي ڪري ٿو“ننڍي کنڊ جي هڪ وڏي راڳ جو ڄاڻو مائي بسنتيءَ“سن 1911 ڌاري مدراس ۾ ا Indian Music School جو افتتاح ڪندي چيو هو تہ ؛ اسان جو راڳ انسانن ۾ روحاني جذبن پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.[18]
موهن ڀڳت جو سمورو راڳ انسان جي ازلي منزل آهي، ڀڳت ڪبير جو گيت من پولا پولا ڦري، جگت ۾ ڪيسا ناتار ري“ هجي يا شاهہ لطيف جا ٻول، ”ساٿي سڏ ڪندي ويا ساٿ جا“، مطلب تہ موهن جي ڳايل هر سٽ اهو ازلي پيغام ڏئي ٿي تہ هي پرديسي پکيئڙو ڪٿان آيو آهي؟ ۽

18 تماهي مهراڻ





ڪيڏانهن اڏري ويندو! موهن ڀڳت، ڀڳت ڪبير، شاهہ لطيف، تلسيداس، ميران ٻائي، مرتضي، شاهہ ڏاڏاهي ۽ ٻين شاعرن کي ڳاڙيو، پر لطيف جي واين ۾ هن پنهنجو سمورو ساهہ پساهہ سمايو ۽ شهرتن جي آڀي(آسمان) جو تارو لطيف جي ڳائڪ آهي، ان موهن ڀڳت جي منفرد آلاپ ۾ هڪ نئين انداز جو واڌارو ڪيو“سنڌي ٻولي جي ناميارا شاعر اياز گل موهن ڀڳت جي شاهہ ليف کي ڳائڻ واري منفرد انداز کي مڃتا ڏيندي چيو تہ ؛

پيچ پني جو شاهہ جي وائي، موهن جو آواز،
ائين لڳو پئي، ڳايو ويئي، تر جي ذري ذري
(اياز گل)

موهن ڀڳت جڏهن ڳائڻ شروع ڪيو، تڏهن ان ۾ انفراديت هئي، هو ڪالهہ بہ منفرد هو اج بہ منفرد آهي، ۽ سياڻي پڻ رهندو. هڪ فنڪار لاءِ منفرد هجڻ ايترو ضروري آهي، جيترو هڪ گل لاءِ سرهاڻ ۾ منفرد هجڻ موهن ڀڳت راڳ جي ڪمال ۾ زندگي جي روحانيت جي تڪميل ماڻڻ جي جستجو ڪئي، هن جي روح جي پنهنجي خوشبوءِ هئي، جا ٻئي ڪنهن مان اچي نٿي سگهي.
موهن ڀڳت جي جيون خاڪي تي ٿوري نظر وجهنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ موهن ڀڳت جي ذات ظاهري زماني جي ”ڌڪاريل ذات“ هئي، جنهن کي پنگي چيو وڃي ٿو سندس ذات وارو احساس محرومي کان بچڻ لاءِ پاڻ کي ”گجراتي“ سڏائيندا آهن. موهن ڀڳت ننڍپڻ ۾ مال چاريندو هو. سندس گهر ۾ ڳائڪي ڏانهن لاڙو اڳ ۾ موجود هو. جتي ستسنگ ٿيندو هو ان وقت اسلام ڪوٽ ۾ ڀڳت اميدارام ڀڳت سنو ڳائڪ هو جنهن سان گڏجي موهن ڀڳت ۽ پاٽس سروپ ڀڳت

ڳائڻ شروع ڪيو. موهن ڀڳت جو والد صاحب چيلهار مان لڏي وڃي اسلام ڪوٽ ويٺو هو. جتان موهن وارا لڏي مٺي آيا.

ٿر ۾ راڳ، بک ۽ اڃ واري سمي ۾ ٿئي ته سک ۾ پڻ. واريا سين پٽن ۾ هلندي اڃ هجي يا بک، اوٺي اٺ تي چڙهيل "هون هون" جي ڏن جهونگاريندو، ماڳ پهچندو آهي. ۽ پنڌ ڪندڙ پانڌي وري "ڪجليي" جي ڪوڪار ڪري يا "راٺليي" جي ريت هلائيندو ته پريان ٻڌندڙ هڪل ڪري چوندو آهي ته ابا ڪير آهي جو "ڏيهاڻو" ڳائيندو پيو وڃي؟سک سار ڪٽي وسڪارو وري ته ويس ئي نوان ٿين. هر پاسي، بادلئي، ورساڙي، ۽ همرچي، هونگار هوندي آهي. موهن ڀڳت استاد اميدارام کان ڳائڻ سکيو. مٺي ۾ رهائش پذير ٿيڻ کان پوءِ مراد فقير کان شاگردي جو ڏاڳو ٻڌرايو. هن وٽ راڳ جي صرف بنيادي ڄاڻ هئي، راڳ جو نه گهراڻو ٿيو نه وڏو استاد هن جو سچو ڳائڻ عشق جو آلاپ آهي، دل جو درد آهي. هن جي عشق جو پهريون ڏاڪو مجازي محبت هو. پر ڪوئي پڇندو هو ته ڪلي ڳالھ ٽارڻ جي ڪندو هو پر من جي ڪيفيت اها هوندي هئي:

جو تيري حسن ڪي فقير هوئي
ان ڪو تشويش روزگار ڪهان
درد بيچين ڪرين گي، گيت گائين گي
اس سي خوش بخت ڪاروبار ڪهان
(فيض)

عشق جي اهڙي لَنُون ئي مال چاريندڙ موهن کي امر راڳي بڻايو. موهن کي جڏهن روحانيت جي رنگن رنگيو تڏهن هو ظاهر پرستي کان پري رهيو. سدائين سچل جي سٽن ۾ چوندو هو ته:





تون ڪيون درويش سڏائين سچو
تون ڪيون........

موهن ڀڳت کي مٺيءَ ۾ رهندي ڪجھ ڏينهن اهڙا ڏسڻا پيا جو هو بي گهر ٿي پيو. ناليواري نقاد ۽ شاعر تاج جويي جي لفظن ۾:

ايڏو سار ٿر،
پو به موهن ڀڳت چو؟
مٺي مان بي گهر!!

موهن ڀڳت وقت جا وار سهندي عمر جا ڏهاڙا ڇاڇري کي به ڏنا پر اتي راڳ هن جي روح مان پلٽو ڪائي نه نڪتو.

موهن ڀڳت گڏي جي پٽ کي اجهو ٻڌائڻ کان پوءِ ڪڏهن به ڳائڻ نه ڇڏيو مٺي جي پٽ تان ڳاتل وائي جو آواز اڳتي هلي پٽ ڏٽي جي آڳر ۾ ٻڌو ويو. سندس هر ٻول تي ٻڌندڙ کي محسوس ٿيو ته ڄڻ موهن ڀڳت کي داد ڏيڻ جي لاءِ پٽائي پيرين اگهاڙو پنڌ ڪندي اچي رهيو آهي.

هو مٺي ۾ رهڻ دوران شهر جي معزز رئيس آچار خان، مکي لکميچند، آسن داس سوٿهڙ ۽ ٻين وٽ حاضري لڳائيندي راڳ جو جوت جلائيندو رهيو. شهر جي گهرن توڙي مندرن جي مختلف ستسنگن ۾ ڳاتائين.

عوامي اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن مٺي آيو تڏهن موهن جي ڳائڪي کي هڪ نئين پذيرائي ملي، ڀٽي موهن جي آلاپ کي ڏاڍو ساراهيو ۽ ائين ريڊيو ۽ ثقافت کاتي جي اختيارين کي موهن ڀڳت جو نالو ٻڌڻ ۾ آيو. غلام حسين شيخ، موهن ڀڳت کي ريڊيو تي وٺي آيو. گهڻو پوءِ ناميارا اديب آغا سليم ڪيس ٽي وي تي آندو.

موهن ڀڳت جي فن کي بيان ڪرڻ لاءِ هن جي انداز ۾ وائي جي ڳائڪي کي ٿورو بيان ڪرڻو پوندو.

نندي ڪنڌ ۾ روحانيت جي رمز ۾ رهندي مختلف تحريڪون هليون آهن. جن ۾ هڪڙي "ڀڳتي تحريڪ" به آهي. ڀڳتي تحريڪ کي وري ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. رام ڀڳتي ۽ "ڪرشن ڀڳتي" اصل ۾ ٻئي تحريڪون ٻن مختلف ڪردارن جو ساڳيو تسلسل رکن ٿيون. ميران ٻائي، ملڪ محمد جائسي، رحيم خان خانان، سنت سورداس، تلسيداس، ۽ رويداس سميت ٻيا شامل آهن. انهن پنهنجي فڪر کي ڦهلائڻ جي لاءِ نندي ڪنڌ جي پراڻي ۽ سادي راڳ کي وسيلو بڻايو. جنهن ۾ ٿوري گهڻي ڦير ڦار به ٿي، پر بنيادي طور تي انهي جي جڙ ڏرتي سان لاڳاپيل ۽ عوام جي دلين وٽان هئي. موهن ڀڳت جو راڳ ڀڳتي رنگ مان ڦٽي نڪتل هو. جنهن کي خوب کان خوب تر هن جي پنهنجي مخصوص آلاپ ڪيو. سنڌ ۾ هي ڀڳتي راڳ ٻين ڳائڪن به ڳايو آهي، جن ۾ ڪنور ڀڳت، موٽو مل، سجڻ ڀڳت، سليمان شاهه ڏاهو ڀڳت، صالحو ڀڳت، راڄي خاناڻي وارو ۽ ٻيا شامل آهن. ڪنور ڀڳت ۽ سيد سليمان شاهه رقص ۾ ڳائيندا هئا. جنهن کي ڀڳتي ناچ وار راڳ به چيو ويندو آهي.[19]

ٿر ۾ ڀڳتي رنگ جو راڳ عام آهي. ڪيترائي ڀڳت انهي رنگ ۾ ڳائيندا آهن. موهن ڀڳت، ڏامو ڀڳت، ڀڳت سترام داس به ٿر جائي طور مشهور ڀڳت راڳي رهيا آهن. پر موهن ڀڳت کي پنهنجي آلاپ جي ڪري انفراديت رهي. موهن ڀڳت جي آلاپ هاڻ ۾ ڪان وانگر ڪڙ ڪڙ ڪري چُڀي ويندو آهي ته ڪٿي واڍوڙڪي وڌ تي پيار

[19] تماهي مهراڻ





جي پٽي پڌندو اهي. موهن جي آلاپ تي جنهن جي به دل نه جهومي، من سرمستيس ۾ نه اچي اهو ملير جي مٽي جو ويري ئي سگهجي ٿو.

"وائي" جي ڳائڪي پڻ سنڌ شاعري جي اوائلي دور کان شروع ٿي آهي، "وائي" صوفين جي اوتارن ۾ "وائي" جو عروج شروع ٿيو. لفظ. ووءِ "مان نڪتل آهي يا" واڻي" مان "واڻي" هندي. مارواڙي گيت (ڀڄن) جي صنف آهي، جنهن کي ڀڳت ڳائيندا آهن. ڪبير ڀڳت ڏونگر پري، تلسيداسس ۽ ٻين سنتن جي سمجهاڻين وارن "ڀڄنن" کي "واڻي" چيو ويندو آهي. شاهه لطيف جي موسيقي پڻ چيو وڃي ٿو. موهن ڀڳت ڀڳتي رنگ ۽ ڳائڪي جو منڙو راڳي هو. سروپ ڀڳت موهن ڀڳت سان گڏ ڳائيندو هو. موهن ڀڳت کي ڪيترائي ايوارڊ مليا، پر کيس اصل خوشي تڏهن ٿي، جڏهن کيس لطيف ايوارڊ مليو. موهن ڀڳت زماني جي تلخين کي سهندي راڳ جي عبادت ڪندي 10 مارچ 1995 ۾ هن فاني دنيا کي الوداع ڪيو. فقير محمد لاشاري، واجد منگي، سنيو هميراڻي، موهن ڀڳت جا ويجها ساٿي ۽ وڏا قدر دان رهيا. موهن ڀڳت ڏک سک ، درد جي گهراين جي اُچل ۽ اُٿل انهن ساڻ ئي ڪندو هو. موهن ڀڳت عمر جا آخري ڏهاڙا بيماري جي بستري تي ڏکيا ڪٽيا، مٺي جي اهل دولت ماڻهن موهن جي مدد نه ڪئي. موهن جي غربت جي غم جي پيڙا شعر ۾ سمائيندي ادل سومري چيو ته

ڀڳت تنهنجي ڀونءِ تي ٻک پئي پڙڪي،
سک سمورا تنهنجا رواڻ ويو رڙڪي
دولت جي ڏڙڪي، ساهه تنهنجو سڪايو

موهن جو ڀاءُ سروپ ڀڳت موهن کان پوءِ "ڪهڙي منجهه

حساب، هئڻ منهنجو هوت رهيءَ...“واري ڪيفيت ۾ ڪجهہ سال زندهہ رهندي راڳ ڳاتو. پر راڳ شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ اڪيون پري چوندو هو تہ ”منهنجو ياءُ موهن ڀڳت ائين ڳائيندو هو“ جڻ راڳ وٽس موهن ڀڳت جي امانت هو. سروپ ڀڳت جي اهڙي ڀيٽا تي ڀڏندڙ جي اکين اڳيان موهن ڀڳت جي تصوير تري ايندي هئي.

سروپ ڀڳت بہ موهن ڀڳت جيان لاوارثي جا عذاب سٺا، غربت جي گهاٽي ۾ سروپ ڀڳت سان بہ ساڳيا سور رهيا. بيماري ۾ تڙپندي موهن ڀڳت کان پوءِ سروپ ڀڳت بہ موڪلائي ويو.

جيتوڻيڪ هن وقت موهن ڀڳت جو پٽ شنڪر ڀڳت ۽ پائيتو آتم ڀڳت تنبوري جي تار کي اڄ بہ ڇيڙين پيا، پر راڳ ۽ آلاپ جو جيڪو روحاني مزو موهن ڀڳت مان ملندو هو اهو ڪٿي ٿو ٻين مان ملي...!!!ان جي باوجود، شنڪر ڀڳت، واحد ڀڳت آهي، جنهن مان، موهن ڀڳت جو ٿورو گهڻو ساءُ اچي ٿو.





نامور صحافي

# سهيل سانگي

جنهن جي لکڻين ۾ صحرا جا سڏ پڙاڏا آهن.

سنڌ جي نامور ليکڪ اعجاز منگي پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيو آهي تہ: ”سهيل سانگي جنهن بہ هنڌ هوندو آهي، ٿر جون ڀٽون ۽ انهن تي چوئنرا هتي رهندڙ ٿري هن جي آس پاس رهندا آهن“.[20] اها حقيقت آهي تہ سهيل سانگي جي اندر مان ٿر ڪڏهن ٻاهر نڪتو بہ نہ آهي. ٿر هن جي روح ۾ وسي ٿو. ٿر جي لاءِ هن سندر سپنا ڏٺا آهن. جن جي ساپيان جي لاءِ سياست کان صحافت تائين هن وڏو پنڌ ڪيو آهي. پيڙائون برداشت ڪيون آهن. مون هن شخص کي ٿر جي لاءِ سوچيندي ڪڏهن مايوس ۽ اداس نہ ڏٺو آهي. هر گهڙي نئين اتساهہ ۾ ٿر جي لاءِ اڳتي وڌيو آهي.

وسڪاري جا وٽندڙ ڪڪر جڏهن ٿر جي سيمن کي سائو ويس پهرائيندا آهن، جڏهن پلر جي بوند موتي مثل محسوس ٿيندي آهي. تڏهن سهيل سانگي ڪٿي بہ هجي، ٿر ڏانهن موٽي ويندو آهي يا عمرڪوٽ ۾ رات رهي اباڻي ڳوٺ جنجهي ڏانهن سفر ڪندو آهي. جنجهي جي ڳوٺ ۾ چونئري واري اڱڻ تي لالٽين جي روشني ۾ هن کي ٿر ۾ گوتم ٻڌ جي گيان جي پستڪ جهڙو لڳندو آهي. ٻڪري جي کير

[20] ڪاوش مئگزين 1994ع

واري چانهہ جي ڏيک تي ياد ايندو آهي تہ هن ڳوٺ ۾ راڄ پڄاڻي ۽ روشني جي شروعات جو سلسلو ڪيئن شروع ٿيو هو. پوءِ ڳوٺ جي نوجوانن کي گڏ ويهاري ٻاروتڻ جي ساروڻين ۾ ٻڌائيندو آهي تہ ڪيئن ڏاڏي الهڏني ۽ ٻين ڪوششون ونئي 1936ع جي زماني ۾ ان وقت جي لوڪل بورڊ جي ميمبر ڳوٺ لوڙيون سمان جي رهواسي عبدالغفور سمي جي مدد سان پنهنجي هن ڳوٺ جنجهي ۾ پرائمري اسڪول کولايو هو. نئين ڪليل اسڪول ۾ مبارڪ رند جي استادن سائين شير محمد ۽ گل محمد علم کي عام ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو.

مون جڏهن پرائمري ۾ داخلا ورتي هئي تڏهن ٿر جي پنجاهہ ڳوٺن ۾ اسڪول هوندا هئا. ڪانڪيو جي ڳوٺ جي اسڪول بہ پراڻي آهي. سائين ساهومل ميگهواڙ سترام داس ۽ محمد ماکن راهمي جهڙا استاد ڪيئن ٽا وسري سگهن. سائين سترام داس چاچي سچل کي بہ پڙهايو هو. چاچو سچل پنهنجي استادن جي وڏي عزت ڪندو هو پرائمري ۾ پڙهڻ دوران مون سائين سچل جي تياري هيٺ اسڪالر شپ جو امتحان پاس ڪري نمبر کنيو هو تڏهن منهنجي خوشي جي ڪيفيت ڪهڙي هئي، چا ٻڌيان!؟ ڳوٺ ۾ ڪيڏي غربت هئي پر ماڻهن وٽ ميٺ، محبت ۽ ماڻهپو هو. ميلن ۽ ملاکڙن جو عروج هيو. حيات هاليپوٽو ۾ لڳندڙ جڙيل شاهہ جي ميلي تي اسين اڪثر ويندا هئاسين.

ڪڏهن ڪڏهن هيرار جي ميلي ۾ پنڌ پهچي وڃبو هو. امان الله بانسري ۽ چنگ وڄائڻ جو ڄاڻو هو. دين محمد اپلاڻي اٺ تي بيهي اٺ کي ڊوڙائيندو هو. لوڪ ڏاهپ واري هن فن تي ماڻهو حيرت ۾ ڏسندا هئا. ڏاڏو حافظ ميگهہ ۽ سندس پٽ سائين حاجي الهداد





جنجهي تمام وڏا سگهڙ هئا. لطيف سائين گهڻو ياد هوندو. ڪرنور جي ساهڙ ٽيٻي جي اچڻ سان سگهڙن جي ڪچهري مچي ويندي هئي“سر منڌل” جي راند سان گڏ ڪوڏي ڪوڏي“گابڙي، ونجهہ وٽي” نوڪٽي ۽ شينهن ٻڪري” جهڙيون رانديون ٿينديون هيون. سائين مگهن پري جڏهن پنهنجي ڳوٺ استاد ٿي آيو هو تڏهن والي بال راند جي شروعات ڪرائي هئي، سيندّل، نعمت الله، مٺر اداس، آئون ۽ ٻيا ساٿي گڏجي شام جو والي بال راند ڪندا هئاسين. سائين مگهن پُري کي انگريزي پڙهائڻ جو وڏو شوق هوندو هو. هن اسان کي انگريزي گرامر تمام آسان نموني سيکاري هئي. سائين سچل جي ڪوشش سان ڳوٺ ۾ نياڻين جي اسڪول کلي. سائين سچل جي جستجو سان انگريزي پهريون ڪلاس شروع ٿيو. پوءِ مڊل اسڪول جو درجو مليو. ان اسڪول کي آباد ڪرڻ ۾ سائين سچل جنجهي ڪيڏي جستجو ڪئي هئي. اسڪول جي عمارت جي مرمت بہ چاچو سچل پاڻ ڪندو هو. چاچي سچل ڪيئن ٻين ڳوٺن ۾ علم بابت آگاهي جي مهم هلائي هئي. ٻين ڳوٺن جا ٻار مائٽن کي منٿ ميڙ ڪري ونئي اچي اسڪول ۾ داخل ڪرايا هئا. استادن ۽ ٻارن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جي لاءِ چاچي سائين سچل ڳوٺ ۾ مفت هاسٽل قائم ڪئي هئي.

ارجن لال سوٿهڙ، عبدالصمد سنگراسي، بختاور سنگهہ، محمد سليمان، آنبارام کتري، ڏرمداس، محمد وارث سنگراسي، پريو لال پريم شيواڻي بہ هن اسڪول جا استاد ٿي رهيا. مڊل اسڪول کان هاءِ اسڪول ٿيڻ تائين وڏو تاريخي سفر آهي. جنهن تي پي ايڇ ڊي ڪري سگهجي ٿي. اسان ٽن ڀائرن محمد عرس، محمد اڪبر ۽ مون انهن گڏجي پاس ڪيو هو. ان وقت هاءِ اسڪول نہ هئي بابا سائين وٽ ٽن پٽن جي پڙهائي جو خرچو برداشت ڪرڻ جي توفيق نہ هئي. انهن پاس

ڪرڻ کان پوءِ هڪ سال آئون ڳوٺ ويٺو رهيس. واندڪائي ۾ جام ساقي جا آندل ڪتاب پڙهندو هوس. تنقدي اپياس لکڻ سان گڏ شاعري سرجڻ شروع ڪئي هئي. ڀٽائي ۽ شيخ اياز کي پڙهيو. شيخ اياز جي وائي "عشق اسان وٽ آيو آرائين جيئن جهول پري" ۾ ٿر جي پسمنظر ۾ ڏنل تشبيهن تي تنقيدي جائزو نئين زندگي رسالي ۾ لکيو آهي.

پوءِ ٻن ڀائرن منهنجي لاءِ قرباني ڏني ته. پهرين تون پڙهه اسان بابا سائين سان گڏجي تنهنجي پڙهائي جي خرچن جو بندوبست ڪنداسين. جنجهي کان چاچرو پنڌ وڃڻو پوندو هو. چاچري ۾ اتم چند، تلجارام، پونم چند، چندن لال ۽ ٻيا استاد هوندا هئا. احمد علي ميمڻ هيڊ ماستر هوندو هو. مون کي اها ڳالهه سدائين ستائيندي رهندي هئي ته پئسي نه هجڻ ڪري منهنجا ٻه ڀائر پڙهي نٿا سگهن. مئٽرڪ ڪرڻ کانپوءِ آئون وري ڳوٺ اچي رهيس. مون پڙهڻ تي چاهيو پر غريب جي گهاٽي اها آس ٽوڙي رکي هئي. ڳوٺ ۾ ڪو ڏنڌو ڌاري نه هو. امان پريشان رهندي هئي ته منهنجو پڙهيل پٽ هاڻي ڇا ڪندو، ڪا نوڪري نه ملي رهي هئي، جيڪا ان وقت مئٽرڪ ڪندڙن جو وڏو مقصد هوندي هئي.

ان وقت جام ساقي حيدرآباد ۾ رهندو هو اتي پڙهائي سان گڏ سياست ڪندو هو. هڪ ڏينهن امان جام ساقي کي منهنجي نالي چيو ته هن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ، هي پڙهڻ چاهي ٿو. اتي پڙهائنس، جام امان کي ورندي ڏيندي چيائين ته ڇوڪرو مون کي ڏئين ٿي ته وري مون کان واپس نه وٺجان. نه ئي هن مان پئسن جي اميد رکجو پاڻهي پڙهي وڏو ماڻهو ٿي ويندو. پوءِ آئون جام سان گڏجي حيدرآباد ويس.

ڳالهين جي گهير ۾ اوچتو ڪنهن جي روپ سروپ جي سار





ڇرڪائيندي آهي ته. تڏو ساهه پري ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي ڇوندو آهي ته. مون کي ٿر جي تاڪ منجهند وٽندي آهي. سياڻي منجهند ٿاڻي رهيل ڳالهه کي اڳتي ڪٽنداسين.

محبت جي تصور ۾ لڙي آيل لڙڪ هن جي ڳل منڊي جي هيري جيان چمڪندا آهن. لوڪ کان لڪي لڙڪ اگهي آسمان ڏانهن نهاريندو آهي ته. ڳوٺ مٿان حسن جي پر اسرار جلووي وارو چنڊ آريائي دور جي مقدس آڳ وانگر لڳندو آهي. سوچن جي وڏي ٽپي کان پوءِ ڇپن تي پٽڪو آڻيندو آهي ته. ڇا هي چنڊ رات جي پوئين پهر اچڻ تي لهي ويندو؟ جڏهن مون چاچرو جي شهر ۾ سرنگهو تي چانڊوڪيءَ نچارو ٿيندي ڏٺي هئي، تڏهن مون کي ڌرتي تي ڇوڏهين جي اهڙي چنڊ چندن جي ڪاٺ جيان ڇيري منهنجي من کي مهڪايو هو. ڇا اج آئون شيخ اياز جي ٻولن ۾ پراڻي پريت کي نئين ريت ۾ پڪاري سگهان ٿو ته.

اج اچ گهوري گهاءِ،
تو ٻن ڇين نه آئيو.
آڌي رات اڱار تي،
منهنجا انگ نچاءِ،
تو ٻن ڇين نه آئيو.

مانيٽي مرڪ وارو شخص سيٺنل يا سئنيو مان سهيل ڪڏهن ٿيو خبر نه آهي!؟ پر سانگي جي تخلص هن ان وقت رکيو هو جڏهن داخلي ۽ خارج ڪيفيتن جي ٿيندڙ پيچ ڊاهه کان پوءِ پيدا ٿيندڙ احساس جي اظهار جي لاءِ هن ڪوتا ديوي جي پانڌ پڪڙيو هو.

هن وٽ سڪ هئا ئي ڪو نه، جو گهوري نڪري، هن وٽ نسلن کان ڏڪڙا هئا، جن کي ڏونرن جي پسي ۾ ڳاڳين جي مناس جهڙي ڏٺ

ٻڌائي پنهنجي ذات پالي ورٺي ۾ مليل لوڪ ڏاهپ ۽ ڪلا ڪيتر جي سنگم سان هن کي پتو پيو تہ ڪهڙن ويڙن تي اڪڙين ۾ سرموءِ مانگ ۾ مگرا سڪي ويندا آهن ! جهڙن ۾ جهيڙي باهہ جيان ڳوڪر ڪونج ڇو ڪندي آهي؟ رڻ ۾ روجهہ ڇوهہ ڇلانگ ڏيئي ڇو ڇپي ويندا آهن ! ڳاڙهيون لونگيون ڪلهن مٿي رکي مارو ڪيئن هلندا آهن.

ٿر جي لوڪ گيتن ۾ هن نہ صرف سانجهہ جي جانجه کي مرڪندي ٻڌو پر سونهن، سرت، چاهہ، چاندوڪي، خوشبوءِ خوشيءَ، اڄ اساٽ، دک، درد، آدرش ۽ اتساهہ جا اهڃاڻ گونجندي ٻڌا. هن ان وهيءَ ۾ پختو ويچار ڪيو تہ حالتن جي ڪاڪ محل جا سيئي طلسماتي امتحان اُڪري پانڌ پسائڻ بنا منزل جي مومل ماڻڻي آهي. انهيءَ جي لاءِ هن پاڻ ۾ اهو ڳڻ پيدا ڪيو تہ انسان ذات جي گڏيل خوابن يعني بک ۽ بدحالي جي خاتمي، پيار جي پالوٽ، انصاف جي خاطري، آجپي جي خوشحالي تائين عام ماڻهو سان گڏ رات جي اونداهي ۾ اڳيان، اڳيان ۽ ڏينهن جي سوجهري ۾ پويان پويان همسفر ٿي هلڻو آهي.

سهيل سانگي عمر جو وڏو حصو سچ ۽ روشني جي عزت ڪرائڻ ۾ گذاريو آهي. سماج ۾ انهي ڳالهہ کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. تہ دنيا ۾ جهالت ۽ بي عملي کان وڌيون برايون آهن. جا ڳالهہ اسان پنهنجي لاءِ پسند ڪريون ٿا، اها ٻين لاءِ بہ پسند ڪريون.

آڪٽومبر 1950ع ۾ سچل جنجهي جي پاڙي محمد رمضان جي گهر ۾ جنم ورتندڙ سهيل سانگي ڄام ساقي جي سهڪار سان 1968ع تي حيدر آباد وٺي اچي ان وقت جي مشهور ڪتاب گهر، قومي ڪتاب گهر، تي سيلز مين طور لڳايو. ڪتاب گهر تي ڪم ڪرڻ





سان گڏ هن مسلم ڪاليج ۾ فرسٽ ايئر ۾ داخل پڻ ورتي. ائين پڙهائي جو بہ سلسلو جاري ٿي پيو. انٽر ڪرڻ پوءِ هن سنڌ يونيورسٽي مان انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪئي. ڪاليج ۾ سهيل جي داخل ٿيڻ کان پوءِ ٻن مهينن تي ڄام ساقي سهيل کي پروفيسر جمال نقوي سان ملايو. پروفيسر جمال الدين هن کي مارڪسز ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. هن جي ذهني تربيت تي ڄام ساقي، چگن لال چارڻ، قاسم، پٽر، باقر سنائي ۽ نثار حسيني جو اثر رهيو. ٿر جي ڳوٺ منڙيو چارڻ چگن لال هن جي تمام گهڻي رهنمائي ڪئي، سياست ۾ سرگرم ٿيڻ سان گڏ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ بہ تحرڪ سان حصو ورتو. حيدرآباد جي قومي ڪتاب گهر جي حيثيت اها هوندي هئي جو ان کي ماڻڪ سنڌ يونيورسٽي کان پوءِ ٻي يونيورسٽي سڏيندو هو. روز دانشورن، اديبن، صحافين ۽ سياستدانن جو ڪتاب گهر تي اچڻ ٿيندو هو.

1970ع ۾ ڄام عام چونڊن ۾ حصو ورتو تہ ڄام جي چونڊ مهم کي مجموعي طور تي نگراني وسيم عثماني کي ڏني ويئي. سهيل کي ڇاڇرو چونڊ آفيس جو انچارج ڪري موڪليو ويو. مقامي هجڻ جي ڪري سهيل ننگرپارڪر جي چونڊ آفيس کي بہ مدد ڪئي. مسڪين جهان خان کوسو، عالم چند ڪولهي، گهمن سنگهہ پيل، سنپو هميراڻي سميت مختلف تبديلين پسند اڳواڻن ڄام جي سوپ جي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪيا. سوجي جي ٽڙ جي جي هڪ ميگهواڙ دوست تيجن چونڊ مهم جي هڪ ڪارنر گڏجاڻي ۾ سهيل سانگي جو تعارف ڪرائيند فخر سان چيو هو تہ سهيل حيدرآباد ۾ ڪتاب گهر تي ڪم ڪري رهيو آهي.

سهيل حيدرآباد اچڻ کان اڳ ۾ اڪثر ٿرين جيان ريل گاڏي بہ نہ ڏٺي هئي. نذير عباسي چرچي طور چوندو هو تہ اهو ماڻهو اسان کي

سياست ۾ رهنمائي ٿو ڪري، جنهن ريل گاڏي ۾ مئٽرڪ ڪان پوءِ ڏني آهي"شايد نظير عباسي کي اها خبر نہ هئي تہ ٿر ئي کي ڦهريون پيرو جڏهن سائين سچل نارنگي آٽي ڏني هئي تہ ڪلن سُوڏو ڪائڻ شروع ڪئي هئي.

ڪاٻي ڌر جي سياست ۾ هن جي ذهانت هن کي جلد گهڻو اڳتي وٺي آئي سياسي، سرگرمين جي رپورٽن ۽ ترقي پسند ادب عام ڪرڻ جي لاءِ نڪرندڙ رسالي"پرهہ ڦٽي" جي آڏار تي ٽيم ۾ سهيل سانگي کي اهم ذميواري ڏني ويئي. پارٽي جي پريس رليز ٺاهڻ ۽ ٿر جي ڏڪارن ۾ ٿر جي صورتحال بابت اخبار وارن آگاهہ ڪرڻ جي جستجو هن کي ميڊيا جي ويجهو آڻي ڇڏيو. هن پنهنجي دوست ڊاڪٽر جيوت سان گڏجي ٿري شاگردن جي گڏجاڻي ڪوٺائي. ٿر جي ڏڪار ۽ ٻين مسئلن کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ مهم شروع ڪري مسڪين جهان خان کوسي جي ڪم ۾ هٿ ونڊايو. هن روزاني عبرت اخبار جي ٽيم ۾ شامل ٿي ڪالمن ۾ ٿر جي ڏکن ڏاکڙن جي اظهار سان گڏ ٿري سماج جي ذهني، شعوري ۽ نفسياتي عڪس کي اکرن ۾ آندو.

ايم اي انگلش ڪرڻ ڪان پوءِ هن نوڪري جي ڳولها شروع ڪئي. هڪ دفعي ڪراچي ۾ ڪاليج ليڪچرار جي پوسٽ جي لاءِ انٽرويو ڏيئي سهيل سانگي پنهنجي دوست ڪامريڊ سليم قاضي جي جاءِ تي ويو. واپسي جي لاءِ سنيپريو تہ قاضي چيو تہ، آئون بہ حيدرآباد هلان ٿو تون مون سان گڏ هل. رستي ۾ قاضي چيو تہ ڪامريڊ تون نوڪري کي ڇا ڪندين !؟ آئون سنڌ نيوز" نالي اخبار ڪيان ٿو اها جوائن ڪري، اخبار جون تياريون شروع ٿيون، شيخ عزيز ايڊيٽر هو ٻي نمبر تي اختيار سهيل کي ڏنا ويا، ٻنهي ڄڻن گڏجي پوري سنڌ جو دورو ڪيو. نمائندا چونڊيا. ائين سهيل باقائده صحافت جو حصو





بڻجي ويو. جيترو سياست ۾ سچائي جي ساک تي رهيو اوترو ئي هي صحافت جي پيشي ۾ پيشوراڻا روين جي سڃاڻپ بڻجي اڀريو.

1980ع ڌاري سياست جي سرڪشي ۾ هلندي ڪراچي مان پنهنجي دوست ڪمال وارثي سان گڏ گرفتار ٿيو. ڄام ساقي اڳ ۾ ئي ترم ۾ واڙيل هو. رهيل ساٿين مان نذير عباسي، پروفيسر جمال نقوي، شبير شر ۽ امر لال تائين سرگرم ساٿي سوگها ٿي چڪا هئا. جيل ۾ پٽائي جو سر مارئي هر ويلي هن کي ويساهہ ڏيندو هو تہ زنجير ٽٽڻ جي لاءِ هوندا آهن. جيل جي ديوار کي دهل جي ٿاپ جيان وڄائي راڻليو لوڪ گيت ڳائي قيد جا ڪرپ وساري ڇڏيندو هو. اياز جي نظمن سان دوستن کي بہ آٿت ڏيندا هو تہ

نيٺ تہ ٿرندا
ڪيسين ٻرندا ڏينهڙا!!

پر ان وقت هن جو ڏيل آڳ جيان ٻرندي محسوس ٿيو هو. جڏهن نزير عباسي جي وڇوڙي جي وارتا هن جي ڪنن تي پئي هئي.

سهيل سورنهن مهينا قيد تنهائي جا ڪٽيا سهيل تي ڪيس هلي پورو ٿيو تڏهن ضمانت جي لاءِ شيخ علي محمد جي ضمانت جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ جيل مان ٻاهر نڪرڻ سان ئي سهيل کي سفير اخبار ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏيئي روزگار جو بندوبست ڪري ڏنو.

ٿورو ڪائڻ ۽ گهڻو لکڻ، ٿورو سمهڻ ۽ گهڻو سوچڻ واري هن شخص جي سياست ۾ تربيت ڪئي ويئي، پر صحافت ۾ هن ٻين جي تربيت ڪئي آهي. سنڌي صحافت ۾ مزاحمتي صحافت جو بنياد وجهڻ جي لاءِ تاريخ هن جي ڪلهن تي وزن رکيو. هن جي صحافتي صلاحيتن جي نکار شهرتن جي آپي کي تڏهن رسي جڏهن سهيل

سانگي عوامي آواز اخبار جو چيف ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر بڻيو. هن عوامي آواز جي نمائندگي جي لاءِ ڪوشش ڪئي ته ڪاڇي ڏر جي ڪارڪنن انهن ساٿين کي موقعا ڏيئي صحافت ۾ آڻجي. جن ۾ مزاحمت جي سگهه وڏيڪ آهي. هن چونڊ ڪيل ساٿين جي صحافت جي لاءِ پيشوراڻا تربيت ڪئي.

ان وقت ف م لاشاري ۽ علي قاضي به سنڌي صحافت ۾ روزاني جاڳو ۽ روزاني ڪاوش جي پليٽ فارم تان جدت جي جوت جلائڻ شروع ڪئي هئي. سهيل سانگي جي ميدان مچائڻ ڪان پوءِ صحافت جي ان ٺمورتي سنڌي صحافت ۾ ائين سگهه ڦوڪڻ جي جستجو ڪئي، جيئن شينهن پنهنجي نئين ڇاول ٻچي ۾ سگهه ڦوڪيندو آهي. پر بدقسمتي سان اها ٺمورتي جلد ٽٽي پئي. ف م لاشاري روڊ حادثي ۾ گذاري ويو. سهيل سانگي به اخبار جي انتظامي معاملن ۾ اڻ وڻت جي ڪري روزاني عوامي آواز ڇڏي آيو.

سهيل سانگي ”عوامي آواز“ ڇڏڻ ڪان پوءِ ڪراچي مان پهريون سنڌي نيزو مئگزين شايع ڪيو. جنهن جو نالو رکيو ”آرسي“ آرسي جا عڪس صحافت جي نواڻ جا تسلسل لڳا. وڏي مقبوليت ملي. مئگزين جي ٽيم ۾ خدا بخش ابڙو عاجز جمالي، رحيم بخش برق ۽ زاهد ميراڻي شامل هئا. هن مئگزين ۾ ڇپجندڙ رپورٽ ۽ مضمون تي ليکڪ کي معاوضو ڏنو. سنڌي صحافت ۾ معاوضي ڏيڻ جي روايت آرسي وڌي. آرسي ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل اهم حيثيت رکن ٿا. آرسي“ کي هلڻ نه ڏنو ويو. مختصر سفر ۾ آرسي پنهنجو نالو ڇڏي بند ٿي ويو.

اسان جو روشن خيال صحافي ۽ اسڪالر صحافت جي فيلڊ ۾ مختلف هنڌن تي رمندي روزاني ڪاوش ۾ به گهڻو وقت رهيو. ڪاوش جو اسلام آباد جي لاءِ بيورو چيف ٿي پهتو ته اتي پاڀهر جو دين محمد





اڍيجو ٽر جون خبرون ڪرڻ جي لاءِ ملي ويو. دين محمد کي چوندو هو ته: ”مون موڪئي جي رڻ وٽان گذرندي پڪ ڪئي ته اوچا ڏيپ چنڊ جي ڇهري کي ڪڏهن رهڙون ننا ڏيئي سگهن. دامن ڪوهه جي روپ رتل راتين کان ڪارونجهر جي ڪور تي سونهن جي ساک ڪٽي گذاريل راتيون حسين آهن. سارنگا جي هٽن جي اتاريل آرتي اڄ به اکين اڳيان ڦري ٿي.

هن جي حفاظتي ۾ ٽر جا وٽندڙ دور آهن ته تلخ تجربن جا به داستان ڇتا آهن. سهيل سان ڳالهائيندي محسوس ٿيندو آهي ته ٽر سان گفتگو ڪري رهيا آهيون. هن آندري مالرو جو ناول ”آس جا ڏينهن“ پڙهيو آهي الائي نه. پر ڄام ساقي جي ناول ”ڪاهوڙي ڪڇن“ محمد حيات عاجز جي ڪهاڻين جي مجموعي ”پٿون پرجي آئيون“ جي سٽ سٽ هن کي ياد آهي. جڏهن ٽر جي پڳتن جا دوها چپ ڪري هن جي ڇپن وٽ اچي ويهي رهندا آهن، تڏهن تصور ۾ ميران ٻائي روئي پوندي آهي. سماجي مت پيد ۽ ڇات ڇوت کان آجي انسانيت ۾ ويساهه رکندڙ هن شخص کي دلت ادب جي شاعر نامديو ڏاسل نظم جي سٽ ياد ايندي آهي ته: ”منهنجو پاڇو صرف منهنجا پير ڍڪي سگهن ٿا.“

سهيل ڪڏهن ڪوڙ جي ڪوٽ ۽ منافقي جي ترار کان ڊنو نه آهي. هن سدائين سچ لکيو آهي، سچ چيو آهي. سچ جي لاءِ سختيون سٺيون آهن. هن ڪڏهن مصلحتن ۽ هٿ نوڪن ناهن تي پاڻ کي هيرايو نه آهي. سهيل سانگي ڪڏهن انڌيرن جي آجيان نه ڪئي آهي. سنڌ جي نوجوان سان ملي پهريون سوال ڪندو آهي ته:

حالتن کان فرار ڇا جي لاءِ،
سچ سورج مکي جي آڏو جهل،
هي انڌيرن سان پيار ڇا جي لاءِ

سنڌ ۾ سياست، صحافت ۽ ادب جي سفر ۾ پنڌ ڪندي هن ڪي گھاٽوءَ ۾ رڻ جھڙي راتڙي بہ پئي. پر هن ڪڏهن قلم جي ڪرهي کي ڪُڏڻ جو نہ چيو آهي. هن کي پتو آهي تہ ڪير ڪير ڏوٽين ڏڳ چڙي ويا. ڪھڙن اوتارن ۾ ڏمالن تي ڏوڙ چڙهي ويئي. ڪھڙن اوتارن ۾ مڙني کي ماٺ اچي ويئي. ڪھڙن اوتارن ۾ اڄ بہ وائي گونجي ٿي. سرخ سياست جي تقريرن کان وٺي اخبار جي سرخين ۽ ٽي وي شو جي تجزياتي تبصرن تائين سهيل سانگي ڪڏهن جذباتي نہ ٿيو آهي. ڪھڙي بہ ڳالهہ ڪرڻي هوندي آهي، ڪڏهن جذباتي نہ ٿيندو آهي. پنهنجي پوري سڪون سان چوندو آهي تہ، آئون سمجهان ٿو تہ ائين ٿيندو يا آئون سمجهان ٿو ائين ممڪن نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن جو اجان اختلاف جاري آهي تہ، چوندو آهي ڏسي وٺ! مون کي ائين نٿو لڳي.

مون سائين سچل نہ ڏٺو هو پر جام ساقي ۽ سهيل سانگي سان ڪيترين ئي ڪچهرين ڪيون آهن. آئون سهيل سانگي کي چاچو چوندو آهيان. سهيل سانگي پنهنجن پٽن جيان پاليندو آهي. ٽر جي ڪيترن نوجوانن سهيل جي گهر رهي اعليٰ تعليم پرائي آهي. سهيل سانگي سدائين نوجوانن کي تعليم جي لاءِ اتساهيندو رهيو آهي.

سهيل سانگي جڏهن روزاني سنڌ جو ايڊيٽر ٿي آيو. تڏهن مون ڪجھ ڏينهن سهيل جي ادارت ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪيو. ڪنهن غلطي تي سهيل گرم ٿيڻ جي بدران ٿڌن مزاجن سان اهڙي ڪلاس وٺندو هو، جو ٻيهر غلطي جي ڪا گنجائش نہ رهندي هئي.

سهيل سانگي هڪ محب وطن ۽ ذهين استاد جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ماس ڪميونيڪيشن جي شعبي ۾ هڪ وزيٽر پروفيسر جي حيثيت ۾ صحافت پڙهائي ٿو. شاگردن کان عملي ڪم





ڪرائيندو آهي. شايد سنڌ جو ڪو ورلي ماڳ، مڪان ۽ شخصيت رهي هجي جنهن تي سهيل جي شاگردن اسٽوري ۽ انٽرويو نہ ڪيو هجي. هن جي ڪوشش آهي تہ سندس شاگرد ڪڏهن مهٽي هاب صحافت جو حصو نہ ٿين. صحافت جي ميدان ۾ ڪيترائي سهيل جا شاگرد ڪاميابي سان اڳتي وڌي رهيا آهن.

آءِ اي رچرڊس پنهنجي شاگردن کي مختلف شاعرن جي شاعري جا پنا ڏيئي تنقيدي اڀياس لکي اچڻ جو چيو هو شاگردن جيڪي نوٽ لکيا تن کي ميڙي رچرڊس هڪ تفصيلي مهاڳ لکيو هو. اهو ڪتاب ادب جي دنيا ۾ تنقيدي اڀياس جو اهم ڪتاب آهي. سهيل سانگي رچرڊس وانگر شاگردن کي صحافتي هوم ورڪ ڏيئي رهيو آهي. سنڌ سنڌي صحافت جي ميدان ۾ سهيل سانگي کان اهڙي ڪتاب جي اميد رکي ٿي.

شيڪسپيئر پنهنجي هڪ ڊرامي "ڪنگ ليئو" جي هڪ ڊائلاگ ۾ چيو آهي تہ، "ڪنهن نانگ کان ڪيترا تکا ڏند آهن، هڪ احسان فراموش ٻار کي" سهيل سانگي بہ اهڙا احسان فراموش ساٿي ۽ شاگرد مليا آهن پر هن وٽ سهپ جو مادو تمام وڏو آهي.

سهيل سانگي جڏهن ٽر ۾ ارٽ اپاٽڪا ڏٺا آهن، تڏهن اکيون پرجي آيون آهن. هن ڪڏهن واريءَ ۾ پيرا وڃايا نہ آهن. پر اڄري صبح جي پار پٽن مارو ماڻهن کي پٽن ۾ پٽڪايو آهي تڏهن لوڪ کي ميار ڏيڻ جي بدران پالوا جي پٽ تي پهچي اياز جي وائي ڳائي ٿو تہ،

تون ئي نانهہ ملير،
آئون اُهائي مارئي.
آهہ اڃايل اڳ جيان،
منهنجو ساهہ سرير
آئون اُهائي مارئي

اڄ بہ پنهنجي تبديل ٿيندڙ ٿر جي نئين سر ڳولا ڪري ٿو. جڏهن هن کان ڪوئي سوال ڪندو آهي تہ ٿر جي واريءَ ۾ ڇا رکيل آهي؟ تڏهن هن کي سيد نديم سعيد جي ڊرامي آخري گيت جا ڊائلاگ ياد ايندا آهن.

روزاني ڊان جي صفحن تي انگريزي ۾ لکيل ڪالمن کان وٺي اردو اخبارن ۾ ”ميري دل ميري مسافر“ ”هاٿ سلامت رهي جب تڪ“ جي سري سان لکيل آرٽيڪلن ۾ صحرا جا سڏ پڙاڏا آهن.

سموري سنڌ کي پنهنجي سوچ ۾ سهيڙي رکندڙ هن ڪامريڊ سياستدان ۽ صحافي جي اندر ۾ مايوسي جو منڊ جڙڻ جي بدران سدائين آس جا موتي مهڪن ٿا تہ:

نيٺ تہ ايندو فصل بهاران، نيٺ تہ ايندو.

پر ٿر جا مور جڏهن هن جي من ۾ ٿهوڪندا آهن تڏهن بي اختيار تعلقي ڇاڇري جي راڳي حيدر رند جو ڳايل گيت جهونگاريندو آهي تہ:

موريا ري موريا مينٿو تون ٻوليو
گڙتي رات نون...





سنڌي ادب جو سچو سرجڻهار

# ولي رام ولڀ

ادبي تاريخ جو ڪڙو سچ اهو آهي تہ اديبن جي وڏي اڪثريت وٽ فن، فڪر ۽ ڪردار ۾ ڪوڙ جي ڪوٽن ۽ منافقي جي منظرن کانسواءِ ڪجهہ ٻيو ڪونهي، تمام ٿورا اديب آهن، جن ڪوڙ جي ڪيمياگري کي رد ڪيو آهي، انهن جي اکين ۾ ڪارو پاڻي نہ لٿو آهي، ماڻڪين ۾ موتيا پيدا نہ ٿيا آهن، ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏک ۾ ڪانئر ۽ ڪميڻو ٿيڻ جي بدران نئين حوصلي سان نئين اُمنگ سان زندگي جي ڀرپور قوت واريون سٺيون سرجيون آهن، ترجمو ڪري عالمي ادب مان آنديون آهن، پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن سان بي انتها محبت ڪئي آهي، پنهنجي قوم کي جيارڻ جا جتن ڪيا آهن. منهنجو اهو پختو ويساهہ آهي عوامي رنگ اختيار ڪندڙ تاريخ ۾ سنڌ جي انهن سچن اديبن کي وڏي مان مرتبي سان جاءِ ملندي.

سنڌي ادب جي انهن سچن سَرجڻهارن ۾ ٿر جائو وليرام ولڀ پڻ شامل آهي، جنهن جو جنم ٿر جي پٽن ۾ ٿيو آهي پر هن کي موهن جو دڙو ايترو ئي پيارو آهي جيترو ڪارونجهر جو پهاڙ هي پالوا جي پٽ تان اپرندڙ سج کي ڏسي سرهو ٿئي ٿو تہ ڪيٽي بندر جي چانڊوڪي کي بہ روح ۾ اتاري ٿو. سڄي سنڌ سان ديومالائي ڪردارن وانگر پريم رکندڙ وليرام ولڀ سنڌي ٻوليءَ جو ڪهاڻيڪار، شاعر،

مضمون نگار، ترجمي نگار ۽ نقاد آهي، هر حيثيت ۾ ادب جي آبياري جي لاءِ مصروف عمل رهيو آهي.

لفظن جي ويس ۾ هن مانائتي سرجڻهار جو خاڪو هن ريت جڙي ٿو. قد ۾ ڊگهو، ڪپڙي لٽي ۾ ٺهيل ٺڪيل، پرشو بازي کان گهڻو پري، هڪ پر قار شخصيت جو مالڪ، اکين ۾ نمرتا، چهري تي مڪمل اعتماد، نظم ۽ ضبط جو مجسمو سڀاءُ ۾ انسان دوست، هر تضاد کان آجو، خاموشي سان ترقي پسند ادب جي لاءِ پنهنجو پورهيو ڪندڙ اڻ ورچ ۽ اڏول انسان جنهن جي شخصيت وانگر لکيل هر سٽ نثر ۾ هجي يا نظم ۾، ترجمي ۾ هجي يا تخليق ۾، سچي ۽ کري هوندي آهي، جنهن ڪڏهن به ڪوڙ جي ڪلس (لوٽي) تي سونو پاڻي نه چاڙهيو آهي.

ليکڪ پنهنجي ذاتي زندگي ڪيئن ٿو گذاري؟ ۽ هڪ ليکڪ جو پنهنجن لفظن سان ڪيترو سچو هئڻ گهرجي؟ اهو هڪ جدا بحث آهي، ليکڪ جي ڪردار تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ جي بدران رڳو هن جي فن کي ڏسجي انهن جي لاءِ هڪ ننڍڙو عرض آهي ته ڀٽائي جتي "مڱڻهارن مَڀُ، ڪونهي ٻيو ڪيرت ري" واري سِٽ چوي ٿو اتي "طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻها" واري ڳالهه جتائي ٿو.

سنڌي ۾ چوندا آهن ته "ڦيري هڻ فقير، هٿ پنهنجي هانءُ تي" ناميارو نقاد والٽيئر هڪ هنڌ چيو آهي ته "مون کي تنهنجي راءِ جي لفظ لفظ سان اختلاف آهي، پر توکي پنهنجي راءِ رکڻ جو پورو حق آهي، تنهنجي انهي انساني حق جي بچاءُ خاطر پنهنجي ساڄي ٻانهن ڪپائڻ جي لاءِ تيار آهيان." پر حقيقت اها آهي ته سنڌ کي ٻيو ته ٺهيو اديبن جي هڪ حصي پڻ وڏو نقصان رسايو آهي.





وليرام ولڀ پنهنجن آدرشن کي ڪڏهن ڪوٺي جي ڪاٺي نه بڻايو آهي. هن جي اکين اڳيان ڪيترن پنهنجي هڪڙي آڱر وڍرائي پنهنجون قربانيون لکايون آهن، پر هن ڪڏهن به ٽڙڪ نڳي واري بي معنيٰ راهه نه ورتي آهي. سنڌ جي باشعور ۽ سياسي سجاڳي وارن فردن وليرام کي تمام گهڻو پڙهيو آهي، ولڀ پنهنجي دور جي فني ۽ فڪري اڳواڻي ڪئي آهي ۽ ترجمي تخليق ۽ تنقيد سميت هر ليکڪ ۾ فطرت ۽ زندگي جي تضادن جي گهيري ۾ جيئندي اعليٰ انساني قدرن، شعورا حساساتي سونهن جي رکوالي جي لاءِ پڙهندڙ کي اتساهيو آهي. وليرام ولڀ زندگي جي ترجماني ڪندڙ ادب تي ڪم ڪيو آهي. تنهنڪري زندگي جي تخليق ۽ تعمير ۾ هن جو وڏو هٿ آهي. هن معاشري جي عام رواجي توڙي خاص قدرن، ريتن رسمن، خامين، محبتن ۽ نفرتن کي آرٽ سان پيار جو گيان ڏنو آهي ۽ سج جي روشني، چنڊ جي چاندوڪي ۽ ستارن جي سونهن تي هر ڪڻ سيکاريو آهي.

وليرام جي هر لکڻي لفظ بازي کان آجي تز ۽ سچي آهي ڪنهن به دور ۾ وليرام ادب جي بنيادي ڪارج کان مايوس نه ٿيو آهي، هر ٽاڻي آشا وادي ٿي لکيو آهي، هن جون وفادارين ۽ نمڪ حلاليون پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن سان رهيون آهن، هن ڪڏهن به اپ ۾ اڏرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. هن جا پير پنهنجي مٽي تي پختا رهيا آهن، ڪنهن به ڪوڙي تصور کي هٽي نه ڏني آهي. هزار روڪن ۽ ٽوڪن باوجود هن پنهنجو ڪم جاري رکيو آهي، هن جي بغاوت به انوکي رهي آهي. ماٺ ميٺ ۾ وڏي ذهني فڪري اٿل پٿل آڻيندڙ پنهنجي ڌرتي، ٻولي زندگي ۽ انسانيت جي اعليٰ آدرشن سان سچو رهيو آهي.

سوشلسٽ نظام جي شڪست جو پورو اثر وليرام تي ٿيو پر هن ڪڏهن مارڪس، لينن جي تاريخي ڪارج ۾ ڪردار کي هٽائڻ نه ڇڏيو آهي، هن وٽ سماجي انقلاب جو سپنو ڪڏهن بي معنيٰ نه ٿيو آهي. زندگي جي هر گهڙي اتساهه ۾ گذاري آهي، زندگي جي تصوير ۾ سچ سونهن ۾ سرهاڻ جا رنگ ڀريا آهن. هن جو سچو پورهيو انساني تدبير جي لاءِ آهي. پنهنجي تخيل ۾ تصور جي ذريعي تخليق ڪرڻ سان گڏ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان انساني جدوجهد، جاکوڙ ڪاوشن ۾ قربانين کي پنهنجي ٻولي ۾ آڻي، جهالت، آمريت ۾ استحصال پسند قوتن سان ويڙهه جي واٽ وٺندو رهيو آهي. وليرام ولڀ صاحب جو پختو ويساهه آهي ته تاريخ جي ڪڏهن نظرياتي پڄاڻي ٿيڻي نه آهي.

اسان وٽ ڪيترائي نام ڇڙهيا نفرتن جو ٻج ڇٽڻ ۾ استحصالن ۾ پاڳي پائيوار آهن. لفظ بازي ۾ هو پاڻ کي گهڻو ڏيکڻ جي ڪوشس ڪن ٿا، پر سندن عمل کين اگهاڙو ڪري ڇڏين ٿا. وليرام ولڀ ڪنهن جي گلا ڪرڻ جي بدران سدائين سنڌ جي صوفي ضمير ۾ ساڃاهه وندن جي جهيڙي تي ويل آواز کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. فارسي جي ڪنهن شاعر چيو آهي ته مڙس جي خوبين مان پڌرو ٿي پوندو آهي ته عملن ۾ هن جا پير ڪيترا ڪپيل آهن.

اسان ڪنهن ماڻهو جي ساراهه ڪرڻ شروع ڪندا آهيون ته ايتري ڪري ويندا آهيون جو اهو وساري ويهندا آهيون ته هو ماڻهو به آهي، ماڻهو واريون ڪمزوريون هن ۾ به هونديون پروري جي خاميون ڳولڻ شروع ڪريون ته اهڙو لوئيندا آهيون جو هُن ۾ ڪا چڱائي ڪٿان نظر نه ايندي آهي، هن جي خواري اهڙي ڪندا آهيون ست پيڙهيون ياد رکن. اسان وٽ علمي ادب تي تنقيد نه ٿيندي آهي، هتي





طنز جو رواج گهڻو آهي. آئون اهو بنا هٻڪ جي چوان ٿو ته ڪي ماڻهو حقيقي طور تي ساراهه جي لائق هوندا آهن ۾ وليرام ولڀ انهن مان هڪ آهي.

مور سونهن، سچائي، سادگي ۾ مزاحمت جي علامت رهيو آهي، مور جو ٿُهوڪو منو آهي ته تکو به آهي، مور هر وسيهر سان ويڙهاند ڪندو آهي پر اهو سارنگ جي آجيان ڪندو آهي.

سارنگ لي سارنگ چليا بيچ ۾ سارنگ ٿاءِ،
سارنگ سامهون سارنگ ٻولون مُک روسارنگ جاءِ.

(مور نانگ کي مارڻ جي لاءِ ڇهنب سان نانگ پڪڙي آڪاش ڏي اڏرڻ شروع ڪيو ته، ساڳي وقت آيي مان ڪڪر ڪارونيار ڪري وسڻ شروع ٿي ويا، گجگوڙ ٿيڻ لڳي، هاڻي مور امتحان ۾ پئجي ويو، گجگوڙ جو جواب ٿهوڪي ۾ نٿو ڏي ته هاڻ ۽ قاتي ٿو پوي، پر جيڪڏهن ڏي ٿو ته منهن ۾ ورتل نانگ وڃي ٿو.)

ولي رام ولڀ سنڌي ادب جو ٽر جي ڀٽن تان اڏندڙ مور آهي. مون وليرام ولڀ سان هڪ هڪ ملاقات ۾ ڪيئي ملاقاتون ڪيون آهن، هن جي گفتگو ۾ علم ۾ سوچ جو فلسفو اٿلي پوندو آهي، قدرت واري وليرام ولڀ کي نرم ۾ ٻاجهاري دل ڏني آهي. پنهنجي پرائي هر درد تي اکيون ڇلڪي پونديون آهن. هن جهان ۾ اجان تائين ڏک سک ماپڻ جي ڪا ساهمي جڙي نه سگهي آهي ڪا ڪنهن جي لاءِ معمولي ڳالهه آهي ته ڪنهن جي لاءِ اها برداشت کان ٻاهر ٿي پوندي آهي، پر ڪو ٿري سو دک درد هوندي به زندگي کان فراريت اختيار نه ڪندو آهي، وليرام دردن سان پنهنجي فن کي عروج تي پهچايو آهي، ڪنهن شاعر چيو ته:

درد وري به درد رهيو

اُبتو لکيم يا سُبتو لکيم!

ڪهاڻيءَ ۾ هن زندگي جا ٽٽل ٽڪرا ميڙيا آهن. هن جي ڪهاڻي نندي ڪنڊ جي چونڊ ڪهاڻين ۾ شامل ٿي چڪي آهي، شاعري ۾ زندگي جون تلخيون ۽ تجربا ڪيا اٿائين. ٽر جي اڄ ۽ سپنن جي سچ جا هن نثري نظم لکيا آهن جن جا چرڪائيندڙ خيال ۽ جيءُ جهوريندڙ عڪس آهن. ولي رام پنهنجي هڪ نظم ۾ چوي ٿو ته:

”هڪ ٽر جو ڪارڙو هارڙو پاڻي جي لاءِ اڄ ۾ تڙپي ٿو پر هاڻي هن جي لاءِ سوين فٽ اونهو هيٺ زمين ۾ آهي يا ڏور گهٽو آڪاش ۾ آهي ”هر ٽري هار سمجهي ٿو ته اهو منهنجي لاءِ لکيل آهي، اڄ ۾ تڙپڻ هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي ۽ هڪ نظم ۾ آهي ته:

”ڪرسيءَ تي ويهڻ کان پوءِ،

منهنجو دوست

مون کي سڃاڻي نه سگهيو.“

زندگي جي اها تلخي ڪيڏي گهري آهي. مون ولي رام کي پنهنجن دوستن جي لاءِ انهي تلخي ۾ روئندي ڏٺو آهي، مون کي وليرام جي شاعري پڙهندي انگريزي شاعر شيلي جي هڪ نظم جو بند ياد ايندو آهي ته:

We look before and after
And pine for what not
Our since rest laughter with same pain is fraught
Our sweetest songs are these which tell about saddest thought

(اسين ماضي ۽ مستقبل ۾ ڏسون ٿا،

۽ جيڪا نه آهي تنهن کي ڳولهيون ٿا





اسان جي بي اختياري ۽ فطري کل ۾ به ڪو نه ڪو درد سمايل آهي.

اسان جا سڀ کان مٺڙا ۽ پيارا گيت اهي هوندا آهن

جيڪي سڀ کان غمگين سوچن جو داستان ٻڌائيندا آهن.)

نندي ڪنڊ جي عظيم ليکڪا آپا قرت العين حيدر کي پهريون پيرو سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ جو اعزاز وليرام ولڀ ڏانهن وڃي ٿو 1979ع ۾ آپا جي ناول ”سيتا هرڻ“ جو ترجمو ڪيو جيڪو انتهائي پيارو ڪيو انهي کان پوءِ پوين پهر جا پانڌيئڙا، کي سنڌي ۾ آنڊائين. ولي رام آپا جي ناولن کانسواءِ 6 ٻيا ڪتاب ترجمو ڪيا ڪتاب پانت پانت جي عالمي ادب مان ڪهاڻين جا ميڙي سنڌي ادب جي جهولي ۾ ڏنا آهن. مرزا قليچ بيگ ۽ محمد ابراهيم جويي جي سپنن کي ساڀيان ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ هن پنهنجو پُورو ڪردار ادا ڪيو آهي، ولي رام محمد ابراهيم جي قافلي جو هڪ اهم رُڪن آهي، مون کي خوشي آهي ته منهنجو سنڌ جي هن سُپوت سان پيار آهي ۽ پنهنجائپ جو رشتو آهي، آئون هن جي دور ۾ جنميو آهيان.

مون 1999ع ڌاري حيدرآباد ۾ سنڌي اخبارن ۾ سب ايڊيٽر واري نوڪري شروع ڪئي، انهي عرصي دوران منهنجي وليرام ولڀ سان پهرين ملاقات ٿي، هڪ اخبار جي لاءِ ڪائنس انٽرويو ورتم. مون سان گڏ منهنجو پيارو دوست ميوارام ٻالاڻي به هيو. اسان ساڻس تفصيلي ڪچهري ڪئي، ڪيترن ئي موضوعن تي ڳالهيون ٿيون. پوءِ وري 2002ع ۾ اسان جي ڪجهه دوستن گڏجي مني مان”ٽر“ مئگزين ڪڍيو انهي جي لاءِ وري ولي رام ولڀ جو انٽرويو ورتوسين. هر ڀيري هِن سڀاجهي شخص جو وڏو آدر مان ڏٺو پنهنجائپ ۾ اسان جو جُڳن جو ناتو جُڙي پيو هڪ اديب سان گڏ مون کي به پنهنجو هڪ محسن،

هڪ پنهنجو بزرگ مليو ويو. جڏهن به حيدرآباد اچڻ ٿيو آهي. ولي رام کان ضرور آشيرواد ورتي اٿم. ڪڏهن اچڻ ۾ دير ٿي آهي يا ڪوتاهي، ولي رام دل جي پوري درد سان ميار ڏني آهي ته

”ائين وساريو ائٽي ڇڻ جيئرو ناهيان مان...!“

وليرام کان هر پيري مون اُتساهه، اُڪساهه ۽ پيار پاتو آهي. ايم اي سنڌي ادب جي زباني امتحان دوران زيب سنڌي مون کان وليرام ولڀ جي باري ۾ پُڇيو. مون ٻين ڳالهين سان گڏ آخر ۾ اهو چيو ته، حيدرآباد اچڻ ٿئي ۽ وليرام سان نه ملجي اهو پاپ سمجهندو آهيان. وليرام سان ملڻ ۾ من کي شانتي ملندي آهي، وليرام سان ملڻ ۾ وليرام سان ملڻ جي لاءِ سدائين اندر ۾ آرزُو رهندي آهي.

وسين ۽ وهسين، ڏيهاڙي ڏسڻ لئه،
ڏسي ڏسي آئيون، توءِ تلاشون ڪن،
ڍاپيون نه ڍاپن، پسڻ منجها سپرين !

(شيخ اياز)

2004ع ۾ منهنجو سانوڻ رت ۾ ڳائجندڙ ٿري لوڪ گيتن تي ڪتابڙو ”گيت سانوڻ من پانوڻ جا..! ڇپيو. وليرام ڪتاب پڙهڻ سان دليپ ڪوٺاريءَ کي خط لکيو. خط ۾ مون جهڙي فقير کي ”ٿر جو ديو اندر ستيارٿي“ سڏيائين. اها هن جي وڏائي، هئي، نه ته مون جهڙي فقير جي اها حيثيت ڪٿي آهي، منهنجي لاءِ پنڌ اڃان گهڻو پري آهي..

وليرام وٽ ٽڏي ٽڏي انداز ۾ مزاح به موهيندڙ آهي، جماليت هن جي جيءَ ۾ سمايل رهي آهي هڪ ڏينهن آئون ڪيرٿر جي ٽونگ واري علائقي کي ڏسڻ ويس، موٽيندي وليرام وٽ آيس، سماچار ڏيندي مون ٻڌايو ته، ٽونگ ۾ مڪلي ۽ چو ڪنڊي وانگر قبرون سهڻيون ٺهيل آهن. وليرام يڪدم ٺهڪ ڏيندي چيو ته ، ڪنهن جيئري جاڳندي





سونهن جو احوال ڏي.مون کي پنهنجي ڳالهه ڪنٽي پئجي وئي. من ۾ چوڻ لڳس ته هڏڙا پوڙهاپڻ ۾ مڙي آيا، پر دل مان حسن جو واس نه ويو. ...پنهنجي من کي وري پنهنجو جواب هن جڏي جندڙي متي هاڻڻ ماڻهن جا درد قلم ۾ آڻڻ سان گڏ پوري عمر سونهن سرهاڻ ۽ پيار جي احساسن کي ميڙو آهي، گل ۽ پوپٽ جي رنگن کي چٽيو آهي...ولڀ پوءِ ڪيترائي ٿر جا لطيفا ۽ نقل ٻڌايا، کلي کيرا ٿياسين.

شهر جي روشني ۾ سنجها جون ڳالهيون ڪرڻ جي لاءِ ستارا ملندا ناهن، پر سج لهندي وليرام تصور ۾ تارا تڪي اداس ٿي پوندو آهي، ٿر گهڻو ياد ايندو اٿس، آلين اکين سان پنهنجي اپياسي ڪمري ۾ ٿري ماڻهن جي علم فلڪيات، ٿري ماڻهن جي سماجيات، ٿري ماڻهن جي ثقافت سيئي نقطا ڳڻڻ شروع ڪندو آهي، پوءِ انهي ڪيفيت ۾ شاهه لطيف يا اياز جي شاعري پڙهڻ شروع ڪندو آهي، هڪ ڏينهن اهڙي ڪيفيت ۾ هن اياز جي شاعري ۾ ٿر ڳوليندي پرپور مقالو لکيو. جيڪو اياز شناسي ۾ ٿر جي حوالي سان وڏي وٿ بڻجي ويو آهي.

وليرام ڪنهن رشي وانگر لکيو آهي يا نه؟ هن جا سمورا ڪتاب سنڌي ادب جا اپنشد آهن يا نه؟ مون کي اها خبر نه آهي پر آئون اها ڳالهه ساک سان چوان ٿو ته هن کي نئين سج نئون، وره ويڙهيچن جو چڙهيو آهي. هن کي ساري عمر پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي جي لاءِ آشا، ترشنا ۽ چنتا رهي آهي.

ڪو جو چوي ايئن، تنهنجي ماءَ مري وئي،
۽ توکي ڳوڙها اچن اهو ٻڌڻ سيئن،
ٻولي تنهنجي تيئين، آهي امڙ وانگيان.

(شيخ اياز)

مون هن جي هر ليک کي ٿر جي گج وانگر ڏٺو آهي، جنهن تي ٽڪون پريندي نور نچوئبو آهي، مُڪي جو پرت پريندي آڱريون

ڦٽجي پونديون آهن. مڪي تي رت جو هلڪو رنگ هڪ نئون روپ ڏيندو آهي. پرت پريندڙ جي لوٺي جو پڳهر ۾ رت هڪ نئون واس وڪيريندا آهن.

وليرام ولڀ وٽ جڏهن بہ وڃڻ ٿيو آهي. وليرام در تائين موڪلائڻ آيو آهي. اڻ چاڪي جي حالت ۾ رڙهي رڙهي چار وکون ڪٽي پوءِ موڪلايو آهي پر پنهنجي روايت نہ ڇڏي آهي. وليرام پنهنجي اولاد کي بہ ورثي ۾ اهائي واٽ ڏسي آهي.

هڪ دفعو وليرام ”ايڪم ستہ دويتو ناسي“ ويد جي منتر سان ڪچهري شروع ڪئي. پر ٿري هري. شنڪر آچاريہ. ولڀ آچاريہ. مادو آچاريہ. جئديو. چندي داس. وويڪانند. راڌا ڪرشنن. سوامي رام تيرٿ کان وٺي منيءَ جي ڀڳت کيمچند تائين ڪيترن ئي مهان پرشن جو ذڪر نڪرندو ويو. ايس جي سار دسا ۽ دليپ بوس جي ڪتاب ”ڀڳوت گيتا_هڪ اڀياس“ جي سنڌيڪار مون کي جئديو جي گيت گووندا سان گڏ شنڪر آچاريہ جي گيتا سمجهاڻيءَ وارو ڪتاب ڏنو.

هڪ دفعي آئون. منهنجو پيارو شاعر دوست ناشاد سمون ۽ ريڊيو منيءَ جو ڪمپيئر شهاب دين نهڙيو وليرام وٽ وينا هجون. ڳالهين ڳالهين ۾ پورو پارڪر اٿلي پيو. مسڪين جهان خان کوسي. عالم چند ڪولهي. سترام داس پٽيل. گهمن سنگهہ پيل. الجي سوڍي ۽ هري سنگهہ سوڍي جي قصن ڪهاڻين سميت پارڪر ۾ پنهنجي مدد پاڻ تحت هاسٽل جوڙڻ. هاسٽل ۾ مسڪين پاران پنهنجي هٿ سان ماني پچائي شاگردن کي کارائڻ. عالم چند ڪولهي جو ريڊر ڊائجسٽ ۽ رهبر مئگزين چمني جي روشني ۾ پڙهڻ مسڪين ۽ شاگردن جو غور سان ٻڌڻ. عالم چند پيٺاپور يونين جو چيئرمين ٿيڻ. سڳاڙ چند ۽





گهمن سنگهہ جي سياسي بيداري جي لاءِ جدوجهد. الجي سوڍي ڏيا ۽ پنجائت هلائڻ جي انداز. هري سنگهہ جي دلڪش نثر سميت ڪيترن ئي موضوعن تي مشاهداتي ماڻداڻ منديا. آئون سنيو مل هميراٽي کان پوءِ ولي رام ولڀ جي واتان اهي وينجهارن جون خبرون ٻڌي رهيو هوس. صبح کان شام تائين ڪو پتو نہ پيو پر وقت تيز رفتار گهوڙو آهي. ڪير انهي کي قابو ڪري نہ سگهيو آهي. اسان کي اٿڻ جي تڪڙ ڪنيو جنهن جي ڪري پوري پارڪر جي اڻ لکي سچي تاريخ اڌ ۾ ڇڏڻي پئي. وري اهڙي گهڙي گهڙجي نہ سگهي. دل ۾ اهڙي رهاڻ رچائڻ جي وڏي آرزو آهي. مٺي ريڊيو تي مون پنهنجي پهرين پروگرام جي شروعات وليرام ولڀ جي ڪتاب ڪوتا ڦلواڙي تي تبصري سان ڪئي هئي. ٿر ۾ ريڊيو اسٽيشن کلڻ جا شروعاتي ڏينهن هئا. نئين نئين شوق ۾ ريڊيو راڄن جي ڪنن تي هجي. سائين جي ڪتاب تي تبصرو ٻڌڻ وارن راڄن ساراهيو.

”شاعري بنيادي طور تي ڪائناتي سونهن جو وهڪرو آهي. جيڪو شاعر جي اندر مان ازلي چشمي وانگر ڦٽي نڪرندو آهي. شعور ۾ سرهاڻ جي صدين کي سيراب ڪندو رهندو آهي. جنهن جي زرخيزي مان پيار محبت ۽ حسن جي تصورن کي اُسرڻ جو ماحول ملندو آهي. انسانيت ۽ انصاف جا آفاقي قدر امرتا جي پد کي پائيندا آهن.

ڪوتا ڦلواڙي دنيا جي مختلف ٻولين جي خوبصورت شاعرن جي شاعري جو مجموعو آهي. جنهن ۾ 19ملڪن جي 26 ٻولين جي 112 شاعرن جي شاعري ڏني ويئي آهي. هن ڪتاب ۾ 215 نظمن جو موضوع محبوبا جي جيءُ ٺاريندڙ ياڪر آهي. تہ ڪنهن سانوري جي

چپن تي گرم چمي ڏيڻ جو احساس، چانڊوڪي راتين ۾ محبتن جو تاج محل ڏسڻ جي تمنا آهي، ڍنڍ تي اڏرندڙ پکين جي سونهن ۽ انهن جو رقص ڪان وٺي بلند پهاڙن مٿان وڪريل برف جي بدن تي عقابن جي اُڏارن جي عڪس، ساحلي طوفان جي شور جي آواز، رابيل جي گل ۽ گوري جي ڳل تائين ڪيترائي موضوع سٽن ۾ سرجهيل آهي، ڪن نظمن ۾ پورهيت جي پگهر جو واس آهي، ڪن سٽن ۾ الوداع لاءِ اٿيل لڏندڙ هٿن جا اشارا آهن. چوندا آهن ته شاعري جو ترجمو مشڪل آهي، شاعري جي اصل روح ٻي ٻولي جي سٽن ۾ اتاري نه سگهبو آهي، پر ڪجهه اهڙا سباجها ترجمي نگار هوندا آهن، جن جو ترجمو تخليق جهڙو لڳندو آهي. سائين ولي رام ولڀ اهڙن ادبي پورهيتن ۾ شامل آهي. هن سباجهي شخص اڳ ۾ به ترجمي جي شڪل ۾ ادبي گل سنڌي ٻولي جي جهولي ۾ وڌا آهن، جن جي خوشبوءِ عمرڪوٽ جي رستي تي جوڙي جاني جي لاءِ پريمڪا پاران روپيل (پوکيل) مروئي جي مهڪار جهڙي اهي.

ولي رام ولڀ“تاريخ ريگستان“ جي مصنف سائين رائچند هريجن جو شاگرد آهي. ولي رام ولڀ جو جنم 1941ع ڌاري جنم ٿيو. سندس جنم داتائن جا نالا ڪيولرام ۽ چترٻائي آهن، ڪيولرام جي پوليس ۾ نوڪري هوندي هئي، انهي ڪري ولي رام ولڀ پرائمري تعليم مختلف هنڌن تي ورتي، ڪنري، چيلهار، اسلام ڪوٽ ۽ مٺي جي مختلف اسڪولن ۾ پڙهندي پنج درجا پاس ڪيا. چيلهار ۾ پنڊت پونم چند وٽ هندي ۽ گجراتي پڻ سکيو. چيلهار ۾ پڙهن دوران رائچند هريجن جي گهر ۾ رهندو هو جتي سائين رائچند جي رهنمائي ۾ وڌو اتساهه پاتو. ايم اي (ماس ڪميونيڪشن)ايم اي (سوبالاجي)





ايم اي (اردو) ۾ ايل ايل بي جي ڊگري وٺڻ ڪانپوءِ پي ايچ ڊي جي لاءِ به رجسٽريشن ڪرائي، خبر ناهي.انهي ڪي جاري رکي سگهيو يا نه سنڌ يونيورسٽي ڪي وليرام جي خدمتن عيوض ڪيس ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ گهرجي.

ملازمت جي حوالي سان ولي رام ڪجهه وقت ٻيلي کاتي ۾ نوڪري ڪئي، پوءِ اتان ڇڏي سنڌالاجي ۾ ملازمت شروع ڪئي، جتان ڊپٽي ڊائريڪٽر طور رٽائرمينٽ ورتي.

ولي رام پنهنجي شخصيت ۾ هڪ ادارو آهي، مون ڪي محمد عثمان ڏيپلائي، رائچند هريجن، منگهارام اوجها، عبدالقادر جوڻيجو، وليرام ولڀ، سائينداد ساند سنڌي ادب جي دنيا ۾ ٿر جي پٽن تان اپرندڙ ڪرشما لڳندا آهن، انهن جي لکڻين کي پنهنجو رنگ ۽ ڍنگ آهي، پٽائي چيو آهي ته: آسڻ جي آريج، تن وه ورڻ ٻيو“.

ڪارُونجھرَ جو ڪاپڙي

# ماما جمن دربدر سيد عباس علي شاهه

”اتي آديسين جو پِيو پنڌ پرو.“ خبر ناهي پٿائِي سرڪار اها سٺُ کهڙِي ڪيفيت ۾ ۽ ڪنهن جي لاءِ چئِي هُئِي، پر مُون کي سدائين چاچي نواز علي کوسي سان مِلندي اها ياد اِيندِي هئي، پٿائِيءَ جو آديسِي پڻ اهڙو ئِي هُوندو، آئُون اڪثر اِيئن سوچيندو آهيان.

پارڪر جي پَٽن تي هر دور ۾ هڪڙو راج رشِي ۽ ديس ڀڳت رهي ٿو. پاراسَر رشِيءَ کان وٺِي چاچي نواز علي کوسي تائين هڪ ڊگهي فهرست آهي انهن ۾ رُوپلو ڪولهي، لاڏُو سنگهه، مسڪِين جهان خان کوسو، سُگهاڙ چندَ، عالم چند ڪولهي، ۽ ساجن خان خاصخيلي وغيره ويجهي ماضيءَ جا وڏا نالا آهن؛ اجان وچ ۾ وڏو دور رهي ٿو.(اُن تي ڪنهن ٻي پيري لکبو.) ڪارُونجهر ۽ چاچو نواز علِي کوسو اڄوڪي پارڪر جا ٻه اهم موضُوع آهن. عالمي نشرياتي اداري ٻِي ٻِي سي جي رولاڪ صحافي وُسعت الله خان کان وٺِي چور واهه جي ڇُڙواڳ چولين جي سودائِي ٽريي اِلياس تائين مُلڪ جو ڪوبه ٻُڌِيمان ليکاري ڪارُونجهر ۽ نواز علي کوسي جي من جي مواد کي مُڪمل طور رقم ڪري نه سگهيو. کوسن جي لُڏاٽي پاڙي سان واسطو رکندڙ چاچي نواز کوسي وٽ عُمر پر جِي اُها آترويلا ۽ البيلائِي رهي، جيڪا ڪنهن پُختي شاعر جي دماغ تي ئي حاوِي هُئڻ گُهرجي، صبُح کان





شام تائين هن وٽ سچ چوڻ جو وڏو ساهُس هو. وُسعت الله خان جي لفظن ۾ ننگر پارڪر جو هلندڙ ڦرندڙ مائيڪروفون هو.

ننگرپارڪر کان اوپر_اُتر طرف واري وسندِي ڪُٻڙِي چاچي نواز علي کوسي جي اَباڻو ڳوٺ آهي، پُٺي جي ويجهي ساٿي ڪاپڙِي خان کوسي جي پڻ اِهو ساڳيو ڳوٺ آهي، جنهن لاءِ پُٺو اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي چوندو هو ته“مون کي خبر آهي ته پارڪر ۾ ڪاپڙِي خان کوسو ڇا ڪري رهيو آهي؟“ چاچي نواز کي اُهي ڏينهن ڇٽا ياد آهن، هن جي لاءِ اها ڪالهه ڪالهوٽيءِ ڳالهه آهي، 1926ع ۾ نوبت خان کوسي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ چاچي نواز جي ڪُٻڙِي جي سارُوٽين ۾ سُرمر خان جي مهمان نوازي ۽ ڪاپڙي خان(پهرئين) جِي دانائِي ۽ بهادريءَ جا داستان سانديل رهيا. ڪاپِڙي خان(پهرئين) جي ڪردار کي چِٽِندي اُستاد بخاري“ڪَرنل ٽائِر وِٽُ “Whit_Colonel Tyrr“ عُرفِ عام ۾ ٽَروٽُ سانمخاطب ٿِي چوي ٿو ته:

ٽُون پلين خيمن جا دَر هيٺ ڪر،<br>
مان به کوسا ڪاپڙِي ڳوليان پيو.

ڪاپِڙي خان(پهرئين) کي چارڻ ڪوين به ڳايو آهي:

ڪوَ ورتايا ڪاپڙِي، شولو ڪيڏي سنڌ،<br>
هاڪي کوسو هڙان، ڪانئران پانجي ڪنڌ!

(ڪاپڙِي خان ڪوي(چارڻن) جي اهڙي خدمت چاڪري ڪئي، جو شولي جي ڳوٺ کي سنڌ(بئراج) جو علائقو ڪري ڇڏيو آيه. (اناج جا انبار ڪنهن به شيءِ جي کوٽ نه آهي، وڏي هاڪ وارو کوسو ڪانئرن جا ڪنڌ پيچي ٿو.)

چاچو نواز کوسو ٻارهين فيبروري 1942ع تي اوڳاڙين ۽

سُنگين سان سچي ريت سَلهاڙيل هڪ اهڙي ڪاتي ۾ شِرُوعاتي گِريڊ واري مُلازم طور ڀرتي ٿيو هو جنهن جو پويُون اَڌُ مُروتَ، فرمانبردارِي، وفاداري، ذهانتَ، همتَ ۽ لياقت جي لفظن جي ئِي مجمُوعو آهي. چاچو 1984ع تائين انهيءَ نوڪريءَ سان رهيو. جيتوڻيڪ لاڳاپيل مُحمي جِي اِها نوڪرِي ڏَنُ ميڙڻ جي لاءِ گهٽو ڪُجهہ هُوندي آهي، پر سان سيڻ جي هن چاچي نواز رُڳو جهُوني جُڳ جي ڏند ڪٿائن کان وٺي هن دور جي تَلخيُن جي تواريخ کي ميڙي، ڇو جو خاص طور تي ٿر ۾ مِسڪين جهان خان ڪوسي جو ڪِردار، عوامِي خِدمت کان آجي نوڪري ڪندڙن جي لاءِ جهڙوڪر ڇُهنڊِڙي تِي پيو هو ۽ جاڳيل ضمِير سُک سُمهڻ ڪو نہ ڏيندو هو.

جوڳِي جاڳائي، ماري وِڏو مامَري

جي مُترادف، جن کي بہ ڏرتيءَ ڏٺين سان پنجنجائپ جي رشتي جي ٿوري گهٽِي پرک هُئي، اُنهن ڏَنُ جو پِيڇو ڪرڻ بدران مَنُ جي پيڇي کي اوليت ڏني:

پنهنجي من جي پيڇي ڪارڻ،
ڏَن جو پيڇو ڪوہ ڪيو سُون.
(آياز)

نوجوانيءَ ۾ نواز ڪوسي جِي اها نوڪري، جنهن جو پُورو ڏاڪو چڙهڻ جي لاءِ پلو گهوڙو، هڪڙي اِڙي سان ڪيهہُ جُون اڏامُون، پوءِ ٿر جي هنن ڏَهرن، گسن گهيڙن ۽ ماٿارين تي گهوڙي جِي واڳ جهلي هلڻ وارن ماڻهن جا ميڙا ۽ پوءِ وقت اهڙو آهي جو.

ٻُڍا ٿِيا ٻڙهہ هَٿيا، نيڻين نِير جهرنتَ،
تڏهان شِينهان آگي مِرگهلا، توليِ تولِي چرنتَ.





(هاڻ جو پوڙها ٿِي ويا آهيُون، ٻانهن ۾ اڱُوٺو ٻَلُ بہ نہ رهيو آهي، اَکِيُن مان ڳوڙها وهِي رهيا آهن، تڏهن ئِي شينهُنَ آڏو هرڻِيُنَ جهڙا هِيسيل وجُود هِيئن ٽوليُون ڪري چَرِي رهيا آهن.)

چاچو نواز ڪوسو پُراڻين يادن جِي اِهڙي هڙوٽِڙي کولِيندي ٻهڪِي پوندو هو. سندُس اکين ۾ عجيب چَمڪُ جاڳِي پوندي هئي، انهن ڏينهن(نوجواني) ۾ رَڳُ رَڳُ ۾ ڪنهن جي لاءِ آڳ ٻڙڪِي؟ ڪنهن جي ويڻن راتيُون وَهُ ڪيُون، اکين جي انبُورن ڪِيئن جُوالن وانگر چِتاءَ ڪيو؟ جي سوالن تي ڪنهن آدجُڳادي ساميءَ جي نرڙ تي ڏنل تِلڪُ جهڙِي مُرڪ مُرڪندي، جواب ۾ ڦيرو وجهِي هُو نئين ڳالهہ ڪٽندو هو. اڪڙين کان ننڊ کَسي هن اوڳاجن سان رشتو پڻ جوڙيو، تارن جِي ٽِمُ ٽِمُ ۾ تنهائِيءَ سان رُوح رِهاڻ ڪئِي، جيءُ کي جلائڻ، لوچڻ ۽ لهڻ ۾ عُمر ڪٽِيندي ڪڏهن بہ وِڇان وَلها ڏينهن نہ آند اَٿائِين، ڪنهن اقتداري ۽ اختياري ڏُر جي اڳيان روئڻ، روڄڻ، ليلڙائيُون ۽ ليٽڙاٽِيُون پائڻ کي هن هميشہ مَهٽو سمجهيو.

ننگر پارڪر جون ڳالهيون ڳوڙها ۽ ٿهڪ چاچي نواز عل ڪوسي جي لاءِ ڪُونجن جي ڪُرلائڻ ۽ ڀٽائيءَ جي راڳ وانگر هئا، روز صُبح جو گهر مان گيڏِيو(لَڪُڻ) هٿ ۾ کڻِي، ڪوٽِڙِي(واسڪوٽِي) پائي، پَٽڪو ٻڌِي نڪرڻ ۽ پوءِ ننگرپارڪر جي تاريخِي "پالن بازار" ۾ مختلف دُڪانن ۽ مانڊڻين وٽ ويهِي نوجوان نسل اڳيان انسان ذات جي لازوال ڪهاڻين، انسانِي ڀائيچاري، حُب الوطني ۽ بين القوامي رواداري تي ڀَرپُور نموني ڳالهائڻ ۽ "ننگرپارڪر جو ترقياتي منصوبو" پيش ڪرڻ وارا ڪم جهڙوڪر هن جي روز مره جي لازمي ڪرت جو حصو رهيا. پيريءَ جي پيڙا ۾ ٿڪجڻ باوجُود هن ڪوشس ڪئي تہ

ڪِٿي پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي نہ ٿئي، هن وٽ صدين کان ڳالهين ۾ سَميٽڻ جو ڪمال جو ڏانءُ هو. هڪڙي ويهڪ ۾ ڪوروئڻ پاندڻ، ساڙڏري، ڀيم گوڏا، ڳڱو، مُکي، انچليشور، پاري ننگر بندر، سڏونگ سارنگا ۽ سَنگها جي موضُوعن کان ٿيندو لاڏُو سنگهہ ٺڪر، ڪلجي، روُپلي، ڏُجي مَڏي، مسڪِين جهانِ خان، اَلجِي سودِي ۽ دلبر خان کسوي وغيره تائين پارڪر جي پُوري تاريخ ۽ اُن جي ڪِردارن کي بيان ڪري وٺندو هُو روز سانوڻ جهڙا سانگ ڪري ننگر تي جُهڙ وانگر ڇائنجي ويندو هو.

ڪوڙين ڪايائون ٿُنهنجُون، لکن لک هزار،
جيءُ سڀ ڪنهن جيءُ سين درشن ڏارُون ڏار،
پرينم ! ٿُنهنجا پار، ڪهڙا ڇڏِي ڪهڙا ڇوان !
(شاهہ)

--

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وارا، اَڄُ پڻ آڳڙين جي،
ٻاري مچ مِجاز جو، اوتيائُون ڪِيڻُون ٿي.
(شاهہ)

عُمر جي اُلڪن ۾ چاچي نواز ڪوسي جي وڏو اُلڪو مورن ۽ هَنجُن جي ميڙ وارين جاين تي ڪانَون جي ڪانگيرن جي وَڌڻ هو. سماج جي هر شُعبي ۾ ٿيندڙ غير شَفافيت ۽ وڌندڙ عَدم" برداشت هن کي پريشان ڪري ڇڏيندي هئي، مَڪر، فريب ۽ پاپُ جا اهڙا پَڙڇاءُ(عَڪس) هن پوڙهي جو رُوح کي پَگهاري وجهندا هئا ۽ جهُرندي جيءُ مان پُڪار اُٿي پوندي هئي:

"هنس گيا سارس گيا، گئي اگُوڻي چال"





هر مُلاقاتي هن جي هِيڻن هَڏڙن ۽ ميرانجِهڙن لَٽن ڏانهن نهاريندي محسوس ڪري سگهندو هو تہ:

مٿان پڇِيُون نہ پُونَ، ساوا گاهہ نہ سُومرا،
ماڙ پڇِيُون محل ۾، مُور نہ مَٿو ڏوُنَ،
جيڏين ڏارا جون، عُمر ڪاڙِي هينئُنَ.

سنڌ جي اڳوڻي گورنر مُعين الدين حيدر جي هٿان چاچي نواز ڪوسي کي سماجي خدمتن جي ايوارڊ پُڻ مليو هو. 2005ع ۾ "رضاڪارن جي عالمِي ڏينهن" جي موقعي تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر سيد مُظفر علي شاهہ ڪيس"بهترين رضاڪار" جو ايوارڊ بہ ڏنو. مون ننگرپارڪر ۾ رهڻ دوران پارڪر جي پَٽن ۾ وڻن، ٻُوٽن ۽ جهنگلي جيوت جي بچاءُ ۽ صحرائيت جي روڪٿام جو پرچار ڪرڻ جي مِٿا طور مُلڪ جي ماحولياتي تنظيم اِسڪوپ پاران سِنڌُو تهذِيب سان ايڪتا جو غير روايتي اِظهار ڳَندي، ڪيس 29_نومبر 2010ع تي اَجرڪُ ۽ پَٽڪو پارايو. مختلف سماجي تنظمين طرفان بہ مُختلف وقتن تي چاچي جِي سار لَڌِي ويندي ويئي.

اُپنشيدن جا رشِي سچي زندگي"نيتي نيتي" چوندا رهندا هُئا، ۽ اُنهيءَ جو پَرچار ڳندا رهندا هُئا، ايئن چاچي نواز عِلي ڪوسي پُڻ سچي زندگي "ننگر ننگر" ڪيو. ڪارُونجَهر جي قُدرتي وسيلن کي بچائڻ ۽ اُنهن جي بهتر استعمال بابت ويچاريو ڪارُونجهر جَبلُ جي نئِيُنَ جي پاٽيءَ کي روڪي انهيءَ اَمُلهہ برساتي پاڻيءَ کي ڪتب آڻڻ جو صلاحُون ڏنِيُون آهن. چاچي نواز ڪوسي جي سَچي خوُشي انهيءَ ۾ هئي تہ ننگر پارڪر جو علائقو اهڙو سُهڻو ۽ خوشحال ٿِي پَوي، جهڙو هن جي سپنن ۾ هو ۽ جيئن هن جي ساريل لوڪ ڳَٽائُن ۾ هو.

سگهڙ سياڻو

# هيمراج سوٿهڙ

ٿر جي اونداهہ راتين ۾ هُن ڏيئي جهڙي ڏيا هئا، هُن پنهنجي مٽيا سان اوتارو آباد ڪيو هو. سج لهندي چيلهار ۾ هُن جي چوئنري واري اوتاري جي اڳيان ماڻهن ميڙا ٿي ويندا هئا. منهنجي اها خوشي نصيبي آهي جو مون کي پنهنجي چاچي هيمراج جي ويجهو رهڻ جو وڏو موقعو مليو. چاچو هيمراج سوٿهڙ ٿرجي لوڪ ڏاهپ جو وڏو ڄا ٽو هو. هن جي ڳالهين ۾ وڏي گهرائي هوندي هئي. هُو سماج جي بنيادي نقطن تي سوچيندو هو. سماجي نفسيات کي سمجهندڙ هن شخص وٽ تجزئي ۽ پرک ڪرڻ جو وڏو تجربو هوندو هو. چاچو چوندو هو تہ مڙس ۽ گهوڙي کي پهرين نظر ۾ سڃاڻبو آهي.

مون چاچي هيمراج کان سماجي سائنس سمجهڻ جو بنيادي شعور پاتو. هن وٽ لوڪ ادب کان وٺي لوڪ مرياده تائين سڀ موضوع هوندا هئا. ڪڏهن هيمارين، ڳوڙهن ۽ ڳاهن تي گفتگو هوندي هئي تہ ڪڏهن ڌرتي جا دوها ۽ ٿر جا ٿوڪ محفل جو حصو ٿيندا هئا. ڪڏهن راج جي رهاڻ رس، ريت رسم ۽ اٺ ويهہ تي ويچارن جي ونڊ ملندي هئي. مون پهريون ڀيرو ملڪ محمد جائسي جي شعر چاچي هيمراجي ڪڇهري ۾ ٻڌو هو تہ:

ناسيڪ کين ڪڙڪ کي ڏارا،

کين لنڪ جن ڪيهر هارا.





(نڪ سنهو تلوار جي ڌار وانگر، سنهي ڪمر(جنهن کان) چيتي بہ هار کاڌي)

چاچو هيمراج ڍولا ماروئل جو قصو ڪٿڻ کان اڳ ۾ چوندو هو تہ:

جُون سالُوران سروران، جُون ڌرتي سون ميهہ،

چمپڪ ورڻ بالهہ، چند مکي سون نيهہ.

(جنهن نموني ڏيڏر جي پريت تلاءُ سان آهي، جنهن نموني مينهن جو پريم ڌرتي سان هوندو آهي، اهڙي طرح چنبيلي جي رنگ واري پريتم ڍول جي چنڊ جهڙي مارئي سان پريم آهي.) چاچو هيمراج سچو ۽ کرو شخص هو. هُو پنهنجي ڪردار ۾ صاف سٿرو جهڙو اندر هو تهڙو ٻاهر هو هن ڪڏهن پنهنجي سماجي آدرشن جي سپنن کي وقت جي طوفان ۾ واري ڪٽن جيان اُڏامڻ نہ ڏنو

ڍاٽ جي سوٿهڙو قبيلي ۾ جادم ونسي راجاتنو جي اولاد مڪڙو ڀاٽين جي نرالي حيثيت رهي آهي. پيڙهين جو ڊگهو پوتاميل ڪولڻ جي بدران ڳالهہ اتان شروع ٿي ڪجي تہ جوڳوجي سوٿهڙ جي ڇاپل امرو جي جا چارئي پٽ اٽندي پنهنجن رشتيدارن کي ميڙي ان دور ۾ پنهنجو آجو ڳوٺ، سوٿهڙن جي لوڏ هوندي هئي. ساڏور سوڍن ۾ جو جهار سنگهہ، چهنسنگهہ، آنبجي، سونچي ۽ سميجن ۾ صاحب سميجو، سيلو سميجو، احمد سميجو صالح سميجو يوسف سميجو، مير محمد سميجو، ڪير سڏائي !؟ سوٿهڙن جو تڙ کان اڳ ۾ امرو ۽ سندس ڀائر آڏو ۽ ويرو سڀ راڻاسر کان اتر طرف پٽ تي رهندا هئا.

چاچو هيمراج هنا، ٻاڪڙا، در، دريون وغيره ناهڻ جو ڄاڻو هو. ڪاٺي تي هٿ جي هنر جي منفرد ڇتسالي ڪندڙ هن ڪاريگر کي لوهہ ۽ پتل کي مڙهن جو ڏانءُ هو تہ سون ۽ چاندي جا زيور بہ گهڙڻ ايندا

هئا. چاچي هيمراج ڪوهه جا چرخ به ٺاهيا. ڇيلهار ۾ آس پاس جي ست راڄي ڳوٺن ۾ چاچي هيمراج جو اڪثر ساهياڙو، ٻورلي، ڏٻڙچا، گونگيو اڪليون، هرپار، آسار، جوڙئو جنجهير ڏانهن نه صرف ڪاٺي جو ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ وڃڻ ٿيندو هو پر انهن ڳوٺن ۾ ست پيڙهياتا واسطا هئا. جتي "آهتپي" جي اچ وڃ ڪان وڌيڪ ڀائرن جهڙو تعلق رهيو. جنهن ڪي پنهنجن وڏڙن جيان چاچي هيمي ۾ سندس وڏي سئوٽ چاچي گيني پوري ريت نڀايو.

ڳوٺ "سوٿهڙن جو تڙ" ۾ سيو جي سوٿهڙ جي گهر ۾ جنم وٺندڙ هيمراج هاڻي ڪاٺي ۾ قدوار، پريل بت ۾ شهپرن جي موڙ سان سپاويڪ ۾ رڄ مڙس لڳندو هو. هن نه صرف اڻ گهڙيل ڪاٺيون گهڙيون هيون پر پنهنجي دور ڪي گهڙيو هو. هن نه رڳو پنهنجن همعصر ساٿين چاچو ڪامل نهڙي، وڏيرو احمد سميجو منو سميجيو، عبدالله سميجو مريد نهڙي، سائين محمد سانوڻ" علڻ هاليپوٽو ليلوجي شوٿهڙ، نظر محمد سميجو، چاچو ڀڳت سترام داس، بردو سوڍو، نور محمد ڪوڪر، سونو خان ڪوڪر، رامچند رامچند سوٿهڙو، گينو سوٿهڙ،پونم چند سوٿهڙ، جيسو سوٿهڙ، سائين عبدالحميد مڱريو واگهجي مالهي، پيرو لال مهراج، سائين ڊولو خان حجام، ڪنگهار حجام ۾ ٻين سان رهاڻيون رچايون هيون پر نوجوانن کي اتساهيو هو.

چاچو ڪچهري ۾ رئيس سڪيلڏي ڪوسي جي ساراهه جا ڏڪ پريندو هو ته شڪور نهڙي جا سماچار ڏيندو هو. شڪور پڪي جي ٻولي تي ڏڪ هٽندو هو. رئيس سڪيلڏو ڪوسو ۾ شڪور نهڙي ٿر جا بهادر ۾ چترائي وارا ڪردار ٿي گذريا اهن. ڏکين حالتن ۾ هنن ٿر جي راڄن جي رکوالي ڪئي. چاچو چوندو هو ته، ساڏور سوڍن ۾ جوجهار سنگهه جهڙو ڪوئي سخت نه ٿيو. پر هن جو پوٽو آنبجي به پنهنجو نالو رکي





ويو. آنبجي جو چاچو چمن سنگههه وڏو سگهڙ هوندو هو. ڇيلهار جي سوٿهڙن ۾ جيسو جس جي رات جائو هو. هنر مند هجڻ سان گڏ بهادر هوندو هو. پوريلي جو محمد سخي نهڙي ۾ سائين محمد رحيم نهڙي پنهنجي دور جا ڏاها ۾ راڄ نيتي جا نامور نالا هئا. ساڏورن ۾ لونگجي سوڍو ساڪائتو شخص هو. پوريلي جو سڪر نهڙي سوٽن سانن جو وڏو هوشيار هوندو هو. سڪر هڪ دفعو سنئوڻ ٻولائڻ ويو پني ۾ پڇندي ڏسي ته اٺ تي به همراهه پيا وڃن. هن سڏ ڪري پڇيو ته ابا ڪير؟ اٺ واري هڪڙي ورندي ڏني ته سائين اٺون ڪارو آهيان. وري هن پڇيو ته ٻيو ڪير آهي..؟ ته ورندي ۾ ڪاري چيائين ته سائين ٻيو منهنجو پاءُ آهي. سڪر واپس موٽي آيو ، ڳوٺ ۾ اچي ڳالهه ڪيائين ته هي سال ڏڪار آهي پر ايندڙ سال به ساڳيو رهندو.

چاچو هيمراج خانصاحب اسماعيل نون کي ٿر جو سچو ڪامورو سڏيندو هو. خانصاحب اسماعيل نون ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ٿر ۾ لوڪ ادب ميڙن ۾ وڏي مدد ڪئي. ٿر جا سگهڙ گهرائي ڏيڻ يا سگهڙن جي ڪچهري منعقد ڪرڻ جي ذميواري پاڻ تي کڻندو هو. چاچو هيمراج ٻڌائيندو هو ته هڪ دفعي نون صاحب سگهڙن جي ڪچهري رکائي هڪ سگهڙ ڪچهري ۾ دودي ۾ چنيسر جي ڪهاڻي ڪنئي. سگهڙ ڳالهه ڪندي جڏهن دودي سومري جي موت جي ڳالهه تي پهتو ته خانصاحب هڪ ڪري چيو ته، سائين مڙسن کي ڪچهري ۾ نه ماربو آهي "ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌيندي سنگرام موڪي ۾ خان مياڻي بابت نئين نسل کي آگاهه ڪندو هو ته،"سنگرام موکو وٺ جي علائقي ڪوٽرل جي راجواڙي جو ٺيلات هو سندس رعب تاب ۾ سورهيائي جون ڳالهيون اڄ به ڳوٺ ڳائين ٿا، سنگرام جا وڏا اصل ننگرپارڪر جي ڳوٺ موڪئي جا وينل هئا. سنگرام جيڏانهن به ويندو هو ته ويهارو

اٺن ۽ گھوڙن جون قافلو گڏ هلندو هو. تروٽ ٽر جي چڱن مڙسن کي پنهنجا ڪرڻ جي لاءِ عمرڪوٽ ۾ هڪ رهاڻ رچائي هئي. ان راهاڻ ۾ ٽر جا گهڻا اٿندڙ ويهندڙ پهچي ويا پر وٽ مان سنگرام موڪو ۽ خان مياڻو نہ ويا. گوري کي سڄي رات محفل ۾ ڳڻتي رهي تہ انهن کي ڪيئن پنهنجا ڪري. خان مياڻي جي ڳوٺ جو نالو نٽ آهي. وڏي نٽ نانگر وارو شخص پاڻ سان گڏ سئو اٺن ۽ گھوڙن جو قافلو رکندو هو. سڀ اٺ، گھوڙا ۽ سوار هڪ ويس ۾ سينگاريل هوندا هئا. خان مياڻي کي ست تلي معافي ملي هئي+++خان مياڻي جو پٽ عوامي اگر گلو مياڻو ٿيو.

چاچي هيمراج جي دور رس نگاهہ هوندي هئي. هُو ننڍي نظر رکڻ ۽ هلڪي ڳالهہ ڪرڻ تي ناراض ٿي پوندو هو. چڙي چوندو هو تہ ٻانڊي سوچ نہ رکو ۽ اوڇوي ڳالهہ نہ ڪريو.

ٽر جي سگهڙ سياڻو هيمراج چوندو هو تہ ماڻهو جو پنهنجي ذات، پنهنجي ڪرت، پنهنجي جدوجهد سان جيترو گهرو سپنڌ هوندو اوتري هن ۾ جيئري رهڻ جي شڪتي وڌيڪ هوندي آهي. راج پاڳ جي برادرين ۾ فيصلو ڪرڻ وارو پاڻ ڪنهن ڳالهہ ۾ لانجهو نہ هوندو هو. راج پاڳ جو چڱو مڙس تمام وڏو چتر هوندو هو. مرڻي توڙي پرڻي جي ڪاج ۾ ماڻهو صلاح وٺندا هئا. چڱا مڙس ڪاج سڏاريندا هئا. چاچي هيمي ۾ هي سڀ ڳڻ موجود هوندا هئا. چاچو آس پاس جي ڳوٺن ۾ راڏارو(رڏ پچاءُ ڪندڙ) هوندو هو تہ "سارٿيو"(ساري سنيالي ماني ڪارائڻ وارو) پڻ جيستائين ڪاج نہ نبري تيستائين چاچو هيمون اپي پير بيٺل هوندو هو.

چاچي هيمراج جا ٻول هوندا هئا تہ دل گهٽي دوستن ڪان سواءِ ٻي کي ڪمزوري جو پتو ڪئين پوي دوست دل جو دفتر ۽ پيائر ٻانهن





جو ٻل هوندا آهن. سچو دوست ڪڏهن راز پڌرو نہ ڪندو آهي. دوستي جي موضوع تي ڳالهائيندي هُو بي اختيار هانسي سوڍي جي ذڪر تي پهچي ويندو هو. جنهن دوري جو نياپو ملڻ شرط چونئري جا ڦيرا اڏ ۾ چڙي دودي جي دشمن سان جنگ جوٽي هئي.

چيلهار ۽ سوٿهڙن جو تڙ جي وچ ۾ سوڍن جي پراڻن ٻڌن جي پرسان ٻيپاڻي جي پٽر کي 1980_81ع ۾ سوٿهڙن جي تڙ مان لڏي اچي آباد ڪيو هو. مون ڳوٺ "سوٿهڙن جي تڙ" جو عروج نہ ڏٺو هو. پر ڳوٺ ٻيپاڻي جي ريلي ۾ ڳوناٽي ڪچهري جا سوين رنگ روپ اندر ۾ اتاريا. چاچي هيمي جي ڪچهري ۾ لڇي گنگاٽي جا محاورا اڄ بہ ياد آهن. بارٿو منواٽي معاشي طور اپرو هوندو هو پر دل جو بادشاهہ هوندو هو. سدائين مرڪندي اچي ڪچهري ۾ شامل ٿيندو هو. 1994ع جي ٻوڏ ۾ ٻيپاڻي ۾ اسان جا سمورا گهر ڍهي ويا. تڏهن ڳوٺ ۾ اتي ٻيهر گهر جوڙڻ جي بدران چيلهار ۾ نئين ڪالوني آباد ڪرڻ جي رٿ سامهون ائي. پوءِ انهي رٿ تحت ٻيپاڻي کي ڇڏي چيلهار شهر ڏانهن لڏڻ جو سفر شروع ٿيو. چيلهار ۾ چاچي هيمي پهرين چونئري وارو اوتارو ناهيو. هن جو دستر خوان ڪشادو هوندو هو. سدائين مهمان هوندا ئي هوندا هئا. چاچي هيمي جو موسيقي سان وڏو لڳاءُ هوندو هو. هن اڪ جي ڪاٽي مان هڪ تنبورو ناهي اوتاري ۾ رکيو هو. جانجهہ جون چار جوڙيون بہ ورتيون هيون. ڪچهري ۾ راڳ جي رهاڻ بہ ٿيندي هئي. ڪڏهن چاچو ڀڳت سترام داس ڳائيندو هو تہ ڪڏهن ڳوٺ جا نوجوان. نرسو جي ۽ چاچو هيمون گڏ ڳائيندڙ"سرتئي" طور حصو وٺندا هئا. چاچي جي ڪچهري ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻورليءَ جو پونجو ڀڳت بہ اچي شامل ٿيندو هو. جا تہ پونجو ڳائيندو هو جيڏو آلاپ منو هو ايترو ئي موسيقي جو فن ڄاڻيندڙ هو. پونجو تنبورا، مرليون ۽ پاوا

ٿاهيندو ۽ وڄائيندو هو. موهن ڀڳت جيان هن وٽ بہ لطيف سائين ڪي ڳائڻ جو منفرد انداز هو. پر هن جي پذيرائي نہ ٿي سگهي. صحرا ۾ ٽڙيل گل وانگر هن جي خوشبوءِ پورو ڏيهہ واسي نہ سگهي، ست سنگ“ جي محفل ۾ ڀڳت“واٽي“ ڳائڻ دوران سڌي ڳالهہ ۾ ڪٿا ڪٿندو آهي، تڏهن راڳي ڪي داد ڏيڻ، ڳالهہ ۽ راڳ ڪي جاري رکڻ جي لاءِ مخصوص قسم جا ڊائلاگ ٿيندا آهن جن ڪي ”جيڪارو“ چئبو آهي. چاچو هيمراج ”جيڪارو“ ڏاڍو سهڻو ڏيندو هو. اوتاري واري ڪچهري ۾ چاچي جا ٿي فرزند مهاديو، ديو دت ۽ مٿراداس ساز وڄائڻ سکيا.

ڪشنچند بيوس جي سٿ هن جي محفل جو حصو هوندي هئي تہ:

جنتا چکيا ڪان بري، هوءَ ٻري، هيءَ باري.

ڏينهن ڏهاڙي جي ڪچهري ۾ چاچو هيمراج ۽ سدنس ڀائر ڀانو جي، ماٽڪ لاڪ، ڪانجي ۽ وينجهراج گڏ اچي ويهندا هئا تہ پوءِ چرچن، لطيفن ۽ مزاحيہ مثالن سان ٻڌندڙ کيرا ٿي پوندا هئا. ٿڪن ۾ ٽڙيل ڪچهري ۾ اوچتو چاچو هيمراج لوڪ ڪهاڻي ڪٿندو هو تہ ماٺ ڇانئجي ويندي هئي. ڳالهہ ڪرڻ جو هُن وٽ وڏو ڏانءُ هوندو هو. 3 جنوري 2004ع تي صبح اٺي چاچي هيمراج گهر جي سمورن ڀاتين سان ڪچهري ڪيائين. ماضي جا قصا ڪهاڻيون وري ٻڌايائين. جن جن زندگي ۾ گڏ پير پريا ۽ جن ڪساڻ ڪئي انهن جو احوال ٻڌائيندي شام جو ڀاڇا ورڻ ٽاڻي پنهنجي وڏي پٽ هالجي جي گوڏي تي سر رکي دم ڏني حوالي ڪيائين.

زمانہ غور سي سن رها تها فراز.
هم هي سو گئي داستان ڪهتي ڪهتي.





مثالي استاد ۽ سگهڙ

# محمد سانوڻ

ڊاٽ جي دڙن تي ڳوٺ ”حاجي توڳي جو ٽڙ“ آباد ڪندڙ مورا نک جا نهڙي راڄ ڀاڱ ۾ ڀلا ڀنور ٿي رهيا اهن. تن ۾ لولواٽي ڪڙم جي پوري ٿر ۾ ناميا چاري رهي آهي. لولواٽي ڪڙم ۾ لال صديق نهڙي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ سائين محمد سانوڻ مثالي، استاد، سگهڙ سياڻو راڄ جي رکوالي ۾ رواداري جي ريت جو راڻو هو. جنهن ڪي ساري اڄ بہ راڄن جون اکيون اشڪبار ٿي پونديون آهن. دل جي چپن تي ڀٽائي جو بيت تري ايندو آهي تہ:

مٿي ٿو رهي، ويا گذاري ڏينهڙا
وٽان تن نہ آئيو ڪو پنهوارن پيهي،
ويا سي وهي، جنب گذاريم جن سين

سائين محمد سانوڻ پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پرائڻ ڪان پوءِ چيلهہ بند جي سيد محمد حسن شاهہ جي مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ ٿر جي نامور استاد محمد مراد جوڻيجي وٽ فائينل جو درجو پاس ڪيو. 1965ع ۾ سائين محمد سانوڻ ڪي پرائمري استاد جو آرڊر مليو. پهرين مقرري گورنمينٽ پرائمري اسڪول صالح ڀنيرو ۾ ٿي. هن جيئندل شاهہ لڪياري، راهو ڙيان، حاجي توڳي جو ٽڙ، چرڪاري، دلواٽي، ولاسرو، گونگيو، ڏبڙچا جي

اسڪولن ۾ بہ پنهنجا فرض سرانجام ڏنا.

ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ ؛ هڪ سال جي منصوبابندي ڪرڻي آهي تہ ٻني پوکيون, جيڪڏهن ڏهہ سال جي رٿابندي ڪرڻي آهي تہ وڻ پوکيون پر جيڪڏهن سو سالن جي لاءِ سوچڻو آهي تہ ماڻهن کي تعليم ڏيون. سائين محمد سانوڻ انهي سوچ ۾ سراپا محب وطن استاد ثابت ٿيو هن جي اکين ديس جي ڌارتي جا لالئون لال سپنا ڏٺا. تن جي ساڀيا جي سو سڳنڌن جي لاءِ پنهنجي ٻولي ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو جستجو ۾ صبح و شام جا ٽاٽا وسري ويا. وطن جي محڪوم ۽ مظلوم طبقن جي علم جي لاءِ تڙپ ڏسي هن جي ذهن ۽ ضمير ۾ پنهنجي ڌرتي جو پُر اميد تصور جڙي پيو. هن چاهيو ٿي تہ ٽر جي چوئنرن ۾ اونداهہ جي بدران روشني جي سندر روپ هجي واري جي دڙن تي مارو ماڻهو ڏک پيڙا ۾ پچي ملڻ جي بدران ٿهڪن سان ٽڙي ملن. هن سانگيڙن جي سپنن کي پنهنجي نيڻن ۾ سانڍي علم جي ڳالهہ سان جهالت جي وايو منڊل کي ريٽي مستقبل جي آئيني ۾ ٽر جي اجري صورت کي موتي وانگر جرڪائيندي هو. پر علم جي ويري وڏيرن کان اهو برداشت نہ ٿيو پٽيلن مقامي سطح جي معاملن ۾ الجهائي پڙهائڻ جي ڪم کان روڪڻ جي ڪوشس ڪئي. علم کي عام ڪندڙ هن سباجهي استاد کي اغوا ڪرايو ويو. پر هن مانجهي مرد کي انڌ جي گهوڙي تي سوار جهالت جي جوڌن جو جبر جهڪائي نہ سگهيو هن بهادر انسان جي شعوري زندگي ماحول جي پيچيدگين ۾ ڪٿي نہ گهبرائي, هن لڪن ۾ سج جي لهي وڃڻ کان پوءِ پٽن تي ٻاهڙي ٻاري اونداهہ سان ويڙهہ جاري رکي. علم حاصل ڪرڻ جي امنگ کي هڪ نسل کان ٻي نسل تائين رسائڻ ۾ پوري ريت پنهنجو





ڪردار ادا ڪيو. مشهور مسيحا ڊاڪٽر بيڪارام ديوراجاڻي, نامور استاد ڪرمچند, گروئومل, چوني لال سوٿهڙ ۽ ٻيا سائين محمد سانوڻ جي شاگردن ۾ شامل آهن, جن سائين محمد سانوڻ کان ابتدائي تعليم حاصل ڪري زندگي جي مختلف شعبن ۾ پاڻ مجايو آهي. ٽر جي ترقي ۾ هن جي آڏاڻي جي اڻٽ نياري آهي.

صديون اڳ گونگا ذات جي ماڻهن پاران آباد ڪيل ڳوٺ وقت جي وير ۾ ڪن سببن جي ڪري ويران ٿي ويو. سوڍن جي صاحبي دوران ڪسل ڪوٽ جي معرڪي ۾ پائرن جي پومي چڙهي ساڈور سوڍن جي سرويچ هيمر سنگهہ سوڍي گونگن جي ڇڏيل گوئاڙي ٻيهر آباد ڪري "تڙ همير" جي نانءُ سان پنهنجو راڄ قائم ڪيو. سوڍن سان گڏ ميگهواڙ ۽ سوٿهڙ برادري جا ماڻهو بہ اچي ويٺا. 1970ع ڌاري "حاجي توڳي جي تڙ" جي نريش نهڙين سان گڏ سائين محمد سانوڻ بہ گونگيون جو گام وسايو.

ٽر هن جي لاءِ مايا نگر هو. ٽر کان ٻاهر هن کي سک نہ ٿيندو هو. ڏڪار جي اداس راتين ۾ برڪا جي برسڻ جون دعائون گهرندو هو. پن چڻ جي رت هن کي روئاري وجهندي هئي. پر جڏهن گهنگهور گهٽائن کي گونگيو جي ٻانهياري پٽ تي چمڪندي ڏسندو هو تہ هن جي روح ۾ راحت جي هير ڳهلي پوندي هئي. اهڙي ڪيفيت ۾ زمان ۽ مڪان کي اورانگهي ڪوي ڪاليداس کان پڇندو هو تہ ميگهہ دوت تنهنجو نياپو چو نہ ڏنو؟ هن کي پتو هو تہ اونداهي آڪاش ۾ وڄ جي وراڪن سان گڏ وڏڙي جو واڪو ڪيئن ٿيندو آهي.! هن کي سورج مکي کيتن کان ٻاجهر واريون ٻنيون وڻنديون هيون. سونف جي واڙين کان موٺ جو داڳو دل تي اڪريل هوندو هو.

هن اهل دل انسان پنهنجي مختصر زندگي ۾ مختصر دوست

رکيا. پر جن سان روح جو رشتو جڙيو تن سان توڙ تائين نڀائين. سيد محمد حسن شاهه جو فرزند علي محمد شاهه عاجز محمد سانوڻ سان گڏ پڙهيو. سائين محمد سانوڻ جو علي محمد شاهه عاجز سان پيار پنهنجائپ ۽ عقيدت جو رشتو ساهه جي آخري هچڪي تائين رهيو. عاجز صاحب جي شاعري وڏي پاٻوهه سان پڙهندو هو. منهنجي چاچي هيمراج سوٿهڙ سان به دل جو ڏرميلو هو. چيلهار ڏي جڏهن به سائين محمد سانوڻ جو اچڻ ٿيندو هو چاچي هيمراج وٽ سدائين رهاڻ رس رهندي هئي. سائين محمد سانوڻ اسان کي چاچي هيمراج جيان پيائيندو هو. اسين سائين محمد سانوڻ کي چاچو چوندا هئاسين. مون کي چٽو ياد آهي ته سائين محمد سانوڻ پرڪشش پوشاڪ ۾ پلي گهوڙي تي چڙهي چاچي هيمراج جي وڏي فرزند هالجي جي شادي ۾ شريڪ ٿيو هو. تڏهن چاچي هيمراج سگهڙائپ جي هڙوتڙي مان ٽري لوڪ دوهو ڏيندي چيو هو ته:

پاتر پهرڻ، پل چڙهڻ، پوم تريان اتم ڪل،
لالچ ڪيٽي نه ليٽا، ڍولا لکيا لاپيا ول.

(اي ڍولا! نازڪ نفيس ڪپڙا پهرڻ ۽ چڙهي جي لاءِ پليون گهوڙيون جن جو ٻڻ روءِ زمين تي ٻڻن ۾ اتم آهي، اهي سڀ لالچ ڪندي نه ملن، پر هي ته لکئي جو نصيب آهن.)

سائين محمد سانوڻ تمام گهڻو نفاست پسند هو. ڳالهه جي اجائي ڊيگهه ويڪر به نه وڻندي هئي. ذهني طور جڏهن ٿڪجي پوندو هو ته ٿر ۽ ٻئراج جي ڪش جي ڳوٺ چيلهه بند سائين علي محمد شاهه عاجز ڏانهن هليو ويندو هو. چيلهه بند جي سفر ۾ سوٽ فضل اڪثر طور گڏ هوندو هو.

سائين محمد سانوڻ چوندو هو ته، سدائين سچ ڳالهايو ايترو





سچ جو ڪڏهن ڪنهن ڳالهه جو ويساهه ڏيڻ جي لاءِ قسم کڻڻ جي ضرورت نه پوي. سچ سان هن جي ياري هئي. نئين ڏينهن سچ جي نئين سبق سان اميدن جا نوان سج اياري زندگي جو نئون پيغام ڏنو. ظالم خلاف نفرت جي لاءِ عام ماڻهو کي اتساهيو نئين نسل کي سچ سيکارڻ جي ڏوهه ۾ ڪيترائي ڏک ڏنا پر سچ جو ساٿ نه ڇڏيو. ڏکين حالتن ۾ شيخ اياز جو نظم جهونگاريندو هو ته:

جنهن جي من ۾ ڪات هٽي ٿو
تنهن جو سارو چين ڪٽي ٿو
اج تو وٽ مهمان ٿيو آهي،
پر تو ائين ڪڏهن چاتو آ،
ڪنهن سان تنهنجي ياري آهي؟
سچ وڏو ڏوهاري آهي.

سائين محمد سانوڻ ڪردار جو ڪنول گل هو. پر هن جي خيالن جي خوشبوءِ پوري ريت اڃان پکڙي نه هئي، سچ، سونهن، مڏرتا ۽ منورٿ جي تهذيب، تمدن ۽ تاريخ جي ريت روايت ۾ هن جا سارا رنگ اڃان رچيا نه هئا. ته اوچتو 2 آڪٽوبر 1999ع تي وچوڙي جا وڍ ڏيئي هن فاني دنيا مان هليو ويو. سائين محمد سانوڻ جي وڇوڙي تي گونگيو ۽ آس پاس جي راڄن ۾ روڄ راڙو ٿي پيو. تڏي تي آيل هر ماڻهو ٿڏا ساهه پري ماڌو لال حسين جي ڪافي سان پنهنجا لڙڪ اگهي رهيو هو ته:

پياري لال! ڪيسا پروسا دم دا
اُڙيا پنور ٿيا پرديسي جون موتي سبنم دا.

سائين محمد سانوڻ جي خاندان سان پنهنجي وڏڙن وانگر

روح جو رشتو جڙيل آهي. امير حمزو اعليٰ تعليم حاصل ڪري سنڌ جي ماحولياتي کاتي ۾ نوڪري ڪري رهيو آهي، عباس تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ آهي، شهاب دين ريڊيو پاڪستاني مٺي تي گيسٽ پروڊيوسر جون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي ۽ ننڍڙو نياز علي تعليم حاصل ڪرڻ جي پنڌ ۾ آهي. امير حمزو ۽ شهاب نوجوان ٿَرَ جا نمايان شاعر آهن. امير حمزي جا ڍاٽڪي ۾ چيل گيت: ”جائي کهي مانهجي بالم نا سڪ تانهجي لاگي ري“، ”مانري گلاب را گلڙا گونگهٽيو هٽاءِ“ ۽ ٻيا وڏي مقبوليت ماڻي چڪا آهن. فوزيہ سومرو، الهڏنو جوڻيجو، شمن ميرالي ۽ ٻين امير حمزي جي گيتن کي ڳايو آهي. شهاب دين جي شاعري مختلف رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي. ڪريم فقير، انب فقير، هيرو لوهار ۽ ٻيا شهاب جي غزلن کي ڳايو آهي.

سائين محمد سانوڻ جي اولاد ۾ سائين محمد سانوڻ جون جهلڪيون آهن. راڄ ڀاڳ سان ساڳي ريت نڀائي رهيا آهن.





# سيد حبيب الله شاهہ

هو نوجواني جي زماني ۾ ڪاري ڪميت تي چڙهي سرڪشي سان هلندو هو. ٿر جي طبعي پاڳي وٽ ۽ مهراڻي جا ڳوٺ هن جي روح ۾ وسندا هئا. هو جتي رات رهيو اتي رهاڻ هوندي هئي. سگهڙ سياڻا ۽ ڪچهرين جا ڪوڏيا سوپاري جي سيد حبيب الله شاهہ بخاري جو نالو ٻڌڻ سان اچي ميڙ مچائيندا هئا.

لوڪ ادب جي ڪنهن ڪوي چيو آهي تہ:

ڪدلي سيپ، ڀجنگ، سوات وياپڪ گن تين،
جو جيسي سنگت ڪري، تو ويسا ڦل دين

(اسو جي مهيني ۾ سواتي نکتر ۾ بادل جي هڪ ڦڙي جا ٽي ڳڻ آهن. هڪ بوند ڪيوڙي جي ٻوٽي تي ڪري تہ ڪافور جي خوشبوءِ پيدا ڪري، سپ جي وات ۾ پوي تہ موتي پيدا ڪري ۽ ساڳي بوند ڀجنگ يعنيٰ نانگ جي منهن ۾ وڃي تہ زهر پيدا ڪري مطلب تہ جنهن جو جهڙو سڀاءُ ۽ جنهن جي جهڙي صحبت اهڙو ئي ڦل پائيندو.)

احساسن ۽ جذبن جي ساگر سائين حبيب الله شاهہ جي ڪچهري ۾ هر ٽاڻي قرب جي خوشبوءِ هوندي هئي. لفظ موتي ٿي مهڪندا هئا. عمر جي آخري پل تائين هن وٽ رهاڻ جو رس نہ گهٽيو هو.

آنبي رو رس آنبلو ڏڏ رو رس گيهي،
راجا پڇي راڻي نا رس رو رس ڪي.

(انب جي وڻ جو رس انب جو ميوو آهي، ڪير جو رس نڃ گيهہ آهي، راجا راڻيءَ ڪان پڇي رهيو آهي تہ رسو جو رس ڇا آهي؟)

هن مٽيادار ماڻهو وٽ پرولي ۾ پڇيل رس جو رس ”محبت“ اڻ ڪٽ هئي. حياتي جي آخري ڏينهن ۾ بہ هن پنهنجن پيارن ۽ ڪچهرين جي ڪوڏين کي نياپا ڪري چورايو هو تہ:

حياتي پئي ٽي، پڄاڻي کي پهچي،
گهڙي ڪن ڪچهري ڪري پوءِ ويچان

ٽيپ رڪارڊر ۽ ڪيسٽن جي دور ۾ سائين حبيب الله شاهہ کي مراد فقير، مائي ڀاڳي، موهن ڀڳت ۽ منو ڪڇي وڻندا هئا. منو ڪڇي جي آواز ۾ مولوي حاجي احمد ملاح جو غزل هن کي گهائي وجهندو هو.

نہ ڇاتم مون وٽان ويندين، لالڻ لئون نہ لايان ها،
مٺن جي موڪلائڻ کان مهنديون موڪلايان ها.

هن اندر جي آڳ ۽ درد جي جاڳ ۾ ڪڏهن ڇانڊوڪيون سمهاري نيڻ نہ ٻوٽيا. اکڙين کي اوجاڳو ڏيئي ستارن جي سنگ ۾ روشن راتيون گذاريون. هن جي صالح نگاهہ ۾ باک جي لاک رتي لوئي چمڪندي هئي. سڪ جي ساز تي جڏهن راڳ هن کي ويراڳ ڏيندو هو، تڏهن پتنگ جيان پاڻ کي آڙاءِ ۾ آٽي پٽائي جو بيت پڙهندو هو تہ:

چڙهيو چڪاسن چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا.
وهسن واڙي ڦل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آٽي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾.

پر پيري ڏانهن موٽ ڪائيندي هن جي شخصيت ۾ انڪساري ۽ سادگي جو رنگ نمايان ٿي ويو هو. هر ڪنهن سان نيڪي ڪرڻ ۽





سڀ جو خير گهرڻ هن جي سڄاٽپ ڀڄي ويا هئا. هٿ ۾ سدائين تسبيح ڪنيل هوندي هئي. من جو اجرو منش تسبيح جي داڻن تي ڏٺي در ٻاڏائي پوري ڪائنات جي لاءِ خير پيو گهرندو هو.

بخاري ساداتن ۾ سائين حبيب الله شاهہ جا وڏا بخارا مان منزل ڪري اچي پهرين ملتان ويجهو اُچ شريف ۾ ويٺا. جتان وقت گذرڻ سان لڏي حمل ڊنڊ جي ويجهو گورک جي پرسان پنهنجو ماڳ جوڙيائون. جتي هن وقت شاهہ گودڙيو جو آستان آهي. شاهہ گودڙيو هن سادات خاندان جو وڏو بزرگ هيو. گورک جي پڙ کان پوءِ تعلقي وارهہ کي بہ رهائش ۾ آندو. جتي اڄ بہ بخاري سيدن جي هن پاڙي جا چار ڳوٺ آهن. سيد احسان شاهہ لاڙڪاڻي مان لڏي اچي مٺي ۾ وينو.

ٿر ۾ اچڻ کان پوءِ احسان شاهہ ٿر جو ٿي ويو هو. ٿر هن جي روح ۾ وسي ويو هو. مليرجي مٺي جي سڳنڌ هن جي ساهہ ۾ سماجي ويئي هئي. سيد احسان شاهہ بخاري ميرن جي صاحبي ۾ وڏي عهدي تي فائز رهيو. مٺي جا قلعا هن جي هٿ هيٺ هئا. سائين احسان شاهہ جي حويلي شهر جي پر سان موڪ شاهہ جي پڙ وٽ هئي. انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ وقت مٺي ۾ سائين احسان شاهہ کي بہ گرفتاري ۾ آندو هو. هن انگريزن جي قيد ۾ سختيون سهڻ قبول ڪيون پر انگريزن جي ڪئمپ جو حصو ٿيڻ کي مٺو سمجهيو. عالم سر جي سسوڏين، پڪوئي جي درسن ۽ ڪيرتي جي سوڍن جو سيد احسان شاهہ سان عقيدت مندي جو تعلق هو. انگريز جي قيد مان آزاد ٿيڻ سان سيد احسان شاهہ مٺي ڇڏي هن سوڍن، سسوڏين ۽ درسن جي سهڪار سان عالم سر ۽ پڪوئي جي وچ ۾ کوهہ ڪٽائي پنهنجو ڳوٺ آباد ڪيو. لوڪ جي زباني ”احسان شاهہ جو ترڙ“ جي نالي سان مشهور ٿيو. پر رڪارڊ ۾ سوپارو شاهہ نالو رکيو ويو.

سيد احسان شاه جا ٻه پٽ سيد متارو شاه ۽ سيد علي مراد شاه ٿيا. جن جو اولاد متاراڻي ۽ علياڻي ڪٽنب سڏجي ٿو. متاري جا ٽي پٽ مدد علي شاه، هارون شاه ۽ شاه محمد شاه ٿيا. مدد علي شاه جا وري ٽي پٽ نظر محمد شاه، غلام حيدر شاه ۽ محسن شاه ڄاوا. غلام حيدر شاه آبپاشي کاتي جو آفيسر ٿيو. غلام حيدر شاه جو پٽ شبير شاه آهي. نظر محمد شاه راڄن جو رکوالو ۽ زميندار ٿيو. سائين نظر محمد شاه جي اولاد ۾ سائين حبيب الله شاه ۽ سائين منظور شاه آهن محسن شاه زراعت کاتي ۾ آفيس سپرينٽنڊنٽ ٿيو. محسن شاه جي ڪوشش سان ٿر جا ڪيترائي غريب ذاتين جا ماڻهو زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طور ڀرتي ٿيا. محسن شاه جا ست پٽ ڊاڪٽر انور شاه، منور شاه، عابد حسين شاه، الطاف حسين شاه، مظفر شاه، اشرف شاه ۽ خالد حسين شاه آهن. متاري شاه جي پٽ هارون شاه جو پٽ حسن شاه ٿيو جنهن جو اولاد امام علي شاه، لطيف شاه، اقبال شاه ۽ رياض حسين شاه آهن. شاه محمد شاه جي پٽ لال شاه جا ٻه پٽ محمد شاه ۽ عبدالله شاه آهن. شاه محمد شاه جي گهر واري ڏاڏي جهوڙل صاحبه وقت جي وڏي بزرگ هستي هئي. ڀڪوئي ۽ ڀرپاسي جا ماڻهو اڄ به وڏي عقيدت رکن ٿا. لوڪ وٽ ڏاڏي جهوڙل جي دعا ۽ پٽ جا ڪيترائي مثال موجود آهن. سادات جي جي هن گهراڻي ۾ سائين ڪرم علي شاه، علي مراد شاه پنهنجي دور جا نامور درويش ٿي گذريا آهن. احسان شاه جي ٻي پٽ علي مراد شاه جو پٽ ڪرم علي شاه ٿيو جنهن جا ٻه پٽ بلند شاه ۽ علي مراد شاه ٿيا. ٻئي ڀائر دانا ۽ درويش هئا، علي مراد شاه حڪمت به ڪندو هو. علي مراد شاه جي اوالد ۾ رسول بخش شاه،





اڪبر شاه، گل محمد شاه ۽ امير شاه آهن. جڏهن ته بلند شاه جي اوالد ۾ ٽي پٽ سڪندر شاه، غلام نبي شاه، ذوالفقار شاه آهن ڪرم علي شاه جو ڪيرٽي ۾ آسڻ آهي. ڪرم علي شاه جو ضلعي عمرڪوٽ ۾ اميد علي لاشاري جي ڳوٺ جي ڀر سان هڪ ڪنڊي جي وڻ هيٺيان تڪيو هوندو هو. لوڪ انهي آستان تي دعا گهرندا آهن. ڀڪوئي ۾ علي مراد شاه جي آخري آرام گاه تي ماڻهو عقيدت جا گل ارپڻ ڪندا آهن. گل محمد شاه جو تعلقي ڇاڇري ۾ مبارڪ ٽڙ جي ڀر سان ميلو لڳندو آهي.

سائين حبيب الله شاه 3 مارچ 1953ع تي جنم ورتو. حبيب الله شاه 28 مارچ 1973ع تي پرائمري استاد طور ڀرتي ٿيو. ڳوٺ ڊوڙي، سوڀارو شاه، ڪبروهي ۾ نوڪري ڪئي. هن انهن ڳوٺن جي بهتري جي لاءِ عملي طور جدوجهد ۾ حصو ورتو. عام ماڻهن کي تعليم جي لاءِ آگاهي ڏني. يونين ڪائونسل ڀڪوئي ماڇيني ۽ مهراڻو ۾ بيٽ آفيسر ٿي رهيو. 2 مارچ 2000ع تي هن رٽائرمينٽ ڪئي. ٿر ۾ بيٽ آفيسر سوين ٿيا پر حبيب الله شاه هڪ هو. نوجوانن کي اتساهيندو هو ته ”زماني جي ذلت ۽ غربت جي اونداهي کي علم سان چيري دنيا جي لاءِ روشن مثال ٿي پئو.“ سائين حبيب الله کي منافقيت وارو ماڻهو اصل نه وڻندو هو. هن هميشه انهن ماڻهن کي ننديو جيڪي منافقي کي سماج جو قدر بڻائي رهيا آهن. هن گهٽ ڀوسٽ جي ماحول ۾ آزاد سماج جي ڳالهه ڪئي. هن انسان جي اندر جي آزادي تي زور ڀريو. هن عدم تحفظ جي شڪار انسان کي تحفظ ڏنو تسلي ڏني، اڳهائي ۾ آسرو ڏنو هو. هن پنهنجن ساٿين پاڙي جي سدائين پرگهور لڌي، ڪيترا به اختلاف هجن پر لنگهي آيل شخص کي هن سدائين مان ڏنو.

سائين حبيب الله شاهه کي راڄ ڀاڳ جي سرواڻي ست پيڙهياتي مليل هئي. پر ڏاهپ جي ڏيهه ۾ ڏاڙهو هٽي فيصلا سازي جي مهارت لئي آيو هو. سائين حبيب الله شاهه راڄ ڀاڳ جو فيصلو ڪرڻ کان پهرين مخدوم امين فهيم جو شعر پڙهندو هو ته:

تون امين آهين فهيم،

فيصلو ڪج لاجواب

لوڪ روايتن جي تاريخ ۾ سائين نظر محمد شاهه جا به فيصلا محفوظ آهن. راڄ ڀاڳ جي معاملن ۾ سائين نظر محمد شاهه جي ويجهن ساٿين ۾ ماڪن عرف ماڪو درس، مبارڪ سميجو شامل آهن. چوٽڪي جي سميجن ۾ نظر محمد شاهه جا ناناڻا هجڻ جي ڪري چوٽڪي جي سميجن جو سياسي سماجي طور ساٿ نظر محمد شاهه سان رهيو. ارباب فيض محمد به رشتي ۾ نظر محمد جو ماسات ٿيندو هو. سائين نظر محمد شاهه پهرين جهڏي جي پر سان زمين مقاطي تي ڪنئي. پوءِ ساماري جي پر سان هڏ خريد زمين ورتي. ساماري ۾ سيد احسان شاهه جي اولاد جي اڳ ۾ زمين موجود هئي. سائين نظر محمد شاهه پوءِ گهڻو وقت پنهنجن عزيزن سان گڏ ساماري ۾ رهڻ لڳو. پويان راڄ ڀاڳ سائين حبيب الله جي حوالي ٿيو. سائين حبيب الله شاهه پنهنجي دور ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سائين حبيب الله شاهه سائين نظر محمد شاهه جي روايتن کي قائم رکندي ارباب امير حسن جي سياسي ست ۾ شامل رهيو. سائين حبيب الله شاهه جو دستر خوان ڪشادو هو روز فقير فقرا ۽ ٻهراڙي کان ايندڙ ڳوناڻا مهمان ٿيندا هئا. سائين حبيب الله شاهه وٽ زندگي، سماج، حالتن ۽ روين کي سمجهڻ جي سگهاري صلاحيت هئي. زماني جي گردشن کي آڱرين تي ڳڻي سگهندو هو. هن





جو مشاهدو تمام وسيع هو. هن دلين جو ڏکهو سفر ڪري زندگي مان گهڻو ڪجهه سکيو هو. اصولن تي اٽل رهندڙ هن اڏول شخص ڪڏهن مايوسي کي پرسان اچڻ نه ڏنائين. سدائين مرڪ چپن تي هوندي هئي.

مون کي زندگي جا پورا ٻه ڏهاڪا سائين جي شفقت ۾ گذارڻ جو شرف حاصل ٿيو. مون سان ڪچهري ۾ سائين چوٽڪي ۽ ساهياڙي جي سميجن جو ذڪر ضرور ڪندو هو. ڇاڪاڻ ته اهي سائين جا عزيز ۽ منهنجا تمام گهڻا واسطيدار آهن. ساهياڙي جو وڏيرو احمد بنيادي پٽيل آهي. وڏيرو صاحب ۽ صالح سميجو رڄ مڙس هئا. ميراڻي پنج ئي ڀائر جان محمد، گل محمد، امين، عبدالله، منو ۽ غلام حيدر سپوت ٿيا. منو ۽ غلام حيدر حال حيات آهن.

سائين منهنجين سئو شرارتن تي دادلي ٻار جيان سنڀاليندو هو. منهنجون ۽ سائين قربان شاهه (سائين جو فرزند) جون مڙيئي مدايون معاف ڪري ڇڏيندو هو. ڪڏهن ڪوسو نه ٿيو. مون کي پنهنجن پٽن سائين برڪت شاهه، سائين قربان شاهه، سائين شوڪت شاهه، سائين شفقت شاهه ۽ سائين علي مردان شاهه سان گڏ ويهاري پنهنجي زندگي جا تجربا بيان ڪندو هو. ٻڌائيندو هو ته، ڪيئن هن پنهنجي زندگي گذاري ۽ ڪهڙا ڪهڙا ٿر ۾ واقعا هن جي اکين جي اڳيان گذريا. هن وٽ ٿر جي پٽن ۾ آيل ڪيترن پونچالن جي اکين ڏٺي تاريخ سانڍيل هئي. خاص طور ٿر جي طبعي ڀاڱي وٽ جو وڏو ڄاڻو هو.

پڪوئي جي درسن ۾ استاد سڪندر درس جو سائين حبيب الله وڏو خيال رکندو هو. سائين حبيب الله شاهه زندگي جي پوئين ڏهاڪي ۾ پنهنجي والد سائين نظر محمد شاهه وانگر سياسي سماجي ڪرت جي قيادت پنهنجي ڪڙم جي هونهار نوجوانن سائين فدا

حسين شاهه ۽ علي مردان شاهه جي حوالي ڪري پاڻ فقير، فقرائن ۽ راڄ ڀاڳ جي رهاڻين ۾ محو ٿي ويو. لطيفي راڳ ۽ راڄپوتي رهاڻيون هن جو خاص شوق هونديون هيون. لطيف جي پارڪوئن ۽ سگهڙن جا ميڙا مچايا.

هي پورو سادات گهراڻو پڙهيل لکيل آهي، هن گهراڻي جا فرد ڊاڪٽر، انجنيئر، پوليس آفيسر، زميندار ۽ استاد سميت زندگي جي مختلف شعبن ۾ پاڻ ملهائي عوامي خدمت ڪري رهيا آهن. سيئي سائين حبيب الله جي مان مرياده رکندا هئا. سائين سمورن کي ڀائيندو هو.

8 آگسٽ 2017 تي اسر جو سائين قربان شاهه فون ڪري سائين حبيب الله شاهه جي هن فاني دنيا کي الوداع ڪرڻ جو اطلاع ڏنو ته اکيون اسو جي اوهيرن وانگر وسي پيون. سائين قربان پورو ڳالهائي نه سگهيو. مون پاڻ سنڀالي قربان شاهه کي دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڏئي نه سگهيس:

سانحو آهه "راشد" اسان لاءِ هي،
دل جو ٻيهي وڃڻ، ڏڙڪندي ڏڙڪندي

ڀڪوئي جي ست راڄي قبرستان ۾ سائين پنهنجن وڏڙن جي پر سان ابدي آرام سمهي پيو. ڪانڌين جي اجرڪن ۾ لڙڪ جذب ٿي رهيا هئا. ٿاڪ منجهند جو دعا گهرڻ کان پوءِ آئون پوڙهي سگهڙ وانگر آليون اکيون اگهندي ڀٽائي جو بيت چپن تي آڻي اٿيو هوس ته:

لڏيو لطيفن، پلاڻي پنڌ پيا.
هٿان حبيبن ، ڪڏهن ڪو نه ڏکويو.





# استاد حسين فقير

ٿر ڪڏهن به تاريخ جي ضمير کي سَنڌ ٿيڻ نه ڏنو آهي، سچ، سونهن ۽ درد جي صدا سدائين اُڀرندي رهندي آئي آهي، صحرا جي سَٿُر کي معنيٰ بخشڻ لاءِ پُڪار جا پڙاڏا گونجندا رهيا آهن. پيُرون ۽ پُسيءَ جي هن خطي ۾ نه رڳو چوراسي چندن پنهنجي آب تاب سان چمڪندا آهن. پر مادي کي امرتا جي روح ۾ بدلائڻ جي جتن کان وٺي آواز کي راڳ ۾ بدلائڻ، رنگ کي تصوير ۾ تبديل ڪرڻ، احساسن جي ٻوليءَ کي شاعري جي صورت ڏيڻ، انساني جيون کي هر ڏک ۽ هر ظلم کان مُڪتي ڏيڻ جي جدوجهد تائين هر جدوجهد هر جتن ڪنهن جوڏي جي ڪنن ۾ پاتل سونين والين جيان چمڪندو رهيو آهي، ٿر جو هر ڪردار سنڌ جي سچي تاريخ جي ورقن ۾ سُهاڳڻ جي سينڌ جي سينڌرو جيان تازو توانو رهندو آيو آهي.

پوري دنيا ۾ سچي تاريخ جو هر ڪتاب ريگستانن جي ڪردارن جي عظمتن جي داستانن سان شروع ٿيندو آهي، ننڍي ڪنڊ ۾ هر پيري هر دور ۾ اهو بار صحراءِ ٿر جي ڪُلهن تي پيو آهي، استاد حسين فقير سچ سونهن ۽ درد جي صدا اُڀاريندو پُڪار جو پڙاڏو پيدا ڪندڙ آواز کي راڳ ۾ بدلائيندڙ ٿر جي هڪ سچي ڪردار جو نالو آهي، وارياسي جي گُل جو روپ آهي، جديد سنڌي شاعري جي وڏي نانءُ شيخ اياز هڪ هنڌ لکيو آهي ته، "ڪير چوي ٿو ته وارياسي جي

گل جي اهميت نہ آهي!؟ اهو وارياسي جو گل آهي جيڪو جهنگل ۾ منگل ڪندو آهي ۽ جڏهن ڪا اُتر جي اوت نينهن جا نياپا ڪٺي گُذر ڪندو آهي، تڏهن صحرا ۾ تڙيل گُل جو وَنُ ۽ واسُ ڪيترن پوئنرن کي پيڙو ڪري ڇڏيندو آهي.“ اُستاد حسين فقير جي فن ۽ آواز ۾ اها ڪشش ڪئي، اِهو وَنُ ۽ واسُ هيو جنهن مٿان ڪيترائي پوئنر پڻ پيڙا ٿيا، پر شهرتن جي آيپي جي نو لک تارن کي ڪوساڙ ٿي پيو هو انهن ڪڏهن بہ هن کي چندرما ٿي اُيرڻ نہ ڏنو. هن جي حصي ۾ اُها مشهوري ۽ مقبوليت نہ آئي، جنهن جو هو حقدار رهيو.

استاد حسين فقير جو تعلق مڱڻهار قبيلي سان هو. هن جو جنم 1952ع ڏاري ٿيو. استاد حسين فقير جو والد محمد رحيم عرف مَمُون فقير ٿر جي نِج نَبارُ ڳوٺ هريار جو رهواسي هيو جتان لڏي اچي مٺي ۾ وينو حُسين فقير جو ننڍپڻ توڙي جوڀن ڪڏهن مٺيءَ تہ ڪڏهن هريار ۾ گذريو. محمد رحيم پنهنجي دور جو پلوڙ راڳي هو. استاد حسين فقير ڳائڻ جي سِکيا پنهنجي پيءُ محمد رحيم ۽ استادِ مُراد فقير کان ورتي. استاد حسين فقير پرائمري جي تعليم جا ڪُجھ درجا هريار ۽ باقي مٺيءَ ۾ پڙهيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. استاد حسين راڳ کي سڀ ڪجھ سمجهندو هو راڳ هن جو آدرش هيو راڳ بنان زندگي کي بي معنيٰ سمجهندو هو راڳ ڪانسواءِ هن وٽ ڪائي سوچ نہ هئي، آڏي، مانجهي، ٻُک، سُک ۾ هن راڳ کي رُوح جي ويجهو رکيو. اُن ڪري جڏهن بہ ڳائيندو هيو تہ هر ٻڌندڙ جي روح جون تارون ڇڙي پونديون هيون، هن جي آواز ۾ ڌرتيءَ جي پڪار هئي، مٽيءَ جي ٽيج هئي، جنهن کي ملهائڻ جا هن وڏا وس ڪيا. هن جي محنت ۽ مسلسل رياضت کيس موسيقيءَ جو اُستاد بڻائي ڇڏيو راڳن





جي مدد سان سُرن جا نقشا نئين سِج نئين جدت سان جوڙيائين. هن ڪيترين ئي ڌُنون تخليق ڪيون. جن کي ڳائي پويان ايندڙ ٿهي شُهرتن جي آيپي کي ڇُهڻ لڳي، پر پاڻ گمنامي جي گوشي ۾ رهيو. استاد حسين فقير پنهنجي طبيعت جو من موجي ماڻهو هو يا زماني جي الجهنن کيس اُلجهائي رکيو هو. جيئڻ جي سانگ ۾ ڪهڙا هن وٽ گُهنگهرو هيا، ڪهڙي هن وٽ ڇَمِر ڇَمِر هئي، ڪهڙا منڊ هن کي موهيندا هيا. ڪهڙا سانگ هن کي سَرچائي رکندا هئا. اِهي سڀ راز هن جي رُوح جي رُومال ۾ ويڙهيل رهيا. ڪنهن ڪو نہ هن جي جيءُ ۾ جهاتي پائي ڏٺو پنهنجا لُڙڪ اڪثر پاڻ تنهائيءَ ۾ اُگهي لوڪ جي لاءِ محفلون مچائيندو رهيو.

استاد حسين فقير ٿر جو پهريون راڳي هو جنهن لوڪ گيتن ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ سان گڏ جديد سنڌي ۽ اردو شاعريءَ کي ڳائڻ شروع ڪيو. هن ڪڏهن بہ عام ڳائڻن وانگر بليغ بازيگري واري بازاري شاعريءَ کي نہ ڳاتو. ڪلاسيڪل شاعري ۾ شاهہ لطيف، ڪبير ڀڳت، ميران ٻائي، سچل سرمست، ڪافين جي بادشاهہ مِصري شاهہ، مِرزا غالب، جديد شاعري ۾ شيخا ياز، فيض احمد فيض، احمد فراز، ساحر لُڌيانوي، گلزار، استاد بخاري، اَياز گُل ۽ سائينداد ساند وغيره جي شاعريءَ کي سُرن جو رُپ ڏنو ۽ سندن تخليق ڪيل ڪلامن جُون لازوال ڌُنون جوڙيائين.

صحرا جي هن راڳيءَ جي اندر ۾ موسيقي جو اَٿاهہ سمُونڊ هيو. جنهن جي پاتار ۾ سُر ۽ سنگيت جا موتي سرجندا هيا. آلاپ هن جي آندر مان لهرن جو رُوپ وٺي نڪرندو هيو. هارمونيم تي هٿ رکي ڳائڻ ويهندو هو تہ صدين جي سنگيت جا پڙلاءَ ٻڌڻ ۾ ايندا هُيا. هن جي

آڱرين جي ڇُهاءَ ۾ آدجڳاد هئي، هن جو آواز ڌرتيءَ تي گونجندو هو
هن مٽيءَ جي رنگ ۾ سُرهاڻ کي تُرنم ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

استاد حسين فقير جو پيءُ هريار کي ڇڏي آيو هو پر حُسين
پنهنجي راڄ سان رشتو جوڙي رکيو هو هريار، آسار، گوپاتر کان ٿيندو
ڪڏهن ڪڏهن چيلهار ۾ منهنجي غريباڻي اوتاري پهچندو هو
چيلهار ۾ چونئري اوتاري اڳيان حُسين جڏهن ڳائڻ شروع ڪندو هو
تہ تارن ڀري راتڙي اونداهي پک ۾ بہ پيار جو پيغام لڳندي هئي. علامہ
اقبال چيو تہ:

دوڙ پيڇي ڪِي طرف اَي گردشِ اَيام تو
(يعني: اي مصروف زمانا ٿورو پوئتي مُڙي بہ ڏِس!)

پر ائين ڪٿي ٿو ٿي سگهي!؟ غالب چواڻي:

هي رومين رخش ڪهان ديکهيئي ٿُمهي،
نا هاٿ باگ پر هي، نا پاهي رڪاب مين!





# وڏيرو پارو سمون

مٺي کان ننگرپارڪر ويندڙ رستي تي ڳوٺ لوٽيون سما کان ڏکڻ طرف 10 ڪلوميٽر جي فاصلي تي آباد ڳوٺ ڏاپو سمان تعلقي ننگرپارڪر جي تاريخ جو هڪ منفرد ڳوٺ آهي، انهي ڳوٺ جو رهواسي وڏيرو پارو سمون تعلقي ننگرپارڪر جو وڏو زميندار آهي، ٽيويهہ سئو ٽيهٺ ايڪڙ ٿر جي زمين آهي پر پنهنجي هاري کان صرف هڪ مڻ تائين پتي وٺندو آهي، باقي جيڪو ڪيڙي سو ڪائي، غريبن جي مسئلن جي حل لاءِ انهن سان گڏ اجرڪ ڪلهي ۾ وجهي لٺ هٿ ۾ ڪٽي پنڌ نڪري پوندو آهي، هن بمبئي جي بازار کان وٺي ڪراچي جي ڪن تائين پيرين پنڌ ڪيو آهي. 20 جنوري 1920ع تي حبيب الله سمون جي گهر ۾ جنم وٺندڙ پارو سمون زندگي بخش قوتن جي ڪمي واري دور ۾ پنهنجي اهڙي انسان دوست ڪردار سميت اعليٰ انساني قدرن جي هڪ صدي جي ڪهاڻي آهي. هن پنهنجي وڏي ڄمار جي سفر ۾ رات جي تاريڪي ڏٺي آهي تہ پرہ ڦٽي جي سونهن پڻ پسي آهي، هن جو من صوفي جي سوچ وانگر سچو ۽ مصور جي ڪئنواس جيان ڪشادو آهي هن جي ڪچهري ڪنهن مهل روح ۾ راحت ڀري ٿي تہ ڪنهن وقت من کي اداس ڪندڙ ڪيفيت آڻي وجهي ٿي پر هر حال ۾ انهيءَ ڳالهہ جو ويساهہ وڌائي ٿي تہ انڌيري ۾ سويري جي آس ۾ انسان جي جدوجهد ڪڏهن مرڻي نہ آهي. جنهن دل سان هن جي

محفل جا ٻئي رنگ ڏٺا ۽ من جي گهرائي سان محسوس ڪيا. هن جي اڳيان اهو واضح ٿي پوندو ته ڪيئن ماڻهو ڪي ڪردار ٽيهه جي لاءِ حالتن جي شيشي مان گذرڻو پوندو آهي؟ انسانيت جو رتبو ماڻهوءَ جي لاءِ ڪيتري جستجو ڪرڻي پوي ٿي. ڀاري سان پهرين ملاقات ۾ ويهي هن ڪي رڳو ٻڌجي، ٻي ملاقات ۾ پوئين گفتگو جي آڌار سوال ڪجي. هن وٽ ٿر جي سماجي معاشي، سياسي ۽ ثقافتي اڻ لکي تاريخ آهي.

مون وڏيري ڀاري سمي جو نالو ۽ سندس انسان دوست ڪردار وڏي وقت کان گهڻو ٻڌو هو. پر ملڻ نه ٿيو ڀاري سمي جي ڪٽنب جي لاڪاٽي سمن جي ڳوٺ مالسريو مير محمد ڏانهن ايندي ويندي هر بار سوچيندو هوس وڏيري سان ملي وڃجي. پر ملاقات جا ڏينهن آڏا ايندا رهيا. فقير ماسو جڙئي مال کان محروم رهندو آيو مالسريو ۾ ڪڏهن چاچو نار محمد ته ڪڏهن چاچو خضر. ڪڏهن ڀاءِ ناشاد ته ڪڏهن مامو الهڏنو وڏيري ڀاري جي نت نون ڳڻن ۽ ڳالهين جو ذڪر ڪري منهنجي اندر جي شدت کي ٻيڻو ڪري وجهندا هئا. پر لکئي جي ليک ۾ دير هئي، 2014ع ۾ دوست عبدالخالق جي والد صاحب جي وفات تي ڏاپي ۾ تعزيت جا پير پرڻ کان پوءِ وڏيري ڀاري سمي جي اوطاق تي پهچي وياسين. سادي سودي اوطاق به پراڻا ڪمرا انهن جي اڳيان نم جي گهاٽي ڇانوَ وارو اڱڻ ڏسي نوجوان شاعر شهاب نهڙي چيو ته " هي نم جو وڻ آهي جيڪڏهن ڪنڊي جو وڻ هجي ته ڀٽائي جو بيت ڏئي هن سمي ڄام جا سماچار پڇجن" اسان جي انهن اندر جي اوراڻن دوران وڏيري ڀاري جي موپي فرزند فيض محمد اچي مليو هن ڀاڪرون پائي ڀليڪار ڏني، ٿوري دير ۾ وڏيرو به اوطاق تي اچي ويو پوءِ صبح کان سانجهي تائين سڏ نه رهي ٽاٽا ٽري ويا پر رهاڻ رتي رهي، ائين





وڏيري ڀاري جي اوطاق ڏانهن گهاڙو گهڙجي ويو. وڏيرو ڀارو پڪين جي اٽڻ کان اڳ ۾ اٿي ٿو رگ ويد جا رشي انهن ٽاڻي اُٿي دعا گهرندا هئا ته:

"اي اشا ديوي اسان تي پنهنجا بهترين ڪرڻا چمڪاءِ
۽ اسان جي زندگيءَ کي طويل ڏينهن عطا ڪر"

وڏيرو جي ڀارو سمون اٿڻ سان صدين جي سنڌو جيروايت قائم رکندي پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن جي سلامتي سان گڏ پوري عالم جي لاءِ ڀٽائي جي لفظن ۾ دعا گهري آهي ته:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

فارسيءَ جي شاعري نظيري چيو هو ته"جيڪو عشق ۾ ڪنو ناهي اهو اسان جي ڪٽنب مان نه آهي"، ڀارو سمو چوي ٿو ته" جيڪو انسانيت جو حامي نه آهي اهو سان جي ڪٽنب مان نه آهي"ائون ٻه ڪتاب پڙهيل آهيان نڪر استاد هو ڪارئي نرا (تعلقي مٺي) جو رهواسي هو. سوڍي استاد به اسان کي اهو پڙهايو هو ته:

ڪر دنيا ۾ دل وڏيري، تون به رهه، مان پيو رهان،
آڻ من ورتي ۾ ڦيري، تون به رهه، مان پيو رهان.

ان دور ۾ اسان جي هن ٿر ۾ جيڪي شاگرد هوشيار هئا. اسان جي استادن وٽ پڙهائڻ جو طريقو هو پڙهندڙ ۽ پڙهائيندڙ ٻنهي ۾ سچائي هوندي هئي، پڙهائيندڙ استاد جو ماڻهو نه صرف عزت ڪندا هئا، پر خيال رکندا هئا، گرمي سردي ڏکي سکي ويل هر ڪو استاد جو پرجهلو هوندو هو هاڻي ڪير آهي؟ استاد اڳواٽ پگهار جو قرض کڻي ٿو ته ان مان به رشتو ڏيڻي پوي ٿي. بهرحال ائون پنهنجي استاد کي اڄ به

سلام ٿو پيش ڪريان مون کي پنهنجي وڏڙن کان ورثي ۾ پنهنجي مٽي ۽ ماڻهن سان محبت سان گڏ سورهيائي، سچائي ۽ سخاوت ملي، منهنجي استاد بہ جيئو ۽ جيئڻ ڏيو تحت اهو ئي درس ڏنو منهنجي ڄمار جون يادگيريون مورن جي ٿهوڪن ۾ سمايل آهن، ڪڙڪٻيتي جي روشني ۾ رنگيل آهن. جڏهن سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ چونڊ ڪرڻي پوندي آهي تہ اهڙين گهڙين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو پنهنجو پاڻ کي بيوس محسوس ڪندو آهي جن وٽ شعور ڏيڏر جي ڪائنات جيترو هوندو آهي. انهن کي مساڻ جي چڀري جي گهور ۾ طاقت نظر ايندي آهي. مساڻ جي چڀري جي گهور تان ٿيندڙ کي ڪهڙي خبر تہ مور جي ٿهوڪي ۾ ڪيڏي مٺاس آهي؟ ڪرڪٻيتي جي روشني بہ ماڻهو جي لاءِ ڪيئن مشعل راهہ بڻجندي آهي؟ ننگر پارڪر ۾ گهڻي وقت تائين جين ڌرم جا مندر محفوظ هئا، مون ڪجهہ رهيل پوڀان اوسواڙا(جين مٽي) ڏٺا، جيڪي ڪاڌي پيتي جو ڪچو سيڌو(سامان) گڏ کڻي هلندا هئا، ٻني ۾ پچائي کائيندا هئا، اهي جيتڙي کي بہ مارڻ پاپ سمجهندا هئا. اسان بدقسمتي سان نہ انهن جي ساٿ ۽ تربيت جو اثر پنهنجي اندر ۾ قائم رکي سگهياسين نہ وري انهن جا ڇڏيل قديم آثار سنڀالي سگهياسين. اوسواڙا ڳائڻ جا سريلا هئا. مننجو ڏاڏو موسيقي جو ڄاڻو هو. هڪ دفعي مڱڻهار رات جو دير سان اوطاق ۾ اچي مهمان ٿيو سياري جي رات هئي. هن ايندي ملهاري ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. ڏاڏو گهر ستل هو ڏاڏي آواز ٻڌندي چيو تہ فقير اڃيو آهي اوطاق ۾ پاڻي رکيل نہ آهي کڻي وڃو ۽ هن جي سار لهو. ڏاڏي جي عمر جي آخري ڏهاڪي ۾ نور جهڪو ٿي پيو هو هڪ فقير اچي سرندي وڄايو ڏاڏي ٻڌندي چيو تہ فقير هڪ تار ٽٽل آهي يا وڄائين نٿو. فقير چيو تہ سائين صحيح ٿا





چئو. هڪ تار وڄايان نہ پيو اوهان جي پرک وٽي رهيو هوس. هڪ ٿري لوڪ دوهو آهي تہ:

راڳين نر موهيا، راڳين پسون ريجهنت،
راڳين نہ موهيا، سو گرپين ڪيون نہ گرنت.

(راڳ تي ماڻهو تہ ڇا پر جانور بہ موجهي وڃن ٿا، جيڪو ماڻهو راڳ تي نہ ٿو رجهي سو ماءُ جي گرڀ مان ئي ڇو نہ ڪري پيو.)

منهنجو هڪ سوٽ خان محمد شاعر هو عوامي رنگ ۾ هن جي شاعري آهي، هتي ويجهڙائي واري تر ۾ هن جي شاعري جو ذڪر هلندو رهندو آهي، خان محمد جو سر سسئي مان هڪ بيت آهي تہ:

وکون من وڃڙيون، قدم کي واٽن
منزل مارڻ مئين جي ڪانهي ڪنواٽن،
ڪنئن مهارن خانو ڇئي ٽيڙيا ڪين ٽڪن،
لاٽا منجهہ لڪن، ڪيا اٽن آرايءِ ڄام جي.

پراڻي دور سان ڪيترائي اختلاف ڪري سگهجن ٿا پر انهي دور ۾ انصاف هو، معاملن جي جاچ پڙتال ڪري پوءِ فيصلا ڪيا ويندا هئا، مون کي ان دور جو انصاف ياد ٿو اچي، ان دور ۾ ڳوٺن ۾ آبادي بہ گهٽ هوندي هئي. ماڻهن ۾ صلح پسندي هوندي هئي. آئون نوجواني ۾ چوپائي مال جو واپار ڪندو هوس، ورهاڱي کان اڳ ۾ راجستان ۽ گجرات ڏانهن واپار ڪندا هئاسسين، بمبئي بہ گهڻي گهمي ڏٺي سين. پوءِ واسطو ڪاڇي سان جڙيو. منهنجي 2363 ايڪڙ ٿر ۾ زمين آهي، هاري مرضي وارا آهن جيڪو حصو ڏين اڪثر طور هڪ مڻ ٻاجهر ۽ هڪ مڻ گوار ڏيندا آهن، ڪيڙن اهي ٿا تہ کائن بہ اُهي. منهنجو هڪڙو پٽ آهي ان جي لاءِ هاري جي هڪڙو هڪڙو مڻ گنج آهي. منهنجي

ڏاڏي ولي محمد کي انگريزن 31 ايڪڙ زمين ڏني هئي، منهنجي بئراج واري پاسي به 200 ايڪڙ زمين آهي، بئراج جا ڪجهه زميندار واقعي هارين سان ظلم ڪن ٿا، انهن کي پنهنجي ڌرتي واسين اپرن انسانن جو خيال رکڻ گهرجي. هاري ڪيڙي ٿو اهو زميندار ڪائي ٿو هاري جي هٿن جي اپت مان دولت ڪمائي ٿو انهي دولت تي بانور ڪري ٿو هي دولت به لٽون آهي هڪ پاسي واري ٻي ڪنڌ واري، هي دولت ۾ دٻدٻو سڀ هتي رهندو.

ڪاش اسان پٽائيءَ ڪان سکون، پٽائي ايئن چيو آهي ته:

هي سڀ هلڻ هارا،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون!
اڏيا رهندا اتهين، هي سڀ ماڳ موچارا،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون!
جن کي بادشاهيون بلند هيون سي ڇڏي ويا ويچارا،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون !
اديون عبداللطيف چئي، اُت ستر ڪج ستارا،
ڪو نه رهندو ڪو هت جيڏيون !

پارڪر ۾ پونجاڻي واٽيا هئا وڏي ملڪيت وارا ۽ داناءِ هئا، ننگر پارڪر ۾ ڏونگري جا ٻانيڻ مون کي اڪيلائي ۾ ڏاڍا يا ايندا آهن انهن جي صحبت اجان وسري نه آهي. ايئن چوندي اکين مان وهندڙ لرڪن هن جي چپن کي ڪارو ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو ته يادون اندر کي گرمائينديون ته آهن پر ٽوڙينديون به آهن، ڏيوو مهاراج وڏو داناءُ هو هن وٽ دودي سومري جي پيرائتي تاريخ لکيل هئي.

ڀڳيون پئه سلطان جي، ڦوڙايون وجن،
وڳهه ويچارين، چنو نائي ڇڏيو





ڇا ڪڙي ڇا ڪٽڪي، ڇا ماڪوڙي ڳمائي،
سنڌ ڏلي ري رامڏيا، ڪا متي تو آئي،
مهڙ مرندي ملهائيا، سما سپ نوتيار،
پانڊپ رکيا پڙ ۾ پورا پندرنهن هزار،

او ابڙو اپڳ، او ڏونگر ئي ڏيهه پيو،
او جوٽا چاٽو جڳ، جو سريٽين سونا سهي.

پير پاڳارو به ڏيوو مهاراج کي گهرائيندو هو آئون به پير پاڳاري صاحب سان ٿر جي دوري دوران مليو هوس، پير پاڳارو صاحب علم اديب ۽ راج نيتي واري ماڻهو کي پائندو هو مون ذوالفقار علي پٽي کي جهڏي ۾ تقرير ڪندي انتهائي ويجهڙائي سان ڏٺو هو. هن کي عوامي سياست جو ڏانءُ هو مون ڪڏهن به وقت ڏسي پنهنجي سياسي وابستگي جي واسڪوٽي تبديل نه ڪئي اهي، پيڙهين کان وٽي ڪيتلاري جي ارباب خاندان سان جيڪو واسطو رهيو آهي، اهو اڄ به ساڳي آهي. ارباب توڳاچي 1936ع ۾ ٿر مان اسيمبلي ميمبر ٿيو. ارباب تاج محمد چونڊ مهم هلائي هئي، ٿر ۾ راج پاڳ جي سياست جو بنياد ارباب توڳاچي ۽ ارباب تاج محمد رکيو ارباب امير حسن انهي کي اڳتي وٺي آيو ارباب امير حسن چونڊ مهم جي شروعات ۽ آخري مرحلي ۾ مون کي گڏ ڪٽندو هو. فقير فيض محمد بلالاڻي وڏو سخي هو. ماڻهو مري ويٺو آهي، ڪڏهن به ڪنهن جو ڳڻ ۽ ٿورو وسارڻ نه گهرجي فقير فيض غريب پرور شخص هو. اڄ ڪلهه غريبن جي اهميت نه آهي، منافقي واري سياست ٿر کي وڏو نقصان ڏنو آهي، خانداني ماڻهو جو وڏو فرق هوندو آهي. ٿر جا ماڻهو ياد رکن نم ڪڏهن انب نه جهليندو.

ٿر ۾ هڪڙو وقت هو جنهن ۾ گهمن سنگهه پيپل، امر سنگهه ۽ گوڙهيار جا مينگهواڙ پنهون هميراڻي، سترام داس، سنيومل هميراڻي، ننگرپارڪر مان مسڪين جهان خان کوسو عالم چند ڪولهي وارا ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري ۽ جام ساقي جي تقريرن کي سٽي تاز توانائي ٿي چونڊن جي وقت ٿر جي ڀهراڙين ۾ اهو ڳائيندي پهچندا هئا ته:

نه اڇٽا نه ويٽا هي لاچار آيا،<br>
ڪٽي به سبز نوٽن جا انبار آيا،<br>
خبردار هاري جو پوتار آيا،<br>
پراٽا شڪاري ڪٽي چار آيا.

هاڻي ڏينهن ڏٺي جي ڏاڙن جي اڳيان ڪو مزاحمت ڪرڻ وارو نه آهي، هاڻي ڌرتي ۽ ڏن جي سودي جي سياست آهي هاڻ ته هي ٿر ڇڻ ته اڌ رنگ ۾ ورتل آهي، اڳ ۾ ٿر جي سماج ۾ حياءَ شرم وڏو هو ننڍا وڏن جو حياءَ ڪندا هئا، پر هاڻي نه آهي، مون ڪي ندگي ۾ خوشي تمام گهٽ ملي آهي هڪڙو غم ڇڏي ته ٻيو تيار آهي زندگي ۽ وقت پل پل کان پوءِ ويساهه گهاتي ڏيندا آهن دکن ۽ سوچن کان سواءِ ڇا مليو آهي. پارڪر ۾ سومرو خان کوسو وڏو مهمان نواز هو پنهنجي هٿ سان ماني ڪٽي اچي کارائيندو هو ٻلونت سنگهه جو هڪ ڪردار ڏاڙيل وارو هو ته ٻيو پهلو سخي وارو به آهي مون ڪيس گهٽو ڏنو سهراب خان کوسي ورهاڱي کان پوءِ به ڏاڙو هنيو پيمن وارو گڏ پڳوهو ڪڇ ۾ سنڌي ثقافت آهي، اڳي پارڪر جو ٻيو رنگ هو سچائي ۽ واعدي جي پابندي هوندي هئي، هاڻي اها نه رهي آهي، گئوچر تباهه ڪيا ويا اهن ديوي جي وڻ به وڏو نقصان ڏنو آهي.. پارڪر جي نڪرن مگٺهار کي گهوڙو ڏنو ۽ ستيڏان چارڻ کي ڪٽو(ڪيس) ڏنو. ان تي چارڻ پارڪر کي





پرڪ پڪيٽو(سجاٽپ کان وانجهيل) چيو هو ته موندري واري الجي سوڍي سان ڪافي ملاقاتون آهن گڏ رهندا هئاسين. دلبر ۽ ڪم وارو ماڻهو هو. ڪيسو ٻاءِ سوڍو شڪل صورت جو سهڻو ۽ عاشق مزاج ماڻهو هو سخي به هو. ڪيتو جي ڀهراڻي وارو وڏو متضاد ماڻهو هو ڪاسٻي جو مکي ڪرشن ڏاهو ماڻهو هو مون ٿر جي هر مشڪل گهڙي ۾ وڏي ڪوشش ڪئي ڪو به ڌرتي واسي وطن جو ويڙهو ڇڏي نه وڃي. ماڻهن کي هٿ سان چنيون(راهداريون) لکي ڏئي يا پنهنجن ماڻهن جي ساٿ سان بئراج موڪليو جن ۾ اڪثريت هندو پائرن جي هئي، مالڪ پرم رکيو انهي دور ۾ ماڻهن منهنجي چني ڏسي ڪنهن کي ننگرپارڪر کان حيدرآباد تائين تنگ نه ڪيو. اهڙي طرح هر ڏکي وقت ۾ هندو پائرن اسان جي مدد ڪئي آهي.

تاريخ جي مختلف دورن ۾ هڪ کان وڌيڪ لاڪا ٿيا آهن. لاڪي جي تمثيل تاريخ جي پارڪوئن جي لاءِ هڪ للڪار آهي. ڀٽائي چيو آهي:

پنرو ويو پراڻ مان، ويو وڪيو وريا،<br>
پيٽي ناهه بدام، تڏهه لاڪو ٿو لوڙيون ڪري

لاڪا لڳئي ڏينهن، گهاڙي ري ڪئن گهاريئن،<br>
مٿان وسي مينهن، واٽون ولين ڇانئيون.

ڪندا ڪچاڙيا، اپو آهين ريل ۾،<br>
پرين پڇاٽا، سُڪي پانگر نه ٿئين.<br>
چيتا ڪيو چٽيچ، بداماڻي ٻٽ ۾،<br>
نئين نند ۾ ڏيچ، چيڙون ڇپر آئيون.

ٿر جي هي رڻ واري ڪنڌي بہ وڏي آباد هئي. وٽ، چوٽاٽو ، ٻلهيار وسيل هوندا هئا. پراڻ، ڍورو ڍاڳي پٽيهل نالي سنڌو جا مختلف وهڪرا اچي ڇوڙ ڪندا هئا. پٽائي انهي دور جي عڪاسي ائين ڪئي آهي.

جهڪون نہ جهٽڪن، وڳ نہ پسان وٽ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس چوٽاٽو چت ڪيو.

چارئين چوٽاٽو وڳ هارين، ويسرا،
لاکي لوڙائن ۾ ڦهريون ڦهراٽو
سبر سٽاٽو وڳ ورائي واٽ ٿيو.

جڏهن ڍاڳي ڍور، ٻئي وهن ٻلهيار ۾،
تڏهن تازئين طور، هئي، جسو ڏن سين.

جهوني تون پراڻ، جڳ ڇتيهہ سنپرين،
تو ڪي ڏنا هاڻ، لاکي جهڙا ڀيهڙا.

ڍور نہ اڳئين ڍار، مهن ملاحن لکيو،
موڙي چڙهيا مڪڙا، پسي پاٽي پار،
جسوڏڻ جهڙا يار، پيا وير وماس ۾.

ڪنڌين آڪ ٿلاريا، سانگهه سکو ساهه،
مُهڙائي وٿانهه، رويو راج رضا گهري.





لاکي لوڙون ڇڏيون، سرها ٿيا سنگهار،
چوٽاٽي چوڏرا، وينديون وس چرنديون.

پٽهيل تو ۾ پُور، اڳيون نہ آب جو،
سُڪين کهڙي سُور، پئي واري وچ ۾.

ناميارِي ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ مدد علي سنڌيءَ پنهنجي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي تہ ”وقت سدائين پنهنجي دور جي جونجهار کي شڪست ضرور ڏني آهي.“

ڇا ڀاري بہ ڪڏهن شڪست کاڌي آهي؟ آئون پنهنجو پاڻ کي پڇان ٿو پر ڀاري کان اهو سوال ڪڏهن ڪري نہ سگهيس. هن ڳوٺ جو هڪ ٻيو ڪردار الهبچايو سمون تعليم کاتي جو ٿرپارڪر ۾ ڪڙڪ آفيسر ۽ اڏول انسان هو. جنهن جون ڪيتريون ئي سارون سنڀارون مارو ماڻهن وٽ سانڍيل آهن.

ڀاري هر ڀيري ڪچهريءَ ۾ اهو ٻڌايو تہ: ”الهبچايي سمي جو وڇوڙو منهنجي زندگيءَ ۾ وڏو صدمو ٿي آيو.“

# ممون فقير

ٿر ۾ ممون فقير ڪير سڏائي؟ مَمُون جي ماءُ بس هڪ مَمُون ڄڻيو مَمُون مڱڻهار ٻہ هو تہ ڏاتار ٻہ. روايتي ريت ۾ پنهنجي راڄ مان چار اناج جا ڪڻا ڪڻا ڪندو هو پر موٽ ۾ لوڪ کي علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي رمائي جون جهوليون ڀري ڏيندو هو.

مون ميهہ نہ وِسري منگت ني ڏاتار،
مهيلي پيهر نہ وِسري، هاڙي ني پتوارا !

(موران کي مينهن يا برسات وارو سمون يا وقت نہ وسرندو آهي ۽ اهي ميگها رُتِ اچڻ تي اُتاولا ٿي پوندا آهن. منگتي(مڱڻهار) کي سخي يا دياوان ياد هوندا آهن. عورت کي مائٽاڻو گهر ڪڏهن نہ وِسرندو آهي، ايئن هاري کي سدائين ٻني ۾ ماني پٽ ڪٽي هيج مان هلي ايندڙ ڀقوارڻ جو انتظار هوندو آهي).

ڏن اوگي ڏاتار، ياد ڪري ساري ايڙا
سُومارو سنسار، نام نهين ليوي ناٽيا

(ڏاتار کي سڄ اڀرڻ سان هرڪو ياد ڪرڻ شروع ڪري ڏيندو آهي، پر ناٽيا ڪنجوس جو نالو هن جهان ۾ خوشي سان ڪير نہ وٺندو آهي.)

ممون فقير تعلقي ڇاڇري جي ڳوٺ اوڏاٽي ۾ گلو فقير جي گهر ۾ جنم ورتو. گلو فقير ٻہ پنهنجي دور جو نهايت سنو سگهڙ ۽ راڳي





هو پر ممون گهڻو اڳتي نڪري آيو ننڍپڻ ۾ پنهنجي پيءُ کان سکيا ورتائين پر جواني تائين رسندي پانت پانت جي گهاٽ تان گهمي سراپا سگهڙ ٿي پيو. پوءِ پنهنجي مرضي ۽ محبت سان جتي ويو اتي هن ٿري فطري فنڪار جو نالو نروار ٿيڻ لڳو:

هنسلان سرور گهڻا، پوپ گهڻي پمرس،
سگهڙاڻا ماڻسان مان، گهڻو ديس هوءِ پرديس.

(هَنجنَ جي لاءِ سمنڊ ۽ تلاءِ ڪوڙ آهن، پونئرن جي لاءِ واس جون واٽون گهڻيون پيو آهن. اهڙي ريت سگهڙ ماڻهن جي لاءِ جتي ڪٿي مان آهي، ديس هجي يا پرديس هُوجتي ويا اُتي عزت پائيندا.)

ٿر ۾ هن جي پائي جو ڪو سگهڙ نہ هو. هن صدين جي ڇترائي اندر ۾ سانڍي رکي هئي، هن کي راجواڙن جي راڻن جي رڻ ۾ پومي ۾ راڙو وِجهندڙ بهادري جا دل آويز قصا ٻہ ياد هئا تہ سرڪش پاٽين ۽ بلوچ ڪوسن جي ڪونڌرن جا مَچرايل ڌاڪا ٻہ دل تي اڪريل هئا. واري جي دڙن تي رهندڙ عام لوڪن جي ڌرتي ۽ سرتي سان محبت ۽ پريم رس جي وارتائن جو لاتعداد وڪر ٻہ وٽس هو تہ هن وٽ نصيتن جا نولک نقطا هئا، هن جو حافظو ڄڻ تہ ڪمال جو هو هندي، سنڌي ۽ ٿري لوڪ ادب جو هلندڙ ڦرندڙ ڪتب خانو هو.

"ست سئي" جي مصنف بهاري لال، "عالم ڪيلي" جي مصنف عالم، "سينگار گوبرڌن، جي ڪوي ٻليدر، سينگار سورٺا، ڪوي عبدالرحيم خان خانان، سينگار درپن، جي اعظم خان، "سرنگار چرتر، جي ديوڪي نندن، "انگ درپن جي سيد غلام نبي ٻِلگرامي، "رس لين" وجئہ پال، راسو جي سرجڻهار نل سنگهہ، رٽمل چند، جي ڪوي شري ڌر، سور ساگر جي ڪوي سورداس، پرٿويراج راسو جي

تخليقڪار چندر بردائي، ”همير راسو“ جي ڪوي سارنگ ڌر، ”سترپال راسو جي ڏونگرسي، شڪست راسو“ جي گرڌر، ”قائم راسو“ جي جان قائمخاني، ”رتن راسو“ جي ڪوي جڳاجي چارڻ، ”گيت گووند“ جي ڪوري جئنديو، دادو ديال، ڪبير ڀڳت، غريب داس، جڳ جيون، ناگري داس، ميران ٻائي، گوري ٻائي، قاضي قادن، بلهي شاهه، شاهه لطيف، سچل سرمست، هري رس، جي ايسرداس، ”من پربوڌ“ ۾ آگم وارث، جي روحل فقير، ويل ڪرشن رڪمڻي جي ڪوي پرٿويراج راٺوڙ دوها واگهجي را“ جي ڪوي آشانند عرف شوجي، ”همروٽ چتيسي“ جي ڪوي بانڪيداس، اڪبر بادشاهه جي نو رتن، فيضي، گنگ ڀاٽ، بيربل، تان سين، امير خسرو، ڪرپارام چارڻ، ڀرست سئي، جي ڪوي سورج مل چارڻ ڪان وٺي سمنگ چارڻ، ڀاگوپان، ڪوي چمن جي چارڻ ۾ جمن چارڻ تائين ننڍي ڪنڊ جي اوچ ڪوٽي شاعرن جي شاعري ۾ ڳجهارتن، هيمارين، ڇندن، سواين، ڳاهن، لوڪ قصن ۾ ڪهاڻين تي وڏي دسترس هئي.

هن لوڪ ڪوتا ۾ ڪهاڻين کي جاودان ڪيو هو. هن وٽ چارڻن وانگر ڪوتا اچارڻ جو منفرد ڍانءُ هو. ممون شاعري جي صنف ۾ موضوع جي مزاج کي سمجهندو هو جڏهن ته لوڪ دوها ۾ ڇند پڙهندو هو ته محسوس ٿيندو ته ڄڻ ٻڍي جي بادلن مان ڪنوڻ ڪجڪا ڪري رهي آهي، هن صحرا جي تاريخ سان هٿ چراند کي رد ڪري سچي تاريخ قصن ڪهاڻين ۾ لوڪ ڪوتا جي صورت ۾ ماڻهن تائين پهچائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

ساجن ايسا ڪريئي، جيسا گام ۾ چتر هوءِ،
ڀمري جيڻ پٽڪا ڪري، مُک نه چڙهي ڪوءِ.





(ساجن يا دوست اهڙو ماڻهو ڪجي، جهڙو ڳوٺ ۾ چتر(ڏاهو ماڻهو) هوندو آهي. ڀونئري جيان هن جو آواز اڀرندو. رهي پر ڪير به منجهائنس رنجيندو نه ٿئي، ڪنهن جي منهن چڙهي ته به منع نه ڪري.)

مَمي فقير پنهنجي دل جو راز ڪڏهن نه لڪايو. هن جي پنهنجي ڌرتي ۾ لوڪ ادب سان پريت هئي، ڪهڙيون به حالتون هجن، ممون فقير سادو سُودو نياز نوڙت سان ٻانهون ٻڌڻ وارو ٽڏي مٽيءَ جو گهڙيل ڳوناٽو هو، ”جو مڙيو سو جوڙيو“ تي يقين ڪري ڪچهريءَ ۾ ائين منڊ منڊبيندو هو جو اکين جا ڇپر ڇنبڻ وسري ويندا هئا. ڪن اٿي ڪري ٽڪ ٻڌي ٻڌڻ وارو ڀيو. هن جي منهن ڏي نهاريندو هو هن جي غير معمولي ذهانيت معشوق مزاج وانگر سمجهڻ سولي نه هئي، هو پنهنجا ڳوڙها پي ٽهڪ ورهائيندو هو. هن جي اندر ۾ صدين جي سفر ۾ پسي جي ڳاڙهن گلن سان گڏ ڌانڊن تي ٽلڻ به هو جنهن جي سحر ۾ هڪ سمجهه سولي نه هئي، هو پنهنجا ڳوڙها پي ٽهڪ ورهائيندو هو. هن جي اندر ۾ صدين جي سفر ۾ پسي جي ڳاڙهن گلن سان گڏ ڌانڊن تي ٽلڻ به هو جنهن جي سحر ۾ هڪ سمجهه ۾ نه ايندڙ ڪيفيت ۾ لڇندي پنهنجي پوري دل جي سچائي سان لوڪ ادب، آدرش، ثقافت جا اهڃاڻ وندبيندو رهيو. هن جي اندر ۾ ڪا اڄ هئي جا ڪڏهن نه اجهي، ڳوناٽن سان ڳالهين مان ڪڏهن نه ڍاپيو. صبح کان شام تائين هن جي لفظن جي امرت رس پيو برسندو هو.

ڌرتي ميگهه نه رجيئي، آگ نه رجيئي ساڙ،
راجا راج نه رجيئي، موت نه رجيئي مار.

1971ع مَمُون فقير عارضي بنيادن تي نئون ڪوٽ وچي

رهيو. جتي 4 جنوري 1973ع تي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي پنهنجي شاهڪار مقالي "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" جي اٽت ۾ ٿري لوڪ ادب جي ريشمي رنگ آڻڻ لاءِ هن کي ڳولي هٿ ڪيو. ڊاڪٽر سنديلي جي هن ٿري فقير وڏي مدد ڪئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بہ هن فقير سان ڪيترا ڀيرا مليو. هر ڀيري ڪائنس لوڪ ادب جا بي ملھہ موتي ماڻيا.

زندگيءَ جا پويان ڏهاڙا هن منيءَ ۾ ڪٽيا "ٻڍا ٿيا ٻر (ٻَل يا طاقت) هٽيا" جي عمر ۾ بس ڪجھہ قدران ماڻهن سان رهاڻ رس ڪري واپس پنهنجي جهڳي پهچندو هو. منهنجي ٻن عزيزن ڪيئنرو جي جڳتاڻي ۽ راڻو مل ريگستانيءَ وٽ گهڻو ايندو هو. مون اتي هن کي ڏاڍو ڀڏو. آئون تن ڏينهن ۾ شاگرد هوس، مون وٽ ايترا وسيلا نہ هئا، جو ڪيس رڪارڊ ڪري سگهان، پر ڪاپيءَ تي نصاب وانگر هن جون ڳالهيون لکيون هئم. انهن ڏهاڙن سائين واسواڻي پرشوتم ۽ ڊاڪٽر اشوڪ جي پيءُ رٽائرڊ سُپروائيزنگ تپيدار آسن داس سوٿهڙ جا اوتارا پڻ مَمي فقير جي آمد ۽ ڪچهرين توڙي رس رهاڻين جا خاص مرڪز سڏبا هُئا، جتي هن سُگهڙ سياڻي کي اڻ مَيو مانءُ ملندو هو.

چون ٿا تہ سائين تاج جويي مَمي ميراڻيءَ جي لوڪ ڏاهپ وارن گُفتن تي مشتمل رڪاڊ ٿيل بہ آڊيو ڪيسٽُون بہ سنڌالائجي رڪارڊ ۾ محفوظ ڪرائڻ لاءِ ڄاڻايل هڪ اوطاق تان هٿ ڪيون، اُهي سنڌالاجيءَ پهتيون يا تاج وٽ سانڍي رکيل اهن. تنهن جي باري ۾ تاج پاڻ ئي ڪا وضاحت ڪري سگهي ٿو.

مَمُون فقير کي ڪرپارام چارڻ جا راجيا نالي ملازم سان مخاطب ٿي چيل دوها ڏاڍا وڻندا هئا.





بن مطلب منوار، رپ آڇي راجيا.

(مطلب جي خوشامد ۾ زوري لذيذ طعام ڪارايا ويندا آهن، پر راجيا اهڙن طعامن کان بنان مطلب واري رٻ بہ ڀلي آهي)

گڻ، اوگڻ جڻ گائون، سڻي نہ ڪوئي سنيڙي،
اُن نگري چت نائون، روهي آڇي راجيا.

(جنهن ڳوٺ ۾ ڳڻ او ڳڻ، ڀلي بري جي تميز نہ هجي، جتي اهڙي ڳالهہ ٻڌڻ جي لاءِ ڪوئي تيار نہ هجي، راجيا اهڙي ڳوٺ ۾ رهڻ يا انهي نگري سان دل لڳائڻ جي بدران رڻ جي رَيت ڀلي آهي.)

ممون فقير پاڻ بہ شاعري ڪئي ممون جي شاعري کي شاعري جي سانچي ۾ ماپڻ سان فني ڪمزورين ملي سگهن ٿيون پر سگهڙائپ واري وڏي سونهن آهي، پنهنهجي مٽي ۽ ماڻهن سان سچائي پلٽا ڪائي ڪائي ٿي، ڀهراڙي جي ٻولي جو وينجهار آهي. هن سگهڙ سوناري ٿري ٻولي جا زيور گهڙيا اهن. سر مارئي ۽ ٿر جي پس منظر ۾ ڪجھہ بيت هتي مثال طور ڏجن ٿا:

عُمر اسان جي ڏيهہ ٿر ۾ ٿا ٿوڪ ٿين
هڪ گلا منيون گانگيٽيون ٿا روهيڙا رچن
ماڏاڻا مکڙيون ٿيون پَچيو پٽ پون
ڏونگرا پُسيون ڏيهہ ۾ ڦوڳيون ڦور ٻن
کيان منيون کبڙيون ٿيو ريٽو رنگ جهلن
سو مون نٿيون وسرن، موڪل ڏي ملير وڃان

موڪل ڏي ملير وڃان ملڪ ڏسان مُهر
پيرون ڏسان پٽن ۾ ٻيو ڏاڏاڻن ۾ ڏونئر

ڦريو ڏسان ڦوڳيون ٽاريلا ٿوهر
مگ ڪورڙ مارن ۾ گامن منجهہ ڳنور
ٻاجهريون تر ٻاٻاٽا جام پوکين جُوئر
ميراثي“ممنون” چوي اسانجي ڳوٺن منجهہ ڳوئر
منهنجي ڏاڏاڻن جا ڏهر، ڏسان اڄ اکين سان

ڏسان اڄ اکين سان منجهو ملڪ ملير
عرض ڪريان الله کي منهنجو پٽ رکندو پير
سنڌ ۾ اڳي سومرا هئا اصل کان امير
بابو تنهنجو بادشاهہ، حاڪم هيو حمير
عُمر آهين امير، موڪل ڏي ملير وڃان

موڪل ڏي ملير وڃان، ٽڏو ڏسان ٽر
ملڪ منهنجو مائيٽاڻو آهي پھرين پارڪر
پونگا منهنجي پائرن جا، جت نامي شهر ننگر
ڏيهہ منهنجو ڏاڏاڻو جت ڪارو ڪارونجھر
پٽن جو پري ڏي بينو خاصو ڪارسر
پالوا جي پر منجهہ آهن مارئي جا مائيٽر
ڏيرا اسان جي ڏهہ ۾ گوڙي منجهہ منجهہ گور
ميراثي“ممون” چوي قادر ڪرم ڪر
اهڙو ڏيان ڏر، تہ ٿورو ڪر اسان جي ٽر تي

مند ڦري موسم وري بادل ڪر بهار
پر ٻنيون ٻار پر ڪر ترايون تار
پاساڙا پونا پر، پر ڏاڏاڻن جا ڏاهر





سگهو وسي چاچر تي ڪر ڪانٺئي تي ڪار
اڄ عمر ڪوٽ وسا سنڌ سيئي سڏار
مرڪيو مهراڻي تي چڱي ڪر چيلهار
مٺي تي موج ڪري ڏيپلو وسا ڏاتار
وراڪو ڏئي وٽ ڪي وسا سلام ڪوٽ شهار
ٿور رک اسان جي ٽر تي ڪر ڪنٺي تي قرار
پالوتا ڏيو پارڪر تي ڪر ننگر تي نار
ڳوٺ وسي گڏڙي جو ڪر موچاري ميهار
ڪلي وسا ڪوڪڙو ڪڍ ڪاوڙ جا ڪار
ميراثي“ ممون” چوي لاهہ ڏيهہ مٿان ڏڪار
مالڪ واڳون وارو، سانگھارن کي سک ٿئي

سهٽي اسان جي سال جا پڇ ڏيان ٿو پار
مينهن وٺو آملڪ ۾ جو لڳي پئي آلار
هڪڙيون پڪيون ٻاجهريون ٻيا پڪا آهن گوار
ترن اڃي تيج ٻڏيا پريا پيا آهن ڏاهر
ڪوري پرٽي، مريڙو پپون هي سانٽورا سار
چانهن گدري گولاڙي جي ولين ڪيا سينگار
سڻ مرٽ گبول ڪنڌيير ٻرو پڪو ٻي پار
ويڪر لنب ويسوني چيهو اپريو چوڏار
ميراثي ممنون چوي تون صاحب ملڪ سڏار
مولا واڳون وار تہ سنگھارن سک ٿئي.

ممنون فقير جو پٽائي وڏو پرجهلو هو، هو روز اسُر جو اُٿي پٽائيءَ جي سُر پرڀاتيءَ مان بيت پڙهندو هو ۽ پنهنجن فقيرن کي

چوندو هو:

ايءَ نه پانڻ پير، جو ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو
سونهاري صبوح سين، وجهي وينين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪِيرت ڏاران مڱڻو !

ڪوي ڪاليداس پنهنجي هڪ ڪوتا ۾ چوي ٿو ته:

”مهارشي وڪرم کان پڇيو ويو ته ، تون مرڻ کان پهرين اروشي سان ملڻ جي خواهش پوري ڪندين؟ ته هن چيو ته، ها مون کي ان اروشي سان ضرور ملايو جنهن سج جي تپش ۽ سمنڊ جي جهاڳ مان جنم ورتو آهي، پر پوءِ اهو سوچي اداس ٿي ويجي ٿو ته ائون ته انسان آهيان، ان ڪري پوڙهو ٿي ويو آهيان، پر اروشي ديو آهي، هو اڃا به جوان هوندي، ته ڇا منهنجو پوڙهپڻ هن جي نوجوانيءَ کي پاڪر ۾ پري سگهندو!؟ انهي سوچ ويچار ۾ هن جي اکين مان به لُڙڪ لڙڻ ٿا ۽ پوءِ هن جون اکيون سدائين جي لاءِ بند ٿي وڃن ٿيون.“

هن ٿر جي پوڙهي سگهڙ فقير کان خبر ناهي، جنهن لوڪ ڪوتاديوي جو پڇيو يا الائي نه!؟ پر هن جون اکيون مهارشي وڪرم وانگر بند ٿيون ته جڻ ٿر ۾ سگهڙائپ جو هڪ وڏو باب بند ٿي ويو. ڀٽائيءَ جي سٽ سامهون اچي وئي.

وٽين وينا ڪانگ وچين ٿي ويلا ڪري!





ٿر جو سماجي اڳواڻ

# گهمن سنگهه

ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪاٽي ۾ جنم وٺند گهمن سنگهه پرائمري تعليم 1930ع ۾ اڇوتن جي لاءِ ڪلنڊڙ نگر جي هريجن اسڪول ۾ ورتي. پنجن درجن کان مٿي مائٽن جي غريب سبب پڙهي نه سگهيو. گهمن سنگهه نوجواني جي وهٽري ۾ پير پائيندي انهي تعليم جي آڌار تي پوليس کاتي م ڀرتي ٿيو پر هن جي اندر جو انسان سماجي سڌاري جا بسنتي گيت ڳائي رهيو هو اهو جهاليت جي خزان جي خرابي ۾ ڪٽي ٿر ماٺو ٿي ويهي رهي، ڇاٽ ڇوت جي مت ڀيد ۽ جهالت کي ميٽڻ جي لاءِ هن وٽ هڪڙو ئي اپاءُ هو ته پوئتي پيل جاتين کي همٿائي اڳتي آڻي علم جو زيور پارائي. انهي آس اميد ۾ مسڪين جهان خان کوسي، عالم چند ڪولهي، پنهون مل هميراڻي، سچل جنجهي سٽ جو ساٿي بڻيو.

علائقي جي وڏيرن ۽ پٽيلن کي گهمن سنگهه ڏاڍو ڏکيو لڳندو هو هن کي هيسائڻ جا ڪيئي حيلا هلاياٺون. وقت به وقت ٿر جي واري هن جي لاءِ ٿامون بڻائي ويئي پر هن پورهيت ماءُ جي پٽ پير سڙندي به ڪڏهن ڇانو جي تمنا نه ڪئي. غريب جي ڳوٺن ۾ وڃي هريجن اسڪولن ۾ ٻار داخل ڪرائڻ جون منٿون ڪندو رهيو. گهمن سنگهه جي انهن ڪاوشن جي نتيجي ۾ گلولي، گوڦڻ، ڪاتر، کهاڙي،

ڏاتو ۽ ڏلها ڪٽي هلندڙ قبيلن جي هٿن ۾ ڪتاب آيا. ڌرتي جي دراوڙ ٻارن لاڙ ڏانهن لاباري جي لاءِ پنڌ ڪرڻ جي بدران هريجن اسڪولن جا اڱڻ وسايا.

گهمن سنگهہ کي انهي ڪرت ۾ پنهنجي قبيلي مان امر سنگهہ ڀانيڻ ٿوبي واري وڏي مدد ڪئي، امر سنگهہ هن جو ٻانهن ٻيلي بڻيو. صحرا جي سانورين سانجهين ۾ انسانيت جي جهانجهہ وڄائيندي ڪڏهن هن جي اکين جون ڀنبڻيون ڀُسي پونديون هيون تہ:

ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ، ٽڪن جا
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ
واري ساري واٽ،
مٿان آ ٿاڪ ٽڪن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ!
ڀني نہ تن لئہ ڀونءِ،
ڇڪن ٿا چاڪ ٽڪجن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ!
لٿي نہ تن جي اُڃ،
ورائي ڪير سمروي سڄ
وڄن ٿا واڪ ٽڪن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ!
مليو نہ تن کي ماڳ
انهن جو ڀُلي ڀُلي ڀيو ڀاڳ
ڪلي ٿي خاڪ ٽڪن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ !





مليو نہ تن کي ماڳ
انهن جو ڀُلي ڀُلي ڀيو ڀاڳ
ڪلي ٿي خاڪ ٽڪن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ ! (شيخ اياز)

امر سنگهہ ڪڏهن لطيفي لات سان تہ ڪڏهن اياز جي واين تي دل دنبوري ڪري حوصلي جو گهاڙو گهڙندو هيو تہ:

ٽڪيائي ٿر ٽيل، چڙهہ ڇُڪيائي چوٽئين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ڀَو مڙيئي ڀيل،
اُٿي رائو ريل، وينن تان واري وري،
(شاهہ)

سانگيئڙن جي سار نہ ڇڏ،
رات تہ راهي گذاري ويندي!
چاجي دوري! دل ٿي دل ۾،
پڪڙا تن جي اوڏا اڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي!
من ٿي من ۾ ماروئڙن کي،
ڪنهن مارڳ تي آٽي گڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي!
ايندي ايندي ايندي ساجهہ،
ايندي تنهنجي سرلي سڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي!
نيٺ تہ ڪِرندا ڪوٽ انهن جا،
ڪيٿي وارا پوندا ڪڏ.
رات تہ راهي گذري ويندي! (شيخ اياز)

اهڙين تاريڪ راهن راهن جي موڙن تان اڪري زندگي جي پرپيات جي ڪرڻن کي ماڻڻ لاءِ سرخ سوچن جي رنگ ۾ امنگ پيدا ٿي پوندي هئي، انقلاب جو خوبصورت سپنوهن جي تصور ۾ تري ايندو هو تاريخ هن سان وعدو ڪرڻ لڳندي هئي. ته:

ڏٺ ٻه تنهنجو ڏيهه ٻه تنهنجو ڪو تو کان نه کسيندو،

اهڙو ڏينهن ٻه ايندو.

ڪائي ارهي اک نه هوندي لڙڪ نه ڪو لاڙيندو،

اهڙو ڏينهن ٻه ايندو.

(شيخ اياز)

زماني جي گردشن ڪيترو ئي ٽڙيو پر هن جي نسلن تاريخ جي انصاف جي اميد تي پنهنجين ٻرندڙ دلين ۽ سڄيل اکين کي لڪائي روح کي محبتن جي ريشمي رومالن ۾ ويڙهي رکيو، وڏڙن جي روايت جي پاسداري ۾ گهمن سنگهه جي آدرشن جو چنڊ ٻه تاريخ جي انصاف جي يقين تي چمڪي پوندو هو. نوبل انعام يافته اديب شولو خوف پنهنجي جيون ڪهاڻي جو نالو "دل جي چوڻ" رکيو هو پر هن ٽرئي پيل پنهنجي آپ بيتي سميت مختلف لکڻين جو نالو تاريخ جي چوڻ تي "چونڊيو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ سنئي لائبريري پڻ جوڙي، ٽر جو ناميارو استاد ۽ اديب سائين سنيو مل هميراڻي گهمن سنگهه جو اڪثر ذڪر ڪندو هو مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته گهمن سنگهه جي لکيل مواد کي هٿ ڪري سگهان، پر ممڪن نه ٿي سگهيو آهي.

ٽر ۾ گهُمن سنگهه، پيل قبيلي جو پهريون ماڻهو هو. جنهن پنهنجي پوري نالي سان گڏ "سنگهه" سڏايو. پوءِ اهو رواج پئجي ويو. هن کان اڳ ۾ پيل پنهنجو پورو نالو سڏائي نه سگهندو هو. 1958ع ۾





گهمن سنگهه ۽ امر سنگهه تي اغوا جو ڪيس داخل ڪرايو ويو، ان ڪيس ۾ امر سنگهه گرفتار ٿي ويو. گهمن سنگهه پٽ پائڻ جي مشهور زميندار حاجي محمد عثمان مريءَ جي شفقت سان روپوش رهيو. پويان هن جي ساٿين، مسڪين جهان خان کوسي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪيس جي خاتمي لاءِ جدوجهد ڪئي. غلام حسين طاهراڻي وڪيل سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪيس جي خلاف درخواست داخل ڪئي. ڪيس هليو عدالت ٻنهي ڄڻن کي باعزت بري ڪيو.

انهي واقعي کان پوءِ گهمن سنگهه "جيئن لڪ لڳي، تئين رڪ ٿيا، ماڻهو وه جو ڏڪ ٿيا" وانگر، پوليس جي نوڪري ڇڏي سياست ۽ سماجيات ۾ مڪمل طور حصو وٺڻ لڳو. گهمن سنگهه جذباتي تمام گهڻو هوندو هو. سال 1962ع ۾ بنيادي جمهوريت جو ميمبر ٿيو. پنهنجي قبيلي جي اَنن ٻين ميمبرن کي پنهون مل هميراڻي جي ڳوٺ گوڙهيار ۾ گڏ ڪري، اتي هن يونين ڪائونسل پيلو جي چيئرمين شپ جي اميدوار طور بيهڻ جو اعلان ڪيو. رات جو ڪنهن پيل ميمبر ڇات ڇوت جي سوچ ۾ ميگهواڙن جي ماني کائڻ کان انڪار ڪيو ته، هن پوڙهي تبديلي پسند کان برداشت نه ٿيو. هن انهيءَ پيل ميمبر کي تي چار چماٽون وهائي ڪڍيون، پوءِ معاملو مڇي پيو. گهمن سنگهه پنهنجي موقف تي قائم رهيو ته جيڪو مت پيد جي ڳالهه ڪندو، اهو منهنجو ساٿي ناهي. ٻن ڏينهن کان پوءِ پاڻ چيئرمين شپ جي اميدواريءَ تان هٿ کڻي حبيب الله ساند کي ووٽ ڏياري ڪامياب ڪرايائين، پر انهي پيل ميمبر ڏانهن ٻيهر ووٽ جي لاءِ مڙي ٻه نه نهاريائين.

گهمن سنگهه جو ڪڙم قبيلي کان مٿي انسانيت سان انس هيو.

تنهنجا پير ڇُهان، ڌرتي منهنجي ماڻڙي
ياڪر پايان پاوَ مان ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءُ نہ ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

سال 1964ع جي صدارتي چونڊن ۾ گهمن سنگهہ مادرملت محترمہ فاطمہ جناح کي ووٽ ڏنو جنهن تي وقت جي سرڪار ڏمرجي هن کي ڪوٽڙي جيل موڪليو جتي بہ هن وطن عزيز سان سچائي جو ايمان سلامت رکيو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري نئين ڏينهن نئون اتساهہ ڏنو تہ وقت جي آمر سان ها ۾ ها ملائڻ بزدلي ۽ بي ايماني آهي، هر آمر اهو ياد رکي تہ مرڻو پڻ آهي، هلاڪو ۽ چنگيز خان جي انت تي ويچاري، آمر جي ڪفن ۾ ڪيڙا لاش تي چرندي پڇتائيندا آهن تہ ڪهڙي جنم جي سزا ڀوڳي رهيا آهيون تہ هڪ ظالم ماڻهو جي مٽي اسان جي لاءِ رزق ٿي آئي آهي.

گهمن سنگهہ 1970 ۾ وفات ڪري ويو. هن پوري ڄمار انهي جستجو ۽ جاکوڙ ۾ گذاري تہ ڏاڍي اڳيان هيٺو ويهڻ جي جرائت پيدا ڪري. گهمن سنگهہ جي ارڏائي جون ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪنني کان پارڪر تائين اڄ بہ ٿري ڳوناٽا ڪن ٿا. گهمن سنگهہ ڀيل ٿر ۾ بنيادي تبديلي ۽ ترقي جي ڏارا جو اهم ڪارڪن هو. خاص طور پورهيت طبقي جي لاءِ هن بر ۾ بلائون لتاڙي وڏا لڪ لنگهيا. هرتاٽي هن هيٺن جي همراهي ڪئي.

ڏيهي ڏور ويا، ڇِني ڳنڍ ڳنڍيير جا،
ساري تن جو صورتون، لڙي لڙڪ پيا،
هيءَ هيءَ هانوَ هَيا، ڪِئن جاليئہ جوءِ ۾!

(شيخ اياز)





# مٽيءَ جو فقير مقيم

مٽيءَ جو مقيم ڪيڏانهن هليو ويو !؟ ڇا موت جا ڦهري هٿ هن کي اسان کان ڌار ڪري ويا !؟ ڌرتي جي ڪهڙي ڳماڙو تي هن کي ڳولهجي !؟ هي مندر مڙها، هي چونئرا چونڪيون، هي چنڊ ستارا، هي بادل برساتون، هي ڏونئرا پسي، هي روهيڙن رتا گل، هي ڏهرن ڏياتيون، هي مورن ٿهوڪا، هي ڪارونجهر، هي ڪجلاسر، هي پٽون پڙا، هي ڪهڙا ڪهڙا من موهيندڙ رنگ روپ ڇڏي هليو ويو!!

17 مئي 2012ع جي شام هن جي وڇڙڻ جا سوبن موبائيل ميسيج ڪٽي آئي، هر ڪو نهتي ڏانهن ڳرا ڳرا قدم ڪڻڻ لڳو. هر ڪنهن جي من ۾ هُن سان گهاريل گهڙيون هُرڻ لڳيون. ڪو ڪيئن ساري رهيو هو. ڪو ڪيئن ڳڻ ڳوت ڪري رهيو هو پر نهتي جي دڙي تان سج لهي رهيو هو ۽ مٽيءَ جو ماڻهو مٽيءَ سان ملي رهيو هو:

لٿو سج لڪن، راسيون رتائين،
مون کي مارياڻين، اديون اونداهي ڪري،

(شاهہ)

مٽي اول مٽي آخر مٽي زنده باد

(شيخ اياز)

فقير مقيم ٿر کي ڪيئن ڏٺو هو !؟ ٿر تي ڳالهائيندي هن جا اکين جا ڇپر آلا ٿي پوندا هئا، لڙڪن مان مقيم قوت حاصل ڪندو

هو ٿر مان هن جون اکيون ڪڏهن ڌاپيون نه. هن وٽ ٿر جو ماضي به هو ته مستقبل به. ٿر هن جي سوچن سپنن ۾ ڪر موڙي اٿندو هو. هو ٿر جي حسن جي تلاش ۾ رهيو. ادب آرٽ، سياست، سماج، ثقافت، سڀ ۾ هن ٿر جي حسن جي تلاش ڪئي. سدائين سفر ۾ رهيو ٿر جي ازلي حسن جون جهلڪيون جهٽڻ جي لاءِ هن پنهنجي پوري جستجو ڪئي.

ساهڙن مون جئن، سرتيون ڏسو سيپيئي،
ته سُمهو ڪيئن سُک ٿي، پاسور ور ڏئي،
منهان اڳيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

(شاهه لطيف)

هن پنهنجي زندگي کي ڪوڙي ڪهاڻي نه بڻائي، فريبن پويان نه ڦٽڪيو سراب جو سوداءُ نه ٿيو. هن جي اندر ۾ اڃ ته هئي، پر رڃ جو راهي نه ٿيو. هن جي روح ۾ ڪڏهن رڻ نه ڦهليو. هن جو پيءُ جڳ مڳ جر ڪندو رهيو. هو هم اوست جو پوئلڳ هو يا همه اوست جون. هن کي نرڳڻ پڳتي وڻندي هئي يا سرڳڻ پڳتي. پر هن ويرانيءَ کي وسايو. جهڳين ۾ جوت آندي. هو اوتارن آستانن، ميلن ملاڪڙن، ساڌن سنتن، فقير فقرائن جي منڊلين جو مهمان بڻيو. ڪميون ڪوتاهيون بيشڪ هر ماڻهو ۾ هونديون آهن. ڪي اپريون سپريون هن فقير ۾ به هونديون، پر مجموعي طور هن فقير جي ذات مان ڪنهن به مٽيءَ هاڻي ماڻهوءَ کي نقصان نه مليو. هن مٽيءَ جي مهانتا کي نه لڄايو جيوَن جي چار پهري ڇايا ۾ نرواڻ ڳوليندي اڻ ڄات کي ڄاتو اڻ ڳاتي کي ڳات. نه ابتدا ۾ دک، هن جي مرڪ ۽ محبت زمان و مڪان جي سرحدن کي هڪ ڪري ڇڏيندي هئي.

هن جو جنم مٽي کي ڳوهڻ ۽ گهڙڻ واري قبيلي ۾ ٿيو هو پر





هن جو پيءُ خميسو درزيڪو ڪم ڪندو هو. عام ٿري ٻارن جيان هن جي جنم جي تاريخ ۽ سن اندازي وارو هو. فقير اڃان ننڍڙو ئي هيو ته سندس پيءُ هن فاني دنيا کي الوداع ڪري ويو. پنهنجن وڏن کي واڪا ڪري چوندو هو ته مون کي پڙهايو. هن جي دل پڙهڻ جي لاءِ گهڻي ٽيندي هئي پر يتيمي واري زندگي جي ڪري پورا پنج درجا پاس ڪري نه سگهيو" پڙهڻ ته پروڙڻ، نه ته پڙهڻ ته آ مذاق" وانگر هن تمام گهڻو پروڙيو. پڙهڻ جي تڙپ ۽ تمنا هن جي اندر مان ڪڏهن نه وئي، انهي آس نراس جي ڪيفيت ۾ هن پنهنجي اولاد کي ڀرپور پڙهائڻ جا جتن ڪيا. اولاد کي پڙهائڻ جي لاءِ پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي مٺي ۾ رهائش اختيار ڪئي، هڪ مهربان ۽ مثالي پيءُ وارو ڪردار ادا ڪيو. پٽ ۽ نياڻي سان شفقت ۾ ڪو فرق نه رکيو. پنهنجي نياڻي کي پڙهڻ سان گڏ سياست، سماجيات، ادب ۽ تاريخ ۾ پنهنجون مڪمل صلاحتون استعمال ڪرڻ جو مڪمل موقعو فراهم ڪيو.

مٺيءَ ۾ هو مٽيءَ جا ٿانو ڪٽي آيو هو. مٺي پريس ڪلب واري جاءِ جي سامهون واري ميدان ۾ (جتي هاڻي دڪان ٺهي چڪا آهن) ڪنڊن واري لوڙهي ۾ ٿانءُ اڇي رکيا. پرسان فقير مقيم ڪنڀر اسٽامپ وينڊر جو بورڊ لڳايو به چار ڪٽون رکيون. فقير ميڙو مچائي ڳالهين جا سڄو ڏينهن ٻڌندي آخر اتي اچي ويهندو هو ته:

دليون نڪر ٿانءُ جئن، ٺڏيون ڪري جي،
انهي ڪان مٽي، ٻي ڪا ناهي ڳالهڙي.

(شيخ اياز)

فقير جو نالو سندس ڏاڏي جي نالي پويان فقير محمد رکيل هو پر امڙ"مقيو" سڏيندي هئي، ۽ پوءِ جڏهن هو 92_93 ڏاري مٺي پهتو ته

مٺي هن کي مقيئي کي فقير محمد مقيم ٻٽائي چڏيو ماڻهو هن کي ٿر جو سياستدان، سماجي اڳواڻ، ليکڪ ۽ انساني حقن جو اڳواڻ سميت ڪيترن ئي صورتن ۽ سڃاڻپن ۾ ڳڻڻ لڳا. پر هن جي من ۾ اها ئي قلندري، اهائي فقيري جيڪا ڳوناڻن کٽي آيو هو. هن پورو ڏوهُ نه هوندي بہ ڏول رکيا، هن جو هر ٻول اُڪنڊ ۽ اُڪير سان ڀريو. آدرش اخلاق ۽ انسانيت کي ڪڏهن پيٽ جي تنور ۾ جلائي رک ڪيائين.

جڳن جا دراوڙ هن جي دل ۾ هئا تہ چندر ونسي سوڍن ۾ هن جو ساهہ پساهہ هو. سورج جي پوڄا ڪندڙن جا هن وٽ پار پتا هئا تہ ٻڙ يا پپر جي ٿڙ وٽ ڏيئا جلائيندڙن جي جيون ڪٿا هئي، هن وٽ ڪڏهن نااُميدي نہ هئي اُمنگن جا جھولا هئا. آسن جا موتي هئا چانڊوڪي سان هن جي چاهت هئي، چنڊ پوڀان هن چارا ڳوليا، پر اوڻٽيهن اونداهي ۾ بہ ستارن کان سهارو ورتو. لکٽو هجي يا اسٽيج تي ويهي ڳالهائڻو لفظ تہ هن وٽ پکيڙن جيان پرڙا ڦڙڪائيندا ايندا هئا. روح جي منڙي موسيقي سان ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي ساهہ جي ستار کي تڙپائي ڇڏيندو هو مٺي جو فقير منفرد مقرر هيو.

مٺيءَ ۾ هن جي دل جڏهن ادا ٿي پوندي هئي، تہ بيڪس جي ڪافي من جو بار اتارڻ جي لاءِ ڳائيندو هو تہ:

ڪاڪ ڪماٽي، ويل وهاٽي،
پينگ ٽيا سپ پاٽا،
وري موتي آءُ راڻا !

پر اجان دل ۾ راحت نہ ائي تہ هو نهتي هليو ويندو هو يا ننگر پارڪر، ننگر پارڪر ۾ هن لاءِ ڪارونجهر، دلبر ڪوسو الهرکيو ڪوسو پانڌي ڪوسو رستم ڪوسو ڊاڪٽر نوبت ان ۽ نهتي ۾ وري مهر راڻي ۽





لاکي ڦلاڻيءَ جو ماڳ، جکري جي واري ساري وارا پڙا، نون پائر، اباڻو پڌ ۽ جيون جي پهرين پهرن جون سارون سنڀارون ننگر پارڪر ۾ دلبر جي وڇوڙي سان هن جو وجود ڇڻ وڃي ويو. نهتي ۾ نون پائرن جي ناراضگي تي هن جو من ملول ٿي پيو هو. دلبر جي تڏي تي هن پاڻ کي گهٽو ميڙڻ جي ڪئي پر روح اڌ رات جو روئي پوندو هو تہ:

دلبر بنيا دانهن، ڪنهن کي ڏيان ڪارونجهر

ڪارونجهر کي هن پهريون دفعو 1994 ۾ ڏٺو هن کان ڇرڪ نڪري ويو هو ايڏو سهڻو....!؟ ڪارونجهر هن جي لاءِ ديوتا هو ديو مالائي پهاڙ جي پوڄا ڪري پوءِ دلبر سان رهاڻ اچي ڪندو هو. دلبر جي وڇوڙي تي هن زندگيءَ جو پهريون بيت چيو پوءِ ڪوتا سرجي سگهيو يا نہ پر نثر ۾ نوان رنگ کڻي آيو. مضمون ۽ اخباري ڪالم واهہ جا لکيا، جن ۾ پنهنجو موقف چٽو رکندو هو. هن جي نثر جي ٻولي وڻندڙ هئي. ٻاٻيهي کان ٻولي اڌاري وٺي ايندو هو. مٺيءَ جي ڪرشن شرما سان گڏ پهرين ايچ آر سي پي ۾ سرگرم ٿي رهيو پر پوءِ ٻين تنظيمن جي ڪارج بہ ٻانهن ٻيلي ٻڌيل رهيو. ڪرشن سان گڏجي هفتيوار“ٿرپارڪر اخبار” پڻ ڪڍي.

زندگيءَ ۾ رس ڪس ڪيترا بہ ڪاڏا پر دوستن جا گلا ڪڏهن نہ ڪيائين، شهرت هن جي پيرن کي چميو. تڏهن بہ هن گمنامي واري زندگي جي ساٿين سان ڪڏهن لاتعلقي نہ ڪئي، هر ڪنهن جا پلايون پيرا وڏي واڪي ڳاتا، پر پنهنجو هڪڙو قدم بہ ٿوري طور نہ ڳڻايو سياسي طور سنڌ نيشنل فرنٽ ۾ فرنٽ جڙڻ واري پهرين ڏينهن شامل ٿيو سالن جا سال گذري ويا، ٻي هنڌ لوٽو ڦيري بہ نہ ڏٺائين. هن جو سياسي سرواڻ صوبي جي وڏي انتظامي ڪرسي جو نگران دور ۾ مالڪ ٻڻيو. تڏهن ضلعي جي ٻڌي ڇوڙي هن جي حوالي ٿي، پر هن

فقير ڪا آڪڙائپ اختيار جي بدران اڳيئين کان به وڌ نوڙت ڌاري، انهي دور ۾ به هن ماڻهو ميڙيا، مال ميڙي امير جو گس وٺڻ جو چڻ هن قسم کڻي ڇڏيو هو. سڄي زندگي پنهنجي قدارو هائي، چانپو نئي ڏاڙهي اچي وڳي ۽ اهڙي اچي پتڪي سان لاڪيٽي لوڏ جتي کٽي امن ۽ انسانيت جا گيت ڳائي چوندو هو ته: ”جيڪو ماڻهو سان محبت نٿو ڪري اهو زندگي جي عظيم گهنگارن مان آهي“.





# سَنيُو مل هميراڻي

سَنيُو مل هميراڻي اهڙن والدين جي تربيت ۽ پرتووي کي پاڻ ۾ سمائيندي ديس ڀڳتي، سماڄي خدمت ۽ ادبي ساڃاهه جي سورج جو پُوڄاري ٿي پيو.

هن جو سَڄي ڄمار اِهو خُواب رهيو ته ”مُرڪن ساريون مارِيُون ڪِرن سارا ڪوٽ“ هِن جي هر تحرير توڙي تقرير، وڪ توڙي ويچار انهيءَ سپني جي ساڀيا لاءِ جدوجهد ۾ شامل هئي. هن ڪڏهن به طلب جي تنوار نه ڪئي. وقت جي هر اختيار ڏٺي انعامن اڪرامن ۽ سير سفر جي موقعن آڇڻ وسيلي سچن ڪا ڪچا ڪرڻ جُون ڪوشِشُون ڪيون ۽ ڪيئي لال لکن جا تکن ۾ وِڪڄِي ويا. پر سَنيُو ڪڏهن به لوٽُو ڦيري نه ڏِنو. بازارن مان هن کي به سڏ ٿيا پر هن ٻُڌو اَڻ ٻُڌو ڪري انسانيت ۽ انصاف جي حمايت ڪَئِي. ڪڏهن حيدر بخش جتوئي ته ڪڏهن غلام محمد لغاري ته ڪڏهن سيد جي آشياني ۾ اڳئي کان به اڳيرو ٿيو. سَنيُو پنهنجي آدرشن کي پنهنجي ڀرپُور قُوت سان حاصل ڪرڻ جي عزم ۾ رهيو. پُوري لگن سان پنهنجي آدرشن جي پرورش ڪئي.

لوئيون سهن لوڪ جا، وِهاڻي ٽِيون ويڻ،
جوين به تي ڏينهڙا
سرتيون جي مون وَسنهو ننڍ نه هيريو نيڻ
جوين به تي ڏينهڙا !

سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان قومي تشخصُ ۽ ٻوليءَ جي بقا لاءِ هليل، هر تحريڪ ۾ سنيُو سدائين گڏ رهيو. اياز ۽ اُستاد سنڌ کي ڪُنيڪرڻ واري ننڌ مان جاڳائي صدين جا آرس لاهڻ لاءِ گيت لِکِي رهيا هُئا تہ سَنيُو اُن وقت بہ سنڌ ۾ سڏ ڏيندي لکيو هو

”ٿر ٻر ڪينجهر ڪارُونجهر،

ٻيت ڀِٽائِي گونجَنَ گهر گهر،

مارُو جيئندا زنده رهندا !

مجيد ڪيريي جي جويو ڀائرن کان وٺي سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن، شاعرن ۽ ڪارڪُنن آزمائِشن جا ڏينهن سنيو جي گهر گوڙهيار ۾ گُذاريا. جتي انهن کي نہ صرف پناهہ گاهہ مِلي پر فِطرِي حُسناڪِي جي پاڪر ۾ ڏات کي پروان چاڙهڻ جو موقعو بہ مليو.

موري جي سائين راشد مورائي پنهنجو مشهور گيت“دِل جي ويراڻ رڻ تي ڪڪر بانورا ٿورڙو ئِي وَسِين ها تہ چا ٿي ٿيو“ گوڙهيار جي پِٽن تي ويهي ئي لِکيو هو.

سَنيُو مل هميراڻي لکڻ جي شروعات 1963ع کان ڪَئِي، 1967ع واري مارئي ميلي ۾ پيرين پنڌ وَڃي مِير برادران سان گڏجِي ميلي جو رضاڪار ڪارڪُن ٿي بينو. اُتي هن مقابلو پڻ پڙهيو، جيڪو ٻڌي ڪانفرنس جي صدارت ڪندڙ هاڪاري عالم غلام محمد گِرامي ڳڙانڙي ڀاتِي ۽ پوءِ پنهنجي صدارتي خطاب ۾ سَنيُو جي مقالي جي تسلسل کي جاري رکيو. اِهڙي حوصلا افزائي ۽ ملندڙ موٽ کي ڏِسِي، پوءِ سَنيُو اُنهيءَ وقت کان وٺي باقاعدي لکندو رهيو. هن جي لِکڻِي ۾ ادبِي ۽ صحافتي رنگ ٻئِي گڏيل هُوندا هُئا“Emperior“ ۽ “The Amprem“ جي ليڪ پوشنسڪي جي لفظن ۾ ”لکڻ معنيٰ





سپ ڪجهہ داءُ تي لڳائڻ“ واري ماحول ۾ لکيو. هن ٿر جو سُڪار ڏٺو تہ ڏُڪار بہ ڏٺو امن ۽ شانتي جي ماحول ۾ مارُن جي موج ڏٺي تہ جنگن جي ور چڙهيل حالتن کي بہ پسيو. هن جي لکڻين جو مُحرڪ اهي ئي حالتون رهيون. صحافي جي پيشي سان لاڳاپجي هن غلام محمد لغاري جي ”بيداري“ ۽ ”سچائي“ اخبارن ۽ هاري تحريڪ جي ”هاري حقدار“ رسالي جو نمائندو ۽ سب ايڊيٽر رهيو. مٺي ضلعي ٽيڻ ڪانپوءِ ڀِهريون ڀيرو مٺي مان نڪرندڙ“ٿر مئگزين“ جو اعزازي ڀانهن ٻيلي بہ رهيو. ميرپورخاص ۾ صحافت جي دوران مسڪين جهان خان جي بيانن ۽ لکڻين کي سنواريندو ۽ سُڌاريندو هو.

مٺي جو مشهور وڪيل ڀُورو مل ڪولهي نِنڍپڻ کان وٺي هِن جو ڪِلاسي هو پڙهائيءَ واري دور کان وٺي ٻئِي ڄڻا گڏجي ذات پات ۽ طبقاتي نظام جي خلاف وڙهندا رهيا. هن ذات پات ڇُوت ڇات واري الميي تي هڪڙو ڪتاب پڻ لکيو جيڪو اڻ ڇپيل آهي.

حيدر بخش جتوئي سان دِلِي عقيدت هئي، هن جي ”هاري حقدار“ واري پيغام کي ٿر جي پِٽن ۾ پُهچايو. جتوئِي سان جيئري هن ملاقاتون ڪيون، پر هن جي مرڻ ڪانپوءِ بہ سندس سار ۾ ٿيل هر پروگرام ۾ضرور شرڪت ڪندو هو.

هارِي تحريڪ کان وٺي ڪميونسٽ پارٽي تائين سنڌ جي خوشحالي ۽ عوام جي آجپي واري نُقطي تي ٿيندڙ ميڙاڪي، سيمينار ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندو هو هن جي هر لِکڻِي، اُٺَي ۽ ڳالهائڻ ۾ مٽي جو رشتو ۽ عوامِي رنگ نمايان هوندو هو هن جي سوچ، خيال، خواب، مُحبت نفرت جو مکيہ مرڪز سنڌ ۽ سنڌ جا ماڻهو هئا. دل جو سچو ۽ مخلص ماڻهو جنهن سان پِريتَ جا پيچ اڙيا، تنهن سان ويندي

جندڙي تائين نيائيائين. ڄام ساقي جي”ٿرم ياترا“ دوران گهٽا ڀلا همراهه ڄام سان واسطي جي لاتعلق ٿِي ويٺا. پر هِي همراهه پنهنجي انهي رشتي تي قائِم رهيو. سچل جنجهي ۽ مينهن ٻائِي سان گڏجِي ڪڏهن سکر ته ڪڏهن ملتان جي بندي خاني ملڻ ويندو هو. ڄام ساقي کي سدائي چوندو هو ته”ڪنڌ نه جهڪائڻ ڪڏهن. توکي ڄٽيو پورهيت ماءُ سَنيُو هميراڻِي ڏي.

ڄام ساقي جي زندان مان لکيل خطن کان وٺي غلام محمد لغاري, تاج جويي, خاڪي جويي, راشد مورائي جا خط تاريخ جا ورق آهن (سنڌي ادب جي گهٽگهَرن کي گهُرجي ته اُهي خط ڇپرائي پڌرا ڪن).

سَنيُو جي شاعرِي سادِي آهي, اُنهيءَ ۾ فنِي غلطيون پڻ ملن ٿيون, پر انهي جي خاص خصوصيت اها آهي ته اُن ۾ هاري نارِي, مزدُور جي خوُشحالِي ۽ آجپي جي خواب. سجاڳي جي سڏ. ٻي ضمير کي للڪارن مارُن جي مُحبت جو اظهار سمايل آهي.

سَنيُو کي ڪتابن سان خاص اُنس هُيو. شهر ۾ اَچي پاڙي جي پئسن مان ڪتاب وَٺي ورِي ڪنهن دوست جي مدد سان واپس وڃي ڳوٺ پُهچندو هو. هن پنهنجي وڏي لائبريرِي ناهِي جنهن ۾ ڪتابن جو خاصو ذخيرو ميڙيائين.

سنڌي ٻوليءَ جي نامور اديب ۽ نقاد تاج جويي سان حيدر آباد ۾ تدريِسي تربيت دوران دوستيءَ جو ڏاڳو ٻڌاڻو ته پوءِ گهر جي ياتي ٿي ويو. سنيپو هميراڻي سندس سئوٽ سترام دس هميراڻِي, راشد مورائي ۽ ڪجهه ٻيا دوست تاج کي بيروزگاري جي ڏهاڙن ۾ ماهوار مدد ڪندا هئا. تاج جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو سيڪريٽري ٿيو.





تڏهن سَنيُو ”انسائِڪلوپيڊيا سنڌيانا“ جي پروجيڪٽ لاءِ ٿرپارڪر ضلعي جو رهبر مقرر ٿيو. هن پنهنجي ساٿين راقم الحروف ۽ ٻين سان گڏجي انهي پروجيڪٽ لاءِ باقاعده ڪم ڪيو ۽ ڪيترو ئي مواد اٿارٽي حوالي ڪيو.

هن ڪيترائي تحقيقي مقالا لکيا. تن ۾ ”پِٿائي: ٿر جي جاگرافي جو ماهر“ ٿر جا استاد“ تعليمي نظام“, ”ميگهواڙن جا لوڪ گيت“, ”سنڌ جي اڏاوت ۾ ميگهواڙ قبيلي جو ڪردار“ مارئي جو ملڪ ۽ ذات“قابل ذڪر آهن. مارُئي متعلق مقالو عبدالقادر جوڻيجي جي هڪڙي ليکڪ جي جواب ۾ لکيو ويو.

سَنيُو پيشي جي لحاظکان ”پرائمري ماستر“ هو هُو هڪ سچو ۽ آدرشي استاد رهيو. هن سچل(جنجهي) جي تسلسل کي زنده رکيو. وفات کان ڪجهه ڏينهن اڳ ۾ هن رٽائرمينٽ“ لاءِ درخواست ڏِني. هن کي اُن وقت وڏو ڏُک ٿيندو هو جڏهن پڙهائڻ باوجود ڪو هلڪو ڇوڪرات بيٺ آفيسر اِمتحاني وقت ۾ لفافو گهُرندو هو. پ ٽ. الف جو سرگرم ڪارڪن ۽ عهديدار رهيو هن جي پئنل جو نالو“مسڪين جهان خان کوسو پينل“ هو. هن پنهنجي ساٿين سرور ڪوٽڙيي, هوتچند ڪيماڻِي سوٿهڙ سان گڏجي ماسترن جي مسئلن جي حل لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي, خاص طور لفافي ڪلچر جي خاتمي لاءِ دليراڻه انداز سان وڙهيو.

هن ادبِي, سياسي, سماجي ۽ تعليمي طور تي ٽن نسلن سان گڏجي ڪم ڪيو. هن سان ڪڇهري راءِ سهرس ۽ ڄام نظام الدين کان شروعات ٿيندي هُئِي پوءِ هُو دودي دريا خان, هوشُو هيمُون, پير صاحب پاڳاري, چوٿترام گِدواڻي, آچاريه ڪرپلاڻِي, حيدر بخش جتوئي, غلام محمد لغاري ۽ مسڪين جهان خان کان ٿيندو پارڪر

جي عالم چند ڪوڪِهي ۽ گهمن سنگهہ ڀيل تائين ڊنگ ڪندو هو.

هن جي اکين ۾ ڀِٽائي جي فڪر جي جوت ائين جَلندِي محسُوس ٿيندِي هُئِي، جيئن ڪنهن ڪنواري جي اکين ۾ جواني جُون ريکائُون هُونديون آهن. هن جي اندر ۾ گِهڙِي گهِڙِي جي تانگهہ هُئِي، تات هُئِي، سڄو جيون انهيءَ اُڻَ تُڻَ ۾ گذاري ڇڏيائين.

آئو نہ ڀڳِي ڀَرِيَن ڪي، تون ٿو لهين سِڄ

آئون نہ ڀڳي ڀرين ڪي، هي پڻ ڏينهن ويو. شيخ اياز جي وائي، ”ائين نہ ڏاڏو ٿار، متان چندڙ لهي وڃي“ تي روئي پوندو هو. ڀِٽائيءَ جي اها سٽ“مٽيو وجهان مَچ ۾، هاٿي هٽان هار“ هن جي جذباتي ڪسمڪس جِي آر سي رَهِي. ڏُڪارن جي ڏهڪايل عام ٿرين جيان ڪيس بہ ٽي بي جو عارضو ٿي پيو. جنهن سبب 2 جولاءِ 2003ع تي پساهہ پُورا ٿي پيا. آخري سفر دوران وڏڦڙو وسي پيو. لُڙڪن ۽ پلر جي پالوٽ سان وهنجاريندي دفنايو ويو. ٿر جي لوڪن ۾ روايت آهي تہ ڪنهن جي آخر سفر دوران مينهن وسي تہ معنيٰ آسمان روئي پيو آهي. پر:

تن سُڪن ڪهڙِي سار، ڪہ اُنا مينهن ملير تي.





# پريم شواڻي

## پريم تنهنجا پار ڪهڙا ڇئي ڪهڙا ڇوان

سائين پريم شواڻي ٿر جو سگهارو صحافي، شاعر، ناول نگار، چترڪار، مزاح نگار، منفرد مقرر ۽ استاد هو. جيڪو ڪڏهن انگريزي ۾ سوچيندو هو تہ ڍاٽڪي ۾ اظهاريندو هو تہ ڪڏهن ڍاٽڪي ۾ سوچي سنڌي ۾ لکندو هو. ڪڏهن لفظن کان لاتعلق ٿي تہ پينسل جي لڪيرن ۾ پنهنجي راءِ رکندو هو پر جي پر ۾ برش ملي ويندو هو تہ رنگن جي روپ ۾ پنهنا ج احساس اتاريندو هو.

پهرين جنوري 1945ع تي مالٺهور ويٺا جي رهواسي ڀڳو جي شواڻيءَ جي گهر ۾ جنم ورتندڙ پريم شواڻي پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان ورتي ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول مٺيءَ مان ڪئي. انٽر ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان ا يم اي ڪئي. ”مون ۾ عيب اپار“ وارو ڀِٽائيءَ جو فلسفو ورجائي هي ننگ ڌڙنگ انسان جارج آرويل جو ناول ”اينيمل فارم“ پڙهندو هو. هن کي ميڊيا جي ڪردار ۽ پيشوراڻہ ايمانداري تي سچ ڳالهائڻ ايندو هو. هن وٽ ٻولي جو جوہن سدائين چوٽ تي چڙهيل هوندو هو. هن صحافت توڙي ادب ۾ نوان لفظ، محاورا ۽ اصطلاح متعارف ڪرايا. هن مقامي سطح تي زرد صحافت جي لاءِ نئون اصطلاح ”سونڪڙي ونڻ“ گهڙي ساٿين کي ڪردار ۾ ڪوجهي ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. پر اجان ڪو ٽڙندو هو

تہ ان کي ”ڇپلو“ چوندو هو.

هن ڪڏهن ٿهي جو فاصلو نہ رکيو. وڏي سان وڏو ۽ ننڍي سان ننڍو هوندو هو. البرٽ ڪامو جي لفظن ۾ چوندو هو تہ: ”آئون نٿو چاهيان توهان منهنجي پويان اچو. ٿي سگهي ٿو تہ آئون توهان جي صحيح رهنمائي نہ ڪري سگهان، آئون نٿو چاهيان توهان منهنجي اڳيان هجو ٿي سگهي ٿو تہ آئون توهان جي پويان نہ هلي سگهان، بس مون سان گڏ هلو. منهنجا دوست ٿي هلو. آئون دوست طور مڪمل نڀائي سگهان ٿو.

هن ڪڏهن بہ نوجوان کي انٽرنيٽ ۾ الجهي ويل نہ ڇيو. هن ڪڏهن ڪيبل ڪلچر کي ننديو نہ هو. نوجوانن کي تہ سيمبولڪ انٿروپالاجي علم مان سمجهائيندو هو تہ، تهذيب شين جو نالو نہ آهي پر شين جي استعمال جي طريقيڪار جو نالو آهي. هو نوجوانن کي جرمن فلسفي امانوئير ڪانٽ جي تيار ڪيل سوالن بابت ٻڌائيندو هو تہ، نوجوانن کي انهن سوالن جا جواب اچڻ گهرجن.

1_ مان ڇا ڄاڻي سگهان ٿو؟ 2_ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
3_ مان ڪهڙي شيءِ جي اميد رکي سگهان ٿو؟

پريم شواڻي کان پوءِ ٿر ۾ نوجوانن کي ائين ڪير سمجهائيندو؟ هو نئين آيل انگريزي جي ڪتاب کي ٽائيپ رائيٽر جي دور ۾ روز چار چار صفحا ٽائيپ ڪري ورهائيندو هو. هن ٿري لفظن جي ٽائيپ رائيٽر تي انگريزي جي ڊڪشنري تيار ڪئي. جيڪا اڄ بہ مٺي جي ڪتاب گهرن تي فوٽو ڪاپي ٿي وڪرو ٿئي ٿي.

هن اهو ٿر پڻ ڏٺو هو. جنهن ٿر ۾ ماتا ۽ وارو جي بيماري هر ٿري جو مقدر هئي. اڪين جي سور جي لاءِ اتزي ويامل اُنڙي جي پس پڌي



ٽر ٽر اندر ٽاڪ

ويندي هئي. وڏي کنگهہ کان ڇوٽڪاري جي لاءِ مريض گڏهہ جو کير پيئڻ تي مجبور ٿيندو هو. سيني جي سور جي لاءِ اڪ پڙا ٻڌا ويندا هئا. ٿڌ زڪام جي لاءِ ڪٻڙن جي پنن کي اڪاري ٿري جوهر جو شاندو ناهيو ويندو هو. پراڻي بخار جي علاج لاءِ مريض کي ٻانهن ۾ جهلي مهمان نواز جاني لنجي جو انهن ٻولن سان بخار کي قسم ڏنو ويندو هو تہ: ”رات مينهوگي هجي، سو گهوڙن تي سوار سو ڄڻا مهمان اچن پر جاني جي گهر پاڻي پريا داڻا نہ هجن ان هوندي بہ جاني جي دل لوڏو بہ نہ کائي تہ بخار ڇڏي وڃ.“ نانگ بلا جي ڪڪيل کي پوپا جهاڙ هڻندا هئا تہ لاڻ لڳڻ جو خوف رهندو هو. وڄ جي وراڪي ۾ گجگوڙ تي اڪ جون ڪاٺيون اپيون ڪيون ونديون هيون، گهرن جي ڇتن تي اڪ پڙا اڇليا ويندا هئا. ڪانسي جا برتن لڪائي رکيا ويندا هئا.

هن کي اُهوڙر وڻندو هو. جنهن ٿر ۾ چوپائي مال کي لال سمجهيو ويندو هو. ڏوج جي ميلي ۾ هرڪو خوشي سان کير کٺي ايندو هو. وسڪاري جي آجيان ۾ گيت ڳايا ويندا هئا، ٻني کيڙڻ جي لاءِ پهرين اوڙ کان اڳ ۾ منو لولو ورهايو ويندو هو. ڪتي جي ڪرن مان گهر جائو کي اناج ڪڙاڪ جي نالي ۾ ڏنو ويندو هو. ڪارن ڪٻڙن مان مٺن پيروئن جو ٽبڪو پري ايندڙ ناري پهرين چارلپون پاڙي جي معصوم ٻارڙن ۾ ورهائيندي هئي. ڪنڊي جي ڪچين سنگرين جو پهريون ڪاٽيو بہ خيرات ۾ ورهايو ويندو هو. آڪاٽي جا سوڻ ساٺ موسمياتي ڪاتي جي اڳڪٿين کان وڌيڪ اثرائتا هوندا هئا. سانوڻ تيج ۽ ڪانهوڙي جي تهوار تي ڳوٺ جي ريل ۾ صبح وڏن نمن ۽ ڪنڊي جي وڻن ۾ نوجوانيون لڏنديون هيون تہ شام ڪوڏي ڪوڏي ۽ گابڙي جي مقابلا ٿيندا هئا. عيد ۽ ڏياري تي رواداري جو روپ

چمڪندو هو ڀڳت تنبوري جي تارن تي ڳائيندا هئا ته:

ڪبيرا ڪنوان ايڪ هي پاڻياري انيڪ،

برتن سب ڪي نياري، پاني سب ۾ ايڪ

سگهڙ پنهنجي ڳجهارتن ۽ ڏور بيتن جي مخصوص آواز ۾ اُچاريندا هئا ته:

جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهه به اوڏيائي مَڱان،

ري ٿَنڀين، ري ٿوڻيين ، تون ڇپَرَ، تون ڇانءُ،

ڪُڇاڙو ڪهان، توکي معلوم سيڪي.

ڳوٺ ۾ پرڏجي آيل گهوٽ پنهنجي اباڻي اوتي تي پوءِ پير رکندو هو، پهرين ڪنوار کي ڪنهن جي گهر کوڙي ڏيڻ جي ريت پوري ٿيندي هئي.

هو قديم ٿر جو جديد ماڻهو هو. هن وٽ ويراني ۾ حسن تالش ڪرڻ جو ڏانءُ هو. عالمي ميڊيا ۾ مقامي مسئلا رکندو هو ڏيهي پرڏيهي ادب پڙهي مقامي رنگ ۾ تجزيو ڪندو هو. انور پيرزادي وانگر شهر ۾ رهندي ڳوناڻو هو. هو شهري شاميانن جي ڇتين ۾ سجايل پروگرامن ۾ دير سان پهچندو هو پر ٻهراڙيءَ جي ميلن جهميلن ۾ پهرين ڪانپ ڪڍي وڃي چنن ۾ ويهي رهندو هو. مارئي جو ميلو لڳرائڻ هن جي وڏي مشغولي هوندي هئي. ورهاڱي کان پوءِ جيڪي ٿر ۾ مارئي جا ميلا لڳا، هر ميلي جو پريم شواڻي مور رهيو. هن کي مارئي ميلي جو ميڙ ماڪي جو مانارو لڳندو هو. هن کي مارئي جي ميلي ۾ ڏٺ ملي ويندي هئي ته ڏوٿيئڙا ملي ويندا هئا. مارئي جي پڪار جو پڙاڏو من ۾ محسوس ٿيندو هو ته صحرا جي ستر جي معنيٰ سمجهه ۾ اچي ويندي هئي.





پريم شواڻي پارڪر جي پٽن ۾ ڪولهين کي راسوڙي جي رمت ۾ گرٻي ناچ ڪندي ڏسندو هو ته، پاڻ پارڪري ڪولهي ٿي ويندو هو پر جي ٿنڊي باڳي جي پير ۾ هن سان مگرمان جي محفل ۾ ملبو هو ته آفريڪا جي آديواسي لوڪن جو سڳو سوٽ لڳندو هو. گوڳي چوهاڻ جا پوڄاري هر سال هن جي ڳوٺ گوڳي چوهاڻ جو ميلو لڳائڻ جي لاءِ هليا ايندا هئا. انهن ۾ انتر منتر جادو جنتر وارن پوپن سان گڏ جوڳي جوڳي جي ذات هوندي هئي. سوٿهڙ قبيلي ۾ هن جي نڪ آسڏي چوهاڻ هئي هن جي پيڙهي جي پوتاميل ۾ گوگو چوهاڻ ڪٿي گڏجي ٿو؟ اها مون کي خبر نه آهي پر هي انوکو انسان خورشيد قائم خاني جيان جپسي جيالاجسٽ ٿي جيئندو هو. هن چوهاڻ جي چٽ ۾ ساڳيون جوڳين واريون رولاڪيون رهنديون هُيون.

هن ٿر جي پٽن ۾ ذات پات جي نفرتي روايتن ۽ سماجي، اقتصادي استحصال جي خلاف پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. مٺي جي اسٽيجن تان پنهنجي گجندڙ آواز ۾ گهڻي وقت تائين هي بيت پڙهندو رهيو ته:

اڃان اونچي ذات جي مٺي ناهي مت،

اڪ پڙي تي پت، رکيو ڪائي راجپوت جو.

هن پهرين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ سانگهڙ جي آفيس ۾ ڪلارڪ طور ملازمت ڪئي پوءِ جلد 1965ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊرائنگ جي استاد طور فرض سرانجام ڏيڻ جي لاءِ آيو. ڊرائنگ ۾ هن جو استاد سنڌ جو مشهور مصور ۽ ڪهاڻيڪار ع ق شيخ هو. هن 1970ع ۾ ڊي تي ڪورس جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج سانگهڙ مان پاس ڪيو. پريم شواڻي پنهنجي شاگرد

ڪي هنر ۽ فن ۾ فرق سمجهائڻ کان پوءِ ڊرائنگ جا ليڪا ڪيڻ سيکاريندو هو. 70ع جي ڏهاڪي ۾ هن فضل پنهيري ۾ سنڌ ٻولي جي اوچ ڪوٽي ڪهاڻيڪار عبدالقادر جوڻيجي سان گڏ پڙهايو. سنڌي ٻولي جو ناميارو شاعر  سائينداد ساند فضل پنهيري ۾ انهن ٻنهي قابل احترام استادن وٽ پڙهيو. پريم  شواڻي جو 1968ع هڪ ناول .سورن سندو ساٿ" ڇپيو. انهي دور ۾ هڪ ٻيو ناول پڻ لکيو هو جيڪو اڻ ڇپيل رهيو.

پريم شواڻي کي 1970ع ۾ بهترين مصور جو ايوارڊ مليو. هن مٺي هاءِ اسڪول ۾ هن خوبصورت آرٽ گيلري جوڙي هئي. مون پريم شواڻي کي اتي ڏٺو هو. اسان جو ڊرائنگ ٽيچر هو پر ڊرائنگ سان گڏ انگريزي ۽ سنڌي به سيکاريندو هو.

مون کي پريم شواڻي ڪڏهن به نالي سان سڏڻ جي بدران سدائين مائٽ چئي سڏيندو هو. آئون  اسڪول جي زماني کان وٺي سائين سان هجت واري انداز سان پيش ايندو هوس. جيڪا ڳالهه هن کي نه وڻندي هئي، هن جي مزاج جيخلاف هوندي هئي تنهن تي ڪاوڙجي چوندو هو ته مائٽ ڪمال ٿو ڪرين..! مون هن سان گڏ صحافت به ڪئي، نئون ڪوٽ جي هڪ پرائيويٽ ڪاليج ۾ پڙهايو به. مون هر گهڙي پريم شواڻي کي پنهنجي پيشي سان پابند ۽ خودار شخص طور ڏٺو. هن کي صحافتي خبر ۽ ادبي مضمون لکڻ ايندو هو تصوير چٽڻ ايندي هئي، ليڪن ۽ رنگن جي استعمال جي  منفرد مهارت هئي. هن کي ڪهاڻي گهڙڻ ايندي هئي، هن وٽ ڳالهه ڪرڻ جو ڏانءُ هو. ڳالهه ۾ سنجيده سوچ بها ختيار ڪرائي سگهندو هو ته ڪمال درجي جو مزاح سان ڪلائي کيرو ڪرڻ ڄاڻيندو هو. پريم





شواڻي جنهن سان به جتي مليو. اتي ٿر بابت تجويزن سان گڏ هڪ نئين ڪهاڻي ٻڌائيندو هو.. جنهن ۾ ڀرپور طنز واري انداز سان ٿر جو بنيادي مسئلو هوندو هو. هن جي هڪڙي اهڙي ڪهاڻي هتي پيش ڪجي ٿي.

ٿر جي ٻهراڙي جو هڪڙو مريض ڊاڪٽر وٽ ويو. ڊاڪٽر مريض کي نهاري چيو ته، توکي ٽي بي ٿي پئي آهي.  دوائون لکي ٿو ڏيان، دوائون ٻن نمونن جون آهن. هڪ دوا مانيءَ کان اڳ ۾ وٺڻي آهي، ٻي ماني کان پوءِ. مريض ڊاڪٽر کي چيو ته، . "سائين! ماني کان اڳ واري دوا لکي ڏيو ماني کان پوءِ واري دوا  آئون وٺي نٿو سگهان. اسان ٿرين وٽ ڏڪار جي ڪري اناج آهي ڪو نه. جو ماني کايان، ماني هجي ها ته ٽي بي به نه ٿئي ها."

آئون هر ڀيري هن جي اندر جي گهرائيءَ تي سوچيندو رهيس. هن جي اندر ۾ ڪهاڻين جو آڌاٽو هو. جتان شال وانگر مختصر ڪهاڻيون اڀيون هيون. هن تمام گهٽ ڪهاڻيون لکت ۾ آنديون. ڪاش ڪوئي هن کان اهي ڪهاڻيون لکائي "پريم جون ڪهاڻيون" جي عنوان سان سهيڙي ها. جيڪي ڪهاڻيون لکت ۾ آيون آهن انهن کي هن ڊائري جي ورق طور پيش ڪيون آهن.  "ڪارونجهر جي مور جي ڪوڪ" "چوڙيلي ۽ چنڊ" "جوڳين جو مطالبو"، "جيئڻ جا جتن"، "ٿر ۽ بجلي"، "تاريخ جو ديوتا"، "ٿر جون ماڪوڙيون، گورنر هائوس جي گيٽ تي" ، "ٿر ۽ سرڪاري بسون"، "مٺي شهر ۾ گندگي"، "ماري جو ياداگر ۽ ميلو"، "گم رهندڙ استادن کي ڳولڻ وارا"، "ٿرواسي، رحمت جو فرشتو ۽ گهنڊ"، "ٿر ۾ صحافت ۽ اقتداري حلقن جا لڙڪ"، "ٿر بر، وزيٽر، هيليڪاپٽر ۽ رٿابندي"، "ٿرڏڪار ۽ ڪامورو" ، "پارڪر جي

هڪ خوبصورت ڊگهي جي نيلام ٿيڻ جي ڪهاڻي“، ”ملير جي واري، ٽر جو روهيڙو ۽ روينيو عملدار“، ”ٽريو چور، چنڊ ۽ وزيراعظم“، ”ٽر جا نمائندا، اونداهي ۽ ڇپرن جي دعا“ ۽ ٻيون ڪهاڻيون شامل آهن. هن جو پراثر نثر آهي. جنهن جي حساڪي پوپٽ پرن جي رنگت جيان روح ۾ اتري ٿي وڃي، من ۾ خوبصورت عورت جي ننڍ مان اک کولڻ جهڙي ڪيفيت محسوس ٿئي ٿي.

ناميارو صحافي ف.م لاشاري هن کي ڏاڍو پائيندو هو. ف م لاشاري هن کي پنهنجي اخبار ۾ ماناٽتي انداز ۾ ڇپيندو هو. هن ٽر جي ڪوئلي تي تمام گهڻو لکيو. محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن پهريون ڀيرو ٽر جي ڪوئلي جو افتتاح ڪرڻ اچي رهي هئي، ان ڏينهن ف م. لاشاري پنهنجي اخبار جي فرنٽ صفحي تي لوگو جي هيٺيان ”ڏيان طلب ڏوڙ جا دڙا“ جي عنوان سان مضمون ڇپيو هو.

پريم شيواڻي جي فرزند نوجوان شاعر پياري شواڻي ۽ مون گڏجي هن جي مضمونن جو مجموعو سهيڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حالتن جي ساٿ نہ ڏيڻ جي ڪري ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. پوءِ سندس پائيتي نوجوان شاعر ۽ سماجي ورڪر پرتاب شواڻيءَ انهي ڪي اڳتي وڌائڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اتفاق سان جنهن ڏينهن پريم شواڻي وفات ڪري ويو ان ڏينهن انهي ڪتاب جي باري ۾ پريم جي وفات کان ٻہ ڪلاڪ اڳ ۾ ڳالهہ ٿي هئي.

پوءِ اهو ڪتاب مختلف هٿن کان ٿيندو ڪرشن شرما وٽ پهتو. جنهن پريم شيواڻي جي پهرين ورسي تي ڀٽ پبليڪيشن جي پاران ڇپائي پڌرو ڪيو.

فرانسيسي ڏاهي جوترواڊاسيٽن هڪ هنڌ لکيو آهي ته: ”هڪ





انسان کي ٻئي انسان سان محبت جي تالش جو بنيادي سبب اندر جي اڪيلائي آهي.“ پريم جي اندر ۾ وڏي اڪيلائي هوندي هئي. پر آندري مالرو جيان هن اڪيلائي کي عشق ۽ آرٽ جي لاءِ ڪم ۾ آندو. هن وٽ عشق ۽ آرٽ جو وڏو سرمايو هو. جنهن جي آڌار تي ڪهڙيون بہ حالتون هجن پر حيرت جهڙو اعتماد رکندو هو. جذبات جي جهرٽي ۾ وهنجهندي هن ڪڏهن عقل ۽ ادارڪ کي هٿان نہ ڇڏيو هو. محبت جي سائنسي فلسفي کان واقف هوندي ٻي پنهنجو پورو ذهي، شعوري ۽ نفسياتي پرجهلو پتائي ۽ اياز کي سمجهندو هو. هن پنهنجي خطي جي لوڪ ڪٿائن ۾ صدين جي ڏاهپ جا نقطا چونڊيا هئا. پنهنجي من جي محرومين، اداسين، المين ۽ تلخين کي لوڪ موسيقي جي ماندڻ ۾ لڪايو هو. هن کي ميران ٻائي جي ديوانگي وڻندي هئي. هن ڪيترائي دفعا ميران جو پوٽريٽ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي پر هر ڀيري اڌ ۾ ڇڏي ڏيندو هو. پنهنجي مخصوص انداز ۾ سگريٽ دکائي پنهنجي ڇپن تي ميران جو گيت آٽيندو هو ته: ”مين تو ري پريم ديواني“ گيت جي پهرين سٽ پوري ٿيڻ کان اڳ ۾ ميران جي ٻي گيت ”راڻا جي مين زهر پيو جاڻي جاڻي“ تي پهچندو هو. ڪاليداس جو وڏو قدر دان هو پر امارو هن جي اکين اڳيان پيو ڦرندو هو.

توں اڌ رات جو ڪيڏانهن ٿي وڃين؟

پنهنجي پيار سان ملڻ جي لاءِ جو منهنجي لاءِ زندگي ۽ موت آهي،

توکي اڪيلي ويندي پوءِ نتو ٿئي؟

مان اڪيلي ڪيئن ٿي سگهان ٿي پيار جو مون سان گڏ آهي.

(امارو)

ٿر جي معاملي ۾ هو داناءُ به هو ته ديوانو به هو. حقيقت پسند هو ته افسانوي رنگ رکندڙ به هو مٺي هن جي من ۾ هئي پر هو ڇاڇري جي شهر ۾ سرنگهو تي لهندڙ سانجهه جي جهيڻي جانجهه سانت ۾ سٽي سگهندو هو. ننگر سان هن جي نينهن جو ناتو هو ته آڏيگام جو اٺ ئي پهر الڪو رهندو هو. هو چاهيندو هو ته ٿر ۾ شعور پنهنجو اظهار لچارن لفظن ۾ نه ڪري. ٿر جي ڪا به خوشي خوف ۾ ويڙهيل نه هجي. ٿر جي ڪنهن هرڻيءَ کي ڪارونجهر جي جهرڻي تائين پهچڻ لاءِ مارين جي گهاٽ مان گذرڻو نه پوي. ٿر جيمورن جا ٿهوڪا اوشا ديوي جا گيت ٿي گونجن. هڪ دفعو مٺي ۾ ٿر بابت ڪو پروگرام هو انهي پروگرام جي صدارت ڪندڙ وزير مور جا ٻچا ٿر کان ٻاهر وڏي شهر جي بنگلي جي لاءِ کوکن ۾ بند ڪرڻ جي لاءِ انتظامي ڪاموري کي حڪم ڏيئي آيو هو. پريم شواڻي کي انهي ڳالهه جي سڌ پئي، هن انهي پروگرام ۾ اچڻ شرط مائيڪ وٺي جذباتي ادناز ۾ هي شعر اچي پڙهيو:

سهو نه ڏسان سيم ۾، سڀ ٿيا شڪار،
ٻُڏان ڪين ٻُوهن ۾، تتر سندي تنوار،
ويا ولر واريءَ تان، هئا هرڻ هزار،
ديسي ڪڪڙ داڻا کي، باقي بچيا يار،
فارمي پيئي فِراءِ ٿئي، بيحد بدبودار،
پاجيرو وارا پريم چوي، مور ائين نه مار،
ايندڙ نسل اسان جا، پٽي پُڇندا پار،
”جاني اهي جاندار، ماريا ڪنهن ملير جا؟“

--

پهتو ڪٿان پاراڏي، ڪيائين ڪم ڳچو،
ڪنپيو پو ڪنيو وڃي، پاجيرو واري کان پُڇو،
ٻُٽ ٻُٽ ڳوليندي ٻَچو، ٻوڙي ٻيل ٻيُن ۾.





پوءِ سڏو همراهه جو نالو ڪٺي چيو ته. اسين ٿر جا مور هتان ڪٺي وڃڻ نه ڏينداسين نيٺ صاحب اقتدار کي ٿر جا مور آزاد ڪرڻا پيا. هن تلور جي شڪار، وڻن جي واڍي، مورن جي موت ۾ ڪارونجهر جي پٿر جي ڪٽجڻ جي خلاف ڀرپور شعر لکيا. هن جا اهي بيت ماحوليات جي بچاءَ جي لاءِ هڪ احتجاج آهن:

روز وڍجن روهيڙا ڪندا ڪونيت اپار،
چونڊن ڪٿان چيڙا ڪارا ڪولهي ٻار،
وٺڪار توتي وار، ڪيڏا روز ڳُهاڙي ڪري.

--

ڪارونجهر ڪوڪيندي، رات ڏنو روئي،
پٿر منهنجا پيارا، روز گهڙي ٿي روهي،
ليز وٺيو ليکي تي، ڏوهه ڪن پيا ڏوهي،
مارو بکيا ملير ۾، ڊوڙيو ڏين ڊوئي،
اسان ٿيون اوهي، ته پٿر بچايون پارڪر جو.

--

پٽياڻي ۾ گوڏڙو وهندي ڪن وائي
ڪارونجهر پيو ڪورجي، ڏوڙ رهندي ڇائي،
پٿر وڪجي پارڪر جو ڪراچي ٿيئي سائي،
ٿريا سڀ ٿوهرن ۾ پيڙا ٿيا پائي،
ملير جي موتين جي ڪٽ ڪن ٿا ڪائي،
ڏي نه سرڪار ڏاهي، پٿر پٽي پارڪر جو.

--

آيا ڪالهه عرب، ڳهي ڪارونجهر ڪور،
تنبوءَ ۾ تُرت ٿيو شهزادن سندو شور،
ماريائون سڀ تلور، پوڏيسر جي پوڻءِ تي.

--

ٿلي تي ٿهوڪيو جڏهن پونءِ ٿري،
ڪارونجهر جي ڪور جو ويو مور مَري،
تنهن لاءِ ڏيل ڇَريِ، لُڙڪ وهائي لوڪ ۾.

پريم جو هڪ بيت ٿر جي اصلوڪن رهواسين جي سماجي معاشي رپورٽ آهي، جيڪو هن پنهنجي ليٽر پيڊ تي لکايو هو جنهن تي بيت سان گڏ ”فرام دي ڊيسڪ آف پريم شيواڻي“ لکيل هوندو هو.

هو جا ڪولهڻ ڪارڙي، وينِي وڪڻي پن،
ٻار جنهن جا ٻوهن ۾، ڪيهون وينا ڪن،
آٽي ڪتان آن، ڪري پورائو پيٽ جو.

هن جي ليٽر پيڊ پڙهي مون کي آمريڪي شاعر والٽر وٽمن جي ڪالمن جو سرو ”فرام دي ڊيسڪ آف اي اسڪول ماسٽر“ ياد آيو. پريم شيواڻي والٽر جيان ڪالم لکندو هو. هن جي ٻين بيتن ۾ به ٿر جي غربت جا غم، ڏڪارن جا ڏک، ناانصافي جا الميا سمايل آهن:

جهوپي ۾ جهانگياڻي، روئي رڏي رب،
پنڙي آهي پاٽي جهڙي، ڏارو وڏائين لپ،
ڇڪندا ڪي ڇپ، ٿر جي تَڏي ريت تي.

--

پور پچائيندي پيٽ لاءِ بابو ويو بازار،
پيسو نه هو پلي ۾، اَن نه مليو اُڌار،
آڏي آيو اوٺي تي، ٻک ۾ ڪنيائين ٻار،
لڙڪ لاڙيندي لار، ڦٽڪيو پيو فاقي ۾.

--





ٿرين نيٺ ٿوهر کان، روئي پڇيو رات،
اسين اجا اوندهه ۾، ڪونهي ڏني پربات،
گوندر سندي گاهت، لهندي ڪڏهن لوڪ تان؟

--

چار تي جُنبي جيئن، مَڪڙَ ويهن مينهن ۾،
ٿريا سَٽيل تيئن، ڪاهه هُئا ڪيڪڙي تي.

--

ڍڪيل ڏنم ڍاٽين جا، پونگا پريٽن،
لڏيا ڪالهه لاباري لاءِ، ٻيوس ڪيا ٻُکن،
وري ورندا ونٺي تي، يا ڪلر ٿيندو ڪفن،
جيئڻ ڪارڻ جتن، سانگي ڪن ساٽيهه ۾.

پريس ڪلب مٺي کي اڏڻ ۾ هن جون پنهنجي ساٿين سان گڏ محنتون ساراهه لائق آهن. پريس ڪلب جو مختلف وقتن ۾ عهديدار به رهيو. وڏي وقت کان هو روز صبح گهران نڪري پريس ڪلب اچي پنهنجي اخبار سان گڏ ٻين اخبارن ۾ ٿر متعلق خبرن کي ڪٽنگ ڪري فائيل ٺاهيندو هو پوءِ چانهن جو سرڪيون پري ڪمپيوٽر جي ڪي بورڊ تي آڱريون هلائيندي ٿر جي دردن کي انگريزي اخبار جي ٻولي ۾ لکڻ شروع ڪندو هو. جڏهن مٺي جي شام شفق جي ڦولن جي پريل جهول وانگر محسوس ٿيندي هئي، تڏهن واپس گهر موٽي ايندو هو. پر جڏهن هن جي طبيعت گهڻي خراب ٿي پريس ڪلب تائين پهچڻ جو ست نه رهيو ته هن گهر ويهي ٻي ڪمپيوٽر تان پنهنجو ڪم ايستائين جاري رکيو جيستائين جيئرو هو. هن پاڻ پنهنجي هٿن سان پريس ڪلب تان پنهنجو سامان نه ڪڍايو. هن چاهيو ٿي ته اهو اتي

رهي ۽ آخري گهڙي مهل پنهنجي صحافي ساٿي کي گلزار جي نظم جي سٽ سان چئي سگهي ته "ميرا ڪڇ سامان تيري پاس پڙا هي." اهو سامان پريس ڪلب مٿي جي ڪمري ۾ اڄ به اداس پيل آهي. ڪمري جي ديوار تي ڪنهن ايندي ويندي پينسل سان پٽائيءَ جو بيت لکي ڇڏيو آهي ته:

ڏڪارو ڏونگر، ڏنمر ري ڏوٿين،
پٻ اوريو ٿي پنهنجو، انهيءَ لئہ اندر،
چورو ٿيو چپر، پيرو ڪاهوڙين بس ڪيو.

ڇا هن پريس ڪلب جو اهو ڪمرو "پريم ڪارنر" ۾ تبديل ٿي نٿو سگهي؟ 21 ڇا هاءِ اسڪول مٿي ۾ هڪ خوبصورت پريم آرٽ گيلري جڙي نٿي سگهي. 80،70 ۽ 90 جي ڏهاڪي ۾ پريم جون جوڙيل خوبصورت تصويرون ڪٿي سجائي نٿيون سگهجن؟

آئون انهن سوالن کي اتي ئي اڌ ۾ ڇڏي پٽائي کي ياد ڪريان ٿو پٽائي جنهن چيو ته:

پريم! تُنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان!!؟

Oh! My beloved! You have uncountable beautiful clors; I am not able to admire any one. Shah Abdul Lateef Bhittai.

[21] پريس ڪلب مٺي جو هڪ هال پريم شيواڻي جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.





# فوزيہ سومرو

ٿر جي ٻانڊٽي، ٽيلڙي، مورئي، جهومر، نٽ ۽ والڙن جهڙا خوبصورت رومانس ۾ پريل گيت "ڪارونجهر تي آئون اڪيلي آهيان، ڏات آ، رات آ، تات آ"، "حال منهنجا پڇي ڳوڙها منهنجا اگهي ڪو تہ اهڙو هجي"، "آئي ري سرامڻ ري ٽيجڙي ٻائيجي همين تو موڪل ڏيو"، "ڪڏهن رسين ٿو ڪڏهن ڪلين ٿو ڪڏهن ڪرين ٿو گلا، مٺا منهنجي پارت توکي آ." "ڪنهن هٿ هلايا تہ ڳوڙها ڳڙي پيا"، "خدا خير ڪر تون منهنجو مِٺو ڇو نہ آيو"، "انڙلو تو پلاٽي آ..."، "حڪم ڪر حاضر آهيان جهڙو منهنجو حال آهي"، "چنڊ وڃين ٿو پرين جي پارڏي ياد جا گل گلاب ڪٽي وڃ..." ۽ ٻيا اهڙا ڪيترائي شاهڪار گيت ڪنهن بہ پابندي ڪانساوءِ هر وقت ونندا رهن ٿا. ڪنهن ٿي ڇاتو اهي ٻول فوزيہ سومرو جي آواز ۾ درد جو روپ ڌاري سڄي سنڌ جي ڌڙڪندڙ دلين تي ڇائنجي ويندا يا ٿر جي پراڻن لوڪ گيتن "ڪانهوڙا ڪانڪري نہ ماري ري..." "جائي امراڻي ري شهر ٻيلڙو مانرو نجر ماريو ري..."، "پنوڙي ڌرتي پلر پاڌرو ري رائچند جي ري..." "کي ڳائي فوزيہ سومرو هڪ ڀيرو ٻيهر ڳائي سفيد چوڙن جي چانڊوڪي ياد ڏياري ڇڏيندي.

فوزيہ سومرو جي ڳائڻ شروع ڪرڻ کان پوءِ ٿر ۾ ڪٿي ڪٿي شادي مُرادي ۾ ڏيٺاري کي ساهرن ڏانهن رواني ڪرڻ مهل ڪاڏي تي

هٿ ڏيئي ٻي هٿ سان چٽني جي پلي سان پاڻ کي ويڙهي ٿرياڻي کي ڏورو ڳائڻ جي ضرورت نہ پئي، رڳو فوزيہ سومرو جي ڪيسٽ لڳائڻ جي تڪليف ڪرڻي پئي.

موڪلاڻي جو منظر، ٿر جي ڪيهر لنڪي گورين جا لڙڪ ۽ فوزيہ سومرو جي ڳايل لوڪ گيت ڏورو جيءُ جهوريندڙ لمحو بڻجي ويندو آهي. پارڪر جي هڪ ڇوڪري آلاپ جي لاءِ ڪارونجهر جي دامن مان واري جي پٽن سان جڙيل سُرتال جون سپون ميڙي اولڊ ڪئمپس جي ايس ايس پي چوڪ حيدرآباد کان ٿيندي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ نصير مرزا وٽ پهتي ته هن سنگيت جي متوالي پروڊيوسر ريڊيو جي سائونڊ سسٽم جي آڏو آندو ته گهڻڊيندار وارن واري هن ڇوڪري ڇا ته ڳايو..!! سڄي سنڌ ۾ مائي ڀاڳي کان پوءِ ٿر جي ڪوئل سڏجڻ شروع ٿي ويئي.

پوءِ هن فنڪاره جو سٺ تي ڪانٺو هن جي آواز ۾ درد جي لهر ويرا وير وڌي رهي هئي. سادي سودي شاعري جڏهن فوزيہ ڳاتي ته پورهيتن، هارين، نارين ۽ ڳوناٺن جي جذبن جي ترجمان بڻجي ويئي. هن جو آواز عشق ۽ آرٽ جو سرمايو هو. هو راڳ جي روپ ۾ ٻڌندڙ جي دل تي ڪامڻ ڪري سگهندي هئي. هڪ دفعو ٻڌڻ کان پوءِ سادو سودو ڳوناٺو بہ چوندو هو ته، ڪامڻ ڪر گئي ڙي. (جادو ڪري ويئي ڙي) فوزيہ سومرو ٿر جي لوڪ گيتن، سنڌ جي ڪلاسيڪل توڙي جديد شاعري سان گڏ ڪجهہ روايتي شاعري پڻ ڳائي، جنهن جي ڪري پڙهيل لکيل طبقي ۾ ڪجهہ ٻولن تي غير معياري شاعري ڳائڻ جا الزام پڻ لڳا پر عام ماڻهو جي دلين تي راڳ جي ديوي روپ ۾ راڄ ڪندي رهي.





1966ع ۾ جنم وٺندڙ فوزيہ سومرو جو اباڻو ڳوٺ پاري نگر جي پراڻي پڊ کان اوڀر اتر ڪنڊ تي پارڪر جي پهاري سلسلي ۾ هڪ ننڍڙي ٽڪري جي گود ۾ آباد ڪارسر هو. هن جي پيءُ نٿو خان جو ويڙهو اڄ بہ اتي موجود آهي. جنهن ۾ نم جو جهونو وڻ فوزيہ سومرو جي ننڍپڻ جون سارون سنڀارو سنڀالي بيٺو آهي. ڪارسر مان فوزيہ جا والدين ٽنڊو محمد خان لڏي ويا. هن جو والد ٽنڊي محمد لڳ هڪ شگر مل ۾ نوڪري ڪندو هو.

فوزيہ ذاتي زندگي ۾ هزارين ڏک ڏٺا، هن المياتي جيون گذاريو. رڻ جي اڃياري هرڻ جيان راڳ جي جهرڻي تائين پهچندي سوين پيڙائن مان گذري. شهرتن جي آڳي تي پهچڻ کان پوءِ بہ سورن هن جو ساٿ نہ ڇڏيو. گهڙي گهڙي نئون گاءُ مليو.

ظاهري زماني جي حوالي سان هن جي ذات ڪنير هئي پر فوزيہ پنهنجي نک جي بنياد تي سومرو سڏائيندي هئي. فوزيہ جو اصل نالو حڪيمان هو. 1993ع ۾ مصري سينيونس ان سان شادي ڪئي. ڪيس هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ فوزيہ ڳائڻ شروع ڪيو. زندگي جي آخري گهڙي تائين ڳائيندي رهي. فوزيہ کي "ايڪسيلينٽ ايوارڊ"، "شاهہ لطيف ايوارڊ"، "شهباز اياورڊ"، ايوارڊ "مصري شاهہ ايوارڊ" ۽ ٻيا ايوارڊ مليا. فوزيہ ڳائڻ جي سکيا استاد نياز حسين، استاد مجيد خان ۽ غلام حسين ڪليري کان ورتي. فوزيہ جي ٽري ڏنون چونڊ ڪرڻ ۽ ٽري لوڪ گيتن کي ڳائڻ ۾ مٺي جي لوڪ فنڪار ۽ شاعر ميوي فقير وڏي مدد ڪئي. فوزيہ استاد ميوي فقير جو وڏو خيال رکندي هئي. فوزيہ سومرو کي پي ٽي وي تي بيدل مسرور متعارف ڪرايو. فوزيہ سومرو سنڌي سان گڏ مارواڙي، گجراتي،

سرائڪي، پنجابي، بلوچي ۽ اردو ٻولين ۾ دلڪش انداز ۾ ڳايو. فوزيہ جون 110 ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون.

4 سيپٽمبر 2002ع تي بيماري سبب فوزيہ سومرو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي. سندس موت جي خبر راڳ جي پياسي دلين کي ڏڪارو ڪري ڇڏيو.

ٿر جي مٽي سان فوزيہ جي جذباتي وابستگي هئي. فوزيہ سومرو کي ڳائڻ جي لاءِ پوري ملڪ توڙي پرڏيهہ ۾ موقعا ميسر ٿيا. پر دلي سڪون جيڪو ٿر جي ڌرتي تي ويهي ڳائڻ سان ملندو هو اهڙو ڪٿي بہ نہ مليو. ٿر ۾ ڳائڻ دوران راڳ جي ديوي خود اچي هن جي ڳلي ۾ ڪن رس جا پيالا اوتيندي هئي.

هن جي من ۾ ساوڻ جي مينهن ۽ ٿر جي نينهن جي مهڪ هئي. وسڪاري جي ويل جا سونا سنگ هن جي اندر ۾ جهومندا هئا. هن جي آلاپ ۾ ڏڪاري ڏينهن ۾ آٿت بہ هئي. "پلين ڪتائي پڙين ڏڪاڙ آپين ڪو ڇڏان گهر ڪڪاٽا" (پل ڪيترائي ڏڪار پون پر پاڻ گهر ڪڪاٽا نہ ڇڏيندا سين) اهڙا گيت فوزيہ وانگر ڪير ڳائي سگهي ٿو!؟

فوزيہ مينهن اوڙڪن ۾ سڏونت سارنگا کي سڏڻ الءِ ڪارونجهر جي مورن کان ٿهوڪا اڌارا ورتا هئا. هن هوٿل پري ۽ ڪيهر اوڍي جي لوڪ ڪهاڻي روح ۾ اتارڻ جي لاءِ ٿر جي ڏنارن کان ڌرتي جون ڏنون چورايون هيون. هن بانسري ۽ چنگ جي چاهت جهڙا سُر ڳائي پارڪر جي پٽن کي راسوڙن جي نئين ريت ڏني هئي.

ماضي جي ٿر ۾ عشق جي اپ هيٺ پشم جو پرت، ريشمي رومال، لونگ سوپاريون محبتن جي تحفي م ڏنيون ويندون هيون،





هاٽوڪي ٿر ۾ فوزيہ سومرو جون ڪيسٽون ۽ ميمري ڪارڊ ڏنا ويندا آهن. فوزيہ سومرو جي آواز ۾ ٿر جو لوڪ گيت اٿو ملهندي ٿرياٽي ٻڌندي آهي تہ اٿو ڳوهڻ جي لاءِ پاڻي سان گڏ لڙڪ شامل ٿي ويندا آهن. فوزيہ سومرو جو آواز ٻڌي ٻيلڙو ڪٺي لنگهندڙ ناري بہ گهونگهٽ کي سوري چني جو هڪ پلو وات ۾ ڏيئي آڏي ڏس ٻيهي اڪير مان ٻڌڻ بعد ئي رواني ٿيندي آهي. اسر ويلي ڪتابڙا هٽن ۾ "ڪٽي ٿر جي جديد ڪوچن ۽ ڪيڪڙن ۾ ور وڪڙ پٽون اُڪري ايندڙ نوجوان بہ فوزيہ سومرو جا مشهور ٿيل گيت گنگنائيندا درسگاهن ڏانهن ويندا آهن.

فوزيہ سومرو جي آواز جو جادو ٿر جي سگهڙ وٽ پيل ست سري ڳجهارت ٻڻجي ويو آهي. جنهن کي ڪير بہ اڄ ڏينهن تائين ڳولي نہ سگهيو آهي. جڏهن بہ ٿر تي جڏهن ڪڪر ڪارونڀار ڪري ورندا آهن. تڏهن مورن جي ٿهوڪن سان گڏ فوزيہ سومرو جا ملهاري ۾ ڳايل ساوڻ من ڀاوڻ جا گيت پٽن ۾ گونجي پوندا آهن.

ايئي رتڙي روتون نہ آيو ري، سرامڻ لونبيو جائي...

(هن ميگهہ ملار جي رت م تون نہ آئين، هي ساوڻ وسيو وڃي ٿو.)

# صادق فقير

### جنهن کان پوءِ مٺي ۾ رتن جي هوٽلن جون ڪٿون خالي ٿي ويون

ٿر ۾ ڦڳڻ رت جو ڦوٽهڙو اچان شروع ئي نہ ٿيو هو. ٽڙڻ جا ڏينهن اچڻ کان اڳ ۾ ٻيرين جي ٻور جهڙي سُرهي راڳي صادق فقير جو ساٿ اسان کان ڇڏي ويو آهي. ننگرپارڪر جي واندئي کان وٺي سڪرنڊ جي واهڻ تائين سموري سنڌ جي موسيقي جي ٻڌندڙن جي دلين ۾ سوڳ جو تڏو وڇائجي ويو آهي. هر پاسي کان سڏڪن ۾ گونج اٿي رهي آهي تہ:

تنهنجي وئي کان پوءِ،
منهنجي اندر ۾
رات رهي پئي آهي... (اياز گل)

هر ڪو روئي ائين چئي رهيو آهي تہ، ”صادق تون تہ امر ٿي وئين، پر تنهنجا اڄ ٻڌندڙ مرڻ جهڙا ٿي پيا آهن.“

گلن جي موسم ڪليون نہ آنديون،
بهارن آندا پُٽن جا لاشا (حليم باغي)

صادق فقير جو راڳ عشق جو روح هو، هو دلين جو انجنيئر ٿي ڳائيندو هو. صادق فقير جو آواز ٻڌندي دل درد جي دريا ۾ ٻُڏندي ۽ ترندي محسوس ٿيندي هئي. هو هيٺين حياتين کي حوصلو ڏئي ڪين ائين راڳ سان ريجهائيندو هو جيئن معصوم ٻار جي مرڪ پنهنجي





ماءُ کي ريجهائيندي آهي. صادق فقير جي ڳلي ۾ آلاپ جو هاڪڙو هلندو هو يا سُر جي سرسوتي وهندي هئي. صادق جي وڇوڙي جي زلزلي ٿر جي ٻٽن کي ٻيهر ڏاري ڇڏيو آهي. اڳي ڏڪارن جا ڏک ٿر جي مارو ماڻهن جي ڪٿي ۾ ڪيهہ سان گڏ ٻڌل هئا، مٿان هن جدائي جو وزن ڪٽڻ جي لاءِ مليو آهي. صادق فير جي ڏار ٿيڻ تي ايترا لڙڪ لڙيا آهن جو ايتريون ٿر ۾ برساتون بہ نہ پيون آهن.

صادق فقير 20 مارچ 1964ع تي فيض محمد مڱڻهار جي گهر مٺي ۾ جنم ورتو. فقير فيض محمد ٽپيدار هو. هن جي ڪوشش هئي تہ پنهنجي اولاد کي پڙهائي. صادق فقير ايم اي سنڌي پاس ڪري تعليم کاتي ۾ استاد ٿيو. هن جو پهريون آرڊر فضل پنهيرو جي اسڪول ۾ ٿيو هو. پوءِ گهڻو عرصو مٺي جي مشهور گورنمينٽ هاءِ اسڪول نارٿ ڪالوني ۾ رهيو. 1992ع ۾ صادق فقير شادي ڪئي ڪيس تي پٽ، هڪ نياڻي جو اولاد عطا ٿيو. صادق فقير زندگي جا ڪجهہ ڏهاڙا ميرواهہ گورچاٽي ۾ پنهنجي مامي جي زمين تي بہ گذاريا هئا. مٺي ۾ پڙهائي دوران استاد پرشوتم واسواڻي صادق فقير کي اتساهي ڳائڻ تي آماده ڪيو.

اها يارهين درجي جي ڳالهہ هئي، مٺي ڪاليج جي فزڪس جي ليب ۾ هن پهريون ڀيرو ميڙ ۾ هڪڙو گيت ڳاتو پوءِ صادق فقير ڪڏهن امولڪ امر (مٺي جو هڪ مقامي لوڪ شاعر) تاج جويي ۽ سائينداد ساند جي شاعري، تہ ڪڏهن لوڪ گيت ڳائڻ شروع ڪيا. مٺي ۾ انهي وقت اسٽيج ڊرامن جو بہ رواج پيو هو حاجي محمد دل ۽ تاراچند راٺي جي کيل اسٽيج ڊرامن ۾ صادق جا سر ٻرڻ لڳا، تہ هيءُ گهڻو مقبول ٿي ويو... امو لڪ امر جو گيت ”نصيبن وارا نہ ڪي ڏوهہ

تنهنجو نہ ڪي ڏوهہ منهنجو“ ۽ تاج جويي جو گيت ”تصور ۾ تڪي تارا رات گذر ٿي ويندي آهہ“ انهي دور ۾ ٿر جي پٽن جي گونج ٿي ويا. مٺي ۾ پيش ٿيل اسٽيج درامي ”سوجهري“ جي مقبوليت ۾ صادق جا سر شامل هئا. انهي دور ۾ مٺي جو هڪ ٻيو نوجوان ڳائيندو هو دليپ ڪمار دلدار تمام پيارو ڳائيندو هو پر هن ٿوري وقت ۾ ڳائڻ ڇڏي ڏنو پر صادق نئين ڏينهن نئين وک سان وڌندو ويو.

هن موسيقي جي تربيت پنهنجي مامي استاد حسين فقير کان ورتي، جيڪو ان وقت جو سنو راڳي ۽ موسيقار هو. 1986ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن جي دائريڪٽر عنايت بلوچ صاحب پهريون دفعو سندس آڊيشن کان پوءِ ريڊيو تي ڪلام رڪارڊ ڪرايا، جنهن بعد سڄي سنڌ ۾ صادق فقير روح سان ٻڌو ويو ۽ 1988ع ۾ پي ٽي وي ڪراچي اسٽوڊيو تي مرحوم شمشير الحيدري صاحب ٽيليويزن تي ڪيس متعارف ڪرايو. پر هن کي 1992ع ۾ اياز گل جو ڪلام ”توکان ٿيندي ڏار..“ ريڊيو تي ڳائڻ سبب گهڻي شهرت ملي.

صادق فقير سنڌي، اردو، سرائڪي، ٿري، راجستاني، هندي، مارواڙي ۽ پنجابي ٻولين ۾ ڳايو آهي. هن نيم ڪلاسيڪي راڳ ڳايو تہ ڪلاسيڪل پڻ پر جديد شاعري جا سر نوجوانن ۾ گهڻا مقبول ويا آهن، صادق فقير کي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ جو موقعو مليو. تن ۾ خاص طور هندستان، دبئي، سعودي عرب، انگلينڊ ۽ اسڪاٽ لينڊ آهن.

صادق فقير سڀ ۾ ”پرين پسڻ“ وارو ماڻهو هو. هو مندر ۾ ڀڄن ڳائيندو هو تہ امام بارگاهہ ۾ مرثيا بہ آلاپيندو هو. مون هڪ دفعو صادق فقير کان پڇيو تہ، ”صادق توهان کي ڳائيندي گهڻي ۾ گهڻو داد ڪڏهن





مليو؟“ تہ هن ٻڌايو تہ، ”هڪ دفعي ڀڳت ارجن جي سڏ تي ٽنڊوالهيار راماپير جي ميلي ۾ ڳائڻ جي لاس ويس، اتي منهنجو وارو آيو آئون جيئن اسٽيج تي آئيس تہ هزارين ماڻهو هٿ جوڙي منهنجي آجيان جي لاءِ بيهي ويا. انهن جو اهو پيار ڏسي منهنجون اکيون ڀرجي آيون انهن جو ڇا تہ داد هو مون کي ڏاڍو ڏڪ ٿيو تہ، هي ميٽا ڏسي ڪٿي منهنجي اندر ۾ گهمنڊ نہ پيدا ٿي پوي.“

صادق فقير جديد سنڌي شاعري ۾ شيخ اياز کي دل سان ڳائيندو هو. شيخ اياز جڏهن ڪراچي ۾ هن کي روبرو ويهي ٻڌو هو تہ بي اختياري ۾ چيو هئائين تہ، ”منهنجي شاعري کي جنهن آواز جي ضرورت هئي اهو ملي ويو آهي.“ صادق چوندو هو تہ، ڀٽائي کي منفرد انداز سان ڳائيندڙ موهن ڀڳت ٿر مان هو ماڻهو هُن کي ڀٽائي جو راڳي سڏين ٿا. آئون اياز کي بہ انوکو ڳائڻ چاهيان ٿو. جيئن ماڻهو مون کي ”شيخ اياز جي راڳي“ طور سڃاڻين. هن شيخ اياز جي وفات تي شيخ اياز جي الوداعي گيتن جي ڪيسٽ بہ رڪارڊ ڪرائي.

صادق فقير، راڳي سان گڏ پنهنجي شخصيت ۾ بہ سگهارو ۽ شفيق انسان هو. دوستن جو دوست ۽ هيٺن جو همراهہ هو. هن جو دسترخوان ڪشادو هو جتي سڄي سنڌ مان دوست ٿر ۾ سندس اچي مهمان ٿيندا هئا. صادق فقير جي اوطاق تي کائڻ پيئڻ سان گڏ راڳ ٻڌڻ جي لاءِ ملندو هو. ڪنهن فقير فقرا جي گاڏيءَ ۾ تيل نہ هوندو هو تہ، اهو بہ ماڻڙي ۾ پرائي ڏيندو هو. متان ڪنهن کي خبر پئي. صادق فقير کان محفلن ۾ سائينداد ساند جي شاعري بہ گهڻي ٻڌي ويندي هئي.

صادق فقير ٿر ۾ روهيڙي جي گلن جو جنم ڏينهن ۽ وسڪاري جي آجيان جا ڏينهن ملهائيندو هو. مٺيءَ جي هر ماڻهوءَ وٽ صادق فقير

جي ساروڻين جون هڙوتڙيون آهن. هو پنهنجي گهر کان نڪري ٿر ڪتاب گهر جي سامهون چاچي رتن جي هوٽل تائين پهچندو هو ته، وچ ۾ ڪيترائي مزاح ۽ ٿهڪ جا گل ورهائي ڇڏيندو هو. هو گفتگوءَ جو به ڀڳوان هو. رتن جي هوٽل تي شام جو ڪٿون صادق جي ڪچهري جي لاءِ رکيل هونديون هيون. صادق فقير جو تجزيو به ڪمال جو هوندو هو. سچي ڪري ۽ تز راءِ رکندي به هر ڪنهن سان خوب نڀائي ويندو هو.

صادق فقير وٽ ڪڏهن به تلخ لهجو نه هو. هيءُ ڪڏهن رنو ته پنهنجا لڙڪ لڪائي رنو. ڪو به اهو ٻڌائي نٿو سگهي ته هن صادق کي روئندي ڏٺو. هو هر ڪنهن سان مرڪي ملندو هو. هن جي چپن تي سدائين ٽهڪ هوندا هئا. هن ڪڏهن غالب جي انهن سٽن جهڙو ڏيک اڇڻ نه ڏنو ته:

نظر لڳي نه ڪهين اس ڪي دست و بازو ڪو
يه لوگ ڪيون ميري زخم جگر ڪو ديڪتي هين.

صادق فقير شيخ اياز کي نه صرف پڙهيو هو نه صرف ڳايو هو پر ڪيس اندر ۾ به لاٿو هو. هن جي رڳن ۾ رت سان گڏ شيخ اياز جي شاعري ڊوڙندي هئي. اياز چيو هو ته:

جر جي جر ڪنهن جاتي ڪا نه،
لڙڪ اگهياسين لڪي لڪي،
چانئٺ تي چاندوڪي آهي،
ها پر من جي چن ۾ ڇا آهي؟
ڪنهن به نه پاتي جهاتي ڪا نه،
ڪل آئي ته به ڦڪي ڦڪي...

صادق فقير هڪ آرٽسٽ هو. سدائين باترتيب رهندو هو.





سدائين صاف سترو ۽ سادو لباس پائيندو هو. هن ڪڏهن پاڻ مئڪشي نه ڪئي، پر مئڪشي جي محفلن ۾ هن جا آلاپ نشا وڌائيندا هئا. ادب، انقلاب، آدرش ۽ عشق جي ٽڪل ٽٽل ماڻهن جي لاءِ شيخ اياز جي شاعري ۽ صادق جا سر سهارو هوندا هئا. هِن جي سرن سان اونداهين راتين کي دل جي تڙپندڙ تمنا سان بيان ڪرڻ جي سگهه ملندي هئي، ۽ نوجوان پنهنجي جنون جو جولان هن جي آلاپ م پروان چاڙهي پنهنجي سپنن جو سنسار گهڙيندا هئا. سنڌ ۾ ايترن گلوڪارن هوندي به صادق عشق جي تنها آواز طور ٻڌو ويو. هن جو آلاپ عشق جي چوٽ کاڌل ماڻهن جي زخمن تي مرهم رکندو هو. هن جي صدا هر ڦٽيل دل جي آهه هئي. صادق فقير ميڙ ماڻهن جي ۾ ڳائندي وڄائيندي ائين اڪيلو به هو. جيئن خوشبو اڪيلي هوندي آهي. هو خوشبوءِ وانگر سنو ۽ سرهو هو. سني ۽ سُرهي زندگي مختصر هوندي آهي، گل جلد ڇڻي ويندا آهن پوپٽ به ٿورو جيون جيئندو آهي.

صادق فقير صرف سگريٽ پيئندو هو اهو به ڪڏهن ڪڏهن ڇڏي ڏيندو هو. هن وٽ سگريٽ ڪڏهن ائين به هوندو هو، جيئن اياز وٽ هوندو هو. رڳو چپن تي سگريٽ رکندو هو. صادق فقير نهنائي نوڙت ۽ فقيري جو مجسمو هو ته فنڪاراڻا انا جو انوکو روپ به هو. انهي روپ جا رنگ ڏسندي شيخ اياز جو شاگرد اعجاز منگي صادق کي سمجهائڻ جو سوچيندو هو.

صادق فقير پوري ريت منصوبي سان پنهنجو گهر ٺاهيو. پنهنجي پائرن کي سنياليو اولاد کي پڙهايو هو چوندو هو ته،" هن فن وسيلي پيار ملي ٿو پئسا ملن ٿا ٻيو ڇا گهرجي؟ اسان جي فنڪارن

ڪي پاڻ سنڀالڻ گهرجي. آئون پوري ريت ڪوشش ڪندو آهيان ته سڀ رشتا نڀائي سگهان، ڪٿي ڪا ڪمي نه رهي.“

منهنجي صادق فقير سان پهرين ملاقات 1993ع ۾ ٿي، آئون پرائمري تعليم پوري ڪري مٺيءَ ۾ انگريزي پڙهڻ آيو هوس. منهنجي مٺي ۾ رهائش نارٿ ڪالوني اسڪول جي پرسان هوندي هئي، صادق فقير روز صبح جو اسڪول ويندي ملندو هو. شام جو رتن جي هوٽل تي صادق جي ڪچهري ٻڌڻ جي لاءِ ويندا هئاسين. اسان ڪتابن کان وڌيڪ ادب، آرٽ شاعري ۽ ان جو تذڪرو صادق کان سمجهيو. 1995ع کان 1997ع تائين مٺي ۾ ادبي سرگرمين جو عروج هو. پيارو شواڻي، خليل ڪنڀار، دولت رام ڪتري، دليپ ڪوٺاري ۽ ٻيا نوجوان ادبي سرگرمين جا روح رواں هوندا هئا، صادق فقير انهن سمورن جو رهنما هوندو هو. ڪڏهن موهن ڀڳت جي ورسي ملهائي ٿي وئي، ته ڪڏهن اياز گل سان رهاڻ رچي رهي هئي. ڪڏهن رائچند رانوڙ کي ساريو ٿي ويو ته ڪڏهن عبدالرحمان نقاش کي ڀيٽا ڏني ٿي وئي.

انهي دور ۾ دوستن صادق فقير سان به شام ملهائي انهي شام ۾ منهنجي ادب ۾ پهرين داخلا هئي، هڪڙو گيت پڙهيو صادق فقير وڏو اتساهيو انهي پروگرام ۾ منهنجي هڪ ڪلاسي ميوارام ٻالاڻي صادق فقير تي شعر پڙهيو اسان ان جي پيروڊي ناهي، ڏاڍا ڪلياسين. صادق فقير ۽ شاعر اسان سان گڏ راحت وٺي رهيا هئا. سائين پريم شواڻي ۽ فقير مقيم ڪنڀر جي پٽن سان هن جو گهرو تعلق هو فقير مقيم چونڊن ۾ بيٺو ته ورڪ به صادق فقير ڪيا. پياري شواڻي شيخ اياز جي شاعري جي ترجمي جي مجموعي ”ٻاٻيهو ٿو ٻولي“ جي ارپنا صادق فقير جي نالي ڪئي. ڪاڪاڻو جاني ۽ ماما وشن صادق فقير جي ننڍپڻ جي دوستن مان هئا.





صادق فقير دل جي عقيدت سان ڀٽائي ڳاتو پر ساڳي وقت شيخ اياز جي شاعري ڳائي ڀٽائي سان ڏگها ڊائلاگ پڻ ڪيا. هن ڀٽائي کان اياز جي لفظن ۾ موڪلايو به سهي اسين سمجهي نه سگهياسين:

چڱو ڀٽائي آئون هلان ٿو آئون هلان ٿو

هيءُ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سان واڳيل رهيو ۽ آخري وقت ۾ ان جي مٺي شاخ جو صدر به رهيو. مهان ڏاهي محمد ابراهيم جويي جي سو سالن جي سالگره تقريب ملهائي وئي ته مقامي ميزبان صادق فقير هو. صادق فقير سنڌي ادبي سنگت مٺي جو سيڪريٽري به رهيو. سنڌ فنڪار ٽرسٽ جو مٺي ۾ يونٽ به قائم ڪيائين. مٺي جي دوستن کي ادبي پروگرامن جي لاءِ وڏو اتساهيندو هو. جڏهن به دوست ٿڪجي پروگرامن جي لاءِ وڏو اتساهيندو هو. جڏهن به دوست ٿڪجي ٽٽي ساٽس ملندا هئا ته، هن جون ڳالهيون کين ڏڍ ڏينديون هيون. هن کي شاعري جي وڏي پرک هئي. صادق فقير شاعري کي سرن جا ويس پارائيندو هو. هن ڌرتي جون ڏنون ستارن وانگر ميڙي موسيقي جي چنڙي کي چمڪايو.

26 فيبروري 2015ع تي صادق فقير سعودي عرب ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ اسان کان وڇڙي ويو. جنهن جي وڇوڙي تي ٿر جا مور روئن ٿا ته، خيرپور جون ڪجيون لڙڪن هاڻيون ٿيون آهن. شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جون وايون ورلاپ ڪن ٿيون ته، ميران ٻائي ۽ ڪبير ڀڳت جا دوها درد وندين ٿا. مٺي جتي صادق جا سر ۽ ٺهڪ ٻرندا هئا، اها مٺي سڏڪن ۾ ٻڏي وئي آهي. خليل ڪنڀر ۽ ڪاڪاڻو جاني ڪنهن کي ڳل ڳراٽڙي پائي اوڇنگارون ڏين. نوجوان شاعر شهاب دين نهڙي ۽ اياز

بجير به ڄُهري پيا آهن. علي اڪبر راهمون ۽ نصير ڪنير جون اکيون اشڪبار آهن. صادق فقير اڄ مان ڪلهه ۾ تبديل ٿي چڪو آهي:

ياد ماضي اياز ائين آيو
رات روز حساب جيئن گذري

صادق فقير ڪٿي به هوندو هو پر شيخ اياز جي سالگره جي پروگرام تي پٽ شاهه پهچندو هو. صادق فقير جي وڇوڙي کان پوءِ ترت شيخ اياز جي سالگره جو ڏهاڙو آيو. مون اُن ڏهاري تي صادق جي ڪمي محسوس ڪندي من جي ڪيفيت جو اظهار پنهنجي ٽي اتاريندي ائين لکيو:

صادق فقير پنهنجي منڙي محبوب شاعر شيخ اياز جو جنم ڏينهن آيو ويو مگر تون نه هئين! اهو ڪڏهن ڪنهن سوچيو ئي نه هو ته شيخ اياز جي اهڙي سالگره به ايندي، جنهن ۾ تون نه هوندين!! تون شيخ اياز جي هر جنم ڏهاڙي تي ٿر جي ڏهرن مان روهيڙن جا رتا گل روڙي ايندو هئين. تنهنجي آلاپ ۾ اچي شيخ اياز جي شاعري ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين ڦلڙيون ڦلڙيون ڇاپ ٿيندي هئي. تنهنجي سرن ۾ جهڙالي جيءُ وارا انسان مئڪدي جي اداس سانجهي ۾ پئندي پنهنجي سوچن جي سنڌ ۾ ڪنهن تماچي جي سواڳت لئه نورا پائي نوري ڪي نچندي ڏسندا هئا. عشق جي اپن ڪاون تي هلندڙ نوجوانن جي هاسٽلن ۾ رات دير تائين تنهنجا گيت گونجندا هئا. تنهنجي سرن جي ميناج ۾ انهن کي محسوس ٿيندو هو ته: ”هو ته هلي ويئي آهي پر هُن جي وارن جي خوشبوءِ اڃان ويئي نه آهي، وڇاٽو اڃان گلن سان غرق آهي“ [22] ڄام شوري جي پٿريلي پٽ تي سنڌ جون الهڙ

[22] هڪ فارسي شعر جو ترجمو





جوانيون تو سان رهاڻ رچائڻ جي لاءِ آتيون هونديون هيون. تون انهن کي پنهنجي درديلي آلاپ ۾ شيخ اياز جي سٽن سان سمجهائيندو هئين ته: ”جنهن سان محبت ٿي ويندي آهي اهو ٻيو رهندو ناهي محبت ۾ ٻيو ساٿي.

## ڪاپڙي خان ڪوسو

ڪاپڙي خان ڪوسي جو پڻ اِهو ساڳيو ڳوٺ آهي، جنهن لاءِ ڀُٽو اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي چوندو هو ته ”مون کي خبر آهي ته اپرڪر ۾ ڪاپڙي خان ڪوسو ڇا ڪري رهيو آهي؟“ ڇاڇي نواز کي اُهي ڏينهن چٽا ياد آهن، هن جي لاءِ اها ڪالهه ڪالهوٽي ڳالهه آهي، 1926ع ۾ نوبت خان ڪوسي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ ڇاڇي نواز جي ڪُٻڙي جي ساروٽين ۾ سومر خان جي مهمان نوازي ۽ ڪاپڙي خان (پهرئين) جي دانائي ۽ بهادريءَ جا داستان سانديل رهيا. ڪاپڙي خان (پهرئين) جي ڪردار کي ڇٽيندي استاد بخاري ”ڪرنل ٽائر وِٽُ Colonel Tyrr Whit عرف عام ۾ تروٽُ سان مخاطب ٿي چوي ٿو ته:

تون پلين خيمن جا دَر هيٺ ڪر،
مان به ڪوسا ڪاپڙي ڳوليان پيو.

ڪاپڙِي خان (پهرئين) کي چارڻ ڪوين به ڳايو آهي.

ڪوَ ورتايا ڪاپڙي، شولو ڪيڏي سنڌ،
هاڪي ڪوسو هڙان، ڪانئران پانجي ڪنڌ!

(ڪپڙي خان ڪوي (چارڻن) جي اهڙي خدمت چاڪري ڪئي، جو شولي جو ڳوٺ سنڌ (بئراج) جو علائقو ڪري ڇڏيو آهي،

(اناج جا انبار ڪنهن بہ شيءِ جي ڪوٺ نہ آهي) وڏي هاڪ وارو ڪوسو ڪانئرن جا ڪنڌ ڀڃي ٿو).

چاچو نواز ڪوسو ٻارهين فيبروري 1942ع تي اوڳاڙين ۾ سُنگين سان سچي ريت سلهاڙيل هڪ اهڙي ڪاتي ۾ شروعاتي گريڊ واري ملازم طور ڀرتي ٿيو هو جنهن جو پويون اُڏ مُروتَ، فرمانبرداري، وفاداري، ذهانتَ، همتَ ۽ لياقتَ جي لفظن جو ئي مجموعو آهي. چاچو 1984ع تائين انهيءَ نوڪريءَ سان رهيو. جيتوڻيڪ لاڳاپيل مُحڪمي جي اِها نوڪري ڏَنُ ميڙڻ جي لاءِ گهٽو ڪُجهہ هوندي آهي، پر اسان مالٺهو رويڻ جا بي چين مور بہ متڪو ڪندا هئا. تنهنجي سرن ۾ ڪيرتر جا گڏ چال هٽندا هئا تہ روه جي ڪونجن جي گونج بہ ٿيندي هئي. تون رمتي بادل جو روپ هئين، تہ ٽر ٻاٻيهي جي تڙپ بہ هئين.

شيخ اياز جي شاعري وانگر تو پنهنجي سُرن جي لاءِ ڪوئي حدبندي نہ رکي هئي. تو ديس پرديس ۾ پنهنجي مداحن سان درد جو اهڙو رشتو جوڙي رکيو هو جيڪو رت جي رشتي کان بہ گهرو آهي. انهي رشتي ۾ ڪير تنهنجي من ۾ چنڊ ٿي رهيو؟ جنهن جي لاءِ تو وٽ آڌي اڪير رهندي هئي. تون ديس پرديس ۾ اتاولو ٿي ڳائيندو هئين تہ:

سکي! پيا ڪي ملين تہ چئجان، چانڊني تو سِوا نہ ٿيندي،
اچين تہ منهنجي اُماس ۾ آ، چو تہ ٻي رات ڪا نہ ايندي!
ڪڏهن بہ توتي دُار دل جا، نہ ٻوٽيا تون پلي هلي آ،
بہ لڙڪ آلا ڪڏهن بہ هوندا، متان چئين آجيان نہ ٿيندي..
نہ ديپ دونهاتجي ڪڏهن هي، لِلاٽ جي لاٽ شال جرڪي،
پرهہ پري آ، پتو نہ آهي تہ، رات ڪيسين ڏهاڳ ڏيندي،
پکي پروڪا اجان نہ آيا، اُڪير تِن جي هُري رهي آ،
ادا سَر تي هوا اُڍي جي، چئي پئي ڪا اُڏار ايندي..





انهي ڪيفيت ۾ توڪي جڳجيت جو اهو گيت پڙهڻ ڏاڍو وڻندو هو تہ "هم تو هين پرديس ۾، ديس ۾ نڪلا هو گا چاند" تون بي اختياري ۾ اهو گيت جڏهن جهونگاريندو هئين، تڏهن تنهنجون اکيون لڙڪن جي لڙهندڙ منظرن ۾ ٻڏي ويندڙيون هيون پر تون صادق فقير ڪنهن کي محسوس ٿيڻ نہ ڏيندو هئين. هاڻي تنهنجي چاهيندڙن جو اکيون لڙڪن ۾ ٻڏي رهيون آهن. هو پنهنجي گهرن جي پڌرن تي اڪيلا آهن. ٽر جي پٽن تي جڏهن چنڊ اڀري ٿو تہ چنڊ کي منٿ ميڙ ڪري چون ٿا تہ:

چنڊ! پرينءَ کي چرچائي ڏي، مون سان ڪيئن رُنو!
تون ئي چئہ مون ساريون راتيون ڪائي ننڊ ڪئي..!

پر چنڊ بہ چپو نٿو ڪري، اندر جي بيقراري وڌي رهي آهي، اندر جي جذبن کي سرن جو ويس ڏيندڙ فناڪر ناهي رهيو. شيخ اياز جي سالگره جي تقريب ۾ ڪراڙ جي ڪنڌي تي ميڻ بتيون جهيڻيون جهيڻيون ٻري رهيون هُيون. روشني ۾ چٽاڻ نہ هئي، توبن ڪهڙا اوجيس اندر کي روشن ڪندا. سرن ۾ سوز نہ هو توبن ڪهرا سُر ساز روح کي راحت ڏيندا. وڇوڙي جو ڏک اڏوهي آهي. سُري جيان هڏي کي کائيندو آهي. پر انهي ديوانگي جي دلبري تہ ڏس، هر دل چري چوي ٿي تہ "مان ڀيهر توسان ملندس، خبر نہ آهي ڪٿي، ڪيئن، ڪهڙي ريت پر توسان ڀيهر ملندس."

تون اهو ڄاڻيندو هئين تہ شيخ اياز "ڇا ٿو سوچي چاچرو" جهڙي سٽ ڇو لکي هئيءَ؟ تو شيخ اياز جي شاعري جي آڌار انسان جي فڪري ۽ ثقافتي سرمايي کي وڌائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو. تنهنجا سمورا سُر انسان ذات جي امر ورثي جي لاءِ آهن. تون سڀ ۾ پرين پسندو هئين. تنهنجي سرن ۾ تنگ نظري ۽ تعصب جي خلاف

مزاحمت هئي. تو انسانيت جي پوئين پڪار کي آواز ڏنو هو. تون صادق فقير شيخ اياز جي ٻولڻ ۾ چوندو هئين ته:

تنهنجا پير ڇُهان، ڌرتي منهنجي ماتڙي،
ڀاڪر پايان پاوَ مان ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءَ نه ڀيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو...

تنهنجي سرن ۾ وطن جي مٽي مهڪندي هئي. تون ويساهه جي لاءِ واتون گهڙيندو هئين. تو دانشورن جي دليل بازي کان وڏيڪ چٽو سادن سرن ۾ شيخ اياز کي عام ماڻهو تائين پهچايو هو.

هيءَ سَيِنَ نه ڏيندي چَين، اُتي ڏِسُ! ڪوئي آيو آ پيارا،
هي ايد ساڳيو رَمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا
جنهن وقت چراغِ شام ٻري ۽ ميخاني ۾ جام ڀري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو ٻه پرايو آ پيارا،
جنهن وقت اسان جي تَندُ تَپي ۽ سازُ تپي آواز جهَپي،
تنهن وقت پلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا،
هيرا ته ڏسو ڪنڪر نه هٿو، ايندو نه وري هي وڻجارو،
ڪُجهه ڏات ڏسو پو بات ڪيو، هي شور اجايو آ پيارا،

تنهنجي انهيءَ ويساهه ۽ اتساهه تي تاريخ جا ارڏا پٽ آس نراس جي آرسي ۾ سجل نيڻن ۽ سنهڙن چپڙن تان روح پلي قيد خانن ۽ ڦٽڪن جي راهه چوندڻ کي اوليت ڏئي، پنهنجي وطن سان سچائي جا قسم تنهنجي سرن جي ساک سان ڪٽندا هئا. تون ضميرن تان زنگ لاهيندڙ هئين. تنهنجي سرن وسيلي اها سٽ سچ ثابت ٿيندي هئي ته:

”اڄ هر ڪنهن جو هي رايو آ، تو نينهن اياز نڀايو آ“

تنهنجي آواز کي ٻڌي مٽي جي محبوب شاعر تنهنجي آواز کي آمريڪي ڳائڪي پال رابسن سان ڀيٽيو هو. ۽ چيو هُئياٿين ته





”صادق کي ٻڌي مون کي احساس ٿيو ته ڪيترو وقت آئون جنهن ڳائڪي جي تلاش ۾ رهيو آهيان، اهو مون کي ملي ويو آهي. منهنجي شاعري ۾ هڪ اندروني ترنم آهي ۽ مان ان تي ئي اڪتفا ندو هوس، زندگي ۾ پهريون ڀيرو مون کي محسوس ڪيو ته هڪ موثر آواز منهنجي شاعري جي لاءِ ڪيترو نه ضروري آهي.“

تنهنجي عاشق ٿر جي چاڳلن نوجوانن جي اندر جي آرزو هئي ته، جڏهن تنهنجو مڙه ملير پهچي ته توکي گهوٽ وانگر سينگاري شيخ اياز جي واين سان سڏڪن جي پيتا ڏئي تنهنجي آخري آرامگاهه گڏي جي انهي پٽ تي جوڙي وڃي جنهن پٽ تي تون حياتي ۾ بيهي پنهنجي مٽي کي ڏسندو هئين، توکي مٽي ائين نظر ايندي هئي جيئن روپا ماڙي تان دودي کي روپا نظر ايندي هئي. انهي گڏي پٽ جي لاءِ تنهنجي محبوب شيخ اياز چيو هو ته:

باک ڦٽي ٿي مٽي تي
پٽ پٽ آ ڳاڙهي گلاب جيان،
هن ديس جي خواب جيان

تو سان پيار ڪندڙ جذباتي ڇوڪرن جي ڳالهه پنهنجي جاءِ تي، هاڻ اسڪول مٽي جي گرائونڊ جي پرسان مٽي جي پراڻي تاريخي قبرستان ۾ تنهنجو والد صاحب فقير فيض محمد، تنهنجو مامو ۽ استاد حسين فقير اڳ ۾ آرامي آهن. تون انهن جي پرسان مٽي ننڊ سمهي پئين. تنهنجي ان اباڻي قبرستان ۾ ٻيرين جا گهاٽا وڻ آهن جتي پکي جا ميڙا رهندا آهن. تنهنجي محبوب شاعر چيو هو ته:

اٿي اسر ويل جو لُڏائي لامن،
پکي اڏامن، اٿي مون کي پورجو.

صحرا ۾ رهندڙ سنڌ جو سچو پروهت

# پنڊت پونمچند

سنڌ ۾ ڪوي ڪاليداس جي ٻولي جو هو وڏو ڄاڻو هو. پر هن جي ديهانت تيز رفتار واري ميڊيا جي دور ۾ بہ ڪنهن اخبار جي خبر نہ بڻي، نہ وري سوڳ ۾ ڪو شهر بند ٿيو. ٻي حسي جي بارش ۾ ٻڏل سماج هن ڪي مرتئي تي بہ ڪا ميتا ڏئي نہ سگهيو. ڪنهن پرڏيهي ڪوي چيو آهي تہ:

”هن وقت جڏهن سانجهہ مٿان اچي سهيڙي آهي، عبادت گهر جو گهنڊ ڏينهن ڪي ڏک وچان الوداع ڪري رهيو آهي. تڏهن آئون ساري رهيو آهيان، انهن انسانن کي، جيڪي ريگستان ۾ ڪنهن گل وانگر ٽڙيا، پر انهن جي خوشبو ڪنهن جي روح ۾ سمائجي نہ سگهي.“

هي اُها ساڳي ڪيفيت آهي، جنهن ڪيفيت ۾ سنڌي ٻولي جي سهڻي سرجڻهار شيخ اياز چيو هو تہ:

خدا ڄاڻي ڇو نہ ڪنهن رنگين چمن ۾ ڄاياسين،
ٽِڙياسين دامن صحرا ۾، خوشبوءِ اجائي وئي.

انهي اڪابر ۽ عالم شخص جو نالو پنڊت پونم چند هو. جنهن جو جيون خاڪو هن ريت آهي: پنڊت پونم چند 1924ع ۾ ڏاري چيلهار جي وشنو پرشاد جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري جي





تعليم چيلهار ۾ ورتي. انگريزي سال مئي ۾ پڙهيو. 1944ع ۾ پنهنجي قبيلي جي ساٿين اتم چند اوجها، موتيرام ڀالچند ۽ جوهر لعل سان گڏجي سنسڪرت ۽ هندي ٻولين ۾ پنڊت جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪاشي ۽ پاڻ ويو. جتان تعليم پوري ڪري واپس موٽڻ کان پوءِ 1955ع ڏاري چيلهار جي انگريزي اسڪول ۾ سنسڪرت ۽ هندي جو استاد مقرر ٿيو 1983ع تائين مختلف اسڪولن ۾ علم جي ڏيئي جي جوت جلائي مستقبل جي معمارن جو روح روشن ڪرڻ ۾ ڀرپور حصو وٺندو رهيو. پوءِ نوڪري تان رٽائرمينٽ حاصل ڪري آشرم وسايو. فيبروري 2008ع ۾ پرلوڪ پڌاريو.

سنڌي ٻولي جو ناميارو اديب وليرام ولڀ سائين پنڊت پونمچند کان هندي سکيو. وليرام هندي سميت ٻين ٻولين مان ترجمو ڪري سنڌي ٻولي ۽ ادب کي وسعت ڏني آهي. وليرام ولڀ جي بنيادي ادبي تربيت ۾ سائين رائچند رائوڙ سان گڏ سائين پونم چند جو بہ اهم ڪردار آهي.

پنڊت پونم چند سڄي زندگي سچ، سهپ، رحم، خير ۽ همدردي جي لاءِ عام کي اتساهيو. انسانيت ۽ انسان دوستي جو ساٿ ڏيڻ تي زور ريو. زندگي جي هر معاملي ۾ انتها پسندي جي بدران اعتدال پسندي اختيار ڪرڻ جي تلقين ڪئي. پونم چند عام ماڻهو کي منجهيل، خيالي ۽ بي بنياد خواب ڏيکارڻ جي خلاف هو. پنڊت اقرار ڪندو هو تہ ڌرم جو سهارو وٺي يا غلط تشريح ڪري غريب ۽ پورهيت طبقي سان عير انساني ۽ ناانصافي وارو ورتاءُ اپنايو ويو آهي. پورهيتن کي ڪڏهن ورڻ سرشتي ۾ ورهايو ويو آهي، تہ ڪڏهن ذاتي پات تي زور ڏئي بنيادي حقن کان محروم ڪيو ويو آهي. پوئتي پيل

لوڪن ۾ جيئڻ جون نيون امنگون پيدا ڪرڻ جي لاءِ حيات سڄار جي هن وٽ سوچ هئي. انهي مقصد جي لاءِ هن گپت دان جو مارگ اختيار ڪيو. هر سال پنهنجي آمدني جو وڏو حصو پابندگي سان حقيقي محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. پر انهي جو پتو ڪنهن کي پوڻ نہ ڏيندو هو.

هن جو تاريخ ادب، ويدانت، جوتش، فلڪيات، علم موسيقي ۽ طب تي منفرد ۽ مثالي عبور هو هو بنيادي طور تي سچ جو متلاشي هو. هِن جي ذات جا اڪيچار رنگ هئا. هِن  کي تمام گهڻ ماڻهن سڃاتو. ماڻهو ڪشمير کان گبڙي تائين پوري ملڪ مان عام توڙي خاص پنهنجي قسمت جا حال ستارن جي علم ذريعي معلوم ڪندا هئا. انهن ۾ شهيد بينظير ڀٽو کان وٺي راڻي چندر سنگهہ تائين ڪيترين ئي شخصيتون شامل آهن. پر تاريخ، ادب، موسيقي، فڪر ۽ فلسفي جا موتي ميڙڻ وارا  تمام گهڻ ماڻهو مليا.

سنڌي ادب جي نامور نالن مان رڳو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ دادو ديال، قاضي قادن ۽ ٿري لوڪ ادب جي حوالي سان ديوناگري لپي کي پڙهڻ ۽ سنسڪرت جي حوالن کي سمجهڻ جي لاءِ پنڊت پونم چند وٽ ايندو هو. هن ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي وڏي مدد ڪئي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مختلف مضمونن ۾ پنڊت پونمچند کي سٺن لفظن ۾ ساريو آهي.

پنڊت پونمچند تمام سادي زندگي گذاري، نوڙت نهٺائي ۽ نمرتا وارو انسان هو. ڳالهائيندو بہ تمام ڌيرج سان هو. فارسي شاعر سعدي شيرازي جو هي شعر اڪثر ٻڌائيندو هو تہ:

”هر برائي جا تون پاڻ سان ٿئو چاهين!

اي منهنجا پاءُ تون اها پي ڪنهن سان نہ ڪر،





جي توکي پنهنجي ماءُ پياري آهي

تہ منهنجي ماءُ کي ڪڙا وينڻ نہ چئو.“

هن وٽ روايتي پنڊتن وانگر انا نہ هئي. پريم ۽ ارپنا جي جذبي ۾ جرڪندو هو. هن عمر جو وڏو حصو مطالعي ۾ گذاريو. هن جي وڏي لائبريري هئي. هيءُ پراڻ، پوٿين، سوتر، اپنشد سميت سمورن شاسترن کي عقيدي کان وڌيڪ عقل سان پڙهندو هو. شري شنڪر آچاريہ، شري پاشڪر، شري يادو شري پرڪاش، شري رامانج، شري مڌو آچاريہ، شري ڪنٺ، شري نمبارڪ، شري پتيم، شري ولڀ آچاريہ، شري وجنان ڀڪشو ۽ شري بلديو جي ويدن ۽ اپنشدن تي لکيل ٽيڪا ٽپڻين کي ويدانت جو پيالو ڪري پيتو  پر ساڳي وقت سلطان باهو، بلي شاهہ، شاهہ لطيف، سچل سرمست، شاهہ حسين، عطار، رومي، سرمد صوفي، عمر خيام، حسين بن منصور حلاج جي علم ۽ عمل جي تصوف جا نقطا روح ۾ رچايا.

نهٺائي ۽ نماڻپ جو مجسمو بہ سنڌو جي ساراهہ ۾ رچيل رگ ويد جا منتر اچارڻ مهل جنون جي بي انتها  جوش ۾ اچي ويندو هو. هو صحرا ۾ رهندڙ سنڌو جو سچو پروهت هو. سنڌ هن جي ساهہ ۾ هئي. سنڌو رڳن ۾ رت وانگر وهندو هو. بي اختياري جي عالم ۾ چوندو  هو تہ سنڌو جي ساراهہ ۾ نہ رڳو آرين جي اندر مان منترن جون مالهائون سرجيون، پر ڪول سنٿال، دراوڙن سميت سمورا پراچين لوڪ سهائي پڪ جو سنڌو جي ٻيلن مان نڪري سنڌو جي ساراهہ جي گيتن جي گونجار ڪندا هئا. انهن جي گيتن ۾ سنڌو جي دهشت جي دادلي ذڪر سان گڏ سنڌو جي عظمت ۽ عقيدت جو اظهار هوندو هو.  رگ ويد ۾ گنگا جو ذڪر ٻي پيرا آيو آهي، جڏهن تہ سنڌو جو ذڪر 100 کان

وڏيڪ پيرا آهي. رگ ويد کان سوا ”برهم پراڻ،“ ”پدم پراڻ“، ”شريمد شو پراڻ“، ”ديو ڀاڳوت“، ”اگني پراڻ“، ”پوشيہ پرڻ“، ” وارا پراڻ“، ”سڪند پراڻ“، ”وامن پراڻ“، ”متسيہ پراڻ“، ”برهمانڊ پراڻ“، ”والميڪي رامائڻ“، ”مهاڀارت“، ”ڪالڪا پراڻ“، ”وايو پراڻ“، ”نرسنگهہ پراڻ“، ”نارائڻ سروور مهاتم“، سميت مختلف گرنٿن ۾ سنڌو جي ساراهہ ڳائي وئي آهي. ڏيان، دان، تپ، جپ، شرڌا، شيوا وغيره سنڌو جي ڪنارن تي اتم ڦل واري ڄاڻائي وئي آهي. ”نارائڻ سروور مهاتم“ ۾ آيل آهي تہ شري ڪرشن يڌشٽر کي اپديش ڏيندي چوي ٿو تہ ”اي مانوارا يڌشٽر! هر ماڻهو جي اها خواهش هوندي آهي تہ هن جي ڪل ۾ اهڙو ڏنيواد پيدا ٿئي جو سندس آخري رسمون يا ڪريا ڪرم سنڌو جي ڪناري ادا ڪري. تپشيا، برهم چاريہ، يگيہ ۽ سنياس جي ڪري ماڻهو جنهن ادارڪ کي حاصل ڪندو آهي سا ساڄاهہ سنڌو جي لهرن مان حاصل ڪري سگهجي ٿي. سنڌو ۾ نيم سان سنان ڪري پوڄا ڪرڻ واري کي جيڪو ثواب حاصل ٿيندو آهي، اهو هڪ سئو يگيہ ڪرڻ واري کي حاصل نہ ٿي سگهندو آهي. سنڌو جي درشن جي لاءِ ديوتا بہ روز ٿي وقت پوڄا ڪندا آهن. اهي سمورا ماڳ پويتر آهن، جتان سنڌو جو وهڪرو وهي ٿو. ”سڪندر پراڻ“ ۾ آهي تہ ”اسان جي ڪُٽنب ۾ بہ ڪوئي سنڌو ۾ سنان ۽ شيوا ڪرڻ وارو پيدا ٿيندو. سنڌو جي ڪناري پنهنجي وڏڙن جي مڪتي جي لاءِ پوڄا ڪرائيندو. سنڌو ندي ۾ سنان ڪرڻ لاءِ تياري ڪندڙن جا ڏوهہ ڌڪندا آهن. برايون اٿين پڇنديون آهن، جيئن شينهن کي ڏسي هرڻ پڇندا آهن. جيڪو پنهنجو جنم سڦل ڪرڻ چاهي ٿو اهو سنڌو ۾ سنان ڪري.“





ويدن جي واٽي مطابق هر ماڻهو جي اندر ۾ ٽي طاقتون هونديون آ هن: (1) ڪرم شڪتي، (2) گيان شڪستي ۽ (3) ڀاونا شڪستي. پنڊت پونم چند انهن ٽنهي طاقتن کي ميڙي صدين جي ساگر ۾ هنج وانگر ٽٻيون ڏنيون. اڻ ملهہ موتي هٿ ڪيا. هن کي تن جي ٽيئنس نہ هئي،ل پر من ۾ ازل جي اڪير هئي.

”ايڪو هَم بهوُ سيام“ ، ”برهم ستيم جگم مٿيا“، ”ايڪم ستہ دويتو ناسي“ جهڙي ويدن جي واٽيءَ ۽ پريم مارڳ جي پنڌ جي روشنيءَ ۾ حقيقي گيان ماڻيو هو.

پنڊت پونم چند ويدن انو سار يگيہ ڪندو هو يگيہ ڪرڻ تي وڏي دسترس هوندي ئي. تر ۾ هڪ ڀيري ڀهري ڏڪار ۾ مختلف ڳوٺن جا ڳوناٽا گڏجي پنڊت وٽ آيا، وسڪاري جي لاءِ يگيہ جي لاءِ عرض ڪيائون. هن چيلهار ۾ يگيہ ڪيو تہ مينهن بہ برسي پيو جيون جي آخري ڏينهن بہ ڪراچيءَ ۾ يگيہ ڪيو هو.

پنڊت پونم چند عمر جي آخري حصي ۾ پنهنجي گهر کان پريرو هڪ پنهنجو آشرم جوڙايو. پويان ڏهاڙا اتي ئي رهندو هو. منهنجو انهي آشرم ۾ اڪثر وڃڻ ٿيندو هو. اسان جي ڪچهري ۾ وشنو سرين جي“پنج تنتر، ڪاليداس جي ميگهہ دوت، ڪمار سنڀو شڪنتلا،““ رگهو ونس، ” راجا هرش جي ناگا نندا، رتناولي، پريہ درشڪ، برهم گپتا جي سڌانت، کنڊ کاڌيڪا، جئديو جي گيت گووند، ويدوياس جي مهاڀارت، ايسر داس جي هري رس، تلسيداس جي ”رام چرت مانس،““ دوهاولي والميڪ جي رامائڻ،“سورداس جي، سور ساگر“ تي وڏا بحث ڇڙي پوندا هئا.

پنڊت صاحب چوندو هوتہ ُ والميڪي، تلسيداس، ڪاليداس،

اشوگهوش، بانا، ماگها، ڀاوا ڀوتي، وساکا دتا، امارو جئديو امر شاعر آهن، جن جي ڪلام ۾ ڪڏهن ڪيجنچي جي ضرورت نہ پئي آهي، ادب جو تاريخيدان ۽ نقاد تاريخ جي فلسفي جي پوري ڄاڻ کانسواءِ ادب سان انصاف نٿو ڪري سگهي. تنقيد جو هر نظريو تاريخ جي ڪنهن بہ ڪنهن نظرئي جو محتاج آهي. انهي ڪري پڙهو ، هڪ هڪ ڪتاب ڏهہ دفعا پڙهو هر پيري اوهان تي نئون ڀيد ڪلندو جديد سائنسي نقط نظر سان پڙهو. ڪتاب نسلن جا دوست هوندا آهن. هڪ انگريزي چوڻ آهي تہ هڪ پراڻي دوست کان بهتر ڪوئي آهي.

پنڊت ٻڌائيندو هو تہ "سنسڪرت جيڪلاسيڪل ادب جو اڪثر ترجمو توڙي تشريح صحيح نہ ٿي آهي. "آئون سکڻ ۽ سمجهڻ جي لاءِ صبح کان شام تائين وينو هوندو هوس، مون ڪوشش ڪئي تہ ، پنڊت جي تحت الفظ سنڌو جي ساراه وارا منتر وڊيو رڪارڊ ڪجن، پر اهو نہ ٿي سگهيو. فقير جي گودڙي رڪارڊ جي وسيلي کان خالي هئي، اهل دولت اهميت کي سمجهي نہ سگهيا. بس ڳالهيون ڪندي ۽ سوچيندي سانجهي ٿي وئي ڪجهہ نہ ڪري سگهياسين:

سانجه پڙي دن بيتوي، چوکوي ديهان روءِ،
چل چکوا او ديس ڪو جهان رين نہ هوءِ.
(ڀڳت ڪبير)

جيڪو ڪتاب کائي ٿو اهو بہ گذاري وجي ٿو
جيڪو جام پيئي ٿو اهو بہ گذاري وجي ٿو
سرمد جنهن پنهنجي فقيراڻي ڪشتي ۾ نانا
پاڻي سان آلو ڪري کاڌو اهو بہ گذاري ويو.
(صوفي سرمد)





# گوتم راڻي

گوتم راڻي، جنهن کي استاد پيريڻ اپراٽو هئڻ سبب اسڪول مان ڪڍي ڇڏيو هو.

گوتم راڻي سان منهنجي پهرين ملاقات ڪڏهن ٿي؟ ياد نہ آهي پر اها چٽي يادگيري آهي تہ، پهرين ڪچهري ۾ مون حيرانگي ۾ ويچاريو هو تہ سونهن جي رڪ ۽ محبت جي مرڪ تي ڳالهائڻ وارو ٽر ۾ هي پهريون مهيشوري(واڻيو) ڏٺو اهي. جنهن جا وار کٽي سفيد ٿي ويا آهن پر من سرخ آهي. ٽر جي انڊيرن سان الجهي سن زوءَ جي ڪتاب"آرٽ آف وار، مان حوالو ڏيندي چوي ٿو تہ،ويڙهہ سان وحدت الوجود جهڙو رشتو قائم ڪرڻ ئي هڪ جنگجوءَ جي سچي سوڀ آهي، مٺان وري ڀڻائي ٿو پڙهي تہ "جي مرون ڪنيم ماس، تہ بہ گڏ هلندم هوت ڏي، هي ڳالهائي رهيو آهي يا لفظن تي روح جا پير رکي من جي ڪيفيتن ۾ لهي رهيو آهي. هي ڪميونسٽ ڪاپڙي آهي يا چاچڙي جي داناءِ درويش آهي. جنهن پنهنجي من جي مندر ۾ ڪنهن مورت جي لاءِ ڏياٽيون جلائڻ جي بدران ساري عمر انسانيت جو الکو رکيو آهي. هن جو شيام انسانيت آهي. هن منهنجي من جي ويچارن ۾ ويڙهيل آنڊ مانڊ محسوس ڪري ورتي ۽ هڪ ٺهڪ ڏئي فيض جو شعر پڙهيو هو تہ:

گر بازي عشق کي بازي هئي،
جو چاهو لگالو ڊر ڪيسا؟

جو جيت گئي تو کيا کهنا،
هاري تو بازي مات نهني،
کب هاٿه ۾ تيرا هاٿه نهين،
کب ياد ۾ تيرا ساٿه نهين،
سو شُڪر کي اپني راتون مين،
اب هجر کي کوئي رات نهين...

پوءِ هن فقير دل جو گوتم جي دل سان رشتو جڙي پيو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. بي خوف، بلد اخلاق ۽ روشن خيال هي شخص جڏهن ليو جتي مليو سدائين زندگيءَ ۾ هن ولولو پيدا ڪيو. هر پيري هن سان ڪچهري ڏيهي، پرڏيهي ادب، انقلاب، المين ۽ تلخين جي اريخ کان شروع ٿيندي آهي ۽ چاچري تي ڪٽندي آهي.

لورڪا ڪير هو؟ پبلو نردا چلي جي چاهت ۾ ڇا چيو هو؟ الندي جي اڪين آگسٽ پنوشي کي ڪيڏي نفرت سان ڏٺو هوَ ليلي خالد کي"اسان زنده رنداسين" جهڙو يقين ڪيئن هو؟ فيض احمد فيض بيروت مان لوٽس (ڪنول جي گل) نالي رسالو ڪڏهن ڪڍيو هو؟ اوريانا ملاسيءَ جو ڪتاب"انٽريوو وٿ هسٽري" پڙهي ڪيترن کي صحافت جو شوق جاڳيو هو؟ جارج آر ويل صحافي سنو آهي يا ناول نگار؟ دنيا تيزي سان جنوڻ ۽ اڻ سهپ جو هجو چو بڻجي رهي آهي؟ هي سٽريل هئڻ جي دعويدار دنيا ۾ انسانيت خلاف جرم ۽ بين القوامي بد اخلاقي چو جاري آهي؟ عظيم انقلابن جا پنيپ ڪڏهن وسامي ويا پر ڪامريڊن جي دل ۾ اڄان انهن جون چٽنگون چانڊوڪي ۾ ڪيئن چمڪنديون آهن!؟ دالر جي تلاش ۾ ڪي سرخ سامرا پيدا نه ٿي رهيا آهن؟ شيخ اياز"هاٿي آءُ نه آءُ، اسان پليو آسرو" جهڙو گيت





ڪهڙي پسمنظر ۾ لکيو هو؟، جهڙن موضوعن تي هي ڳالهائي ته ڀرپور ٿو وجي پر چاچري جون ڳالهيون هن کي پني جي خوشبوءِ وانگر روح کي راحت ڏين ٿيون. چاچري جي ذڪر سان هن کي ماءُ جي پيار جهڙي مهڪ اچي ٿي. انهي تڙپ ۽ تمان جي ڪري گوتم پنهنجي دور ۾ پنهنجي علائقي جو مانائوتو ڪردار آهي. وٽج واپار ڪندڙ قبيلي سان تعلق رکڻ باوجود دنياداري جي گهڻ ۾ گم نه ٿيو آهي. پنهنجي منفرد مزاج واري طرز زندگي ۾ سدائين چاچرو هن جي لاءِ سڀ ڪجهه رهيو آهي. پنهنجون سموريون مرڪون چاچري جي هڪ روسن صبح تان گهورڻ جي آس نراس ۾ هٿ تري تي چاچري جو نالو لکي ويچاريندو آهي ته اڪين مان به لڙڪ تري ايندا آهن. پوءِ درد جي صحرا ۾ تبديل ٿي علي اڪبر راهمي لاءِ ويهي خط لکندو آهي يا جان محمد سمي ڏانهن هليو ويندو آهي، جان محمد کي پيار مان"جان" چوندو آهي. جانو جو گوتم ڪپيل وستو جي گوتم کي آنند تمام ويجهو هو. هُو پنهنجي هر نصيت آنند سان مخاطب ٿي ڪندو هو. "آگ ڪا دريا" جي ڪردار گوتم نيلمبر جي چٽ تي چمپا چانيل هوندي هئي. جانو جي گوتم جي روح تي چاچرو راڄ ڪري ٿو. سروم دکم دکم(سڀ دک ئي دل آهي) چوڻ واري گوتم سروم پيم پيم(سڀ ڊپ ئي ڊپ آهي) به چيو هو. هي جانو جو گوتم چوي ٿو تهڪ"زندگي اسان کي جنم ڏيڻ کان پوءِ وساري چڪي آهي، هي زندگي ته زنده رهڻ جي رسم نڀائي رهي آيه. سک ڌرتي جواڻ پورو سپنو آهي. ڪڏهن وصل جي لمحن ۾ به وڇوڙي جو درد سامهون اچي ويندو آهي. ڇا هن ڌرتي تي پاڻ يا پنهنجو نسل ڪڏهن اوپرا ٿي ويندا سين؟ جيڪڏهن ائين ٿيو ته ڇا تاريخ جو اهو وڏو هاجو نه هوندو!؟، اهڙي ڪيفيت ۾ هن کي ياد ايندو

آهي تہ نورالهديٰ شاهہ پنهنجي هڪ ڪهاڻي ۾ لکيو آهي تہ: ”دين ڌرم کان پرپرو هڪ اهڙو ناتو هوندو آهي جيڪو قيامت جهڙين راتين ۾ بہ ڇڇي نہ سگهندو آهي“ هي ڳالهيون بي معني آهن يا انهن جون هزار معنائون آهن. ڪا حتمي راءِ جڙڻ کان اڳ ۾ پراڻي ساٿي قمر دين راهمي جو تسلي ڀريو هٿ هن جي ڪلهن تي محسوس ٿيندو آهي. انهي ٽاڻي پنهنجو پاڻ کان فارسي جي شاعر سٽن ۾ سوال ڪندو آهي تہ:

”وفا جي داستان ۾ مجبوريءَ جو موڙ ڪٿان آنديءِ؟.

پوءِ پاڻ سنيالي واڪ جي هاني شهر کان اتر اولھ ڪنڌائتي پٽ ڏي روڊ وٺي هليو ويندو آهي. پٽ تي پهچي ڇاڇري جي واريءَ جي مٽ ڪيسي ۾ وجهندو آهي جڻ تہ موتي ميڙي ڪٺي رهيو آهي. پيٽرول پمپ تي تيل پرائڻ لاءِ بيٺل پيجيري وارو وڏيرو اهڙي ريت ڏسي منهن ڦيري وجهندو آهي. پرپمپ جي پر واري هوٽل تي چانهہ جو آرڊر ڏيئي اسپتال مان آندل دوا جي شيشي انگوڇي جي پلي ۾ ٻڌندي بخار ۾ ورتل پنهنجي پٽڙي کي ميرن ڪپڙن وارو ڊاٽيڙو چوندو آهي: ”پٽ ڌرتي جا ديوانا اهڙا ٿيندا آهن.“ ڇاڇري جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ ڪير ڪٿي سڏيندو آهي تہ اکيون پير ڪري وڃجهي وو وڃجي، واري شاعراڻا مصداق جي قائل ٿي هليو تہ ويندو آهي. پر موٽڻ تي ڇاڇرو پنجابي لوڪ گيت جي انهن لفظن جهڙو سوال ڪندو آهي:

چنا ڪٿي گذاريئي رات وي
ميرا دل دليلان دي وات وي.

وطن جي مٽي سان اهڙي جذباتي لڳاءُ رکندڙ گوتم جي راءِ مضمون جي سڪل ۾ هجي يا ڪنهن فورم تي ڳالھ جي ڳونڙي ۾ ٻڌل





هجي پر صورت ۾ تز جامع تنقيدي نقطي نظر سان پوري پر کي هوندي آهي. هن جي مضمون ۾ ”اسان جو سماج پنجاه سالن کان پوءِ ڪيئن هوندو؟““ ٿر جي ترقي ۾ افرادي قوت جو ڪردار“ تبديل ٿيندڙ ترجيحات ۽ چوٽيون“، پاڻي جا پئسا پاڻي ۾ ،“ٿر ۽ غربت“ چور گهر ساڌ گهر وهٽو سميت هن جيترو بہ لکيو آهي، اهو دور انديشي سان سادن لفظن ۽ چٽن مثالن سان لکيو آهي. هن جي انگن اکرن سان سادگي ۽ ادائگي جي سچائي هر وطن دوست ساراهي آهي.

بقول گوتم: ”اديب عالم ۽ سماجي ورڪر جيڪو ڏسي ٿو اهو ٻين تائين پهچائي، معاشري جي بهتري جي لاءِ جاکوڙ ڪري، ظلم ڏسي وائسي چپ ڪري ويهڻ جرم آهي. بي زبان انسانن جي زبان ٿيڻ گهرجي.

گوتم راڻي پنهنجي دوستن قمر دين راهمي ۽ ٻين سان گڏجي هڪ سماجي تنظيم ٿرساٿ جوڙي انهي جي زير نگراني ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي لاءِ سينٽر قائم ڪيو. پوءِ ڇاڇري جي اسپتالن ۾ ايندڙ مريضن جي کاڌ خوراڪ جي لاءِ هم آهنگي رکندڙن مخير ساٿين جي سهڪار سان کاڌو شروع ڪيو. 2010 ۾ اتر سنڌ جي پٽي ۾ ٻوڏ آئي تہ گوتم ڊاڪٽر سوني کي هڪ ننڍڙو خط لکي ڪپڙن جا بہ جوڙا ڪٺي رضاڪارانہ طور تي متاثرين جي مدد جي لاءِ پهچي ويو. ملڪ جي اترين علائقن ۽ ڪشمير ۾ آيل زلزلي جي وقت ڇاڇري جي ڳوٺن مان مدد جو سامان ميڙي پنهنجي حال مطابق پهچايو هو. هن بنگلاديش جي يوم تان هڪ دفعو پنهنجا پيرا گهمايا اتي جي ڳوناڻي ترقياتي ۽ تبديلي جي منصوبن جي پوري طرح جائزو وٺي واپس اچي سمورا سماچار لکت ۾ ڏنا پرگڏوگڏ ٿر جي ترقي جي لاءِ بنگلاديش تجربن جي روشني ۾ رٿا پيش ڪئي.

20 اپريل 1942ع ۾ چيلھار جي ميگھراج راٺي جي گھر ۾ جنم ورتندر گوتم راٺي جا ڇھ ڀائر آهن. ليکڪ ۽ سماجي اڳواڻ گوتم جي وصيت تي وارث ڪيترو عمل ڪندا، پر هُو چاهي ٿو تہ مرڻ کان پوءِ هن جون اکيون ڪنهن ضرورت مند کي ڏنيو وڃن. هن جو جسم اڳني سنسڪار ڪرڻ جي بدران شاگردن جي سکيا جي لاءِ تجربن واسطي سنڌ جي ڪنهن ميڊيڪل ڪاليج يا يونيورسٽي کي ڏنو وڃي.

گوتم راٺي دل جي هڙو ٽڙي ۾ ٻڌل پنهنجي سارن سنڀارن کي کوليندي ٻڌائي ٿو تہ ؛ هن پرائمري کان فائنل جي پڙهائي چيلھار ۾ پوري ڪرڻ کانپوءِ مٺي ۾ داخلا ورتي جتان 1960ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. سائين رائچند هريجن، محمد سومار بجير، يوجراج مهيشوري، هميرچند مينگھواڙ پرائمري ۾ پڙهايو. سائين مناخان وٽ فارسي ۽ پنڊت پونم چند وٽ سنسڪرت پڙهياسين. هن وقت هاءِ اسڪول مٺي جي پويان پاسي جيترو گرائونڊ آهي، ايترو ان وقت هاءِ اسڪول جي اڳيان پڙ هوندو هو. ان وقت مٺي ۾ صرف چار هوٽلون هونديون هيون. ماڻھو هوٽل ڏي وڃڻ جيبدران اوطاقن ڏي ويندا هئا. 1955ع ۾ اسان جو هڪ استاد حامد علي هوندو هو. جيڪو انتهائي سڌريل سوچ وارو ترقي پسند هوندو هو. هِن کي پنهنجي گھر واريءَ کي گڏ گھمندي ڏسي ماڻھو حيرت ۾ پئجي ويندا هئا. انهي وقت مئٽرڪ جو امتحان يونيورسٽي وٺندي هئي. پهرين علامہ آءِ آءِ قاضي وائس چانسلر هو. بعد ۾ رضا دين صديقي آيو. حيدرآباد بورڊ 1962ع ۾ ٺهيو هو. مٺي جي شاگردن جو امتحاني سينٽر ميرپورخاص هوندو هو. اسان ميرپورخاص ۾ پهريون دفعو ريل گاڏي ڏٺي، ريل ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا وسين.





مشهور وڪيل لڌرام ۽ وڪيل هيمراج وارا انهي وقت مٺي ۾ استاد ٿي آيا هئا. پرائمري تعليم سنڌ حڪومت جي حوالي هوندي هئي. جڏهن تہ انگريزي اسڪولن کي لوڪل بورڊ سنڀاليندو هو. پاٻو هر وارو ڪئنراج سوڍو لوڪل بورڊ جو وائس چيئرمين هوندو هو. ٿر جي تعليم تي وڏو ڌيان ڏنو ويو. چوڌري ضياالحق پڙهائڻ جو پلو هو تہ ساڳي وقت وڏي اثر رسوخ وارو هوندو هو. موتيرام ڇهناڻي سوٿهڙ اسان جو وي سي انچارج هوندو.منهنجي ڪلاسي دوستن ۾ منگھارام مالهي چيلھار وارو بهترين استاد ٿيو. اسلامڪوٽ جي موهن لعل بصر مل يونيورسٽي جي امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪئي. مکي لکميچند،سنپومل، رئيس آچار خان مٺي مکيہ ماڻھو هئا. انهن چڱي ريت راڄ هلايو. ان وقت مٺي چيلھار تي روپيا ڪرايو هوندو هو. پر اسان غربت سبب پنڌ ايندا ويندا هئاسين. هڪ دفعو اسڪول جي هڪ پروگرام ۾ استاد مون کي پيرين اپراٺو هئڻ سبب ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. آئون پريشان ٿي ويس پر جتي هجي تہ پائي وڃان. ڪيڏي غربت هوندي هئي. مئٽرڪ اي ون ۾ پاس ڪرڻ تي 49 روپيا اسڪالرشپ منظور ٿي. پر گھرو پريشانين ۽ غربت سبب پڙهائي اڳتي جاري رکي نہ سگھيس. انهي وقت ٿر ۾ نہ ڊاڪٽر هئا، نہ دوائون، نہ سنو ڪاڏو هو. ڪپڙي لٽي جي ٻہ وڏي کوٽ هوندي هئي. 1970ع ۾ منهنجو والد گذاري ويو. مون پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي گھڻو وقت زميندارن وٽ منشي طور ڪم ڪيو. جتي زميندار توڙي هارين کي انتهائي ويجهڙائي کان ڏٺو. ايوب خان جي دور ۾ زمينداري وڏيڪ مضبوط ٿي، سرڙين هارين تي اڄ جي نجي جيلن کان وڌيڪ ظلم ٿيو. انهن وٽ نہ پنهنجو گھر هوندو هو نہ جوڙو هو. چوٿين پتي تي ڪمائيندا هئا. 1973ع ۾ پتي ڪجھہ سڌارا آڻن جي ڪوشش

ڪئي. وڏي جاگيرداري ٽوڙڻ جو منصوبو ناهيو پر عملي شڪل ۾ اچڻ کان اڳ ۾ منصوبي کي منجهايو ويو. ڀٽي هارين ۽ عام ماڻهو کي سجاڳي ڏني. ڀٽي جي تقريرن هينين سطح تائين اتساهه ڏنو. ڀٽي ڪارخانون قومي ملڪيت ۾ آندا. ڪير مڃي يا نه مڃي پر حقيقت اها آهي ته سنڌ ۾ پير علي محمد راشدي، ڀٽي ۽ رسول بخش پليجي جهيڙو ڪو ذهين پيدا نه ٿيو آهي. ملڪ جي آزادي کان وٺي 90 جي ڏهاڪي تائين خبرن يا ڄاڻ تائين پهچ ذريعا محدود هئا. مٿان وري گهڻو دور مارشلا جو رهيو. ماڻهو بي بي سي به لڪي لڪي ٻڌاندا هئا. رابطي جي لاءِ وڏن شهرن ۾ تار ۽ ٽر ۾ لڪڙ تار هوندي هئي. لڪڙ تار وڏو ڪم ڪيو. ڪٿان جي ڳالهه ڪٿي پهچي ويندي هئي ٽر يا ڏڪارن ۾ بئراج ويا ته لڪڙ تار جو نظام پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا.

چاچڙي کي نه صرف مدد خان جي گهوڙن اجاڙيو پر مخلتف موقعن تي چاچڙي جي اجاڙ ٿي. لالا حسن نهڙيو ٽر جي ڳوٺ پڪڙيو جو رهواسي هو. چاچڙي ۾ ٽپيداري جي نوڪري ڪندو هو. 1978ع ۾ هن چاچڙي تي هڪ نظم لکيو هو. جيڪو ڊگهو نظم آهي، ان جا ڪجهه بند هن ريت آهن ته:

چاچڙا! تو ۾ جي گل بدن هئا سي گل ڪٿي،
ماه رُو محبوبڙا، اهي نازنين نرمل ڪٿي،
تنهنجي سيمابي صحن جا، گلشن وبلبل ڪٿي،
زلف زهريلا حسينن جا، ڪنيا قايل ڪٿي،
چاچر تنهنجي چمن ۾، بلبلين گفتار هئي،
جهير جانجهر ڇير ڇم ڇم هر ڳلي هبڪار هئي،
تنهنجي فيشن ۽ فضليت، پُرعجب اسرار هئي،





تو سان پيرس جي شراڪت به ذرا دشوار هئي،
اڄ سبب ڪهڙي پاتل توکي آ ماتمي لباس،
تنهنجي سونهري سطح ڇو اجڙيل آس پاس،

اٿون 1971ع ۾ جيئڻ زميندار کي ڇڏي آيس ٻيهر وي انهن وٽ بئراج واري پٽي نوڪري جي لاءِ نه ويس. ٻه ٽي سال ڇيلهار ۾ رهڻ کان پوءِ 1974 ۾ هڪ عزيز دوست ڊاڪٽر گهنشام جي مدد سان چاچڙو ۾ اچي دڪان کوليو پر 1980 ۾ اوچتي باهه لڳڻ سبب دڪان سڙي ويو. اٿون نانگ چارهي راند وانگر واپس پوئتي ڌڪجي ويس. منهنجي ماسي منهنجا حال ڏسي منهنجي مدد ڪئي وري ڪاروبار شروع ڪيو. 1998ع کان پوءِ مون ڌنڌو ڌاڙي پٽن جي حوالي ڪري ڇڏيو. هاڻي منهنجو ڪم لکڻ، پڙهڻ، سماجي گڏجاڻين ۾ اٿڻ ويهڻ ۽ پنهنجي مٽي جي ماڻهن جي لاءِ سوچڻ ۽ لوچڻ آهي. مون کي سنياس آشرم کان وڌيڪ سماج آشرم وڻندو آهي. بلي شاهه چيو آهي ته:

جيت جيت کي عمر گذاري، هُن تون هار فيقرا،
جيتڻ دا ملهه چونيان، اتي هارڻ دا ملهه هيرا،
هيرا لهناد ڪروڙ ڪوڏي ملهه ڪسيرا،
آکي بلهي شاه جني هار نه مڃي، او بي مرشد بي پيرا.

گوتم راڻي ٽر جي خاص طور چاچڙي جي سياسي سماجي اٿل پٿل ۽ تبديلي جي واقعن کي بيان ڪندي چوي ٿو ته جئندي درس جي درسن جي وڏي هلندي هئي. انهي وقت ۾ ڪنري کان چاچڙي تائين درسن جي ٽرانسپورٽ هوندي هئي. ان وقت ٽر ۾ گاڏيون تمام گهٽ هونديون هيون. چاچڙي ۾ صديق گجو به پاڻ مڃايو هو. صديق اصل سومراڙ جو هو. ٽڙدوس ۽ هيرار ٽيپي ۾ ٽڪرن جو نه ڪو ڳوٺ هو نه

بني هئي. صديقي هڪ هوشيار ماڻهو هو. مٿان وري هن جو ٽپو آزاد هو. وقت جي ويڙ ۾ راجپوت راڄ خالي ڪري ويا، پر ونگي جي ڇامن سان هن جو گهڻو وقت ملاڪڙو متل رهيو. صديق مجاهد فورس ۾ ڇاڇري جا ماڻهو آڻڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. صديق پنهنجي پاڻرن 7 اولاد کي پڙهيا. "نوستارا تحريڪ" ۾ شامل ٿيو. غلام محمد لاٽ به نوستارا تحريڪ جي پاران پيٽي جي خلاف فارم ڀريو پر چونڊ ملتوي ٿي ويئي. ٿر ۾ ارباب امير حسن پيٽي جي سحر انگريزي واري دور ۾ به پيٽو مخالف ڪئمپ ۾ رهندي 22 سو ووٽن تان ڪٽيو هو. صديقي ذاتي طور تي هر ڪنهن جي عزت ڪندو هو. صديق جي همٿائڻ سان هيرا ۽ تڙدوس ٽپي جي ماڻهن ڇاڇري ۾ پنهنجا پير ڄمائڻ شروع ڪيا. ڇاڇرو ۾ نئين بازار ڏاهي ويئي. نور محمد ٽيپو به انهي دور ۾ سرگرم هو. پهرين بي ڊي جي چونڊ ضياءَ ڪرائي، انهنءَ وقت صديق وٽ به ووٽ هئا، هڪ ڪيتي ڀيل جو ٻيو پنهنجو ووٽ هو. هن پنهنجي ٻن ووٽن تي به وڏو اثر ڄمايو. انهي چونڊ ۾ ارباب غلام رحيم ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. محراب گجو ڇاڇري جو اڳ ۾ چيئرمين رهيو هو صديق گجعو. وري پنهنجو ماڻهو چيئرمين طور آڻڻ تي چاهيو. پر يامين نهڙي ارباب امير حسن جو ساٿ وٺي مکڻ بجير کي چيئرمين ڪرايو. صديق گجو لاٽ سان گڏ پير نور محمد شاه جيلاني کي ٿر ۾ وٺي آيو. صوبائي سيٽ تي پير ڪٽيو. قومي سيٽ تي ارباب ڪٽيو. پوءِ اڳتي هلي صديق جو اربابن سان ناهه ٿيو. صديق ميرپورخاص وڃي رهيو. 1990ع ۾ پير نور محمد شاهه جيلاني اربابن جو اتحادي ٿيو.

1993ع ۾ عنايت راهمون برادري جي حمايت سان بيٺو ۽ کٽي وي عنايت جي صوبائي اسيمبلي جي ميمبر ٿيڻ کان پوءِ ڇاڇرو ۾ ڪاهوڙ جو اثر رسوخ شرو ٿيو. 1971ع کان پوءِ ڪاهوڙ جي ماڻهن جو





گهڻو تعلق عمر ڪوٽ سان ڳنڍيجي ويو. هو. سيٺ جمع خان ٽرانسپورٽر جي حيثيت ۾ ڪڏهن عمر ڪوٽ مان ٿر جي ڪنهن به ڳوٺ مڙهه پهچائڻ جي لاءِ روپيو نه ورتو.

ڪاهوڙ رٽمل رانوڙ جو راڻ به رهيو هو. سوڍي نارنگ ديهه جي پرتيم رٽمل جي راڄ ڀاڳ تي مون کي گوتم سان تفصيلي ڳالهه ڪرڻي هئي. پر منهنجي پرسان وينل منهنجو پيارو دوست جانگير ايوب جنجهي گوتم جي ڳالهين جو رخ وري ڪنني ڏانهن موڙي ٿوي ڇڏي. گوتم جي ڳالهه جاري اهي ته، مبارڪ ٿر جي بلوچن ۾ مياندا ۽ سهتو به پاڻر هئا، اهي تر جي سياست ۾ اهم هئا. محمد خان پوليس افيسر هو. بنگل رند ۾ علي بخش رند پنهنجي يونين ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. پيٽي جا هٿ اکر هن وٽ اڄ به سنڀالي رکيل اهن. رندن جي اڪثريت کي خير محمد پرڳڙي جي مدد هوندي هئي. نامور ماڻهن ۾ ڪروڙي جي خان سمون به وڏي اهميت وارو هو. ڪانٽيو مان وسايو نهڙي، يامين نهڙي سان گڏ اڪيلون جي سميجا برادريءَ جو سياسي سماجي ڪردار رهيو.

شهاب دين نهڙي ڪيتار وارو شريف ماڻهو هو. هن جي برادري هئي. جنجهي جي ڳوٺ مان صاحب ڏنو جنجهي چيئرمين ٿيو. جادم جنجهي ميمبر رهيو. صاحب ڏني جنجهي کان وڏيا ۽ آفيسر ڏاڍو ونئون ويندا هئا. هُو وڏي دبدبي وارو هوندو هو. ڪورٽ ڪيسن ۾ ڪنهن کي بخش نه ڪندو هو. روات سر جي عالم پاڻرن جي خدمتن کي ڪير وساري سگهي ٿو. روات ۾ آزدي کان اڳ ۾ پوسٽ جو نظام جڙيو هو.

سائين سچل کي ڳوٺ م سائين سچُو سڏيو ويندو هو. سائين

تمام سچو ۽ کرو ماڻهو هو. ٿر جي تعليم ۾ سچل جهڙو ڪردار ڪير ادا ڪري سگهي ٿو. ڳوٺ وارن جڏهن اسڪول جي لاءِ پلاٽ نه ڏنو ته هن پنهنجي سروي ٻني لکي ڏئي ڇڏي. ڳوٺن مان هڪ هڪ ٻار وٺي اچي پاڻ وٽ رهائش ڏئي انهن کي پڙهائيائين. امان مينهن ٻائي نياڻين کي تعليم ڏني. سائين سترام داس مينگهواڙ دايو هاليپوٽا جو رهواسي سائين سچل جو استاد هو. سائين سچل ڪڏهن پنهنجي استاد جي گهر جتي پائي نه ويو. چا ته استاد جي عزت هوندي هئي. ٽڳنيو جي جمال دين پنهنجي آس پاس ۾ تعليم ڏني. تڙدوس جو ماکن راهمون، منڙيو چارڻ جو سائين موٽومل مينگهواڙ، اسماعيل سنگراسي جو محمد وارث سنگراسي، وڪڙيو جو غلام محمد جنجهي ۽ ٻيا هي سڀ اهي استاد هئا، جن انڌيري ۾ روشني آندي. ع ق شيخ ٿر جي استادن کي اتسهاه ڏيئي ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد وٺي ويندو هو. ٿر ۾ اڪثر آفيسر استادن جو اولاد آهن.

چاچري جي اهم شخصيتن ۾ سيٺ مولشنڪر جو سگهارو نالو آهي. جنهن کي ساسي مقابلن کان پوءِ يوجراج سوڍن جي اڳاوڻ اڪجي چيو هو. منهنجي پٽ لالجي جي پارت آهي. ”تعلقي چاچري جي سورهن تپن مان چوڏهن تپن جي هر هڪ ديهه ۾ انگريزن کان مليل سورهن وڏين جاگيرن سان گڏ ٻيون ٻنيون به اڪثر راجپوتن جون هونديون هيون. راجپوت هر هڪ هاري کان فصل لهڻ مهل هڪ ٻورو ٻاجري جي سنگن جو وٺندا هئا. جنهن کي جالنگ سڏيندا هئا. ڪنهن غريب کي ريشمي ڪپڙو پائڻ، مٿي تي لونگي ٻڌڻ ۽ گهوڙي تي چڙهڻ جي اجازت نه هئي. انهن جي اجازت کان سواءِ غريب ماڻهو پنهنجو کوه نه کوٽي سگهندا هئا. غريب ماڻهو انهن جا محتاج ٿي سڃي ڏينهن





پاڻي پوپان پيا هلندا هئا. بيگرون پيا ڏيندا هئا. واڻين ۽ ٻين ذاتين کان پرڻي مرڻي تي ٽيڪس وٺندا هئا. مولشنڪر اهڙي ماحول ۾ غريبن کي گڏ ڪري راجپوتن کي للڪاريو. هن چاچري جي ٿر ۾ وڏي باراني زمين ورتي اڪجي 1936 ۾ چاچري واري علائقي مان اسيمبلي ميمبر ٿي ويو هو. سيٺ مولشنڪر 1946 جي چونڊن ۾ سامهون فارم ڀرائي، هِن جي لاءِ وڏي مشڪلات پيدا ڪئي هئي. 1952ع ۾ ساڳي سيٽ تي اڪجي جي پٽ لالجي سان چونڊ لڙيو. پوءِ 60 ڏاري اڪجي پوٽي لڇمڻ سنگهه سان مقابلو ڪيو. جنهن ۾ سيٺ مولشنڪر چاچري جو چيئرمين چونڊجڻو. مولشنڪر جي بنگي تي هر وقت ماڻهن جي پيهه هوندي هئي. اوطاق تي آيل هر ماڻهو کي ماني کارائي ويندي هئي. سيٺ عام ماڻهو جو ساٿي هو. ڪيترن ڳوٺن جا غريب شاگرد چاچري ۾ پڙهڻ دوران ماني سيٺ جي بنگلي تي کائيندا هئا. سڀ ۾ پرين پسڻ واري سيٺ مولشنڪر جا وڏا اصل چيلهار جا هئا پوءِ چاچري لڏي ويا. مولشنڪر جو جنم چاچري ۾ ٿيو هو.

آزادي کان اڳ ۾ ڪڏي ۾ موتي ۽ ملجي مهنتا واڻا هوندا هئا. جن جي وڏي هلندي هئي. انهن وٽ پنهنجي مهر هوندي هئي. ميرن جا ڪڏي ۽ چليهار ۾ قلعا ٺهيل هوندا هئا. پر افسوس اهي بچائي نه سگهياسين. چيلهار جي قلعي واري هنڌ تي قبضا ٿي رهيا آهن. پر ڪو روڪڻ وارو نه آهي. ڪڏي ۾ ميرن جي طرفانمغل رهندا هئا. جيڪي ماڻهن کان مختلف ڏنڊ ۽ ٽئڪس وٺڻ جي بهاني سان پئسا وٺندا هئا. اها چوڻ مشهور ٿي هئي ته، ڏيس ڪري ڪمائي ڪڏي ۾ گنوائي، مطلب ڏيهه جي ڪمائي ڪڏي ۾ وڃائي. ٿر ۽ عمرڪوٽ جي سوڍن وٽ پنهنجي صاحبي دوران ڪڏهن ست ويهون سو ۽ ڏهه هزاري لک به هوندو هو.

ڏاٽ جي راٺو ارجن سنگھ 1946ع ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي چونڊ مٿي واري ٽڪ تان چونڊ لڙيو هو. راٺي ارجن سنگهه کان پوءِ راٺي چندر سنگهه پنهنجي وڏن جي ريت روايت کي نڀايو. راٺو چندر سنگهه پيٽي جي ويجهن ساٿين منجهان هو. راٺي کي تاريخ جو وڏو شعو هو. پيٽو صاحب پنهنجي تقرير ۾ ٿر جي حوالي سان اڪثر راٺي چندر سنگهه ۽ ننگرپارڪر واري ڪاپڙي خان کوسي جو ذڪر ڪندو هو. راٺي چندر سنگهه 1988ع ۾ بينظير صاحبہ جو عمرڪوٽ ۾ لانڀي جي ميدان ۾ جلسو رڪرايو هو. جلسي ۾ هن پنهنجي مخصوص لهجي ۾ چيو هو تہ: لانڀو پيٽي ري ڏڪري پري ڪا پڏري رو ميھ(لانڀي جو ميدان پيٽ جي ڏي پري يا پڌي جو مينهن).

هڪ صدي جي پوري تاريخ جا ورق اٿلائيندي گوتم رائي چوي ٿو تہ سائين رائچند هريجن، سائين پانومل، سائين محمد سومار، سائين پوجومل اٽنداڻي، سائين ميگهومل، سائين جئرام داس، سائين چونيلال جوشي، سائين ڏارومل چيلهار جا بهترين استاد هئا. جن جو چيلهار کي اڏڻ ۾ اهم ڪردار آهي. ڏارو مل پنهنجي پڙهائڻ واري ڪرادر جي ڪري ڏار سنگهه بہ سڏبو هو. سائين چونيلال انتهائي سهڻو پرڪشش شخص هو. سائين رائچند پڙهائڻ جي پورهئي سان گڏ"تاريخ ريگستان جو انمول تحفو ڏنو. سائين منگهارام اوجا، چيلهار جو هو. پر ائمري استاد جو آرڊر ملڻ سان ننگرپارڪر تعلقي ۾ وڃي رهيو. اتي هن"پراڻو پارڪر" جهڙو ڪتاب لکيو. ڪچرومل نالي مهراج گهوڙي تي چڙهي وڃي چاچري مان چيلهار جي استادن جو پگهار اسڪولن ۾ آڻيندو هو. سناتن ڌرم وارا ذات پات ۾ جڪڙيل هوندا هئا پر آريہ سماج ۾ ذات پات جو ڪومت پيد نہ هوندو هو. آريہ





سماج وادي مورتي پوڄا جي خلاف هئا. چيلهار ۾ آريہ سماج جو وڏو اثر هوندو هو. رشي ديانند کان متاثر ٿي گٽيس ۽ ٻالومل ٻنهي پائرن شادي نہ ڪئي. سڄي زندگي برهمر چاريہ رهيا. گٽيس ۽ ٻالومل ٻئي پائر درزي جو ڪم ڪندا هئا. انهن جو دڪان چيلهار جي ان وقت جي لکندڙن، پڙهندڙن ۽ سوچيندڙن جو ٺڪاڻو هوندو هو. روزانو سائين رائچند هريجن، محمد سومار، اتمو مهيشوري، رتن چند ۽ ٻيا پڙهيا لکيا سڀ اچي گڏ ٿيندا هئا. الوحيد هندستان، عبرت، ڪاروان سميت مختلف اخبارون اينديون هيون. هند واسي رسالو بہ ايندو هو. اخبارون پڙهڻ سان گڏ سياست، ادب، ثقافت ۽ سماجيات تي بحث ٿيندو هو. تبصر ٿيندا هئا پرماٺهن ۾ وڏي سهپ هوندي هئي. ايوب خان جي دور ۾ ڪجهہ اخبارن تي بندش پئي.

1970ع ڊاڪٽر هرچند راءِ چيلهار ورڪن جي لاءِ آيو هو. پڙهيل لکيل نوجوانن ۾ ڄام ساقيءَ جو جادو هو ڊاڪٽر هرچندراءِ جي لاءِ عزت هئي. ڪو بہ نوجوان ڄام ساقي سان هڪ دفعو ڪچهري ڪرڻ ڪانپوءِ هن جو شاگرد ٿي ويندو هو. ڊاڪٽر هرچند راءِ پوري ميرپورخاص ريجن ۾ هيٺن جو همراه ۽ انسان دوست مسيحا هو. نوجوانن ڄام ساقي ۽ ڊاڪٽر هرچند کي ووٽ ڏيڻ تي چاهيو. "تنهنجو ساٿي، منهنجو ساٿي ڄام ساقي، جا نعرا لڳا. اسان ڄام ساقي جي ورڪ ڪيا پر وڏيرن اسان کي پاڻي جو گلاس بہ نہ پياريو. ڊاڪٽر هرچند جي گاڏي چونڊ جي آخر رات ٿر جي رستي ۾ مختلف حربن سان روڪرائي وئي. چونڊ نتيجين ۾ هيرا ڦيري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. پر انهن حالتن ۾ ڊاڪٽر هرچند ڪڏهن هيٺو نہ ٿيو وري چوندن ۾ اليڪشني وڏيرن ۽ جاگيردارن جي سامهون بيٺو. 1970ع چونڊ جي حوالي سان ڪير پڇندو هو تہ مرڪي چوندو هو تہ:

مت پوڇھ ڪہ ھم ضبط ڪي ڪس راھ سي گذري
تو ديکھ ڪہ تجھ پہ ڪوئي الزام نہ آيا.

ايوب خان جام ساقي کي پوليس آفيسر جي وڏي پوسٽ آفر ڪئي. پٽي صاحب ڪمشنر جي پوسٽ ڏيڻ جي آڇ ڏني پر هن قبول نہ ڪئي. جام سياست جي ذريعي تبديلي آڻڻ ٿي چاهي. آچون نہ مڃڻ تي مٿس سختيون ڪيون ويون. ضياءَ جي دور ۾ بہ هن ڏک ڏٺا. 1988ع ۾ جام ساقي جي چونڊ مهم جي لاءِ يونيورسٽي جا شاگرد آيا. پر ٿري وڏيرن انهن سان وڏا ويل وهايا. چانھ ۾ دستن جون گوريون ملائي ڏنيون ويون اهڙين ٻين ڪيترين ڪريل حرڪتن سان جام جي همدردن کي تنگ ڪيو ويو. زندگي جي اها تلخ گھڙي هوندي آهي جنهن ۾ ماڻهو پنهنجي مرضي کان محروم هجي. چونڊ جو اختيار نہ هجي. اسان کي موروثي سياست تمام وڏو نقصان ڏنو آهي. سائنسدان جو پٽ سائنسدان ٿيڻ ضروري نہ آهي. ڊاڪٽر جو پٽ ڪسٽم آفيسر ٿي سگهي ٿو. وڪيل جو پٽ آبپاشي عملدار ٿي سگهي ٿو پر سياستدان جي پٽ کي سياستدان ٿيڻو آهي.

ٿر ۾ پئسو تمام گهٽ رهيو آهي. ڳوٺن ۾ دڪان بہ گهٽ هوندا هئا. واپاري ڪڙين يا هڙونڙين ۾ سامان کڻي وڃي ڳوٺن ۾ وڪڻندا هئا. سامان جي عيوض اناج يا گيهہ وٺندا هئا. سکر بئراج ٺهڻ کان پوءِ ڪجھ ماڻهن چمڙائو تائين زمين ورتي. ڪڇ جو علائقو انگريز دور کان اڳ ۾ شاهوڪار هوندو هو. ڪڇ جيراجا جي چاندي جو سڪو هلندو هو. ان وقت جا چالاڪ ماڻهن ڪاريگرن جي مدد سان چاندي جا سڪا ناهي مارڪيٽ ۾ آڻي وڏو فائدو حاصل ڪيو. بليڪ وارو سڪو گهٽي تعداد ۾ اچڻ جي ڪري راجا پوئتي پئجي ويو. انگريزن





گهٽي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ مٺي ننگرپارڪر ۽ ڏيپلو کي انتظامي طور تي ٻيچ سان ملائي ڇڏيو جنهن ۾ عام ماڻهو جو وڏو نقصان ٿيو. ٿر جو واٽيو بلوچن تي وڌيڪ اعتبار ڪندو هو. بلوچ حساب ڪتاب جا ٻين قبلين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ چٽا هوندا هئا. ڏيتي ليتي صاف هوندي هئي. ڇاڇري جي پٽي ۾ چارڻن جي وڏي آباد هئي. چارڻن جو ڇاڇري ۾ وڏو اثر رسوخ هوندو هو. چارڻن جي هرڪو عزت ڪندو هو. جو جها ڏان ۽ پرپوڏان انهن چارڻن ۾ وڏا ڪوي هئا.

"ڇوري ڇڪاري ۾ پاڳي کان مدد ورتي ويندي هئي. پاڳي کي راڄن جي ڇڳن مڙسن پاران تحفظ مليل هوند هو. ڪاڳيا جو ٽيڪم مينگهواڙ پاڳي هو. هاڻي هن جو پٽ آهي پر عدم تحفظ جي الميئي سبب هو پنهنجي صلاحتن سان چٽو ڪم نٿو ڪري سگهي. ڇاڇري سميت ٿر جي هر ڳوٺ ۾ ماڻهو لوڙهي، واڙي، وٿاڻ، جڙ ۽ سيڙهي تان وڙهيو وينو آهي. انهن کي سرچاڻڻ، انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ ڪير بہ چار قدم کڻڻ جي لاءِ تيار نہ آهي. ٿر جي ڪامورن ۽ چونڊيل نمائندن ڪڏهن ڪلي ڪچهري بہ نہ رکي آهي. هونئن هڪ ٻني جي جهيڙي تي ڪاموري کي ڪلي ڪچهري رکي ڳالهيون ٻڌي نبيرو ڪرڻو آهي. ٿر تيزي سان تبديل ٿي رهيو آهي. انهي تبديل ٿيندڙ ٿر ۾ قمامي ماڻهو جي سماجي معاشي ڪهڙي حيثيت ٻيهندي؟ هم آهنگي وارو سياءَ اڳتي هلي سگهندو يا نہ؟ اهڙا ٻيا ڪيترائي سوال آهن جن جي جواب جي لاءِ ساڃاهہ وند طبقي ڪيترا انگ اکر گڏ ڪيا آهن. يا سندن ذهن ۽ ضمير سستي گراهہ تي سُن ٿي ويو آهي. سماجي اوسر جي ايجنڊا تيستائين اڌوري ۽ اڻپوري آهي جيستائين ڌرتي جا قديم ماڻهو هن سفر ۾ شامل نہ آهن. سڌريل جي

ڪاوڙ باوجود ڏرتي جو ڏر اوڙڪيڏو مهذب آهي. ڇا دنيا ۾ ائين ٿيندو آهي؟.

مون کي گوتم جا سوال ٻڌندي شيخ اياز ياد آيو سر لوهيڙا ڳيپيا جي صفحي 148 تي لکي ٿو ته. ڇا ٿرٿلو لفظ ٿر مان نڪتو آهي؟ اي سنڌ جي تاريخ مان جواب جي انتظار ۾ آهيان.“ائون گوتم کي چوان ٿو ته شيخ اياز کي ڇاڇرو سمجهه ۾ نه آيو هو هن لکيو هو ته. ”ڇا ٿو سوچي ڇاڇرو...؟ آئو سٺ کي مڪمل ڪريان انهي کان اڳ ۾ گوتم چوي ٿو ته. شيخ اياز اهو به لکيو آهي ته:

ٻر ٻر ٻري ٿو.

چانڊوڪي ۾ ڇاڇرو

ڪوئي انيوءُ اوچتو مون ڏي وري ٿو.

چانڊوڪي ۾ ڇاڇرو

اڄ تائين بي چين ڇو مون کي ڪري ٿو.

چانڊوڪي ۾ ڇاڇرو.

گوتم سان هر ملاقات دوران منهنجي من ۾ اها ڳالهه ڪر ڪٽندي آهي ته. ڪڏهن ڇاڇري واسين کان پڇجي ته. ڇاڇري ۾ اهڙو ڪو ماڻهو نه آهي؟ جيڪو گوتم کي اچي چوي گوتم تون هاڻي ٿڪ پيچ، تنهنجو بچيل پنڌ اسان ڪنداسين هي ڪو قرض نه هوندو پر فرض سمجهي مٿي هاڻ ماڻهن جي لاءِ وڪ وڌيئنداسين. گوتم تون ٿڪ پيچي تازو توانو ٿي ڇاڇري جي تاريخ لک. ائين جيئن تنهنجي ڳوٺائي منگهارام اوجها پراڻي پارڪر جي تاريخ لکي آهي.





# ماما وشن ٿري

مامي وشن تي هي لفظ لکڻ وقت آئون ڀڳتي تحريڪ جي سگهاري شاعر نرسي مهتي جوهيءُ گيت“سانورئي را نام هزار ڪيسي لکان ڪنڪو پتري، لوڪ ڳائڪ مهيشارام ميهگوال جي آواز ۾ گهڙي گهڙي ٻڌان ٿو. سچ اهو آهي ته. مون ڪڏهن لکڻ وقت اهڙي ٻڌتر محسوس نه ڪئي آهي جهڙي مامي تي لکڻ وقت محسوس ڪري رهيو آهيان. مامي وشن جي خدمتن جا رنگ هزار آهن. آئون هن تي خاڪو ڪيئن لکان! ؟ ڪٿان شروع ڪريان !؟

مامي سان ملندي آتما کي سچي سڪون جي سڳنڌ ايندي آهي. بي چين روح آد جڳاد جي جاڳ ۾ جرڪي پوندو آهي. ماما وشن ٿري مايا موه وس ٿيڻ کان بچيل، اوديا جي پيدن کان آجو انسانيت جو سانوريو آهي، جنهن جي رس ليلا دکي انسانيت جي خدمت آهي.

ننگرپارڪر کان نئون ڪوٽ جي پٽي يا ناري جي طرف ويندڙ ڏڪاريل ڏوٿين کي ڪاڏو ڪارائڻ، مٺي جي اسپتالن ۾ تڙپندڙ بي مريضن کي دوا درمل وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪرڻ، مٺي جي سوين ساٿين جي رت گروپ کي ياد رکي وقت تي گهران وٺي اچي رت جي ڪمي وارن مريضن کي رت ڏيڻ ۽ ڏيارڻ، ڏينهن رات ڪوشش ڪري مٺي ۾ ٿرپارڪر سوشل آرگنائيزيشن جوڙي پاڻ جهڙن هم خيال ساٿين جي سهڪار سان رت بئنڪ قائم ڪرڻ، ٿر جي مارو ماڻهن کي رت

چڪاس ڪرائڻ لاءِ همٿائڻ ۽ نوجوانن کي ضرورت مند جي لاءِ رت ڏيڻ تي اتساهڻ، ڳوٺن ۾ رت چڪاس جون ڪئمپون لڳائڻ مٺي ۾ ايمبولنس جي سروس جو بندوبست ڪرڻ، ڏڪاري ڏينهن ۾ مال جي چاري، پاڻي جو جوڳو انتظام ڪرائڻ تائين ڪيترا ڪم ڳڻجن؟ هن جو انسانيت سان عشق اتاهون آهي. ڪنهن ماڻ ماپي ۾ تڪي توري نٿو سگهجي. انهي ڪري هن جي انهن ڪمن عيوض ”ٿر جو ايڌي“ سڏيو ويندو آهي. حاجي محمد دل، اسماعيل ڪنير، ذوالفقار عمراڻي، نظام دين راجڙ، هوتچند سوٿهڙ، راجيش سوني پيشم ڪمار پرڏناڻي سميت سوين ساٿي سماجي ڪارج ۾ مامي جا ٻانهن ٻيلي ٿي رهيا آهن. چيلهار جي سپوت احمد علي چيلهاريي جي فرزند ابوبڪر ميمڻ به سدائين مامي وشن جي ڪارج ۾ سهڪار ڪيو آهي. حيدر آباد جي نامور صحافي علي حسن به مامي جي ڪم ۾ هٿ ونڊايو آهي.

21 آگسٽ 1966ع تي مٺي جي لوهاڻه برادري جي معزز هنسراج مل جي گهر ۾ جنم ورتندڙ ماما وشن ٿري جي اندر ۾ ٻين جي مدد ڪرڻ جو جذبو ننڍپڻ ۾ هيو. مامو ڇهين جي ڪلاس ۾ پڙهندو هو ته سندس والد صاحب کي فالج ٿي ويو. گهر جي آمدني رڪجي ويئي. مالي پريشانيون وڌيون. مامي جو ڀاءُ نارائڻ داس پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي سيٺين وٽ ملازم ٿي ويٺو. هن گهر جي لولي لوڻ جو بندوبست ڪيو. مامي پنهنجي والد کي سدائين کٽ تي سٽل ڏٺو. پر هن جي جيجل پنهنجي پٽ وشن جي پڙهائي جاري رکائڻ جا جتن ڪيا. امڙ مامي کي پڙهايو ته مامي جي ٻي ڀاءُ ڊاڪٽر نند لال کي به پڙهايو. مامي پاڻ غربت جي زندگي ڏٺي 1987ع ۾ هن جو والد گذاري ويو. ان ڪري غريبن ۽ يتيمن جو هن کي وڏو قياس رهندو آهي.





پرائمري جي پڙهائي دوران مامي ڏٺو ته هڪ غريب ڇوڪري وٽ ڪاپيون نه آهن هن ڇا ڪيو ته پنهنجي دوستن کي چيائين ته پاڻ ۾ چندو ڪيو. گڏ ٿيل چندي جي روپين سان گڏ ڪجهه اڌار تي پئسا رکائي ڪاپيون وٺي آيو. پوءِ اسڪول ۾ اعلان ڪيائين ته مارڪيٽ مان ڪاپيون وٺڻ جي بدران مون کان ورتيون وڃن. پندرنهن ڏينهن ۾ ايتريون ڪاپيون وڪاڻيون جو غريب شاگرد جون ڪاپيون ۽ ڪتاب انهن پئسن مان ٿي ويا. مامي جي سماجي شيوا اتان شروع ٿي. پوءِ ٻئراج مان ويندر ڏڪاريل قافلن جي ماني ڀِيي جي لاءِ پنهنجي هڪ جيڏن سان گڏجي مٺي جي گهر گهر مان لولا ميڙي قافلن کي ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو. اهو ڪم ڪندي هن کي سچي راحت ملڻ لڳي. مامي کي ڪنهن گهر مان انڪار نه مليو. پر سماج جي ڪجهه ٺٺول باز ماڻهن وشن جي ننڍي قد سبب چيڙائڻ جي لاءِ مامو چوڻ شروع ڪيو. پر وشن نه چڙيو. هن پنهنجي ڪردار ذريعي سڀن جو مامو ٿي ڏيکاريو. هر جيجل جو ڀاءِ آهي.

هاڻي موبائيل فون جو زمانو آهي پر جڏهن اها سهوليت نه هئي ته رت جي ضرورت وارو ماڻهو ڪڏهن آڌي ته ڪڏهن اسر جو مامي جي گهر پهچندو هو در تي ٺڪا ٺڪ رهندو هو. مامو خوشي سا انهن جي لاءِ نڪري ايندو هو پر ٻيا گهر جا ڀاتي تنگ ٿي پوندا هئا. ايتري حد تائين گهر جا ڪجهه ڀاتي ناراض ٿيا. هن درويشن جي لاءِ مائٽاڻو گهر سوڙهو ٿي پيو. پر هن ڪڏهن اهڙين حالتن جي پرواهه نه ڪئي هڪ پل جي لاءِ ورچي نه ويٺو پنهنجو ڪم جاري رکيو. هن جو پراڻو گهر کتري محلي ۾ امام بارگاهه جي پر سان هوندو هو. هاڻي لوهاڻه پاڙي جي ريل ۾ آهي. ٻنهي هنڌن تان اسپتال پري آهي. ڪڏهن

سواري ملي تہ ڪڏهن پنڌ اچڻو پوي تہ بہ ايندو آهي. جڏهن پاڻ بہ هاڻي بہ چار بيمارين جو مريض ٿي چڪو آهي. ڪڏهن ڪڏهن رت گھرندڙ مريض وارو همراه مامي تي ڏاڪا ہڏي چڙهي ويندو آهي تہ، ماما تون اچڻ ۾ دير پيو ڪرين مريض جي حالت خراب آهي. پر مامي ڪڏهن انهن حالت ۾ بہ منهن ڦٽائي ورندي نہ ڏني آهي.

ڪل پوڳ ۾ سنگت مامي ڪي رت وٺندڙ سڏيندي آهي، ڪاش مامي جهڙا رت گھرندڙ سماج ۾ گھڻا هجن. مون ڪي هڪڙي دوست چيو تہ، مامي جي ڪم جود ائرو هاڻي ٿر جي شهرن، ڳوٺن مان نڪري عمرڪوٽ، سانگھڙ ۽ حيدرآباد تائين پهتو آهي. مون انهي دوست کي ٻڌايو تہ مٺا، مامي جو ڪم اڳ بہ وسيع هو. هاڻي بہ آهي. هي جيڪي مريض مان لاعلاج ڪري ٻين اسپتالن ڏانهن موڪلجن ٿا. انهن ويچارن جي اتي بہ مامو سهارو رهندو آيو آهي. امرجڳديش ملاني جڏهن لانگ مارچ تي هو تہ انهي وقت مٺي جي هڪ مريض کي حيدرآباد ۾ 12 رت جون بوتلون مامي ڏياريون هيون.

آئون مقامي تنظيم جو ميمبر رهيو آهيان پر فقير ماڻهو ٿر جي ٻهراڙي پنهنجو راڄ ڀاڳ ڪو واسطي وارا و مريض اچي تہ رت گھرجي يا دوا درمل جي مدد، اول آخر سهارو مامو وشن سُجهندو آهي. ماما وارو ڪر. هڪ دفعا ڇا ٿيو تہ ننگرپارڪر جي ڳوٺ آڏيگام جا غريب ڪولهي ڊليوري ڪيس ۾ مٺي آيل هئا. رات جو مريض جي لاءِ رت ۽ ماني ٽڪي جي مدد ڪئي سين. ٻن ڏينهن کان پوءِ همراهن جو فون آيو تہ عورت گذاري ويئي آهي. اسان وٽ ڀاڙي جا پئسا نہ آهن. لاش واپس وٺي وڃڻو آهي. مون وٽ جو ڪائي هئي، ان ڏينهن، مون سوچيو تہ هاڻي ڇا ڪريان؟ مامي سواءِ ٻي واهہ ڪهڙي..سڏو مامي وٽ پهتس





پوري ڳالهہ ڪري دنگ ڪئي تہ مامو بندوبست ۾ لڳي ويو. سول سرجن ايمبولنس نہ پيو ڏي، مامي سول سرجن کي ٻڌايو تہ آئون ۽ ڀارو ٻئي گڏ وڃي رهيا آهيون. تون رڳو ايمبولنس ڏي. اسان جو تيل جو بلو ڪري ڪولهين سان گڏ ننگر جي لاءِ نڪتاسين. ننگر پهچي پريس ڪلب وٽ مامو جهول وڇائي ويهي رهيو. ايندڙ ويندڙ کان چندو ميڙي 8 هزار غريبن کي ڪفن دفن ۽ ڪاڏي پيتي جي لاءِ ڏنائين. اهڙيون مٺي جي هر دوست وٽ مامي جون ڪهاڻيون آهن.

ماما وشن ٿري جي تربيت سياسي ڪارڪن واري بہ آهي. سنڌ جي قوم پرست سياست جي مارڳ ۾ پنڌ ڪندي ترم ياترا بہ ڪئي. سختيون سٺيون. مامو ڪامريڊ نند لال مالهي، ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي ۽ لڇمڻ ٿري سان گڏ سنڌ ترقي پسند پارٽي جو حصو هيو پر امر جڳديش ملاڻي، فقير مقيم ڪنڀار، حسن پسايي سان گڏ ٿر ۾ عوامي سياست جو سبق عام ڪرڻ جي جستجو ۾ شامل رهيو آهي. ونگي جي ارباب خاندان ۽ جاڳير جي راڻن جي راڄ ڀاڳ واري سياست جو ساکي بہ آهي. ڄام ساقي، سوڀي گيانچنداڻي جي چونڊن ۾ هن هڪ متحرڪ ڪردار وارو حصو ورتو هو.

هن ٿر ۾ صحافت ۽ ادب جي قافلن سان هر گهڙي سڏ ۾ گڏ ٿي سرگرم رڪن طور نڀايو آهي. مٺي جو ڪهڙو ادبي پروگرام هوندو جنهن ۾ مامو وشن نہ هجي. 60 کان وڌيڪ سماجي تنظيمن جي گڏيل نيٽ ورڪ ماروئڙا ڪوآرڊيشن ڪائونسل جو ٻہ ڀيرا جنرل سيڪريٽري بہ چونڊجڻو آهي. ماما وشن ماروئڙا جي چونڊن ۾ آيو تہ ٻي پينل تي هو پر ڪٽڻ کان پوءِ اوپايي جوڙيجي سان گڏجي ماروئڙا جي لاءِ هن پاڻ ملهايو. اين جي اوز جي مخصوص ماحول مان ماروئڙا کي

ڪڏي عوامي اداري طور ڪڏهن قدرتي وسيلن جي مالڪي جي لاءِ اوپايو جوٽيجو ۽ ماما وشن روڊن تي بيٺا ته ڪڏهن رڻ ڪنڌي جي ڳوٺ ۾ پيئڻ جي پاڻي جو بندوبست ڪيو. ڪڏهن اعليٰ اختيارين کي ٿر جي مسئلن تي خط و ڪتابت ڪئي ته ڪڏهن ننگر جي وانڊيئي ۾ مفت طبي ڪئمپ ۾ ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو.

صادق فقير هن جو ننڍپڻ جو دوست هو مامو هاءِ اسڪول مٺي ۾ پڙهيو جڏهن ته صادق فقير مير واهه گورچاڻي ۾ پڙهندو هو پر جڏهن صادق مٺي ايندو هو ته صادق جو مامو امداد فقير، حاجي محمد دل جو پٽ نياز دل ۽ مامو ڪتري محلي جي پڙ وٽ ويهي ڳالهين جي ڳهر ۾ الوٽ ٿي ويندا هيا. صادق مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ ڪاليج پڙهڻ جي لاءِ مٺي آيو. مامو ۽ صادق فقير انٽر ۾ گڏ پڙهيا. انٽر کان پوءِ ڪاليج واري پاسي بي اي ڪري صادق فقير ايم اي سنڌي ڪئي، جڏهن ته مامي وشني ايم اي اڪنامڪس جو فارم ڀرايو.

مون مامي وشن ٿري حاجي محمد دل ۽ صادق فقير کي هڪ ٻي سان ڏاڍا چرچا ڪندي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. ڪيڏي سهپ ۽ رواداري انهن وٽ رهي آهي. حاجي محمد ۽ تاراچند راڻي جا لکيل اسٽيج ڊراما، استاد حسين فقير، ڪريم فقير ۽ صادق فقير جي ڳائڪي، تاج جويي، سائينداد ۽ امولڪ امر جي شاعري، ساٿي ٻارڙا سنگت ۽ لطيف جا ميڙاڪا، شيام داس جوشي، پرشوتم واسواڻي، ساجن داس چنداڻي جي سکيا، ڪامريڊ نند مالهي جو سنڌي ادبي سنگت ۾ سرگرم رهڻ تائين مٺي جي هڪ اهڙي ادبي تاريخ آهي. جنهن مٺي کي صبح جي سحر ۾ تبديل ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. ماما وشن ٿري ۽ صادق فقير جون سارونڻيون انهي دور جو اثاثو آهن.





صادق فقير مامي وشني جو وڏو خيال رکندو هو. سنڌ جي سمي ۾ جيساڻي جي پاڻي جي پاءِ ساهمي ۾ سير ڪٽندڙ لوهاڻي جو گهر مگڻهار فقير اپو ٻيهي پنهنجي نگراني ۾ نهرائي ڏئي ويو. صادق فقير تي سوچيندي هن جي ڪيفيت اڄ به بنگالي شاعر جي سٽن جهڙي آهي. بي اختياري ۾ ورلاپ ڪري ٿو ته:

”مان ديس وديس رليو آهيان پر ڪنهن کي به پنهنجي پسند موجب پائي نه سگهيو آهيان هن سنسار ۾ ڪوئي به دوست ته جهڙو نه آهي، هاءِ منهنجا دوست آئون ڇا ڪريان؟ تو کي ڪٿي پايان..“ ٻين جي ڦٽن تي مرهم رکڻ واري مامي وشني جي من جي پيڙائن کي صادق فقير کان پوءِ ڪير محسوس ڪري سگهي ٿو؟

ڪيئن تون منهنجي من ۾ پيڙا جاڻي سگهندين
ڏس ته اکين ۾ آهن اوجاڳا ٽڪجي پيا.

صادق فقير کان پوءِ لطيفن به هن کي ڪلائڻ ڇڏي ڏنو آهي. گهڙي گهڙي چتائن جو گهنڊ هن جي روح ۾ وڃي ٿو. وڇوڙي جو ڏک به اڏوهي آهي، سُري جيان هڏي کي کائيندو آهي. مٺي جي دوستن مامي وشن کي صادق فقير جي جدائي جي غم مان ڪيڻ ۽ مامي جي سماجي خدمتن جي مڃتا ڏيڻ جي لاءِ وڏو ميڙ مچايو پر اتي به مامو صادق فقير جي لاءِ روئي پيو ته:

دوست ڀهي ملتي هين، محفل ڀهي جمي رهتي هي.
تو نهين هوتا تو هر شيءِ مين ڪمي رهتي هي.

داغستان جي البيلي شاعر رسول حمزا توف هڪ هنڌ لکيو آهي ته ”ماڻهو ڇهه ورهين جي عمر ۾ ڳالهائڻ سکي وڃي ٿو پر اسي سالن تائين ماٺ نٿو ٿئي.“ ”سو ماٺ نه ٿيندڙ ماڻهو ڳالهائيندو رهي ٿو

مثبت يا منفي اهو هڪ الڳ پهلو آهي. منفي سياءِ ۾ ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ وارن ماڻهن وٽ مامي وشني جي ڪارج تي به ڪيترائي ڳالهين ۾ ليڪا پاتل آهن هڪ ڳالهه جو ڪلي دل سان اقرار ڪندي پاڻ به مڃون ٿا ته مامو به هڪ انسان آهي ته انساني حد تائين ڪميون ڪوتاهيون مامي جي وجود ۾ به آهن. پر اهو ٻڌايو ته بي حسي جي بارش ۾ ٻڏل سماج ۾ ائين انسانيت جي شيوا ڪرڻ جي لاءِ ساڌو ٿيڻ جي لاءِ ڪير تيار آهي.!؟ فراريت جي سرد راتين ۾ پنهنجاپ جا ڏيئا ڪير ٻاري ٿو!؟ هن جو قد ڪٺي ننڍو آهي پر انسانيت جي لاءِ هن جو پورهيو تمام وڏو آهي. پاڻ پڌائڻ چڱي عمل جو موت آهي. مامي وشني ڪڏهن پاڻ پڌايو نه آهي. هن سدائين عاجزي اختيار ڪري نياز نوڙت سان مسڪين جهان خان ڪوسي ۽ نندلال ندن جي چڱيل ڪم ڪي اڳتي وڌايو اهي. اسان جو هي دور جنهن دور ۾ ارون ڏتي راءِ جي لفظن ۾: "ڪجهه به غربت کان وڌيڪ وڪرو نٿو ٿئي." پر هن ڪڏهن به ڪٽي غربت کي وڪرو نه ڪيو آهي. غربت جي غم کي گڏيل طاقت ۾ تبديل ڪري اڻ برابري واري سماج کي لوڙڻ جا وس ضرور ڪيا آهن. مامو وشنو ڪڏهن ڪتي جو ڪکر نه ٿيو آهي، جنهن جي لاءِ لوڪ شاعر چيو آهي ته:

ڪتي ڪکر جر نهين، تون پوري ڏيکي مت ڀول
گُڻ ٿوڙو روپ گهڻو جيسا روهيڙي راتا ڦول

(پوري تون ڪتيءِ جا ڪکر ڏسي ڀلج نه، چاڪاڻ ته انهن ۾ پاڻي نه آهي. انهن ۾ ڳڻ گهٽ، جيئن روهيڙي جا ڳاڙها گل آهن. جن ۾ روپ ته گهڻو هوندو آهي پر خوشبوءِ نه هوندي آهي.

مامو وشنو پنهنجي ڪردار ۾ سانوڻ جو پريل بادل آهي.





سدائين گهنگهور گهٽا ٿي ڏڪاريل ٿر تي وسيو آهي. انجنيئر گيان چند سچ چيو آهي ته: مامو وشن موجوده دور ۾ ٿرپارڪر جو وڏو ماڻهو آهي. لوڪ ساگر جو ڪوي چوي ٿو ته:

مينهان اور موتان گهران هينئان چوڙي م آس،
او برسي تو سرور پري او چوڙي نا نراس،

(اي منهنجا من! مينهن ۽ وڏن گهرن مان ڪڏهن آس نه پلجانءِ، مينهن وسي ته تلاءِ پري چڙي، وڏي گهر جو خانداني ڪڏهن مايوس ڪري نراس نه موٽائيندو).

**مهراڻي جو منڙو**

**ڪوي مانيڪو اوتو**

نوجواني ۾ هو ننگر جي جين مندرن جي آرٽ وانگر موهڻو هو. آيي جا اکت ستارا هن جي سونهن تي هرڪندا هئا. ڌرتي جي هن دلبر ڪوي کي مالڪ صورت سان گڏ ذات جي انوکي مٺيا ڏني هئي. هن جي من جو شعور سچ ـ اُهاءَ ڪري چمڪيو هو. هن جي شعرن جي اڌام ذات جي ڏيهه مان ائين ٿيندي هئي، جيئن باک ڦٽي جو آکيري مان پکي اڏرندا آهن. ڏينهن تتي جو جيئن تاءُ ٿيندو آهي، ائين اڪري رات تي هن جو رت اُبڙڪا کائيندو هو. پيڙهيل انسانن جي اندر ۾ ويڙهه جو دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪرڻ جي لاءِ هن جي دل ڌڙڪندي هئي.

ڪيسين رهندي ڪاري رات،
نيٺ ته ٿيڻي آ پربات،
ڏينهن به تي آ ڏک ۽ ڏاڍ
آخر ٿيندي ظلم جي مات

هن جي شاعري عشق جي باري ۾ آهي. ڌرتي ۽ سرتي جي عشق ۾ سرجيل آهي. بائرن جي لاءِ هڪ نقاد وليم جارج لکيو هو ته:
”هن شخص جي شاعري عاشقن جي دلين جي باهه آهي. آئون وليم جا لفظ اڌارا وٺي لکڻ ٿو چاهيان ته مانيٽي جي شاعري عاشقن جي دلين جي باهه آهي. پنهنجي پيار کي سڏيندي مانيٽي چيو هو ته:

سائڻ اڄڪلهه آهيان مان،
پوياڙيءَ جي پاڇي جان!

ڪڏهن ڪڏهن تون ملندي وچ،
تو کي زخم پنهنجا ڏسيان

هن جي اندر جي آرزو هئي ته پيار هن تي چوماسي مينهن وانگر وسي، تيز وڏڦڙو تي ٻوڙان ٻوڙ ڪري، پر ڪڏهن ڪڪر ڪارونڀار نه ٿي نهايو. پيار جي ڦڙي جي لاءِ هن جو روح سڪندو رهيو. پرين جي زلفن جي نيري ڇانوَ کان سواءِ هن زندگي ۾ ٻيو ڪجهه نه گهريو هو. هن جي پيرن جو پنڌ ۽ من جي تڙپ پيار جي الاءِ هئي. پر ڪڏهن هن وٽ نه آيو هن جي حصي ۾ اوسيئڙا ئي آيا:

روح جا ريلا، هاءِ اڪيال، سڏڪي توکي ساريان
ڊوليا ويني واٽ نهاريان.

--

گهايل منهنجو من گهبرائي،
آئين چو نه الائي

آئون جڏهن مانيٽي جي شاعري جو اڀياس ڪندو آهيان، تڏهن منهنجي اندر ۾ الائي ڇو اهو سوال اڀرندو آهي ته نزار قباني





وانگر هن ڪچي وهي ۾ شاعري ڪرڻ جو ارادو ڇو ڪيو هيو؟ منهنجي سوال تي هن جي شاعري خود جواب ٿي پوندي آهي ته. مانيٽي اوٺي تمام مختصر عمر ۾ ڏکن کي سڃاتو هو. هن جي جيون ۾ ڏينهن جي ڏکن ۾ راتين جي اوجاڳن هڪ کي توريو هو. هن جي حساس روح کي ڪيترين اذيتون مليون هيون. هن منو مڌ ڇڏي ڪڙي جي ڪيف جي لاءِ پيڙائن وارو پنڌ ڪيو هو.

دک جو ڪونهي ڪوئي دنگ
جيون ڪاريهر جو ڏنگ
سوچي سوچي ذهن ٿڪو آ،
ذهن تي جو آهي زنگ

پر اهو ڪنهن نه ڄاتو ته حساس دل هڪ پيرو رني ته هُن کي سرچاڻ ۽ ريجهائڻ مشڪل ٿي پوندو. 2 فيبروري 1952ع تي مهراڻي جي ڳوٺ ٻلاول اوٺي (خانور اوٺا) ۾ علي محمد اوٺي جي گهر ۾ جنم وٺندڙ مانيٽو اوٺو رڻو به اهڙو جو هن جو لاش ڄامشوري جي پل جي پائيتاليهه دروازي وٽان مليو.
چون ٿا ته جديد شاعري جي وڏي نانءُ شيخ اياز مانيٽي اوٺي کي روبرو چيو هو ته مانيٽا! تنهنجي نالي ۾ ٻه ٽ آهن. ڊپ لڳي ٿو ته ڪٿي ٽڙڪي نه پوين.
مانيٽي اوٺي جي موت گهٽن کي گهايل ڪري ڇڏيو هو.
مانيٽي جي دوست، سنڌي ٻولي جي سهڻي ساعر سائينداد ساند روئي چيو هو:

..... ڪو ٻڏي نه ٻڏي، آئون تنهنجا سڏڙا ٻڌان ٿو او مانيٽا،
مون کي پل پل ڏوراپا ته نه ڏي!

مون کي تنهنجي اڪيلي هئڻ جو احساس آهي،

اجهو توکي رسيس مانيٽا،

زندگيءَ جون رهيل زنجيرون به ڪترڻ ڏي.

مانيٽي پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان ورتي. ذهين هجڻ جي ڪري هن ٽيون ۽ چوٿون درجو ڊبل پروموشن ۾ ڪيا. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٺي مان ڪري گهر اچي ويهي رهيو. چاڪاڻ ته سندس والد صاحب غربت سبب اڳتي پڙهائي نٿي سگهيو. پنهنجي دور جي نامور استاد ۽ مانيٽي اوٺي جي چاچي عبدالهادي کي اها خبر ملي ته هن مانيٽي کي اتساهه ڏيئي پنهنجي خرچ تي پڙهائڻ جي لاءِ شاهه لطيف ڪاليج ميرپورخاص ۾ داخلا وٺي ڏني. انٽر ڪرڻ کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان بي اي فرسٽ ڪلاس مان ڪيائين.

شيخ اياز جڏهن سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ٿي آيو ته نامور ڪهاڻيڪار، ڊرامه نويس ۽ ليڪڪ عبدالقادر جوڻيجو مانيٽي کي شيخ اياز وٽ نوڪريءَ جي لاءِ وٺي ويو.شيخ اياز مانيٽي کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ اسسٽنٽ لائبريرين مقرر ڪيو ۽ مانيٽي نوڪري دوران سنڌ يونيورسٽيءَ مان واري شفٽ ۾ لائبريري سائنس ڊپارٽمينٽ مان ڊپلوما جو ڪورس ڪيو ۽ جنهن ۾ هن سڄي سنڌ ۾ ٽيون نمبر حاصل ڪيو.

مانيٽي اوٺي کي علمي ادبي ڪتاب پڙهڻ جو ننڍپڻ کان چاهه هو. لکڻ جي شروعات اسڪول جي زماني کان ڪيائين. هن جي گهر ۾ ادبي ماحول هو. سندس رهنمائي جي لاءِ وقت جو نامور استاد عبدالهادي ۽ عوامي شاعر بلاول اوٺو مليا. آئون چاهيان ٿو ته مانيٽي





جي خاڪي ۾ سائين عبدالهادي جو ٿورو احوال ڏيئي پڙهندڙن کي مانيٽي جي هن محسن هستي کان واقف ڪرايان. 10 جنوري 1937ع تي جنم وٺندڙ عبدالهادي سچ ته وڏو ماڻهو هو. ماڻهو کي مان مرياده ڏيڻ ۽ علم دوستي جو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مهراڻي جي پٽ ۾ هن جي جوڙ جو ڪير نه هو. ٿاڌات جي مولوي نصير الدين ساهڙ وٽان تعليم پرائي 5 جولاءِ 1954ع پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1959ع ڌاري حيدرآباد جي ٽريننگ ڪاليج ۾ پرائمري استادن جي ڪورس ۾ سڄي سنڌ مان پهريون نمبر کنيو. عبدالهادي کي سنڌي سان گڏ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ عبور حاصل هو. پوري ٿر ۾ مثالي ۽ محنتي استادن جي فهرست ۾ هن جو نالو ڳڻيو ويندو آهي. کيس .بهترين استاد“ جو ايوارڊ به مليو. پرائمري تعليم جي درسيءَ ڪتابن جي جائزي طور هن مضمون پڻ لکيا. 1990ع کان 1994ع تائين تعليم کاتي ۾ يونين ڪائونسل جوڙئو جو سپروائيزر ٿي رهيو.

مانيٽي جو چاچو بلاول اوٺو عوامي شاعر آهي، جنهن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي گلوڪارن ڳائي جهرجهنگ گونجائي آهي. هن وقت ريڊيو پاڪستان مٺي تي آبادگارن ڀائرن جي لاءِ پروگرام ”ڏاڏي جي ڪچهري ۾ ڏاڏي جو ڪردار ادا ڪندو آهي.

مانيٽي ڪيترائي شعر، ڪهاڻيون، مضمون ۽ ريڊيائي فيچر لکيائين. هن جو لهجو نرالو آهي. مانيٽي جي شاعريءَ جو هڪ مجموعو ”وڇوڙي جا گيت“ سندس وفات کان پوءِ دوستن سنڌي ادبي سنگت، سنڌ يونيورسٽي شاخ 1983ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. مانيٽي جي رهيل شاعري اخبارن ۽ ڊائرين تان اتاري سندس سوٽ نوجوان ليکڪ زاهد اوٺي ”روح رنو اڌ رات“ نالي ڪتاب ۾ ترتيب ڏيئي

2005ع ۾ ڇپائي. مانيٽي لائبريري سائنس تي ڪيترائي مضمون لکيا. جن کي ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. مانيٽي سنڌي ڪتابن جي هڪ ببلوگرافي تيار ڪئي هئي جنهن کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوريو پاران 1989ع ۾شايع ڪئي ويئي. مانيٽي جون کهاڻيون ڪمال جون آهن جن کي ميڙڻ جو اجان ڪنهن ويچار نہ ڪيو آهي.

مانيٽي کي لفظن جي آڳ ۾ جلڻ ايندو هو. پيار جي پنڌ ۾ تخليق جي گرمي سان ٻسمبر ڏهاڙن کي جون جي آرهڙ ۾ تبديل ڪرڻ جي سگهہ رکندو هو. هن کي پنهنجن مارن سان محبت هئي. ڄامشوري جي پٿريلي پٽ تي ٿر کي ساري لکندو هو تہ:

هجن خوش هميشہ پاڙيچا پنهوارن،
اٿم جيءَ ۾ جن جي سدائين سنڀار
رهن روهڙي ۾ ٿاريلن جا ٿاڪ

مانيٽي مقامي ٻولي ۽ ان جي روايتن جي خوبصورتي کي ڪڏهن هٿان نہ ڇڏيو. ٿر جي لوڪ ادب تي بہ مانائتو ڪم ڪيو هو. وقت جي ستم ظريفي سبب نہ ٿي سگهيو. مانيٽي جي ڊائرين ۾ ٿر جا لوڪ گيت ميڙيل ملن ٿا.





نامور استاد ۽ ماحول دوست

# خضر سمون

ٿر جي باراني زمين جي وڏي زميندار محمد عرس سمي جي گهر ۾ 1967ع تي جنم وٺندڙ خضر سمو، راڄ نيتي جو راڻو، استاد ۽ ماحول دوست منش آهي. هن پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مالسريو منو مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ گورنمينٽ مڊل اسڪول سندر مان اٺون پاس ڪري مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول اسلام ڪوٽ مان ۽ انٽر ڊگري ڪاليج مٺي مان پڙهي نڪتو.

مائٽن وٽ اتم کيتي ۽ مال آهي لال واري سپاءُ هئڻ جي ڪري پڙهي ڳوٺ اچي ويٺو. سما برادري جي عزيز سائين عبدالشڪور جي اتساهہ تي نوڪري جو شوق پيدا ڪري 1983ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد طور پرتي ٿيو. هن جي پهرين مقرري ننگرپارڪر جي ڳوٺ پاڻسر ۾ ٿي. پوءِ سڄو عرصو پاڻسر جي ويجهن ڳوٺن سڪپور ۽ ڪاڙڪي ۾ استاد ٿي رهيو. اتان ئي نوڪري تان رٽائر مينٽ ورتائين. سائين خضر جو والد صاحب محمد عرس نرم مزاج رکندڙ راڄ نيتي وارو شخص هو. جڏهن تہ سندس چاچو مير محمد ارڏي طبيعت جو ڏٽي، اٺ ۽ گهوڙا ڊوڙائڻ جو شوقين ۽ موسيقي جو ٻڌندڙ هو. ٿر جي راڄ مڙسن ۾ ٻنهي کي منفرد حيثيت حاصل هوندي هئي. راڄوٽي تعلقات ٿر ۽ لاڙ کان وٺي سانگهڙ ۾ نواب شاهہ تائين وسيع هئا.

ونگي جي ڄامن ۾ ارباب الهجڙئي ۽ ارباب امير حسن سان هن جي خاندان جي وڏي ويجهڙائپ رهي. مير محمد سمون نشي واري ڪاري غنودي ڪٽڪي واپرائيندو هو. ان ڪري ارباب امير حسن ۽ ارباب غلام رحيم مير محمد جو نالو ”ٻنڌاٽي“ رکيو. محمد عرس ۽ سندس ڀاءُ تعصب کان آجا سڀ ۾ پرين پسڻ وارا هئا. ننگرپارڪر جي اڪا سوڍن، پاٻوهر جي نرن سوڍن ۽ اسلام ڪوٽ، ڏاني ڏانڊل، ڪاسٻي ۽ ننگرپارڪر جي لهاڻن سان ويجهڙائي وارا تعلقات رهيا. مير محمد مسڪين جي دانهن تي ڪنهن بہ ڏاڍي سان اٽڪندي دير نہ ڪندو هو. غريبن سان ٻي واجبي ٿيڻ نہ ڏيندو هو. غريب مسڪين ماڻهن کي تنگ ڪرڻ ٻلونت سنگهہ سان بہ وڙهي پيو. ڪيسوڀاءِ جيان مير محمد بہ ٻلونت سنگهہ سان بہ وڙهي پيو. ڪيسوڀاءِ جيان مير محمد بہ ٻلونت سنگهہ کي ٻليو چوندو هو. ٻلونت سنگهہ جڏهن پڙ تپايو تڏهن ويرا واهہ جي ڪونڙي جي ڏٽي اپيهہ سنگهہ وٽ ڇڏيل مينهون ڪاهي اچي نئون ڪوٽ ۾ ارباب الجهڙئي جي بنگلي ۾ رهيو. پر ڪڏهن هار نہ مڃيائين.

خضر جي خاندان مان بيباڪي جي حوالي سان امين محمد سمون بہ مشهور رهيو آهي. جنهن انگريز دور ۾ غريب ڪولهي سان اڻ وڻندڙ رويوا ختيار ڪرڻ تي انگريز عملدار کي چماٽ وهائي ڪڍي هئي. امين محمد جو پٽ نواب واقعي نواب هو. فائينل سنڌي پاس نواب کي تاريخ، تهذيب ۽ لوڪ ادب تي وڏي ڄاڻ هوندي هئي.

اهڙو خانداني پسمنظر رکندڙ سائين خضر پنهنجي روايتن جو امين آهي. مزاج جي ملنسار ۽ رحم دل شخص جي فطري حسناڪي سان وڏي محبت آهي. مالسريو جي سيم سڄاٽپ گهاٽي





وڻڪاري ۽ جهنگلي جيوت جي گهٽائي آهي. سندر کان ٻاراچ ڏانهن ويندڙ روڊ لهي مالسريو مير محمد جي ڳوٺ ڏانهن رخ ڪبو آهي تہ گهاٽن ڪٻڙن ۽ ڏگهن ڪنڊن جي پرسان ڳوٺ جي رليي ۾ ڪنهن گهڙي سهو ڊوڙيندي نظر ايندو آهي تہ ڪنهن مهل مور متڪو رمندي ملندا آهن. ڪنهن پل تترن جي تيز اڏار جو آواز ايندو آهي تہ ڪنهن ٽاٽي ٻاٽي ٻاٻيهن جي ٻولي روح ۾ پيهي ويندي آهي. ڳوٺاڻن ڀاران وڻ وڍن ۽ شڪار ڪرڻ تي مڪمل پابندي اهي. انهي ٻڌي ۾ سائين خضر جو اهم ڪردار آهي. خضر کي ٿر جي ماحوليات جي وڏي ڄاڻ آهي. سولي سنڌيءَ هي پرائمري استاد رهندڙ سمون ٻڌائي سگهي ٿو تہ ڊيزرٽ ايڪولاجي، جي خصوصيت ڪهڙي رڻ ڪڇ سينچري جو سار سنڀار منصوبو نہ جڙڻ جي ڪري هي نقصان ٿي رهيو آهي. فطرت ۾ فوڊ چين جي اهميت انهيءَ ڪري آهي. ڪارونجهر جي نيشنل پارڪ ٿيڻ سان ٿر جي ماحول کي هي فائدو ٿيندو آهي.

پارڪر جي پٽ ۽ ڪارونجهر جي پهاڙي سلسلي کي هن وک وک تي پرکيو آهي. ننگر پارڪر جو وڻ وڻ هن کي سڃاڻي، جڙي ٻوٽين جي خوشبوءِ هن جي روح ۾ سمايل رهي آهي. اهي بہ ڏينهن هيا جڏهن پيلي گهوڙي تي چڙهي پارڪر ڏانهن هلندو هو تہ وانديون وانديون هن آڏر ڀاءُ جي لاءِ شيخ اياز جي سٽ جو هوبهو عڪس ٿي پوندو هو تہ:

آءُ تہ آڏرڀاءُ ڪري ڪو،
تنهنجو آڏرڀاءُ ڪري!

پر هاڻي طبيعت ۾ پوڙهاپڻ جو واٽرو ورڻ جي ڪري هن کان سفر ٿئي نٿو پر ڳالهين جي ڳهير ۾ اڄ بہ پورو پارڪر لتارڙي ايندو

آهي. سامي ويريءَ جي سچ نامياري سماج سڌارڪ مسڪين جهان ڪوسي سان هن جا خانداني واسطا هئا. ڪيترائي ڀيرا مسڪين جي چوڻ تي گهوڙي تي چڙهي غريبن جي مدد جي لاءِ ويو. ڪارونجهر جي ڏرتي ڏنين جي دوست دلبر ڪوسي سان پارڪر ۾ رهڻ دوران دوستي ٿي. دلبر جي ڪچهري ۾ اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. مسيڪن ۾ دلبر جي ذڪر تي خضر چوي ٿو ته چا ته ڪونڌر مڙس هئا. عام ماڻهو جي خدمت ڪير ڪرڻ چاهي ته مسڪين ۾ دلبر جي واٽ اختيار ڪري. مسڪين جهان جي ڇڏيل مشن کي دلبر خان ڪوسي اڳتي وڌايو. مسيڪن وڏيرن جي ڏاڍو ۾ ڪاموڪي ڪلور جي خلاف وڏي وڙهاند ڪئي، ننگرپارڪر ۾ عام ماڻهو کي جيئڻ جو حق ڏياريو. پر مسڪين جي وفات کان پوءِ پرماري قوتون وري متحد ٿي غريبن تي ڪڙڪڻ لڳيون ته، دلبر ڍال ٿي آيو. ونگارن جو ڀيهر خاتمو ٿيو. دلبر ننگرپارڪر جو چيئرمين چونڊجي آيو ته غريبن جي گهرن ۾ مناٽي ورهائي ويئي. دلبر روز شهر جو پيادل دورو ڪندو هو. مختلف پاڙن ۾ ڳوٺن ۾ ڏينهن مقرر ڪري کلي ڪچهري ڪندو هو. دلبر هر دڪان ۾ گهر تي وڃي ماڻهن کان پڇندو هو ته مسئلو هجي ته ٻڌايو.

دلبر پنهنجي ذات جي لاءِ ڪا به ملڪيت نه ناهي، غريب ۾ گذارو ڪندو هو. دلبر جي اوطاق تي سدائين ماڻهن جي رش هوندي هئي. گهر ۾ جيڪو به لولو پڪل هوندو مهمانن جي لاءِ ڪجهي ايندو هو ڪڏهن ڪڏهن گهر ڀاتي فاقاڪشي جي عالم ۾ رهندا هئا. دلبر جي پٽن جو اڄ به ننگر شهر ۾ هڪ به ذاتي پلاٽ نه آهي. دلبر جي جڏهن هي جهان ڇڏيو ته هزارين ماڻهو جنازي ۾ شريڪ ٿيا هئا. غريب ڪولهي اوڇنگارون ڏيئي رنا هئا.





سائين خضر سان ٿر جي سماجيات تي ڪچهري ڪرڻ مهل جيڪڏهن محفل ۾ مامو الهندو هوندو ته منڍي تي ٽڪ، پوءِ سچ ڪٿي يا ٻج ڪٿي. ڳالهه جو سنڌو نه ايندو. جتان سائين خضر ڳالهه ڇڏيندو اتان مامو الهندو ڳالهه کڻندو. ٻڌندڙ وينو ٻڌي، لوڪ ادب جي قصن ۾ ڪهاڻين ۾ وري سائين خضر جو وڏو ڀاءُ اسان جي پياري دوست، شاعر ۽ نثر نويس ناشاد سمي جو والد صاحب چاچو نار محمد ڄاڻو آهي. پر هاڻي نار محمد ڪنن کان ٿورو وڏو ٿيڻ جي ڪري ڪچهري ۾ گهٽ حصو وٺي ٿو. پر اوطاق جي ڪچهري ۾ سائين خضر چوندو آهي ته ادا وڏي ڪان لوڪ شعر يا قصو نه ٻڌوسين ته محفل ۾ ڪمي رهجي ويندي، ائين ڀاءُ جو اسرار نار محمد کي ڪچهري ۾ شامل ڪري وجهندو آهي.

سائين خضر ۾ چاچو نار محمد ٻئي ڀائر سٺا گهوڙيسوار رهيا آهن. پلن گهوڙن ۾ ڍڳين جا نسل آڱرين تي ڳڻي ٻڌائي سگهن ٿا. چاچو نار محمد اڃان به پلا گهوڙا ڏارڻ ۾ ٻني سنڀالڻ شوق ڪرڻ جي جستجو ڪري ٿو. هن اهڙو شوق پنهنجي پٽ اياز کي به ورثي ۾ ڏنو آهي. جيئن سندس ڏاڏي سچڻ مالداري جو شوق ورثي ۾ ڏنو هو.

ٿر جي مالدار ڀاڳين وٽ سچڻ ۾ سندس ڍڳين جي ڳنوار ٻانيٽيو پيل جي ڍڳين کي سنڀالڻ واري ڪهاڻي مشهور رهي آهي. چون ٿا ته سچڻ سمي وٽ ٻانيٽيو پيل نالي ڍڳين جو ڳنوار هو. وڏي محنت سان ڍڳيون چاريندو هو. ڍڳين جي سار سنڀال تي ساهه پساهه ڏيندو هو. هڪ ڀيري ڳوٺ ۾ گاهه اناڻ سبب سچڻ وارا ڀالوا جي پرسان ڳوٺ مهلاڻو ۾ گاهه جي سانگي ترسيل هئا. ڍڳين کي تسي تي پاڻي پياريندا هئا. معنيٰ هڪ ڏينهن ڇڏي ٻي ڏينهن تي پياريندا هئا. ڍڳيون کوهه تي

اڄ سبب ڊوڙنديون ايندڙيون هيون. انهن کي روڪڻ مشڪل هوندو هو. هڪ ڏينهن ڪجهه همراهن پوڙهي سڄڻ کي چيو ته تنهنجي ڳنوار کي پلو ته تڏهن سمجهون جڏهن تسي تي ايندڙ ڍڳيون پاٽي پياري کوهه تان واپس واري ڏيکاري. سڄڻ پانيٽيئي سان صلاح ڪري شرط رکي. ٻي ڏينهن کوهه تي ميڙو متو. ڍڳيو تسي تي پاٽي پيئڻ جي لاءِ اڃي رهيون هيون. ٻانيٽيو مانڪو وينو رهيو جڏهن ڍڳين واڙي ۾ پاٽي پيئڻ جي لاءِ منهن وڌو تڏهن نال ڪري هن واپس واريون. سڀ ڍڳيون پاٽي پيئڻ بنا واپس موٽي آيون. ائين ٻانيٽيئي شرط کٽي ورتو. سڄڻ جو ڪنڌ فخر سان اونچو ٿيو.

چون ٿا ته ساڳي ڳوٺ جي سيم ۾ ڍڳيون چاريندي رات جو ڪنهن همل ٻانيٽيو اک پيڙي ڪرڻ جي لاءِ ستو ته پيئڻ ڦوڪي ويئي. ٻي ڏينهن ڍڳيون وٿاڻ نه آيون. سڄڻ ۽ سندس ساٿي واهر ڪري پهتا ته سيم ۾ ٻانيٽيو ستو پيو آهي. سڀ ڍڳيون پرسان چوڪيس بيٺيون آهن. ٻانيٽيئي جو ديسي علاج ڪيو ويو پر بچي نه سگهيو. ٻانيٽيو کي زمين داخل ڪري وارث گهر موٽيا، ڍڳيون بني تي رانيانا ڪري پيون. ست ڏينهن ڍڳين ڪجهه نه کاڌو پيتو. پيل رهيون. ائين ڏينهن تي ڏهه ڍڳيون سان ڍڳي سميت مري ويون..

پياري دوست ناشاد جي پاءُ اياز جي ڍڳين جي ولر مان هڪ ڍڳو 2014ع ۾ چار لک ۾ گهُرجي ويو پر هن نه وڪيو. مالڪ ڪري اهڙن پاڳين جو وٿاڻ سدائين آباد رهي.

سائين خضر پڙهائڻ دوارن تعليم جي لاءِ ٻارن کي تمام گهڻو اتساهيو. هن جو شمار استادن مان آهي. جن اونداهه ۾ روشني ڏيکاري . هن علم ذريعي سنسار کي انصاف ۽ محبت جي ماڳ ٻڌائڻ چاهيو





آهي. علم جي روشني، کي زندگي جي روشني سري عام ڪئي. علم جون جهوليون پري غريب ۽ مظلوم ماڻهن ۾ ورهايون. هن متي سان ازل جي ناتي کي علم سان پريت جي وچن طور نڀايو.

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قابلو بليٰ قلب سين تڏهن تت چيوم،
تنهن وير ڪيوم، وچن، ويڙهيچن سان.

اسان جي سهڻي شاعر ۽ نثر نويس دوست ناشاد سمي جي تربيت ۾ سائين خضر جو وڏو هٿ آهي. نه سائين خضر جي طبيعت ۾ نٽ نانگر ۽ وڏائي آهي نه ئي اسان جي دوست ناشاد ۾ آهي. فقيري جي اميري ۾ رهندڙ سائين خضر جي اوطاق جو دستر خوان ڪشادو آهي. سائين خضر جي اوطاق تي راڄ پاڳ جا ماڻهو مهمان ٿيندا آهن ته سنڌ جي علمي ۽ ادبي حلقن جا هنس به علمي، ادبي اڃ اجهائڻ ۽ روح ۾ ثقافتي تازگي اتارڻ جي لاءِ پهچندا آهن.

سائين خضر ناشاد جي دوستن کي پنهنجي اولاد وانگر پيائيندو آهي. اسين زماني سازي ۾ جڏهن ٿڪي ٽٽي پوندا آهيون تڏهن مالسرئي ڏانهن سائين خضر جي اوطاق تي هليا ويندا آهن. پٽائي ياد ايندو آهي ته:

الا جنگ جين، جني اجهي آئون گهاريان.

نامور مسيحا ۽ محقق

# ڊاڪٽر عزيز

هاڪڙو تهذيب جي عظمتن جو وارث سانوري رنگ جو هُو سنهڙو ۽ قداور شخص اکين تي عينڪ چاڙهي اچي دانشور وانگر ملندو آهي، تڏهن مون کي شيخ اياز جو هي بيت ياد ايندو آهي تہ:

هونئن تہ آءُ آزاد، جيئن هُو پنڇي واءُ ۾،
پر تون مون کي داد، مور نہ ڏيندين جيئري.

پر هن اشراف انسان ڪڏهن داد جي لاءِ پاندُ ڦهلايو نہ آهي. هن جي سدائين جستجو رهي آهي تہ پنهنجي حصي جو ڪم ڪري وڃان. هن زندگي جي لاهن چاڙهن ۾ ثابت قدم رهي سماج جي لاءِ اميد جا جذبا پيدا ڪيا آهن. هن نئين نسل کي روشن آئيندي جي ڄاڻ ڏني آهي.

سرڪاري نوڪري تان رٽائرمينٽ وٺڻ کان پوءِ ڊاڪٽر عزيز جي روزمره جي  جي ڪاروهنوار ۾ صبح جو اٿي مالڪ در سر جهڪائي دعا پني ٻني ڏانهن نڪرڻ آهي. جتي سوا ڪيت ڏسي، اکين کي ٺار ڏيئي هارين سان ڪچهري ڪري واپس گهر اچي اخبار پڙهي منجهند جي ماني کائي پنهنجي پرائيوٽ اسپتال پهچڻ آهي. اسپتال ۾ موجود مريض نهاري پوءِ ڪڏهن ڪنهن دوست سان گڏجي مشاهدي جي لاءِ ڪنهن تاريخي ماڳ ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي تہ ڪڏهن گهر





اچي لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو آهي. مطالعو ۽ مشاهدو ۽ لکڻ هن جي زندگي  جو اهم حصو ٿي ويا اهن. جنهن ڏينهن ڪنهن نئين ماڳ کي مشاهدي ۾ نہ آڻيندو آهي يا ڪنهن ڪتاب جا نوان صفحا نہ پڙهندو ۽ لکندو نہ آهي. ان ڏينهن کي اجايو سمجهندو آهي. مسافري، مطالعي ۽ تحقيق جي تيز هن انسان جا ”هاڪڙو وادي جا ماڳ“ ۽ ” مارئي جو ڪردار دلچسپي وارا موضوع آهن.

ڊاڪٽر عزيز چارڻ قبيلي جي مارو نک ۾ مارئي کي ڳولي ٿو. هاڪڙا وادي جي ولهار پٽڻ جي آثارن وٽان لنگهي جڏهن شو مندر تي پهچندو آهي تڏهن چارڻي ديوي آوڙ جي کهاڻي تاريخ جي ڪتابن، چارڻ ڪوين جي ڇندن ۽ ڀٽائي جي بيتن جي آڌار مارئي جي روپ سروپ لڳندي آهي.

ٿر جي طبعي ڀاڱن جي بيهڪ ۽ تاريخ اهڙي تہ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪندو آهي. جو ماڻهو پيو ٻڌي. سمن ۽ سومرن جي صاحبي جي تاريخ تي وڏي دسترس آهي. پر ان سان گڏ ننڍي کنڊ جي هنرمند قبيلن جي ڪرت تي وڏي ڄاڻ آهي. ڊاڪٽر عزيز جو چوڻ آهي تہ ننڍي کنڊ جي ثقافتي تاريخ تي جوڳو ڪم ٿي نہ ٿيو آهي. اهي هنرمند پورهيت جن موئن جي دڙي ۽ هڙاپا کي اڏيو انهن جا نالا تاريخ ۾ اڄ ڏينهن تائين اچي نہ سگهيا آهن. فن جي بي قدري جي ڪري حال اهو ٿيو آهي تہ موئن جي دڙي واري دور ۾ جيڪو فن هو، اهو پروان چڙهي نہ سگهيو. ان وقت جي ڪنير ۽ واڍي جو ڪم ڏسو ۽ هن وقت جو ڪم ڏسو. ڏينهون ڏينهن فن جي ڇٽائي ۽ سونهن جي سرسي ۾ گهٽتائي آئي آهي.

ڊاڪٽر عزيز جو پي سنڌڙي جي سڳنڌ ۾ جرڪندو آهي. هن

وٽ مٽي جي وڏي مهانتا آهي. پنهنجي وڏڙن جي تاريخ هن”مٽي جي وٿ“ طور بيان ڪندو آهي. سنڌو جي مٽي جي خمير ۾ ڳوهيل هن ماڻهو کي تاريخي ۽ تهذيبي شعور ورثي ۾ مليل آهي. ڊاڪٽر عزيز کي اهي ماڻهو اصل نہ وڻندا آهن. جيڪي پروفيشنل گفتگو ڪندي ڪمرو سگريٽ جي دونهين سان ڀري ڇڏيندا آهن.

2 آڪٽوبر 1958ع تي ڪاروڙي چارڻ جي تاريخي ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ ڊاڪٽر عزيز جو ڏاڏو حاجي محمد عاقل ڪاروڙي چارڻ جي پنچائت جو اهم ڪردار هوندو هو. ڪاروڙي ۾ سٽيڏان چارڻ، آئيڏان چارڻ، حاجي قاضي عزيز الله منگريو، حاجي عاقل ڪنڀار جي چوياري پنچائت جي مک هئي. سموري راڄ جا مسئلا گڏجي ويهي حل ڪندا هئا. ماڻهن ۾ ميٺ محبت ۽ برداشت هئي. راڄ جي چڱن مڙسن ۾ مٽيا هوندي هئي. هو راڄ هلائي سگهندا هئا. محمد عاقل جا ڇهہ ئي پٽ محمد ابراهيم، محمد عثمان، محمد قائم، محمد عديل، محمد يامين، محمد سومار سپوت ٿيا. محمد عاقل کي تعليم جو وڏو احساس هوندو هو. هن نہ صرف پنهنجي اولاد کي پڙهائڻ جي جستجو ڪئي. پر راڄ جي ٻارن کي تعليم جي زيور سان سينگارڻ جي لاءِ سندرا ٻڌا. ان تمنا جي ترشنا ۾ هو گهڻو ڪامياب ويو.

ڊاڪٽر عزيز جو والد صاحب محمد قائم پنهنجي دور جو ذهين ۽ سچار شخص هو. هن پرائمري استاد طور پنهنجي عملي زندگي جي شروعات ڪئي هئي. پوءِ جونيئر اسڪول ٽيچر ٿيو. جونيئر اسڪول ٽيچر هئڻ دوران ڪميشن جو امتحان ڏيئي ليڪچرار شپ ماڻي، ليڪچرار هوندي هن اسڪالر شپ جي لاءِ ڪوشش ورتي. اسڪالر شپ ملڻ تي آمريڪا ويو. جتان ميشيگان





اسٽيٽ يونيورسٽي مان تعليمي ڊگري حاصل ڪري واپس وطن اچي، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي ۾ هالا جي ڪوآرڊينيٽر طور جوائن ڪيائين. ترت ڪيس اسلام آباد ۾ اسسٽنٽ ايڊيوڪيشنل ايڊوائيزر جي آڇ ٿي. اسلام آباد ۾ رهڻ کان پوءِ ٻيهر سنڌ گورنمينٽ کي جوائن ڪري سنڌ سيڪريٽري ۾ تعليم کاتي جو سيڪشن آفيسر ٿي آيو. جتي نوڪري دوران مئي 1990ع ۾ وفات ڪري ويو.

ڊاڪٽر عزيز پنهنجي ڳوٺ پرائمري تعليم ڪاروڙي چارڻ جي اسڪول مان مڪمل ڪري انگريزي پڙهڻ جي لاءِ مڊل اسڪول نيوڇور ۾ داخلا ورتي. جتي سندس والد صاحب محمد قائم ۽ چاچو محمد عديل استاد طور فرض سرانجام ڏيئي رهيا هئا. 1974ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول عمرڪوٽ مان مئٽرڪ ۽ عمرڪوٽ جي ڪاليج مان 1976ع تي انٽر جو امتحان ڏيئي ايم بي بي ايس جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڄامشوري پهتو. هن کي پنهنجن ماڻهن جي پيڙائن جو پتو هو. ان ڪري رات ڏينهن هڪ ڪري پڙهائي ۾ دلچسپي ورتي. هن جي اندر جي تمنا ڪري موڙي اٿيندي هئي تہ دکي انسانن جي خدمت ڪرڻ انسانيت جو اعليٰ ڳڻ آهي. 1984ع ۾ تعليم مڪمل ڪري پنهنجي علائقي ڏانهن وري آيو.

هن ڪجھ وقت پرائيوٽ اسپتال قائم ڪري مريض نهاريا. 1986ع ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪوڪرا پار جي اسپتال ۾ سرڪاري نوڪري شروع ڪئي. اهڙي طرح 1988ع تائين نيو ڇور ۽ عمرڪوٽ جي تعلقہ اسپتال ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. مارچ 1988ع ۾ ٿر ۾ واري 1988ع ۾ واري جي خاتمي واري منصوبي کي جوائن ڪيو. ڊاڪٽر عزيز جي حوالي ڇاڇرو ۽ عمرڪوٽ جا علائقا حوالي

ڪيا ويا. جڏهن ڊاڪٽر ايوب قاسماڻي سانگهڙ، ننگر، مٺي ۽ ڏيپلو کي ڏنو. ڊاڪٽر عزيز ڪينسر کي مکيه پوائنٽ ٻڌائي واري سان ويڙهه شروع ڪئي. علاج سان گڏ سماجي آمادگي جو عمل گهٽو هو. ماڻهن کي موبلائيز ڪرڻو هوندو هو ته ماڻهو ترائي جو پاڻي صاف ڪرڻ کان سواءِ نه واپرائين جنهن کي وارو نڪتل هجي اهو ترائي تي نه وڃي.

1980ع تائين هڪ عام راءِ هوندي هئي ته جنهن کي منهن تي ماتا، پيرن ۾ وار نڪتل نه آهي، اهو ٿريو نه آهي. ولارو جي بيماري ڏاڍي خطرناڪ هوندي هئي. جسم مان ڌڳا ڪيئان نڪرندا هئا. جيئن جيئن سرندو ويندو هو، ڏاڍو سور ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڪنهن مريض کي هڪ کان وڌيڪ ڪيئان نڪرندا هئا.

شيخ اياز جڏهن ٿر آيو هو، تڏهن هن کان ڇاڇرو کان عمرڪوٽ ويندي گوگاسر جي هوٽل تي واري (گني ورم) جو مريض ڏنو هو. هن جي پيڙا هن جي اندر ۾ ڪرب تي اترب هئي. شيخ اياز پنهنجي هڪ خط ۾ انهي پيڙا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته ; گوگاسر نالي وستيءَ ۾ هڪ هوٽل ه و. جتي اسان سواريون روڪيون. جيسين ڊرائيور انجڻين ۾ پاڻي وجهن تيسين اسين هوٽل ٻاهران پيل موڙن تي وڃي ويٺاسين. هوٽل ڇپري جي ٻاهران هو ۽ مٽيءَ جي چلهه تي چانهه ٽچڪي رهي هئي. اوچتو ڇپري ڪنجهڻ ۽ ڪڙڪڻ جو آواز آيو ۽ مون منهن پيري ڏٺو ته ڪوئي سوڙ اندر تڏي لڇي رهيو هو. مون هن جي باري ۾ پڇا ڪئي. ته هوٽل واري جواب ڏنو ته سائين هن کي وارو آهي.

وارو ڇا آهي؟ مون پڇيو.

"هتان جي پلر جي پاڻيءَ ۾ ڪائي بيماري آهي. جنهن جي پيئڻ سان ماڻهوءَ جي جسم ۾ ڪيئان پئجي وڃن ٿا. سائين وارو ڏاڍو





بڇڙو آهي. ماڻهوءَ کي جهپ به نه لڳندي آهي ۽ سڄي سڄي رات پيو رڙندو آهي!.

"ڇهن ڏينهن کان اتي ڇڙي ڇڪي رهيو آهي، نه هن وٽ پئسو آهي ۽ نه اسپتالن ۾ دوائون ئي علاج لاءِ اهن. هتي ته نانگ، ڪاڏي جو به علاج نه اهي. روز هڪ نه ٻيو ڇڪ وگهي مري رهيو آهي.

مون ڇپ پيڪوڙي آسمان ڏانهن ڏٺو هو ۽ مون کي ائين لڳو هو ڄڻ چنڊ جي ڪرڻن مان ٻُر ٻُر ڪيئان ڪري رهيا هئا![23]

1987ع ۾ واري جي بيماري جي مريضن جي سروي ٿي هئي. پاڪستان ۾ هن جراثيم جو مريض ٻنون، ڊيرا اسماعيل خان، ڊيرا غازي خان، سانگهڙ، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾ مليا. ان وقت 1111 ڪيس رجسٽرڊ ٿيا. ڊاڪٽر عزيز ٻڌائي ٿو ته "سڀ کان وڌيڪ ٿر متاثر هو". منصوبي جي ٽيم ٿر جو هڪ هڪ ڳوٺ وزٽ ڪيو. ڊاڪٽر عزيز کي اڄ به ٿر جي هڪ هڪ ڳوٺ جو رستو ۽ ڳوناٺن جا نالا ياد آهن. هن وٽ واري جي مريضن جون ڪيترين ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ڪرب ۽ دعائون آهن.

ڊاڪٽر عزيز ٻڌائي ٿو ته، "ٿر جي ڳوٺ پوجڙو جي پٽيل جي پٽ کي هڪ ئي وقت 25 واري جا ڪيئان نڪتا. هن جون ايڏيون ته رڙيون هونديون، اسان کي علاج ڪرڻ دوران ٻيهڻ نه ايندو هو. پر بيناسين. علاج مڪمل ٿيڻ سان همراهه صحتمند ٿيو ته دعائن سان اڏي ڇڏيائين.

1993ع ۾ ٻيهر واري جي بيماري بابت سروي ٿي. جنهن ۾ ٿر جو ڪو به ڪيس نه مليو. 1996 ۾ عالمي صحت جي اداري جي

---

[23] شيخ اياز نثر 2، ص 308، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

ڊائريڪٽر جنرل لاهور ۾ هڪ تقريب دوران پاڪستان کي واري جي جراثيم کان آزاد قرار ڏينڊي ان وقت جي وزير اعظم محترمہ بينظير ڀٽو کي گولڊ ميڊل ڏنو.

ڊاڪٽر عزيز 1991ع ۾ واري جي بيماري جي روڪٿام ۾ پنهنجون خدمتون ارپي ٻيهر عمرڪوٽ اسپتال موٽي آيو. جتي 2001 تائين پهرين ميڊيڪل آفيسر ۽ پوءِ سينيئر ميڊيڪل آفيسر طور رهيو. 2001 کان 2011 تائين ڊپٽي تعلقہ هيلٿ آفيسر ۽ تعلقہ هيلٿ آفيسر طور ڪم ڪيائين. 2011 کان 2014 تائين ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جي حيثيت ۾ عمرڪوٽ ضلعي جي خدمت ڪيائين. ڊاڪٽر صاحب جي ڊي ايڇ او هئڻ دوران سرڪاري منصوبن سان گڏ مخير ماڻهن کان بہ مدد وٺي ماڻهن کي صحت جي سهوليت بهتر ڪري ڏيڻ جي اڻ ٿڪ ڪوشش ڪئي. نومبر 2014ع تي عمرڪوٽ جي ضلعي هيڊڪواٽر واري اسپتال جو ميڊيڪل سپريڊنٽ مقرر ٿيو. جتان هن نومبر 2015ع ۾ رٽائرمنٽ ورتي.

ڊاڪٽر عزيز ۽ مون گڏجي ٿر جي ڪيترن سگهڙن سياڻن سان ڪچهريون ڪيون آهن. ٿر جا نوجوان شاعر شهاب نهڙيو ۽ مرتضيٰ راهمون اڪثر طور سفر ۾ گڏ رهيا آهن. چارڻ اتهاس جا چاڻو ٿر ۾ جتي بہ ٻُڌا آهن. اتي گڏجي پهتا آهيون. ڪڏهن ڪوي هيمڏان چارڻ ۽ سگهڙ ڪيسوڏان چارڻ سان روح رهاڻ ڪئي آهي تہ ڪڏهن منگل سنگهہ راٺوڙ ۽ رائسنگهہ سوڍي جا مهمان ٿيا آهيون. چام خان جو وانڊيپيو اسان جي جيءَ ۾ وسندو آهي. جتي پاري نگر جي پروهت شاعر ساگر خاصخيلي وٽ ناشاد سمون ملندو آهي. ساجن خان جي اوتاري ۾ چانهہ جي ڪپ تي رواداري، سهپ، محبت، صلح ۽





سماجي سڌاري جي پهلوئن تي ڳالهين جا ڳوٺ ٻڌي جڏهن اٿندا آهيون تڏهن ڊاڪٽر عزيز مرزا قلچ بيگ جو شعر موڪلاڻي طور چوندو آهي تہ

هندو ۽ مسلمان دلا ساڳئي ڪنير جا
ڳڻجن ٿا الڳ ٿانءَ، مگر آهہ مٽي هڪ

پنهنجي ڳوٺ ۾ "پنهنجن سان ڪچهري" جهڙو سال منفرد پروگرام رکندڙ ڊاڪٽر محمد سومار ڪوسو هن جي ساجي ٻانهن وانگر آهي. ڪنهن بہ ڪچهري ۾ ڊاڪٽر عزيز ڊاڪٽر سومار ڪوسي جي ناءُ نہ ڪٽي معنيٰ تہ اها ڪچهري اڌوري آهي.

سنڌي ٻولي جو سهڻو نثر نويس امير بخش شر بہ هن جي ويجهن ساٿين مان هو. امير بخش جي وڇوڙي تي هن جون اکيون رت رنيون هيون. امير بخش کي ساري ارباب نيڪ محمد کي ڏسڻ سان چوندو آهي تہ:

مون کي جياريو ڪري پرين جون ڳالهڙيون

اروڙي چارڻ ۾ محمد عظيم پاران جوڙايل مخدوم طالب المولیٰ لائبريري ۾ ڊاڪٽر عزيز جي مامي ۽ مثالي استاد سائين بادل جي ياد ۾ رکيل پروگرام ۾ شرڪت ڪري جڏهن پورڏانهن چارڻ سان گڏجي سگهڙ ڪيسون ڏانهن جيڪا محفل مچائي هئي، اها ڊاڪٽر کي ڪڏهن وسري نہ آهي. ان ڪچهري ۾ ڪيسوڏان ٻڌايو تہ:

ڪوڪو ڪارڪر سريڪو پيلو ڏاڙهم ڊاک،
هيڪ متيرو چاڪيو، آنبا ٻاون لاک.
ڪڇ را ڪانهيا سيک ڏي، مني ڪاروڙو چت آيو.

(ڪنڊي جو ڪوڪو(سگري پچي جڏهن ڇڻڻ تي ايندي آهي،

تڏهن ان کي کوکو سڏيو ويندو آهي) ڪارڪ ۽ چار جا پيلو (پيرون) ڏاڙهوئن ۽ ٻاڪن جي برابر آهن. هڪ چيڙ چکيو ڇڻ ٻاونجهاهہ لک انب ڪاڏا. يعني چيڙ جو ذائقو اهڙو منو آهي. اي ڪڇ جا ڪانهيا ! مون کي موڪل ڏي مون کي منهنجو ڪاروڙو چت آيو آهي.)

هن جي چت تان شال هن ڪاروڙو نہ لهي، ٿر جي مسڪين مهاڻهن جو مسيحا ٿيڻ سان گڏ نت نئين، مشاهدي، مطالعي ۽ تحقيق سان اسان کي نوازيندو رهي.





صحافي، ليکڪ ۽ مهمان نواز

# اوم شرما

او شرما جنهن کي اڄ بہ ڦٻڻ جي رُت ٿر ۾ ڀُوليندي آهي، وسڪاري ۾ چنڊ آسمان تي اُتالو ٿي پوندو آهي تہ هُو کهڙ ٻادل کان اوم جو ڏس پڇي!؟ پر هو مٿي جي امان هو، مٿي سان ملي مٿي ٿي ويو.

اوم شرما جنهن نہ صرف پاڻ ٿر جي تاريخ، تهذيب، راڳ رنگ، ڏکن ڏاکڙن تي لکيو پر ٻين دوستن کي بہ ٿر بابت لکڻ جي لاءِ اتساهيو. 1990ع جي ڏهاڪي کان جيڪو بہ صحافي ۽ ليکڪ ٿر تي اسٽوري ڪري يا ٿر بابت آرٽيڪل ۽ ڪتاب وغيرهہ لکڻ جي لاءِ مٿي آيو. هُو اوم ۽ سندس ساٿين سان ضرور مليو. مٺي ۾ هاڻي گيسٽ هائوسن جي قطار ٺهي ويئي آهي جنهن وقت اها سهوليت نہ هوندي هئي ان وقت اوم شرما جهڙا دوست ليکڪن، اديبن ۽ صحافين جي ميزبان ٿيندا هئا. مهمان جي لاءِ ماني ٽڪي جو بندوبست ڪرڻ سان گڏ اسٽوري يا انٽرويو وغيرهہ جي لاءِ گهربل ڊيٽا يا ماڻهو وغيرهہ هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هئا. فيلڊ ۾ گڏجي ويندا هئا. ڇا تہ خلوص هو؟ انهن ماڻهن وٽ بي لوث انهن ماڻهن جو مقصد صرف هڪڙو هوندو هو تہ اسان جي علائقي جي تاريخ ۽ تهذيب اجاگر ٿئي. هتان جي مسئلن جي نشاندهي ٿئي. اعليٰ اختياري ڌريون مسئلن جي حل جي لاءِ ڪوششون وٺن.

مٺي جي مهراج پريم وياس جي گهر ۾ 1974ع تي جنم وٺندڙ اوم شرما پنهنجي نيڪي ۽ ٻين جي بدي وساري اڳتي وڌيو هو. اوم شرما چوندو هو تہ ماڻهو جي سٺي وقت ۾ دنيا سمجهائيندي آهي تہ تون ڇا آهين!؟ ۽ برو وقت ماڻهو کي سمجهائيندو آهي تہ دنيا ڇا آهي!؟

اوم جي خاندان ۾ دسترت شرما ۽ پرت شرما صحافت جي فيلڊ رهيا آهن. اوم شرما روزاني برسات جي نمائندي طور صحافت شروع ڪئي هئي. پوءِ ٻين اخبارن ۽ نيوز جي ادارن ۾ صحافي طور ڪم ڪيو. مٺي پريس ڪلب جي بنيادي ميمبرن ۾ اوم شرما بہ شامل هو. غلام حيسن محمداڻي، نندلال لوهاڻي، لڇمڻ ٿري، حمزو خان رند، پريم شيواڻي، ڪاٽائو جاني، بشير سميجي ۽ ٻين دوستن سان گڏ، اوم شرما جون قربانيون مٺي پريس ڪلب جي بنياد ۾ شامل آهن.

رتي تي امن جي آشار رکندڙ منڙو ماڻهو اخبارن ۾ بد امني جون خبرون پڙهي پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندو هو تہ ”ڇا ماڌولال حسين جي يڪتاري جي تڻ تڻ بندوق جي تڙ تڙ ۾ وڃائجي ويندي؟“

هو فطرت سان پريت ڪندڙ ماڻهوهو . ان ڪري آساني سان سمجهائي سگهندو هو تہ ستارا ماڻهو جي فطرت ڪئين سڃاڻيدا آهن. هن کي ٿر جي مورن جي مٽڪو هرڻن جا ڇال ۽ سهي جي ڊوڙ وڻندي هئي. ڪامريڊ نند لال مالهي، ڊاڪٽر اشوڪ بختاڻي، لڇمڻ ٿري، نندلال لهاڻو ۽ ٻين دوستن سان ترقي پسند سياست ۾ سرگرم رهندڙ اوم شرما حب الوطني جي عظيم ڪردار مارئي جي ميلي ۾ نمايان طور بہ اڪيلو وڃي مارئي جي جنم ڀومي ڀالوا جو ڦيرو ضرور ڀيجي ايندو هو.





اوم شرما اهل دل انسان هو. هن وٽ رشتن جو وڏو مان هوندو هو. هو رشتن جي محبتن جي قصا ٻڌائڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. چوندو هو تہ محبت رڳي وٺبي نہ آهي، ڏبي بہ آهي. هن وٽ چانڊوڪي جا ٿهڪ هوندا هئا، پر جڏهن بي چيني هن جي روح ۾ لهڻ شروع ڪندي هئي، تڏهن اکين ۾ سمندر ترڻ شروع ڪندا هئا. هو چانڊوڪين راتين ۾ ٿر جو لوڪ گيت ”ويرو وڻجارو“ ڳائيندو هو. پر هن کي ”ڏورو“ لوڪ گيت ڏاڍو وڻندو هو.

ڏورو ساچي هيم رو

(رشتن جو ڏاڍو سچي سون جو جڙيل آهي)

هن کي خبر هئي تہ پرمميرا لوڪ گيت، چارڻي لوڪ گيت، وڪرت لوڪ گيت ۽ ساهيتڪ لوڪ ڪهڙا آهن. هن جي اندر جي تمنا هئي تہ ٿر جا لوڪ گيت زنده رهن. انهي جي لاءِ لوڪ ڳائڪن کي اتساهيندو هو. انهن جا انٽرويو ڪري اخبارن کي موڪليندو هو.

اوم شرما پرائمري کان ڪاليج تائين مٺي ۾ پڙهيو. سنڌ يونيورسٽي مان پوسٽ گريجوئيشن ڪري هن 1997ع ڌاري سنڌ اطلاعات کاتي ۾ ڪلارڪ جي نوڪري ورتي. نوڪري دوران اخبارن ۾ ڇپجندڙ ٿر جي خبرن جون ڪٽنگ ڪري اطلاعات جي ضلعي آفيسر جي ليٽر سان گڏ واسطيدارن کاتي ۽ اعليٰ اختيارين کي موڪليندو هو. جيئن کاتي پارا ن نوٽيس ورتو وڃي. ماڻهن جو مسئلو حل ٿئي. نوڪري دوران اوچتو دماغي ٽيومر سبب 20 مارچ 2015ع تي نوجوان ۾ گذاري ويو.

مون جڏهن هن جي وڇوڙي جو ٻڌو، تڏهن ڇيلهار جي ننيڙي بس اسٽينڊ وٽان گذري رهيو هوس. هڪ ماندڙي تان خواجہ غلام فريد

جي ڪافي جو آواز اچي رهيو هو:

عمريان لنگهيان پيهان پار
پنهنجي ساري عمر پيهن تي هلندي گذري ويئي.

مون کي هندي ڪوي جئديو جي ڪتاب ”گيت گووندا“ مان
هيٺيون سٽون تصور ۾ تري آيون هيون.

جڏهن ڏاڪٽين پهاڙن مان هوائون اچن ٿيون،
۽ محبت جي ديوتا کي ساڻ آڻين ٿيون،
جڏهن گلن جا انبار
چاهيندڙن جي دلين ۾ ڏارون وجهڻ جي لاءِ
تڙڻ پکڙڻ تا لڳن.
تڏهن ڪو تنهنجي وڇوڙي سبب
ڏکوئجي ٿو وڃي.

وڇوڙي جو ڏک اُڏوهي آهي، سر جيان هڏي کي کائيندو آهي، نوجوان دوست جي وڇوڙي جو ڏک اچان وڏيڪ عذاب ڏيندو آهي. اڄ بہ اوم کي ساري ٽر جو لوڪ دوهو چپن تي اچي ٿو تہ:

واگهو واگهو ڪري رهي، واگهو چٽ نہ ٻارهو ماس
آنکيئي ڪاجل چوڙيو پر هينئون نہ ڇوڙي آس

(آئون واگهو واگهو ڪري ڪري رهيو آهيان، واگهو ڇهين، نہ ٻارهين مهيني اچٽو آهي، اکين تہ ڪاجل پائڻ ڇڏي ڏنو پر هينئون واگهي جي آس نٿو ڇڏي)





سهڻو راڳي

# سوڍو جوڳي

پشتو ٻولي جو هڪ لوڪ دوهو آهي تہ:

ماءُ منهنجون چَڳُون نہ وڍ،
پکي نہ ويهندا آهن.

انهي شعر جي ڪيفيت کي روح ۾ اتارڻ سان ساهہ ۾ ”درد جي اوس“ جي منفرد سڳنڌ محسوس ٿئي ٿي. عام جيون ۾ ”درد جو واس“ جوڳي کان وڌو ڪهڙي وجود وٽ هوندو آهي. علم بشريات جي ماهرن بہ جوڳي جي پنڌ کي ”پيڙائن جو گهاڙو“ سڏيو آهي.

لفظ ”جوڳي“ جو بڻ بنياد ڳوليندي تاريخ جي ڪتاب مان پتو پوي ٿو تہ ٽي صدي قبل مسيح دوران اُپنشدن جي شروعات ۾ آتما کي پرماتما سان ملائڻ جي لاءِ روح کي ڀٽڪڻ کان روڪيندي پوجا جو گس ڳوليو هو. تنهن کي ”يوڳ“ سڏيو ويو. ”يوڳ“ ڪندڙ کي ”يوڳي“ ٿيو. لفظ ”يوگي“ بدلجي جوڳي بڻيو.

پراڻي زماني ۾ مختلف قبيلن جا فرد يوڳ اختيار ڪندا هئا. پوءِ اهي جوڳي سڏبا هئا. شروع ۾ اڪثر جوڳي ”تارڪ الدنيا“ هوندا هئا. وقت گذرڻ سان چئن آشرمن جي تشريح جوڳين جي سٽ کي نہ صرف قبيلي جي صورت ڏني. پر سنياس ۽ گرهست آشرم جي گڏيل اثرن ۾ جوڳي پنٿ پڻ جڙيو. انهي پنٿ جي اڳواڻن ۾ گرو مڇندر ناٿ، گرو گورکناٿ کان وٺي سوامي رامديو جوڳي تائين ڪيترائي ڪردار

آهن. جن جو پوري ننڍي کنڊ ۾ اثر رهيو آهي.

اسان جو ڀٽائي بادشاهه جڏهن جوڳين سان گڏ"ياترائن" جي پنڌ پيو هو تڏهن سُر رامڪلي ڪي سرجي جوڳين کي ڀيٽا ڏني هئي. جوڳي ڪلهه به هزار درد دل ۾ سانڍي سفر ڪندا هئا. اڄ به ڪن ٿا.

سوڍو جوڳي پنهنجي قبيلي جي ڪرت"انتر منتر جادو جنتر" جاڻي ٿو الائي نه !؟ پر اراڳ جو هو راڻو آهي. مرلي جي لهر هٽي سگهي ٿو يا نه !؟ پر هارمونيم تي آڱرين کي رقص ڪرائڻ جو وڏو تجربو رکي ٿو. مون هن کي آلاپ جي جادو ۾ منڊ منڊيندي ڏٺو آهي. هن جي آلاپ جي نصيب ۾ رڳو آڪاش جي نو لک تارن جي هيٺان گونجڻ نه آهي پر جهنگل ۾ منگل پيدا ڪرڻ پڻ آهي.

سوڍو جوڳي سنڌ جي انهن سريلن راڳين ۾ شامل اهن. جن جو آواز ڀنوئنر وانگر هن ڀومي تي ڀري ٿو. مون سوڍي جوڳي جو پهريون ڀيرو آواز امڙ ساهڙ جي انهن ٻولن کي ڳائيندو هو هو:

وسڪاري جي ويل وري آ،
آ و پرين هيل وري آ.

ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران آئون ۽ پيارو شيواڻي اڪثر نامور شاعر سدائين سائينداد ساند وٽ ڪچهريون ڪندا هئاسين. تڏهن سوڍي جو ذڪر ضرور نڪرندو هو. هڪ دفعو مون ۽ سائين سائينداد سانگ گڏجي سوڍي کي خط لکيو هو.

سوڍي جي فن جي سفر ۾ نامور نقاد ۽ ڏاهي رسول بخش پليجي جي رهمنائي شامل رهي آهي. اهو ئي سبب آهي ته هن انهن ڪري سدائين معيار کي قائم رکيو آهي. هن جي گيتن کي ٻڌي سنڌ جي نوجواني نبور عشق جي اتساه وني ٿي. هن جي سُرن ۾ پنهنجي لڙڪن جو راز ڳولي ٿي.





# قربان ڪوسو

## جنهن کي ڪارونجهر جي پٿرن تي چنڊ جي چاندوڪي وڻندي هئي

جڳ مشهور ڪتاب "نشاني تي پکي" جي ليکڪ جيرزي ڪوسنسڪي هڪ هنڌ لکيو آهي ته " لکڻ معنيٰ پنهنجو پاڻ کي سماجي ٻوهي ۾ وجهڻ". اهڙي طرح ئي ڪارونجهر جي قربان ڪوسي صحافت جي سچ جو قلم کڻي ننگر جهڙي ننڍڙي شهر ۾ پاڻ کي سماجي ٻوهي ۾ وڌو هو. ڪڏهن وڏيرن جي عتاب جو نشان بڻجندو هو ته ڪڏهن ڪرپٽ ڪامورن کي اک جو ڪنڊو لڳندو هو. صحافت هن کي ترم ياترا پڻ ڪرائي، پر وقت جي ڏاڍن جي هزار حرڪتن باوجود هن جي وجود ۾ ڪڏهن رڦٽي نه آئي. ٿوري پڙهيل سادي سودي هن ٿريلي نوجوان صحافت جي جهنڊي کي پنهنجي ساٿين سان گڏجي سدائين بلند رکيو. صحافت هن جي لاءِ ڀٽائي جي لفظن ۾"پنهوار ڪي پريت" هئي:

جي لوڻ لڳين لائين، ڇيري ڇيري ڇم،
مون ڪر اڳي نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پنهوار سين،

هن ٿريلي نوجوان نه ٻاهه جي ڇپين ۾ سڙندڙ جون آف آرڪ جو جيون پڙهيو هو نه وري ڪڏهن هن جي دل جي دفتر تي آپا قرت العين حيدر جي ڪتاب"آگ ڪا دريا" جون سارون سنڀارون آيون

هيون. پر هن کي حياتي سان هيج هيو. ڪيس ڪارونجهر جي پٿرن تي چنڊ جي چانڊوڪي وڻندي هئي. ڪنهن اڏندڙ ڪونج، مور، هنج سارس کي ڪڏهن گولي گهايل ڪيو ته هن لکيو ڪنهن پوپٽ کي واس کان محروم ڪيو ته هن لکيو ڪنهن مور جي ناچ کي ٽوڙيو ٿي، ته هن لکيو. هرڻن جي چال ۽ هرڻي جي گهور کي ڪنهن گهايل ڪيو ته هن لکيو. ڪنهن گگرال جي ٻوٽي کي ڪيميڪل ٽڪ هنيو ته هن لکيو. ڪنهن جين مندر جي مورتي جو رنگ مٽايو ته هن لکيو.

هن ڪارونجهر سان گسجندڙ ڪڪرن جي گوڙ ۽ ڪنوڻين جي تجلن کي به قلم ۾ آندو. ڳاڱين جي مناس ۽ پيروئن جي رس کي اتاريو. ڌرتي جي پورهيتن جي پيڙائن جي داستانن جي اپٽار ڪرڻ سان گڏ فطرتت جي سونهن ۽ سندرتا جون انڊلٺ ريڪائون جوڙيون. ننگرپارڪر ۾ ماحولياتي صحافت جو نئون رخ متعارف ڪرايو ۽ لوڪ ورثي جي لاءِ تڙپ پيدا ڪئي، تنهن ڪري پارڪر جي پٽن تي ذهني آزادي ۽ اذيت کان پاڪ ماحول جوڙيندڙن ۾ هن جو نالو ورتو ويندو. ڪنهن چيو آهي ته ”تاريخ جي ورقن ۾ آڪسيجن موجود ناهي هوندي، پوءِ به ماڻهو ورقن ۾ زنده رهندا آهن.“ننگر جي تاريخ ۾ قربان زنده رهندو.

هن ڪڏهن نٿي چاهيو ته پاپي وڏيرن جون گاڏيون پارڪر جي حسين سرزمين کي لتاڙين. هن جي اندر جي معصوم تمنا هئي ته پاري نگر جو پراڻو بندر ۽ بازارون ٻيهر اوج وٺن. هن چاهيو ٿي ته ڪو به غريب موت کان وڌيڪ زندگي کان نه ڊڄي، زندگي ڏاڍي سهڻي آهي، زندگي سان پيار ڪري. پارڪر جو هر رهواسي روز اسر جو اٿي چنديرام ياٽ جي سٽن وانگر سوچي ته:





ڪارونجهر ني ڪور، مرئين تو پڻ مهلين نهين،
ماٿي ٿهوڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو

(ڪارونجهر جي ڪور مرڻ کان پوءِ چڙهڻ جي دل نه چوندي، جڏهن مور پنهنجا پر پکيڙي ڪارونجهر تي ٿهوڪا ڏيندو آهي تڏهن ڏونگر ڏيئي وانگر لڳندو آهي.)

توڙي جو اهو دور گهٽو گذري چڪو هو پر ننگر ۾ هوٽلن تي اهو لکيل رهيو ته هتي سياسي گفتگو ڪرڻ منع آهي، اهڙي ماحول ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ساٿين انساني سگهه، حوصلي، بي پناهه قوت، ارادي جي پختگي جي علامت بڻجي پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. سماجي ماحولياتي ترقيءَ جي سلسلي ۾ هن فقير به ڪجهه وقت جي لاءِ جڏهن ننگر وسايو هو ته قربان کوسو، سليم کوسو، ساگر خاصخيلي، عزيز ٽالپر، محمد هنگورجو، ناشاد نصر الله سمون، مصطفيٰ دل، اشرف دل، شهاب دين نهڙي، بچل خاصخيلي، سومجي ساٿي، پيرو لال ميگهواڙ، شبير کوسو، راڻو فقير، قاسم کوسو ۽ ستار کوسو سميت اسان ڪجهه نوجوانن جو هڪ سٿ جڙي پيو هو. اسان جي عمر جا ٻيا نوجوان منڊين ۾ پنهنجي محبوبن جا نالا مڙهائي پائي رهيا هئا پر اسان آڱرين ۾ مٽي ۽ مٽي هاڻن ماڻهن جي دردن جي اپٽار جي لاءِ قلم ورتو. طبقاتي متڀيد کان آجو سماج ڏسڻ جي آرزو ڪر موڙي رهي هئي، سوشلزم اسان جي شعوري پنڌ کان اڳ هڪ ٽڪائيندڙ ۽ ڏکي جنگ جي ذريعي گهٽو پوئتي رهجي ويو هو پر پوءِ به اسان”هاڻي آءَ نه آءَ، اسان پليو آسرو“ جي نظرياتي صدمي تي لڙڪ لاڙيندا هئاسين ته تپندڙ صحرا ۾ جلندڙ سگريٽ تي سگريٽ هوندو هو. راتين جون راتيون اسان جون اوجاڳن ۾ گذرنديون هيون پر ڪتابن جون قربتون حسين

چھرن جي چمين کان وڌيڪ چسڪو ڏينديون هيون، من جي سمورين محرومين، مايوسين ۽ ناڪامين کي نظر انداز ڪري اتساهه جون نئون عڪس ڏيکارينديون هيون ته جهيٽيون ٿي ويل اکيون ڏيئن وانگر ٻري پونديون هيون. سنڌ ۽ سونهن جي پوڄا جي آرتي اتارڻ جي لاءِ دل اتاولي ٿي پوندي هئي. سياسي شعور، سماجي تبديلي، صحافتي سچائي، ثقافتي رنگ ۽ ماحولياتي مانڌاڻ سان آرٽ کي زندگي ۽ زندگي کي آرٽ بڻائڻ واري ڪيفيت ۾ ڪائنات جي سموري بي چيني روح ۾ لهندي محسوس ٿيندي هئي، انهي ٽاڻي چپن تي بي اختياريءَ ۾ اڀري ايندو هو ته:

سنڌ جي مڪلي ۽ سومائيءَ جو قسم،
شاهه جي سهڻي ۽ مارئيءَ جو قسم،
پنهنجي جهانگين کي جهوليءَ ۾ لولي ڏئي،
لوليءَ کي ٻاگهيءَ جي ٻولي ڏئي،
سنڌ جاڳي پيئي، سنڌ جاڳي پيئي...
رات جي سانت ۾ ڪنهن ستاري مثال،
صبح جو نور ۾ ڪنهن نظاري مثال،
ماءُ جي روح ۾ رات لوليءَ جيان،
ڪنوار جي ذهن ۾ ڪنهن پروليءَ جيان،
سنڌ جاڳي پيئي، سنڌ جاڳي پيئي....

اسان جي جاڳندڙ سنڌ وٽ ڪڏهن عشق، ڪڏهن انقلاب موضوع هوندو هو. اسان عشق ۾ انقلاب آڻڻ پئي چاهيو ۽ انقلاب سان عشق پئي ڪيو، ڪڏهن منير نيازيءَ جو ڪتاب "بي وفا ڪا شهر" پڙهي ڪنهن کي ياد ڪندا هئاسين، ته ڪڏهن سڙي ڏرتي جي ڪُن





تي بيٺل وڏي وڻ هيٺ ويهي نذار قاباڻيءَ وانگر لکندا هئاسين ته:

"اسان جي سماج ۾ عشق قيدي بڻجي ويو آهي"

ڪنهن مهل پٽائي جون سٽون دلين جي ڏک ڏک بڻائيندا هئاسين ته:

پنڌ نه پنڌن جيترو، ڪيئن سُجهندي ڪيهه،
جيڪر ڪريان ريهه، پر چوندا منڊ چري هئي.

ڪنهن ٽاڻي اندر تند شيخ اياز جي انهن سٽن تي ٽپندي هئي ته:

نڪتا تنهنجي سجاءِ، جهروڪا تون جيءَ جا،
سونيون ڪڙيون ڪوٺ جون پيرن منجهه نه پاءِ،
گهوري نه گهٻراءِ، ويجها آهن واهرو.

آس نراس جي انهن ڏهاڙن ۾ گلزار جي فلم "اجازت" جو نظم "ميراج ڪڇ ساما ن تمهاري پاس پڙا هي" جو سڏ پڙاڏو ٿي ٻارن وانگي روئاڙڻ لڳندو هو ته، قربان پنهنجي سڀاجهي ٻولي ۾ چوندو ته، "سائين اسان جو عشق حافظ جي عشق وانگر انتهائي ڳجهو ۽ گهرو آهي، اهو جتان اڀري ٿو ان جگهه جو نالو نه ڳاڙها چپ آهن نه ڪارا زلف، اسان جي عشق کي نه ڳاڙها ڳل ۽ ڪارا تر موهين ٿا نه وري اسان جو عشق نشيلن نيڻن جو محتاج آهي، اسان جي دلداري جي دنيا هيءَ مٽي آهي، جنهن جي ٻٽ تي اڀرندڙ ٿوهر جي ٽاري ٽاري کي به وسڪارو سائو ڪري وجهندو آهي، ماروئڙن جي پگهر جي خوشبوءِ عطر کان به سرهي لڳندي آهي. پٽائي پرجهلو ٿيندو آهي ته:

ننگا آهيون نڱئا، اسين مارو لوڪ،
ٿر کي پانيو ٿوڪ، جو ڍڪ ڍاٽيئڙن جو.

قربان ڪي پنهنجي ساٿين ناشاد سمي ۽ ساگر خاصخيلي جهڙي لفظن جي جادوگري نه ايندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن خبر ۾ گرامر جي غلطي ڪري ويندو هو پر انگن اکرن کي واضع رکندو هو سچائي جي ساک اپاري انهن لفظن جو پرم رکندو هو جيڪو هن صحافت جو پيشو اختيار ڪرڻ جي لاءِ انٽرويو دوران ڪاٿاٿو جاني کي چيا هئا ته، ”مون کي موقعو ڏيو آئون دل سان ڪم ڪندس، هن واقعي دل سان ڪم ڪيو. هن انهن ڪم جي عيوض علي حسن، سهيل سانگي، رياض سهيل امر ڳرڙي، رمضان چانڊيي، لال حسن پناڻ کان وٺي اسحاق مگريي ۽ اي بي آريسر تائين سنڌ جو هر صحافي ننگر ڏانهن رخ ڪندي قربان سان ملڻ ضروري سمجهندو هو. قربان خود غرضي جي گناهه کان پوري ريت بچيل هو. هن جي منهن تي ڪڏهن مايوسي ۽ بيزاري نه بکي. ذاتي زندگي ۾ هو حيرت جي حد تائين مطمئن نظر ايندو هو. هن نيلامي ڪپڙا پائي به ڪرپشن نه ڪئي، روزي روٽي جي لاءِ هڪ پرائيوٽ اسڪول ۾ معمولي پگهار تي پڙهائيندو هو. ڏک سک جي هر حالت ۾ نياز نوڙت ۽ پنهنجائپ برقرار رکي. ڪنهن کي به هن ”تون“ ڪري نه سڏيو. سڀ هن جي لاءِ ”سائين“ هئا. هر ڪنهن کي عزت ڏيندو هو.

قربان دل جو بادشاهه هو. رشتا روح سان نڀائيندو هو. جڏهن منهنجي جيجل امڙ جا سئو ڏينهن پورا ٿيا. امان جي هڏڙين جو ساڙري ۾ تارڻو ڪرڻ جي لاءِ آئون ۽ منهنجو سوٽ واسديو ننگر آياسين ته مون وڏي ڪوشش ڪئي ته قربان سان رابطو ٿئي، پر نه ٿي سگهيو. پياري ساگر خاصخيلي ۽ ناشاد سمي اسان کي پنهنجي هٿن سان نه رڳو ماني پچائي کارائي پر تارڻي جون رسمون به اسان سان گڏجي ادا





ڪيون. انهيءَ ڳالهه جي جڏهن قربان کي خبر پئي ته، صفا ڪاوڙجي پيو جهليو جهل نه ڏي. ”مون کي انهي رسم ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو ڇو نه ڏنو ويو؟ پوءِ منٿن ميڙن سان جيجل جا واسطا ڏئي کيس پرچايو.

هن نور محمد ڪوسي جي گهر ۾ 28 مارچ 1978ع ۾ جنم ورتو هو. پرائمري ڪان مڊل تائين ننگرپارڪر ۾ پڙهيو. مئٽرڪ ڪوٽ غلام محمد مان ۽ انٽر عمرڪوٽ مان ڪئي. هئائين، قربان ڪوسي جي ٻنهي گردن ۾ پٿري جو عارضو ٿي پيو. هن جي علاج جي لاءِ سڪٽا اعلان ته ٿيندا رهيا پر عملي طور ڪنهن سار نه لڌي. ٿر جي دوستن مٺي بند سان پنهنجي حال سارو هن جي علاج ۾ حصو ورتو پر صحتيابي نصيب نه ٿي سگهي. 18 فيبروري 2013 تي رسڻ ۽ ريجهڻ جي وهي ۾ قربان اسان کان وڇڙي ويو.

ننگر واسين نه مسڪين جي آخري آرامگاهه تي هيرڻ جا تازا پڻ آٽي رکيا ۽ نه ئي انهن قربان جي قبر تي حاضري پري يادن جي پيتا ڏني سموري سنڌ مان ڪنهن به قربان جي محنتن ۽ محبتن کي ساري ورسي جو ڏهاڙو نه ملهايو چوندا آهن ته، ”غريب صرف عارضي دوست جا حقدار هوندا آهن، زمانو اميرن جو ٻگ مٽ يار هوندو آهي.

وقت پنهنجي پڃاڙي تي ٻڏائي ڇڏيندو آهي ته، ساهه ڪير ڏئي رهيو هو، ساٿ ڪير ڇڏي رهيو هو. پر جڏهن محبتون مري ونيديون اهن، ۽ روح جا ريلا سڪي ويندا آهن، تڏهن ميارون ڪو به ملهه نه رکنديون آهن. واسطا فرصت نه پر ڏيان جا گهرجائو هوندا آهن. لڙڪن ۾ به منڙن جون مرڪون ياد ايندڻون آهن.

قربان کي موسيقي ڏاڍي وڻندي هئي، خاص طور فوزيه سومرو، يوسف فقير ۽ صادق فقير کي دل سان سٽندو هو هن جو اڪثر تڪيو

ڪلام فوزيہ سومرو جو گيت هوند هو تہ:

آئون منا مري ويئي آهيان.....

فوزيہ سومرو ڪارونجهر جي ڪوئل هئي، هيءُ ڪارونجهر جو قلمڪار هو. هن جي وڇوڙي جي اٿل پٿل ڪنهن يڪتر اسڪيل تي رڪارڊ نہ ٿي هئي پر ڪارونجهر جي جڙن وڏو زلزلو محسوس ڪيو هو. هن جي وڇوڙي تي جين مندر جون مورتيون رنيون، غم ۾ گگرال ٻڏي ويئي، هڙٽن هنيلن ڪان ڇال وسريا. پوڙيسر جي تلاءَ ۾ مسجد شريف جي اڳڻ تي پاريهر سڏڪيا.





ليکڪ ۽ استاد

# ايچ ايم ذڪي

هُن ڪي برڪا رُت جي راتڙي ۾ ننڊ نہ ايندي هئي. سانوڻ سنگهاسن تي ويهي وطن جي ويڙهن تي ويچاريندو هو. ڏڪار جي ڏينهن ۾ دکي ڌرتي جي دانهن ٻڌڻ سان هن جي اندر ۾ اڻ تڻ پيدا ٿي پوندي هئي. هن جي ذات پتن جي درد ۾ ڏمري پونچال مچائي ڇڏيندي هئي.

هُو پاريهر جهڙو پيارو شخص حاجي محمد عرف ايچ ايم ذڪي ويساهہ وچايل ماڻهن ۾ ويساهہ آڻيندو هو. هن جو سارو پورهيو اعليٰ انساني قدرن ۽ آجپي جي اهڃاڻن جي لاءِ هو. زندگي ڪي حسين ڏسڻ جي ڪيڏي وڏي تمنا هن جي اندر ۾ تڙپندي هئي، آرزوئن جي قلواڙي مان سڳنڌ جون سئو جهوليون ڀري چنڊ ستارن ۽ بادل برساتن جا رنگ روپ ميڙي روح جي رلي ۾ علم ۽ ادب جي ستاري چوري وجهندو هو. هن جي رڳ رڳ ۾ عشق جي آڳ ۽ آدجڳاد جو جنون هو.

زندگي جي راهہ ۾ پوئتي موٽڻ جو هن ڪڏهن سوچيو نہ هو. هن ڪي گهڻو اڳتي وڃڻو هو. پوءِ ڇو نوجواني جي وهيءَ ۾ موت هن جا پيرا ڪنيا!؟ هر انسان جي زندگي قيمتي آهي. ٻيهر نٿي اچي سگهي. ذڪي جي وفات محسوس ٿيو تہ دوست جي شفقت جو هٿ ڪيئن ڪڇندو آهي!

پياري دوست عبدالحئي پارس پريمي ۽ يعقوب سنگراسي جو موپيي ڀاءُ ننڍپڻ کان وٺي غير معمولي ذهانت جو مالڪ هو. 12 مارچ 1977ع تي ٿر جي ڳوٺ جي مدرسي ۾ هن پڙهڻ جي شروعات ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان ڪئي. اتي ئي هن دنيوي علم جي لاءِ مسجد اسڪول ۾ داخلا ورتي. مئٽرڪ هاءِ اسڪول ڇاڇرو، انٽر عمرڪوٽ ڪاليج مان ۽ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪيائين. تعليم دوران هر امتحان ۾ هن جي سرسي رهي. فن ڪتابت ۾ قدرت واري هن کي مثالي مهارت عطا ڪئي هئي. صحافت دوران ساٿي دوست هن کان نيوز لکرائي فيڪس ڪندا هئا. ڪيترن ئي شاعر دوستن جي شاعر جي "فيئر ڊائري" ايڇ ايم ذڪي جي هٿ اکرن سان لکيل آهي.

مئٽرڪ ۽ انٽر دوران هن تاريخ، ادب، صحافت ۽ سياست جي موضوعن جو مطالعو شروع ڪيو. گريجوئيشن ڪرڻ تائين مطالعي جي وسيع ميدان کي هن سرخ گهوڙي سوار جيان لتاڙيو. ادب جي ڏرتتيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز سائين جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، عبدالواحد آريسر ۽ نجم عباسي جي فن ۽ فڪر جي ڇانءُ هيٺ ڪيترائي پل ترسي پيو. ڀٽائي ۽ اياز هن جي مسافر من کي ٺار ڏنو. پر هن ڪڏهن پاڻ کي ڀٽائي سان رسمي عشق جي دعويٰ ڪرڻ وارن ۾ شامل نہ ڪيو سدائين ڀٽائي جو زهر پيالڪ عشقاڻي اڳتي وڌيو. الهڙ جواني ۾ پنهنجي محبتن جو محور مٽي ۽ ماڻهن کي بڻائي بي اختياري ۾ ڀٽائي جو بيت چوندو هو:

مون کي ماءُ مجاز ڀچاري جئن ڀچيو
هٿن ڇڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان





محبت ۾ پاڻ کي ميڙي سنڌ جي تاريخ پنهنجي دل تي چٽي نوجوانن ۾ سنڌ دوستيءَ جي روايتن جو امين ٿي بيٺو. هُو سنڌ جي ماضي جي روايتن ۽ مستقبل جو تصور ڪندي جذباتي ٿي پوندو هو. هن قوم پرست سياست جو تجزيو ڪندي لکڻ شروع ڪيو. پوءِ علمي ۽ ادبي ليک بہ لکيا. مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ذڪي ڇپيو. هن جي حيثيت هڪ نقاد وار اڀري آئي.

منهنجي هن سان ملاقات 1995 ۽ 1996 جي زماني ۾ ٿي. جڏهن پنهنجي ننڍي ڀاءُ عبدالحئي عرف پارس پريمي کي پڙهڻ جي لاءِ مٺي وٺي آيو. پارس ۽ آئون ڪلاسي ٿياسين. ان وقت شام جو ذڪي ۽ سندس ڳوٺائي ليڪ ڏاهومل ڏوتي سان يادگار ڪچهريون ٿينديون هيون. منهنجي ۽ پارس پريمي جي سکڻ جو زمانو هو. ذڪي ۽ ڏاهُو ٻنهي نئين ڏينهن نئون موضوع کولي اسان جي تربيت ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو. ذڪي ۽ ڏاهو کي دلت ادب تي وڏي دسترس هئي. ذڪي مشهور ڪتاب "اڇوت لوگون ڪا ادب" جو سنڌي ۾ ترجمو بہ ڪيو هو. پر ڇپجي نہ سگهيو. آئون ۽ ذڪي ڪڏهن ڪڏهن سائين عبدالرحمان نقاش سان ملڻ ويندا هئاسين. نقاش لاڙ پٽ جي ماڳ لنواري شريف ۾ جنم وٺندڙ نامور اديب سماجي اڳواڻ ۽ صحافي هو. جسماني طور معذور هو. پر هن جي اندر جي ارڏائي اتساهه جو ذريعو هئي. هن جو ٿر سان وڏو عشق هو. ٿر ۾ هڪ سماجي تنظيم ۾ ڪندو هو. انهي ڪم سان گڏ روزاني ڊان کي ٿر مان رپورٽون موڪليندو هو. نقاش جو هڪ گيت مون کي ڏاڍو وڻندو هو تہ:

اسان روح راحت نہ ماڻي تہ ڇا ٿيو
ڏکن جي ٿي نہ پڄاڻي تہ ڇا ٿيو

ذڪي جون ٻه ان گيت تي اڪيون آليون ٿي پونديون هيون.

هڪ دفعي مون جڳديش ارماني جي لکيل پنجابي ڪهاڻي ٻڌائي ته هن جون اکيون ابر جيان وسي پيون، آئون پريشان ٿي پيو هوس ته هن سنگراسي سوڍي کي ماٺ ڪيئن ڪرائجي. ذڪي ڪيڏو حساس ماڻهو هو. اها ڪهاڻي هن ريت هئي ؛

توکي نوڪري ملي سگهي ٿي،
وڏي مهرباني
پر هڪ شرط تي،
ٻڌايو ٻڌايو شرط ٻڌايو
پگهار توکي اڌ ملندي
ڇو؟
توکي هڪ هٿ ۽ هڪ پير نه آهي.
ماٺ !
ٻڌاءِ منظور اٿئي
هائو هڪ شرط تي
مهرباني ڪري منهنجو اڌ پيٽ وڍي ڇڏيو.

غم روزگار ۾ ذڪي گهڻو گهايل ٿيل هو. انٽر جو امتحان ڏيڻ کان پوءِ ترت ذڪي شادي جي ٻنڌڻن ۾ ٻڌاڻو هو. مائٽن وٽ مالي وسيلا ”اٺيون چاڙهيون ڏٺ ڏهاڙي سومرا“ وارا هئا. روزگار جي هن تلاش گهڻي ڪئي پر ڪٿي ملي نه سگهيو. ذڪي جي مامن مهرباني ڪري عمرڪوٽ ۾ جنرل اسٽور کولي ڏنو. پر ذڪي واپار جي حسابن ۾ هلي نه سگهيو. هن آهستي آهستي اديبن شاعرن ۽ صحافين جي بيٺڪ ۾ دڪان کي تبديل ڪري ڇڏيو. ٽه جا دوست سبحان سميجو ۽ ڪريم





سميجو ٻه صحافت جي پيشي سان جڙيل عمرڪوٽ ۾ اچي رهڻ لڳا. ذڪي ٻه صحافين جي زور تي پارس پريمي کي حيدرآباد مان پڙهائي اڌ مان ڇڏائي عمرڪوٽ ۾ دڪان تي ويهاريائين. وقت گذرڻ سان نه دڪان صحيح هلي سگهيو نه پارس پڙهائي تي مڪمل ڌيان ڏئي سگهيو. پارس جي ڊاڪٽر ٿيڻ جي آس اڌوري رهجي ويئي. ذڪي ٻه صحافت ڇڏي بي روزگاري جي پري مٿي تي ڪٽي پنهنجي دوست سبحان سميجي جي سهڪار سان ڪراچي جي فيڪٽرين کي وسايائين. ڪجهه مهينا اتي رهيو پر جالي نه سگهيو. وري واپس ڳوٺ پهتو. ڳوٺ ۾ بي روزگاري جو احساس ڏنگي وجهندو هو. ان صورتحال ۾ ذڪي جي ڳوٺائي احسان آسي ڪوشش ڪري ذڪي کي ميرپورخاص جي هڪ مذهبي اداري ۾ خانگي ڪلرڪ جي نوڪري وٺي ڏني. ست سال ميرپورخاص ۾ رهيو. پوءِ مٽي آيو. جتي ٻه هن پنج سال سچائي سان ديني خدمتون سرانجام ڏنيون.

مٺي ڇڏڻ کان پوءِ ڳوٺ جي مڪتب جي لاءِ تدريس جي شعبي ۾ ڪجهه ڏينهن ڏنا. وري هڪ ڏينهن اچي ٻيهر عمرڪوٽ وسايو. جتي دوست بنسي مالهي جي سهڪار سان غير سرڪاري ادارن ۾ روزگار شروع ڪيو. ائين هن مختلف سماجي تنظيمن ۾ عمرڪوٽ، ڪنري ۽ مٺي ۾ ڪم ڪيو. ڪڏهن پري ۾ ته ڪڏهن ڀاڪر ۾ رهڻ واري هن شخص سنڌ سرڪار جي تعليم کاتي پاران اين ٽي ايس جي ذريعي ٽيندڙ استادن جي ٽيسٽ ۾ حصو ورتو. جنهن ۾ هن پنهنجي يونين ڪائونسل ۾ پهريون نمبر کنيو. 23 ڊسمبر 2014ع تي ذڪي کي پرائمري استاد جو آرڊر مليو. سچ ته هن کي ڏاڍي خوشي ٿي. ذڪري ڀائرن جي ڪوشش هئي ته ذڪي جي مقرري ڳوٺ جي اسڪول ۾ ٿئي پر هن جي مقرري ڳوٺ کان 14 ڪلوميٽر پري ڳوٺ

ميگهي جي ٽڙ ۾ ٿي. جتي هن پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ زندگي جي آخري ڏينهن تائين ميگهي جي ٽڙ جي اسڪول ۾ رهيو. چون ٿا ته، مشهور فلسفي گوئٽي جا آخري لفظ هئا ته: ”۽ روشني“. اسان جي دوست ايچ ايم ذڪي جا آخري لفظ هئا ته:” ۽ تعليم“

ذڪي پنهنجي زندگي ۾ ڏکايل ماڻهن جي لاءِ آٿت هو. بيمار ماڻهو جي لاءِ سهارو هو. جڏهن ذڪي بيمار ٿيو ته سندس مخلص دوستن ۽ پيارن هن جي علاج جي لاءِ وڏيون ڪوششون ورتيون. ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ علاج هلندڙ هو پر اچانڪ 2 آگسٽ 2016 تي صبح جو 9 وڳي وسڪاري جي رت ۾ هي منڙو ماڻهو موڪلائي ويو. عزيز ۽ دوست ڏڪارا ٿي پيا. ڏاٽ جون ڏاڍيون رنيون.

رتا مهيندي هٿڙا، ڪجل ڪارا نيڻ
سيني وڏا ويڻ، ويندل ويندا ئي رهيا

آئون ڏاڪلي ۾ پياري پارس پريمي ۽ شهاب نهڙي سان گڏجي ايچ ايم ذڪي جي آخري آرام گاهه تي ويس. مون هن جي قبر تي گل رکڻ جي لاءِ گل کنيو ته فارسي جو شعر ياد آيو ته:

”منهنجي قبر تي گل آهستي رک، ڇو ته منهنجي پاسي ۾ دل جو شيشو نازڪ آهي“

وڇوڙي جي درد ۾ منهنجا هٿ ڏڪي پيا، منهنجون اکيون پرجي آيون. ٽڪڙو ٽڪڙو قبرستان مان ٻاهر نڪري آيس.

ڇڻي گل ٿيا نيٺ خاڪ چمن،
اهي رنگ و بو اي خدا ڇا هيا.
هيا نقش پا هن سفر جو ثبوت،
مگر نقش پا نقش پا ڇا هيا.